# تاريخ مَعصُومي

(سِنڌِي)

مترجم: مخدوم امير احمد

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

M.H. Panhwar Trust Library

# تاريخ معصومي

مترجم : مخدوم امير احمد

M.H. Panhwar Trust Library

# تاريخ مَعصُومي

(سنڌي)

—

سنڌي ادبي بورڊ،
ڪراچي — حيدرآباد
سنڌ

پهرين ايڊيشن: ١٩٥٣ — ٢٠٠٠
ڇاپو ٻيو: ١٩٥٩ — ٢٠٠٠

هن ڪتاب جي اشاعت جا جملہ حقوق سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن.

M.H. Panhwar Trust Library
4207
27|11|2018

قيمت ٠—٠—٥

ملڻ جو هنڌ: سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال
اسٽيشن روڊ، حيدرآباد سنڌ.

هي ڪتاب محمد عثمان ڏيپلائي اسلاميہ پرنٽنگ پريس حيدرآباد سنڌ ۾ ڇپيو ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽريءَ محمد ابراهيم، ايم. جويي ڇپائي حيدرآباد سنڌ مان پڌرو ڪيو.

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

٥- نسخو ( ح )

سکر جي معصومي سادات جو نسخو، تاريخ ڪتابت ڏنل ناهي.

٦- نسخو ( ر )

پير ميان غلام مصطفيٰ ولد جناب پير صاحب حزب الله شاه جي ڪتبخاني جو نسخو، جو ماه محرم ١٣٢٣ هه / ٨ مارچ ١٩٠٥ع ۾ لکيو ويو.

اسان جي هن سنڌي ترجمي جو بنياد، ڊاڪٽر دائود پوٽي واري تيار ڪيل فارسي متن تي رکيو ويو آهي. ترجمي جي حاشين ۾ د، ف ۽ م وغيره نشانين مان مراد مٿين قلمي نسخن جون (ڊاڪٽر دائود پوٽي جون ڏنل) ڪي پڙهڻيون آهن، جن جي اهميت محسوس ڪندي انهن ڏانهن اشارو ڪرڻ ضروري سمجهيو ويو آهي. جتي به ڊاڪٽر دائود پوٽي جي حاشين جو ترجمو ڪيو ويو آهي، ته انهن جي پويان (ع. م.) جو نشان ڏيئي، انهن کي مترجم جي حاشين کان نروار ڪيو ويو آهي.

هن سنڌي ترجمي ۾ جي خاص اضافا ڪيا ويا آهن، تن مان هيٺيان ڳالهيون قابل قدر آهن: (١) مير معصوم جي سوانح حيات ۾ ڪن اهم معلومات جو اضافو ڪيو ويو آهي؛ (٢) متن صفحي ٣٠٣ تي انڙپور واري محاصره وقت مرزا عبدالرحيم خان خانان جو مرزا جاني بيگ ڏانهن لکيل خط جو ترجمو ڏنو ويو آهي — اهو خط متحف بريطانيه (برٽش-ميوزيم) ۾ محفوظ ٿيل تاريخ معصومي جي هڪ قلمي نسخي جي حاشيه تي قلمبند ٿيل آهي، جنهن جي عڪس (جو بنده ولايت جي سفر وقت ڪوشش ڪري حاصل ڪيو هو) کي فاضل مترجم پوري ڪوشش سان پڙهي هي ترجمو شامل ڪيو آهي. تاريخي نقطئه نظر کان هي اضافو قيمتي آهي؛ (٣) ڪتاب جي متن جي پويان ڊاڪٽر دائود پوٽي جي ڏنل اصلي حاشين ۾ اضافو ڪيو ويو آهي، ڪن

اصلي حاشين تي نئين سر روشني وڌي ويئي آهي، ۽ ڪي حاشيا نئين سر شامل ڪيا ويا آهن.

انهن اضافن سبب هيءَ سنڌي ترجمو، تاريخ معصومي جي جملي ڇپيل خواه اڻڇپيل نسخن ۾ زياده، اهميت رکي ٿو. فاضل مترجم کي جڳائي، جنهن باوجود وقت جي پابنديءَ جي، وڏي احتياط سان هيءَ ترجمو تيار ڪيو آهي. اصل فارسي متن جي ڪن ڏکين عبارتن ۽ لفظن جي معنيٰ ۽ مطلب کي سوليءَ سنڌي ۾ ادا ڪرڻ جي ڪافي ڪوشش ڪئي اٿس، ۽ ضروري جاين تي حاشين ذريعي ڪن ڏکين لفظن جي لغوي معنيٰ کي بہ واضح ڪري ڇڏيو اٿس. متن ۾ آيل فارسي نظم کي ترجمي ۾ پڻ اصلي صورت ۾ قائم رکيو اٿس، مگر ڏنگين ۾ ان جو ترجمو سنڌي نظم ۾ ڏنو اٿس.

درحقيقت، هڪ ٻوليءَ مان ٻيءَ ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪرڻ هڪ اڻانگو ڪم آهي: مترجم تي هڪ طرف لفظ بلفظ صحيح ترجمي جي پابندي لڳي ٿي، تہ ٻئي طرف وري ترجمي ۾ هڪ فطري ۽ آزاد رواني پيدا ڪرڻ جي جوابداري عائد ٿئي ٿي. انهيءَ ذهني ڪشمڪش جي ميدان ۾ هڪ ترجمي ڪندڙ جي مجبورين جو احساس صرف ان قدردان کي ٿي سگهي ٿو، جنهن هن مشڪل ميدان ۾ قدم رکيو هوندو. اسان جي خيال ۾، فاضل مترجم مجموعي طور هن ترجمي کي سهڻي نموني ۾ نباهيو آهي، ۽ اصل فارسي عبادت کي ڪافي سادي ۽ سليس سنڌيءَ ۾ ورجايو آهي. اميد تہ قارئين ڪرام مترجم جي هن ادبي محنت ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي هن علمي خدمت کي نيڪ نظر سان ڏسندا، ۽ ان جو قدر ڪندا.

خادم العلم

— نبي بخش

(ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ)

نگران ترجمہ

سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد سنڌ.

٢٣ مئی ١٩٥٣ع

# مترجم طرفان ديباچو

بسم الله الرحمان الرحيم

الحمدُ لِلّٰهِ وَ كَفيٰ وَ سَلامٌ عَليٰ عِبادِهِ الَّذِينَ اصطفيٰ.

سنڌ جي سر زمين کي اهو فخر حاصل آهي جو اها هن ٻرعظيم ۾ پهرين سر زمين آهي جتي مسلمانن قدم رکيو، ۽ اسلام جو جهنڊو بلند ڪيو. هيءَ ئي اهو ملڪ آهي، جتان اسلام جي شعاعن ساري هندستان کي روشن ڪيو. ٻيءَ صديءَ هجريءَ جي ابتدا بلڪ پهرين صدي جي آخر ۾ ئي هن سر زمين مان علم ۽ فضل جا اهي روشن ستارا پيدا ٿيڻ لڳا، جن جي روشنائيءَ لکين نه پر ڪروڙين، خدا جي ڀٽڪيل بندن کي سنئينءَ راهه تي آندو، ۽ اهي ناياب گوهر پيدا ٿيا، جن جي سچي چمڪ تي بادشاهن ۽ قدردانن عاشق ٿي، ڪين پنهنجي شهنشاهيءَ جي تاج ۾ لڳائڻ پنهنجو فخر ٿي سمجهيو.

پر افسوس جو پوين بي ذوق سنڌين جي غفلت سببان اڄ انهن پيارن جو سنڌ ۾ نالو نشان ڪونه ٿو لڀي، ۽ سنڌ جي تاريخ اهڙي ته اوڙاهه ۾ پيل آهي، جو ائين پيو ڀانئجي ته ڄڻ سنڌ ۾ نه ته ڪو نامور عالم ئي ٿي گذريو آهي، نه ڪو مشهور بادشاه. ان جو مکيه سبب اهو به آهي، جو سنڌ جي تاريخ جا سرچشما اڪثر فارسي زبان جي پردي پويان لڪل آهن، ۽ هيڏانهن وري حالت ”زبانِ يار من ترڪي، و من ترڪي نمي دانم.“ واري لڳي پيئي آهي. ڪو عرصو ٿيو جو فارسي دان دنيا مان لڏي ويا، ۽ ”اڄ نه اوطاقن ۾ طالب تنوارين“ مطابق سندن تنوار ڪٿي به ڪانه ٿي ٻڌڻ ۾ اچي.

الله پاڪ جا لکين شڪرانا جو وري به سنڌ جي حڪومت

کي سهڻي مت آئي، جنهن سنڌي ادب کي ترقي ڏيارڻ لاءِ "سنڌي ادبي بورڊ" قائم ڪيو، ۽ انهي بورڊ سنڌ جي پراڻين تاريخن کي، سنڌي جامو پهرائي، شايع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. خواجہ حافظ جي مصراع "قرعۂ فال بنام من ديوانہ زدند ه" موجب ترجمي جو ڪم منهنجي سپرد ٿيو. مان بہ شيخ سعدي ؒ عليہ الرحمۃ جي نصيحت "نام نيڪ رفتگان ضائع مکن، تا بماند نام نيکت برقرار" کي مدنظر رکي، هيءُ آڳ پڙي ڪنڌي ۾ هٿ اکين تي رکيا، ۽ "الله جي آس ڪري هليو هڻائين" مطابق ڪٽي ڪم شروع ڪيو. مان سمجهان ٿو تہ مون ۾ سنهي ڪتڻ جي لياقت ڪانهي: يقينا رنڊا روڙيا اٿم، پر اهي رنڊا من ۾ محبت پائي روڙيا اٿم ۽ انهيءَ ڪري يقين اٿم تہ منهنجا سنڌي پائر "تاريخ سنڌ" يعني تاريخ معصوميءَ جو هيءُ ڪچو ڦڪو ترجمو "اڻتوريو" اگهائي قبوليت جو شرف بخشيندا "گر قبول افتد زهي عزو شرف."

هن ڪتاب ۾ پيش ڪيل ترجمي متعلق ڪجھ وضاحت ضروري آهي. ڪنهن بہ ڌاريءَ ٻوليءَ مان ترجمي ڪرڻ جا ٽي نمونا ٿي سگهن ٿا: هڪ بلڪل لفظ بہ لفظ ترجمو. هيءُ طريقو اڪلھ نامقبول آهي. ٻيو صفا آزاد ترجمو، جنهن ۾ رڳو ڪتاب جو مضمون پيش ڪيو وڃي، باقي ٻيو خير. ٽيون آهي اهڙو ترجمو جنهن ۾ وچون رستو ورتو وڃي، نہ بلڪل تحت لفظي ترجمو ڪجي نہ بلڪل آزاد. اسان محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي صلاح سان اهو پويون طريقو اختيار ڪيو آهي، جو اسان جي خيال ۾ ترجمي لاءِ بهترين طريقو آهي.

اسين هتي شمس العلماء ڊاڪٽر دائود پوٽي صاحب جي محنت جي داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نہ ٿا سگهون، جنهن صاحب تمام جانفشانيءَ ۽ محنت سان "تاريخ سنڌ" جا مختلف نسخا پيٽي، هڪ مستند نسخو تيار ڪري، سن ١٩٣٨ع ۾ شائع ڪرايو ۽ ڪتاب جي آخر ۾ ضميمي طور نهايت مفيد تعليقات ۽ توضيحات پڻ ڏنيون، جن مان پڙهندڙ کي ڏاڍو فائدو حاصل ٿئي ٿو.

ويئي!" مطلب واضح آهي تہ وفات ڪري ويو. مگر انهيءَ
پوئين جملي بدران مٿيون جملو وڌيڪ وڻندڙ پيو لڳي. پر
جتي ڪو اهڙو استعارو آهي جو فارسيءَ ۾ تہ اگرچ سهڻو ٿو
لڳي، پر سنڌيءَ ۾ اچڻ ڪان پوءِ منجهس ڪابہ دلڪشي نہ ٿي
رهي تہ اتي اسان بلڪل سنڌي محاوري موجب ترجمو ڪيو
آهي. مثلاً "سر بجيب تفڪر فرو برد" بجاءِ هن جي، جو اسين
ترجمو ڪريون ها "فڪر جي گريبان ۾ مٿو هيٺ نيائين" اسان
ترجمو ڪيو آهي "ويچار ۾ پئجي ويو."

(٤) ڊاڪٽر دائود پوٽي صاحب جي گهڻيءَ ڪوشش هوندي
بہ ڪي ڪي لفظ يا جملا اهڙا رهجي ويا آهن، جي غلط پيا
ڏسجن. اسان پنهنجي خيال موجب انهن کي درست ڪري ترجمو
ڪيو آهي، ۽ حاشيي ۾ اهڙو اشارو ڪري ڇڏيو آهي.

(٥) متن ۾ جيڪي بہ شعر آيا آهن، انهن جو ترجمو بہ
سنڌي شعر ۾ ڪيو ويو آهي. ۽ حتي الامڪان شعر جي مضمون
صاف رکڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي.

آخر ۾ مترجم پنهنجي محترم دوست ڊاڪٽر نبي بخش خان،
بلوچ جو نهايت شڪرگذار آهي، جنهن صاحب هن ڪتاب جي
ترجمي ڪرڻ وقت مفيد مشورا ڏنا، ۽ انهيءَ متعلق جيڪو وٽس
مواد هو، سو پڻ مترجم جي حوالي ڪيو.

حيدرآباد سنڌ — امير احمد بن احمدي مخدوم

٢٧-٢-١٩٥٣ع — (فاضل الحرمين الشريفين)

پرنسپال اورينٽل ڪاليج، حيدرآباد سنڌ

# مصنف مير معصوم جي حياتيءَ جو مختصر احوال [١]

## ڄالو ۽ پيدائش

سيد نظام الدين محمد معصوم، تخلص "نامي" بن سيد صفائي حسيني، سومر رات، ستين رمضان سن ٩٤٤ هجريءَ ۾ بکر، جنهن کي هاڻي پراڻو سکر ٿو سڏجي، ۾ ڄائو. سندس ولادت جي تاريخ هنن بيتن مان معلوم ٿئي ٿي، جي سندن خانداني شجره ۾ موجود آهن:

شد طلوع آن شمس درخانهٔ صفائي از خدا،
از بروجِ نيک در ساعت سعيد آن شد عيان؛
بود آن تاريخ هفتم ليل دوشنبهٔ از صيام،
سال نهصد چهل بود، ازوي زوائد چاردان.

---

[١] مير معصوم جو احوال گهڻو ڪري شمس العلماء ڊاڪٽر دائود پوٽي صاحب جي انهيءَ مضمون تان ورتل آهي، جو ڊاڪٽر موصوف پنهنجي ايڊٽ ڪيل تاريخ معصوميءَ جي منڍ ۾ ڏنو آهي. "مير معصوم جا آثار" وارو ٽڪرو سيد علي محمد راشديءَ جي انهي مضمون تان ورتل آهي، جو هن صاحب سال ١٩٣٦ع ۾ شايع ٿيل الوحيد جي "سنڌ آزاد نمبر" ۾ "سکر ۽ روهڙيءَ جا آثار قديم" جي عنوان سان شايع ڪرايو هو. ازنسواءِ ڪي مفيد معلومات خصوصاً مير معصوم جا ڪي ڪتبا ۽ سندس ٻه رباعيون اسان کي محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ کان مليا. لهذا مترجم انهن سڀني صاحبن جو رهين منت آهي.

## سندس وڏا

سندس وڏا ترمذ جي سيدن مان هئا. هو ٻن ٽن پيڙهين کان قندار ۾ رهڻ لڳا هئا، ۽ اتي جي ڪن ٻين سيدن سان گڏ، پنهنجي وقت جي هڪ وڏي ولي الله بابا شير قلندر جي مقبري جي سنڀال ڪندا هئا. مير معصوم جو والد سيد صفائي، سلطان محمود خان جي بکر تي حڪومت وارن ڏينهن (٨٩٨—٩٨٢ هه) ۾ بکر ۾ اچي، سلطان محمود خان جي عنايتن جي ڇانءَ ۾ گذارڻ لڳو. ٿوري وقت کان پوءِ سيوهڻ جي پسگردائيءَ ۾ هڪ ڳوٺ ڪاٻڙوٽ جي سيدن مان هن شادي ڪئي، جنهن مان مير معصوم ۽ سندس ٻه ڀائر بکر جي شهر ۾ ڄاوا."

سيد صفائي هڪ وڏو عالم ۽ فاضل هو. جڏهن بکر جو شيخ الاسلام شاه قطب الدين هروي (متوفي سن ٩٧٧ هه) وفات ڪري ويو، تڏهن سلطان محمود خان سيد صفائيءَ جي علم ۽ ڪمال جو قدر ڪري، کيس بکر جي شيخ الاسلاميءَ جي عهدي تي سرفراز ڪيو، ۽ هو سڄورو پنهنجي زندگي نهايت استقلال، عزت ۽ احترام سان گذاري، سال ٩٩١ هه جي ذوالقعد مهيني ۾ عالم آخرت ڏانهن روانو ٿيو.

## سندس طالب علميءَ وارو زمانو

مير معصوم جي ننڍپڻ ۽ طالب علميءَ جي زماني بابت ڪا به صحيح معلومات ميسر نه ٿي سگهي آهي. "ماثرالامرا" جو مصنف فقط هيترو لکي ٿو ته "اڪثر اوقات ثميمهءِ خود را در پئي شڪار صرف مي نمود. و بعد از فوت پدر در خدمت ملا محمد ساڪن ڪنگري، ڪه از توابع بکرست، بتحصيل علوم اشتغال ورزيده بکمال آشنا گشت" (هو پنهنجو قيمتي وقت اڪثر شڪار ۾ صرف ڪندو هو. پيءُ جي فوت ٿيڻ کان پوءِ، بکر جي آسپاس واري ڪنگري ڳوٺ ۾ رهندڙ ملا محمد وٽ علم پرائي

ڪمال حاصل ڪيائين) پر هيءَ بيان ٻن سببن ڪري قابل قبول ڏسڻ ۾ نہ ٿو اچي: هڪ تہ مير معصوم جهڙي فاضل ماڻهوءَ جو ٤٧ ورهين جي عمر تائين علم جي زيور کان خالي رهڻ سمجهہ کان ٻاهر آهي، ٻيو تہ پنهنجي پوريءَ تاريخ ۾ ڪٿي بہ ملا محمد جو ذڪر نہ ٿو ڪري، حالانڪ مرزا عيسيٰ ترخان ۽ سلطان محمود خان بکريءَ جي دور وارن عالمن، فاضلن ۽ شاعرن جو بيان هرهڪ بادشاه جي پويان ڪندو رهيو آهي.

تنهنڪري اسان کي مجبورا مير معصوم جي بيانن تي ڀاڙڻو پوندو، جي هن تاريخ معصوميءَ ۾ ڪٿي ڪٿي تبعا ڏنا آهن. مثلا قاضي ڏتي سيوهاڻيءَ جي احوال ۾ چوي ٿو تہ "مسود اوراق نيز اقتباس علوم در حوزه درس ايشان نمود" (هنن ورقن جي ڪاري ڪندڙ (مؤلف) پڻ سندن درس جي حلقي مان علم پرايو آهي.) يا ٻئي هنڌ قاضي عبدالله بن ابراهيم دربيليءَ جي ذڪر ۾ تبعا سندس فرزند شيخ حميد جو ذڪر ڪندي لکي ٿو-"بعد از فتح آن نواحي بملازمت ايشان مشکوات را من اوله الي آخره مع کتب ديگر حديث پيش ايشان گذرانيده و اجازت حاصل نموده" (انهيءَ ملڪ (گجرات) جي فتح کان پوءِ سندن خدمت ۾ حاضر ٿي، مشڪوات اول کان آخر تائين ۽ ٻيا حديث جا ڪتاب پڙهي اجازت حاصل ڪيم.)

معلوم ائين ٿو ٿئي تہ مير معصوم ابتدائي علوم پنهنجي والد بزرگوار يا ڪنهن ٻئي گمنام آدميءَ وٽان حاصل ڪري، پوءِ قاضي ڏتي سيوهاڻيءَ جهڙي وقت جي مشهور معروف فاضل جي خدمت ۾ حاضر ٿي باقي علم جي تڪميل ڪئي آهي. پر تنهن هوندي بہ حديث جو فن ناقص رهجي ويل ٿو ڏسجي ۽ مير معصوم جهڙي ذڪي ۽ طباع ماڻهوءَ جي دل کي انهيءَ مان تسڪين نہ ٿي سگهي آهي. تنهنڪري جيئن ڪيس گجرات جي فتح ٿيڻ وقت شيخ حميد جهڙي اعليٰ پايہ جي محدث جي خدمت

۾ حاضر ٿيڻ جو موقعو مليو آهي، تيئن انهيءَ موقعي کي غنيمت ڄاڻي هن گهڻتائي جي پوري ڪرڻ جي ڪوشش ورتي اٿس.

## مير معصوم جون علمي ۽ عملي سرگرميون.

مير معصوم جي علمي خواه عملي سرگرمي ڪٿان ۽ ڪيئن شروع ٿي، تنهن متعلق ڪابه صحيح معلومات فراهم نه ٿي سگهي آهي. البت مختلف تاريخن جي بيانن جمع ڪرڻ مان ڇٽي سگهجي ٿو ته، مير معصوم پنهنجي والد ماجد جي شيخ الاسلاميءَ واري زماني ۾ سلطان محمود خان بکريءَ جي دربار ۾ تقرب حاصل ڪيو هوندو، ۽ جڏهن سلطان محمود خان جي وفات کان پوءِ (سن ۹۸۲ هه) بکر جي حڪومت ڌري شهنشاهه اڪبر جي گورنرن جي حوالي ٿي، تڏهن مير معصوم پڻ پنهنجي پيءُ جي سفارش سان، اڪبري دربار ۾ ڪنهن چڱي عهدي تي پهتو هوندو.

"طبقات اڪبري" ۾ سندس نالو پهريائين پهريائين اسان کي سن ۹۸۴هه ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. جڏهن هو، مرزا محمد مقيم، تيمور بدخشي وغيره جهڙن ٻين اميرن سان گڏ آصف خان جي سرداريءَ هيٺ ايدر جي راجا کي شڪست ڏيڻ ۾ شريڪ ٿيو آهي. هن کان پوءِ "طبقات اڪبريءَ" ۾ سندس نالو بار بار ڏسڻ ۾ اچي ٿو، ۽ جيستائين گجرات مرزا عبدالرحيم خانخانان جي هٿان پوريءَ طرح فتح ٿي، تيستائين هيءُ سيني جنگين ۾ شريڪ رهيو، ۽ ڏاڍي بهادري ڏيکاريائين. ٿي سگهي ٿو ته مير معصوم پهريان ٻه سال اڪبري دربار ۾ گذاري ڪافي اعتماد پيدا ڪيو هجي، جنهن پوءِ کيس مدد طور گجرات موڪليو ويو هجي.

بهرحال، مير معصوم گجرات ۾ علمي ۽ انتظامي شغل ۾ وڏو عرصو گذاري، سن ۹۹۸هه، ۾ اڪبر بادشاهه جي خدمت ۾ واپس موٽي آيو؛ قسمين قسمين نوازشن ۽ انعامن سان سرفراز ٿيو، ۽ حضرت بادشاهه، سندس حسن خدمتيءَ کان خوش ٿي، دربيليه ڪاڪڙي ۽ چانڊوڪي جا پرڳڻا کيس جاگير طور عطا ڪريي، پنهنجي خاص پوستين سان ممتاز فرمائي، کيس رخصت ڏني، ته وڃي

پنهنجي والده سان ملاقات ڪري، ۽ واپس موٽي اچي خدمت ۾ حاضر ٿئي. انهيءَ روءِ هو ١٤ صفر، سن ٩٩٩ هه ۾، ٻکر پهتو. (١) ٻکر پهچڻ کان پوءِ، هن سنڌ جي ڏاکڻي ڀاڱي کي 'مرزا جاني بيگ' کان فتح ڪرڻ ۾، مرزا خانخانان سان گڏ ڀلا ڀڄا ڪانءِ جيڪي نمايان خدمتون سرانجام ڏنيون، سي تفصيلوار "تاريخ معصوميءَ" ۾ مذڪور آهن (٢).

سنڌ جي فتح ٿيڻ کان پوءِ، سن ١٠٠٣هه تائين، مير معصوم جو ذڪر ڪٿي ڪونه ٿو اچي. ٿي سگهي ٿو ته سنڌ جي فتح کان پوءِ هو ٻکر ۾ ئي رهجي پيو هجي، يا مرزا خانخانان سان گڏ اڪبر جي حضور ۾ موٽي ويو هجي، ۽ ٿوري وقت لاءِ موڪل وٺي، انتظامي ڪمن کان فارغ ٿي، اچي پنهنجي جاگير سنڌاري هجيس، ۽ اهي عاليشان عمارتون ٺهرايون هجنيس جي اڄ تائين سنڌس يادگار آهن.

مير معصوم پنهنجي ذاتي بهادري ءَ، مردانگيءَ، فضيلت خواه لائق خدمتن جي ذريعي شاهي اعتبار ۽ اعتماد ۾ امتياز حاصل ڪري، سن ٤٠ الاهي مطابق سن ١٠٠٣هه ۾ سؤپنجاهيءَ جي رتبي سان سربلند ٿيو (٣) ۽ سن ١٠٠٤ کان سن ١٠٠٧هه تائين ٽن سالن جي عرصي لاءِ، اسان کي قنڌار ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿو جتي ٻکر مان ماهر خوشنويس ۽ سنگتراش گهرائي، بابر بادشاه جي هال تي جيڪو ڪتبو لکيل هو، تنهن تي وري پنهنجي ڪتبي جو اضافو ڪيائين، جنهن ۾ همايون بادشاه ۽ اڪبر بادشاه جي نالن لکڻ سان گڏ، انهيءَ وقت جيڪي ملڪ اڪبر بادشاه جي هٿ هيٺ هئا، تن سڀني جا نالا لکيائين ۽ تقريباً چار سال اتي رهي اهو ڪتبو مڪمل ڪرايائين (٤).

(١) "تاريخ معصومي" ص، ٢٥١.
(٢) "تاريخ معصومي" ص، ١٥١-٢٥٧.
(٣) "مآثر الامرا" ج ٣، ص، ٣٢٧.
(٤) "تاريخ معصومي" ص، ١٣١-١٣٢.

دکن جي فتح کان پوءِ مير معصوم کي ايران جي سفارت تي مقرر ڪيائون، جنهن سنڌ مِ دانائيءَ ۽ هوشياريءَ سبب

(٢) بفتح پور رسيده عزيمت آگره فرمودند: تا نام زمين و آسمانيست: تا نقش وجود در جهانيست: نامش بسپهر همنشين باد: ذاتش بجهان ابد قرين باد.

(٣) قال عيسيٰ عليہ السلام الدنيا قنطره فاعبروها و لا تعمروها

من تامل انه يعيش غدا تامل ان يعيش ابدا. الدنيا ساعته قيمته لهافا جعلها طاعته بقيته العمر. لا . : .

[ڪابي پاسي تي]

(٤) من قام الي الصوات و ليس معه قلبه فانه لايزيده من الله الابعدا | خير المال ما انفق في سبيل الله | بع الدنيابالاخرته تربح | الفقر ملک ليس فيها محاسبته.

(٥) نامي چه شدار تو تختگاهي کردے | وز قصر زرانده ود پناهي کردے | خوبي جهان بصورت ابنيه دان | خود گير تو هم درو نگاهي کردے.

(٦) قائله کاتبه محمد معصوم نامي بن سيد صفائي الترمذي اصلا و البکري مسکنا والمنسب الي شير قلندر بن باباحسن ابدال الشيرازي مولدا والقندهاري موطنا. (ابلہ)

شاه عباس صفوي ۽ مٿس ڏاڍيون مهربانيون ڪيون. هو سن ۱۰۱۳ھ ۾ ايران مان موٽي آيو.

هن کان پوءِ وري سندس احوال ڪونہ ٿو ٿئي. فقط ”تريپوليہ دروازي“ تي جيڪو ڪتبو آهي، تنهن مان هيترو معلوم ٿئي ٿو تہ هو سن ۱۰۱۴ھ ۾ رياست جئپور ۾ هو.

انهيءَ ئي زماني ۾ اربع ڏينهن ٽيرهين جمادي الآخر (تشرين اول سن ۱۶۰۵ع) سندس مربي اڪبر بادشاهہ گذاري ويو، ۽ جهانگير بادشاهہ سندس خدمتن جي قدرداني ڪري، کيس سن ۱۰۱۵ھ ۾، ”امين الملڪ“ جي عهدي تي مقرر فرمائي بکر موڪليو.

## سندس تصنيفات

مير معصوم جامع ۽ متفنن طبع جو مالڪ هو. هو هڪ بهادر ۽ بيباڪ سولجر هجڻ سان گڏ (۱) هڪ ماهر طبيب، جهانديده سيلاني، خوشخط ڪتبہ نويس، برجستو شاعر ۽ ايماندار تاريخ نويس هو. هو هر فن ۾ پنهنجو يادگار ڇڏي ويو آهي:

(الف) طب ۾ ہہ ڪتاب لکيائين: (۱) ”طب - نامي“ جنهن جو هڪڙو نسخو سيد منور علي معصوميءَ وٽ موجود آهي، جنهن ۾ ۱۸۵ صفحا آهن: (۲) ”مفردات معصومي“ جنهن جا ڪي جزا روهڙي ميونسپالٽيءَ جي ميمبر شيخ عبدالرحيم وٽ موجود آهن.

(ب) مير معصوم هڪ شيرين ڪلام شاعر هو. ”نامي“ تخلص ڪندو هو. ملا عبدالقادر بدايوني (۳، ص ۳۶٦) چوي ٿو ”سليقہ درست در شعر و معما و طبع بلند و فطرت عالي دارد“ (شعر ۽ معما جي فن ۾ صحيح سليقي، طبع بلند ۽ اعليٰ درجي جي فطرت جو مالڪ آهي.) سيد منور علي شاه معصوميءَ وٽ سندس ديوان جو نسخو موجود آهي. هن ديوان جو هڪ نسخو سيد علي محمد شاه راشديءَ وٽ پڻ موجود آهي، جو هن پنهنجي قلم سان مٿئين نسخي تان ڪاپي ڪيو آهي. هن ديوان ۾ ڪنهن

جي مدح ۾ چيل ڪو بہ قصيدو موجود نہ آهي، جنهن مان معلوم ٿو ٿئي تہ مير معصوم جي بلند فطرت ڪي ڪنهن بہ انسان جي مدح گوارا نہ هئي. جاڪاڻ تہ مدح ۾ عموما ناجائز مبالغو ڪرڻو ٿو پوڻ ڪنڊا پوندا آهن. ڊاڪٽر دائود پوٽي صاحب مير معصوم جي تاريخ جي مقدمي ۾، جتي مير معصوم جو احوال ڏنو آهي، اتي ”ديوان نامي“ مان گهڻائي شعر نقل ڪيا آهن. اسان ناظرين جي فرحت لاءِ ڪي ٿورا شعر هتي ڏيون ٿا. ”ديوان نامي“ هن غزل سان شروع ٿئي ٿو:

باد از ابتدائي سخن تا بہ انتها
صلوات بر روان، روان بخش مصطفيٰ.

گاهي وعيد ش آيت اني آنا العزيز
گاهي کند بمژده استبشروا ندا

زان رو کہ شد غبار درت باد را نصيب
اني وجدت قرت عيني من الصبا

”نامي“ ڪہ در هوائي توخواهد سپرد جان
در هرد کون وصل تو مي خواهد از خدا

پنهنجي پيريءَ متعلق چوي ٿو:

باد خزان و زيد فرو ريخت نو بهار
عمر عزيز رفت نہ کرديم هيچ کار

پيري رسيد دور جواني گذشت هيچ
غفلت نہ شد کم از دل آلوده روزگار

تاج غرور برسرو دربر قبائي ناز
دامن کشان بجيفۂ دنيا در افتخار

بار امل بگر دن کار، عمل خراب
بيچاره آدمي کہ گرفتار کار و بار

مير معصوم جون هيٺيون ٻه رباعيون ڪتاب "نشتر عشق" ۾ قلمبند ٿيل آهن (١).

١- رباعي

نامي زغم فراق محزون مي گشت
در باديه که باد مجنون مي گشت
خورشيد اگر پائي نهادي آنجا
سر تا بقدم آبله و خون مي گشت

٢- رباعي

در عشق بتان مشق جنون بايد کرد
جان را بفراق رهنمون بايد کرد
چون شيشه پرز خون بايد شد
وانگه زره ديده برون بايد کرد

تنهن کان سواءِ "نظاميءَ" جي "پنج گنج" جي تتبع ۾ پنج مثنويون پڻ "خمسه" جي نالي سان لاهيون هئائين، جي سن ١٠١٣ هه ۾ جوڙي تيار ڪيائين. انهن مان جيڪا مثنوي "هفت پيڪر" جي مقابلي ۾ لاهيائين، تنهن جو نالو اج تائين معلوم نه ٿي سگهيو آهي. باقي چئن مثنوين جا نالا هيٺين طرح آهن:

| | | |
|---|---|---|
| ١- معدن الافڪار | مطابق | مخزن الاسرار |
| ٢- حسن و نازه | مطابق | خسرو شيرين |
| ٣- اڪبر نامه | مطابق | سڪندر نامه |
| ٤- پري صورت | مطابق | ليلي مجنون |

نهايت افسوس آهي جو هي سڀ مثنويون هن وقت ناياب آهن.

(١) تذڪره "نشتر عشق" جو قلمي نسخو رامپور جي شاهي ڪتب خاني ۾ محفوظ آهي. هي رباعيون ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ نقل ڪيون هيون ۽ سندس شڪريي سان هت ڏنيون وڃن ٿيون (مترجم)

(ج) مير معصوم کي پنهنجي وقت جي معتبر تاريخ نويسن مان شمار ڪيو ويو آهي: جيئن ته ماثرالامرا ۽ طبقات اڪبريءَ جي مصنفن ڪيس تاريخ نويسيءَ جي فن ۾ يگانهءِ روزگار تسليم ڪيو آهي. پر مير معصوم جي اڪيلي تاريخي تصنيف، يعني ”تاريخ سنڌ“ عرف ”تاريخ معصومي“ جا هن وقت اسان جي بحث هيٺ آهي، تنهن مان ڪا مير صاحب جي تاريخي قابليت ۽ يگانگي معلوم ڪانه ٿي ٿئي. سڄي تاريخ ۾ صرف ٽن تاريخي ڪتابن جا حوالا ڏنا اٿس: ”تاريخ مرآت الجنان“، ”تاريخ گزيده“ ۽ ”چچ نامہ“. گويا ڪ ٻيون سڀ تاريخون يا ته مير معصوم جي نظر مان ئي ڪونه گذريون آهن يا ته انهن تي اعتماد نه ڪري، جاڻي واڻي انهن کي نظرانداز ڪري ڇڏيو اٿس، ۽ تاريخ معصوميءَ جو سڄو مواد پنهنجي يادگيريءَ مان لکندو ويو آهي، جنهنڪري ان ڪانئس ڪيترين تاريخي غلطيون سرزد ٿينديون رهيون آهن. مثلا برهمڻ گهراڻي جي بيان ۾ چچ کان پوءِ، سندس ڀاءُ چندر کي، جنهن قريب اٺ سال حڪومت ڪئي، وسان ڪري، هڪدم سندس پٽ ڏاهر کي تخت تي وهاريو اٿس. محمد بن قاسم جي سنڌ تي حملي جي سلسلي ۾ پڻ ڏاڍي گڙ ٻڙ ڪئي اٿس. مثلا سندس خيال ۾ محمد بن قاسم پهريائين نيرون ڪوٽ کي گهيرو ڪيو، تنهن کان پوءِ ديبل تي ڪاهي وڃي مسلمان قيدين کي آزاد ڪرايائين. حالانڪ خود چچ نامہ يا ٻين عربي تاريخن جهڙوڪ فتوح البلدان ۽ تاريخ يعقوبي مطابق محمد بن قاسم پهريائين ديبل ورتي، پوءِ نيرون ڪوٽ تي چڙهائي ڪئي هئي. هوڏانهن هن نوجوان فاتح جي وفات جو حادثو حرف بحرف چچ نامہ تان نقل ڪري ڪٽي رکيو اٿس، جو بلڪل غلط ۽ تاريخي حقيقتن جي برخلاف آهي. جيڪڏهن مير صاحب ٿوري تڪليف وٺي بلاذريءَ جي، فتوح البلدان يا يعقوبيءَ جي ڪجهه ورق گرداني ڪري ها ته ههڙي فاش غلطيءَ جو مرتڪب ٿيڻو نه پويس ها.

هيءَ تہ هئي گذشتہ وقت جي تاريخ، پر مير معصوم تہ خود پنهنجي وقت جا چشمديد واقعا بہ، ڇڏي ويو آهي ۽ پنهنجي تاريخ ۾ انهن جو ذڪر ڪونہ ڪيو اٿس: مثلا نظام الدين بخشي ۽ ماثرالامرا جو مصنف ملا عبدالباقي نهاوندي ٻڌائن ٿا تہ "نصرپور جي نزد يڪ بوهريءَ وٽ، خانخانان جي جاني بيگ کي گهيري وقت، خانخانان جي لشڪر ۾ اهڙو تہ اڃي ڏڪار پيو هو، جو اڪبر بادشاهہ کي، رائسنگ جي هٿان ٻہ لک پنجاهہ هزار روپيہ روڪ، هڪ لک من اناج، ڪجهہ وڏيون توبون ۽ ڪي ٻي توبچي مدد ۾ موڪلڻا پيا هئا." پر مير معصوم پنهنجي تاريخ ۾ اهڙي اهم واقعي ڏانهن ڪوبہ اشارو نہ ڪيو آهي.

هن سڀني خورد برد جو سبب ائين ٿو معلوم ٿئي، تہ مير معصوم جي پيرسني ۽ عديم الفرصتي آهي، ڇاڪاڻ تہ هن هيءَ تاريخ ٦٥ ورهين جي ڄمار ۾ لکي آهي؛ تنهن هوندي بہ هيءَ ڪتاب خاص خوبين کان خالي نہ آهي، جن جو ذڪر هيٺ ڪريون ٿا:

## تاريخ معصوميءَ جي اهميت، ان جي تاليف جو سبب ۽ تاريخ

مير معصوم ڪٿي بہ، پنهنجي هن ڪتاب جي تصنيف جي تاريخ ڪانہ ڏني آهي. البت ص ١٢٤ تي جتي مرزا شاهہ بيگ هٿان بکر جي قلعي جي مرمت جو بيان ڪيو اٿس، اتي چوي ٿو "تا اين زمان کہ سن تسع والف ست همان قلعہ موجود ست" [هن وقت تائين، جو سن ١٠٠٩ هہ آهي، اهو قلعو موجود آهي] جنهن مان نتيجو ولي سگهجي ٿو تہ هي تاريخ سن ١٠٠٩ هہ جي لڳ ڀڳ لکي ويئي آهي.

هن تاريخ جي لکڻ جو سبب مير معصوم خود پاڻ واضح ڪيو آهي. هو پنهنجي ڪتاب جي منڍ ۾ چوي ٿو تہ هن هيءَ

ڪتاب پنهنجي پٽ مير بزرگ لاءِ لکيو آهي ته هو گذري ويلن جو احوال پڙهي عبرت وٺي، ۽ هنن جي چڱن اخلاقن جي پيروي ۽ برين عادتن کان پاسو ڪري.

قدامت جي لحاظ کان تاريخ معصومي، چچ نامه کان پوءِ ٻيهريون ڪتاب آهي، جو سنڌ جي تاريخ بابت دستياب ٿي سگهيو آهي. تاريخ طاهري، بيگلار نامه، ارغون نامه، ترخان نامه ۽ تحفته الڪرام وغيره، جي هن کان پوءِ لکيا ويا آهن، سي سڀ هن ڪتاب جا خوشه چين آهن، ۽ اهو ڪتاب ئي سنڌ ن معلومات جو ذريعو آهي. ماثر رحيميءَ جو مصنف، سنڌ جي حاڪمن جي ذڪر ڪرڻ وقت، تاريخ معصوميءَ تي اعتبار ڪري ٿو، ۽ هن باري ۾ به، طبقات اڪبريءَ تي هن ڪتاب کي ترجيح ڏئي ٿو.

تاريخ معصوميءَ جو آخرين حصو، جنهن ۾ سلطان محمود خان جو احوال ۽ سنڌ جي ڏاڪٽي ٻاگي جي، خانخانان هٿان فتح ٿيڻ جو بيان آهي، سو نهايت قابل اعتماد آهي، ڇاڪاڻ ته اڪثر واقعا مؤلف جا اکين ڏٺا آهن ۽ پاڻ انهن ۾ شريڪ رهيو آهي. سلطان محمود خان بکريءَ جو بيان ته، اهڙو تفصيلوار سن ڏيئي لکيو اٿس، جو ائين ڀيو پائنجي ته مصنف سندس دربار جو نامه نگار هو. ٻيو ڪو مؤرخ ايترو اونهون وڃي نه سگهي ها.

ازانسواءِ مرزا شاه حسن، مرزا عيسيٰ خان ۽ سلطان محمود خان جي احوال ختم ٿيڻ کان پوءِ، منجهائنس هر هڪ وقت جي عالمن ۽ فاضلن جو جيڪو بيان ڪيو اٿس، سو نهايت قيمتي آهي. جيڪڏهن مير معصوم هن طرف توجهه نه ڪري ها ته اڄ هنن بزرگن جو نالو نشان گم ٿي وڃي ها.

پڻ ڪتاب جي عبارت نهايت سليس، صاف، شسته ۽ مشڪل استعارن ۽ تشبيهن کان پاڪ آهي، جنهنڪري فارسي انشاء ۽ عبارت جي لحاظ کان هيءَ تاريخ ٻين تاريخن ۾ ممتاز آهي.

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

مطلب تہ هنن سيني ڳالهين جي بنا تي تاريخ معصومي هڪ تاريخي خزانو آهي، جو اڄ تائين پنهنجي ملڪي زبان ۾ شايع نہ ٿيو هو، ۽ خدا خير جي جزا عطا ڪري سنڌ جي حڪومت کي، جنهن سنڌي ادبي بورڊ کي وجود ۾ آڻي، اهڙن ناياب خزانن جي سنڌي زبان ۾ شايع ڪرڻ جو انتظام ڪيو.

## مير معصوم جا اخلاق

مير معصوم ڏاڍو زاهد ۽ متقي ماڻهو هو. سندس همت جي بلندي ۽ سخاوت هن حد کي پهتل هئي، جو هندستان مان بکر جي عامي ۽ رواجي ماڻهن کي بہ سوڪڙيون موڪليندو هو، ۽ شهر جي ننڍن وڏن لاءِ سالانا، ماهانا، روزينا، فصلانا ۽ جمعگيون (آها رقم جا سيڪنهن جمعي تي پهچائجي) مقرر ٿيل هيس. پر جڏهن پويون دفعو وطن موٽي آيو، تڏهن ماڻهن سان اهو سهڻو سلوڪ ڪونہ رکيائين، ۽ ڪنهن سبب ڪري ماڻهو کانئس ڏکوئجي پيا. سندس حڪم هوندو هو تہ سيڪنهن جاگير جي ايراضيءَ ۾ شڪار لاءِ جهنگل جو ڪجھ، ٽڪرو ضرور ڇڏيو وڃي.

## مير معصوم جي وفات

مير معصوم جي سال وفات متعلق پوين تاريخ نويسن ۾ اختلاف آهي. هڪڙا مؤرخ سندس مزار تي لکيل ڪتبي:

میر معصوم آن شه، برج شرف
آفتاب شرع دین فخر زمن
روز جمعه سادس ذوالحج گشت
عـازم جنـت بـاسر ذوالمنن
سال فوتش از خرد جستم بگفت
”بود نامي صاحب ملک سخن.“

جي آخري مصراع ”بود نامي صاحب ملک سخن“ جي آڌار تي سندس وفات جو سن ١٠١٤ مقرر ڪن ٿا. ڇاڪاڻ

تہ انهيءَ مصراع جا جيڪڏهن ابجد جي حساب موجب انگ جمع ڪبا تہ ١٠١٤ ٿيندا. ٻيا وري ماٿرالامرا جي قول ”در سنہ يکهزار و پانزده از بارگاه جنت مکاني بعنوان امين الملکي بہ بهکر رفتہ کہ وديعت حيات سپرد.“ [سن ١٠١٥هہ ۾ جنت مکان (جهانگير بادشاه) جي درگاه مان ”امين‌الملڪ“ جو عهدو وٺي بکر ويو ۽ وڃي وفات ڪيائين] جي تقليد ۾ سندس لاڏاڻي جو سال ١٠١٥هہ ٺهرائين ٿا. پر انهن وٽ سزار واري ڪتبي جو ڪوبہ جواب ڪونہ آهي. ڊاڪٽر دائود پوٽي صاحب هنن ٻنهي قولن ۾ هن طرح تطبيق ڏياري آهي تہ ”بود نامي صاحب ملک سخن“ در اصل ”بوده نامي صاحب ملک سخن“ هوندو. يعني اصل مصراع ۾ ”ه“ وڌيڪ هوندي جا ڪنهن سبب ڪان مزار تي اکيرجڻ کان رهجي ويئي آهي. ائين فرض ڪرڻ سان ١٠١٤هہ ۾ پنج عدد ٻيا بہ وڌي پوندا ۽ جملي عدد ١٠١٩هہ تي پوندا، جو مير معصوم جي وفات جو سال آهي. پنجاب يونيورسٽيءَ جو پروفيسر محمد شفيع پڻ ”روز روشن“ جي حوالي جي بنا تي ڊاڪٽر صاحب جي تائيد ڪري ٿو. اسان جي خيال ۾ پڻ اها راءِ زياده وزندار آهي. والله اعلم بالصواب.

## مير معصوم جا آثار

جئن مٿي گذري آيو، مير معصوم جا نيڪ آثار ڪتبن جي صورت ۾ سڄي هندستان بلڪ افغانستان تائين پکڙيل آهن، جن مان گهڻن جو ذڪر ڊاڪٽر دائود پوٽي صاحب تاريخ معصوميءَ جي مقدمي ۾ ڪيو آهي. مير معصوم جي ذوق طبع جي شاهدي ”ذخيرت الخوانين“ جو مصنف اجهو هن طرح ٿو ڏئي: ”ابروان، نخشوان، تبريز ۽ اصفهان کان وٺي، قندار، ڪابل، ڪشمير، هندستان ۽ دکن تائين، جتي بہ ويو تہ اتي پنهنجا شعر لکي، پٿرن تي اکيرائي، يادگار قائم ڪيائين، جهڙوڪ اکبر آباد جو دروازو، فتح پور سڪريءَ جي مسجد وغيره. عمارتن جي تمام

گهڻو شوق هوس. گهڻين جاين تي مسجد ون، مسافر خانا، رباطون، پليون ۽ کوهه ٺهرايائين. خصوصاً پنهنجي شهر بکر ڪي، جو سندس رهڻ جي جاءِ هو، ڏاڍين عاليشان عمارتن، قردار درختن وغيره سان تمام گهڻو سينگاريو اٿس. سنڌو ندي، جا بکر جي قلعي جي چوڌاري پيئي وهي، تنهن جي وچ ۾ "ستيا سر" نالي هڪ عمارت ٺهرائي هئائين، جنهن جهڙي روءِ زمين تي ٻي عمارت ڪانهي. هن جي تاريخ "گنبذ دريائي" سان ڪڍي اٿس. پنهنجو قبرستان سنڌو ندي جي ڪناري تي، هڪڙيءَ ٽڪريءَ جي مٿان، جنهن جي هيٺان باغات آهي، اهڙو ته عجيب ٺاهيو اٿس جنهن جهڙو ڪم ڪٿي ڪونه ٿو ڏسائي. پهريائين هڪ منارو آهي، جنهن جي اڳيان دهليءَ ۽ مانند وا جا منارا هڪ ٻئي جي برابر آهن. هن جو هڪ حصو پڪين سرن جو ٺهيل آهي، ٻيو ائين پيو ڏسجي گويا ڪ پلٽ ڪري ٺاهيو ويو آهي. پنهنجي ٻيءَ ۽ پٽن جا مقبرا انهي جي پر ۾ تيار ڪرايا اٿس، ۽ انهي قبي ۾ پنهنجي قبر تي اهڙيون آيتون ۽ حديثون جيڪي مغفرت تي دلالت ڪن ٿيون، ڪتبي جي صورت ۾ اڪيرايون اٿس. پنهنجي قبر جي لوڙهه تي الله تعاليٰ جا ٺوانوي نالا پڻ لکايا اٿس. هن عمارت کي سٺ سال گذري چڪا آهن، مگر انهن ۾ ڪوبه نقصان ظاهر نه ٿيو آهي. (ورق ٦٦)

هن شهادت نقل ڪرڻ کان پوءِ، اسان هت مير معصوم جي فقط انهن آثارن جو مختصر ذڪر ڪيون ٿا جي سندس وطن بکر ۽ ان جي آس پاس آهن:

١- **ستياسر:** "ذخيرت الخوانين" ۾ جنهن ستياسر جو ذڪر آهي. ان جو بيان مسٽر بلاڪمن پڻ "آئين اڪبريءَ" جي ترجمي جي پهرئين جلدجي پڇاڙيءَ ۾، هڪ نوٽ ۾ ڪيو آهي. هو صاحب لکي ٿو ته "مير معصوم ڪيترين عمارتون ٺهرايون. خاص طرح بکر جي سامهون، سکر ۾ درياءَ جي جيڪا شاخ بکر جي چوڌاري

آهي، تنهن جي وچ ۾ مير معصوم هڪ گنبذ ٺهرايو، جنهن تي ستهياسر نالو رکيائين. اهو گنبذ دنيا جي عجائبات مان هو. ان جي تعمير جو سال "گنبذ دريائي"مان نڪري ٿو. يعني ۱۰۰۷ هه. افسوس! اڄڪلهه هن عمارت جو ڪوبه نشان نه ٿو ملي.

**ب- معصومي جو منارو-** هيءُ منارو پنهنجي پراڻي شان شوڪت سان اڄ به ٺئين سکر ۾ ڏکر تي موجود آهي. هن مناري جي تعمير ۾ عجيب حساب رکيل آهي. مناري جي پيڙهه وٽ سندس گهيرو ۸۴ فوٽ ويڪرو آهي. سندس اوچائي به ۸۴ فوٽ آهي ۽ سندس ڦيرِيدار ڏاڪڻ کي پڻ ۸۴ ڏاڪا آهن. هن مناري جو بنياد سن ۱۰۰۳ هه ۾ رکيو ويو، مناري پوري ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي مير صاحب وفات ڪري ويو ۽ ان جي تڪميل سندس فرزند مير بزرگ سن ۱۰۲۶ هه ۾ ڪرائي. اها حقيقت انهي ڪتبي مان ظاهر آهي جو مناري جي ڏاڪڻ واري دروازي تي اڪريل آهيءَ جو هن طرح آهي:

بني هذه المنارت في زمان
سلطان جلال‌الدين محمد اڪبر
بادشاه غازي

بدر فلک غلا محمد معصوم
ڪزوے زمانه صيت نڪو نامي است
افراشت چنان بناء عالي ڪه زقدر
افراخته سر بچرخ مينا فامي است
تاريخ بنائي او ملائڪ از عرش
گفتند جهان نمامنار نامي است

---

مير معصوم آن رفيع القدر
ڪه ازو ڪار دين بائين است
ڪرد طرح منارتا گويند
ڪاين پئي يادگار ديرين است

پير چرخ از برائي تاريخش
ساق عرش برين بگت اين است
قائلہ مير بزرگ بن سيادت پناھ مير محمد معصوم.

ج- آرام گاھ يا فيض محل: مٿين مناري جي ڀرسان اٽڪل انسن ٽون فوٽن جي پنڌ تي ھڪ ھشت پھلو گنبذ سان جاءِ آھي. ھن جو اصلي نالو فيض محل آھي، پر عام ماڻھو ان کي آرام گاھہ سڏيندا آھن. اھا جاءِ پنجاھ کن فوٽ اوچي برج جي نموني تي ٺھيل آھي. ونگن سان چار دروازا اٿس، ۽ اندر رئين پاسي کان، زمين کان اٽڪل ۱۴ فوٽ مٿي ھڪ گيلري اٿس، جنھن کي چار دريون آھن. اھي دريون درن جي مٿان آھن. ٻن درين جي مٿان پٿر جي ڇڄري آھي. ڇڄري جي ڇت تي خواه برج جي اندر رئين پاسي تي، چوطرف نصيحت آميز رباعيون اڪريل آھن.

عمارت سھڻين پڪين سرن جي آھي ۽ زينت لاءِ منجھس ڪاشيءَ جون سرون ڪثرت سان استعمال ٿيل آھن، جنھنڪري سڄي عمارت رنگارنگي ٿي پيئي آھي. انھيءَ جاءِ جي اندران ويڪرائي سترھن فوٽ آھي.

ذڪر ڪيل رباعين مان ھڪ رباعي ھيٺ ڏجي ٿي، جنھن مان جاءِ جو نالو ۽ تعمير جو سن ملن ٿا.

اين گنبد با شكوه ذاسي
كز قدر شد آسمان با فيض
چون بود محل فيض ازان دو
تاريخ شدش مكان، بافيض

۱۰۰۴

## سکر جيل جي ويجھڙائيءَ واريون عمارتون ۽ ڪوھہ

پراڻي ۽ نئين سکر جي وچ ۾ موجوده جيل خاني جي ڀرسان ھڪ ھشت پھلو گنبذ نما جاءِ آھي. ان جي اوساري پڪ سري ۽ ٻاھران چوناڳچ جو ليپو ڏنل اٿس. چون ٿا تہ انھيءَ عمارت جي چوڌاري ست کوھہ ھوندا ھئا، جن مان ڇھ لٽجي ويا آھن، باقي ھڪڙو

ڪوهه اڃا تائين موجود آهي، جنهن مان ماڻهو عام جام پاڻي ڀري رهيا آهن. ڪوهه جاءِ جي اولاهين پاسي ڏانهن آهي ۽ سندس سڄي اوساري پٿر جي آهي. عمارت نهايت خوبصورت آهي ۽ ڇٽ تازي ٺهيل پيئي لڳي. هيئنر سکر ميونسپالٽيءَ وارا منجهس تيل وغيره رکندا آهن.

ڪوهه ۽ هشت پهلو جاءِ جي الهندي پاسي هڪ مسجد جهڙي جاءِ آهي، جنهن جي اندران اولاهين ديوار تي، بروايت علي محمد شاهه راشدي، هيٺيون ڪتبو لڳل هو، جو اٽڪل سال ١٩٣٥ع ۾ هڪ بدمعاش ملان، پٽي گم ڪري ڇڏيو.

”بناءِ اين بقعهٔ خير نهاد امير معصوم نامي بکري جهت سير و استراحت وارد و صادر و مقيم و مسافر- هرڪہ درين بنا مقبره کند لعنت خدا و پيغمبران و ملائڪہ و مؤمنان بروباد“

**٥- منزل گاهه واريون عمارتون:** سکر بندر تي منزل گاهه واري ميدان جي ڏاڪڻي پاسي، ساڌ ٻيلي جي سامهون، درياهه جي ڪناري جي نزديڪ، سيد محمد معصوم جون جوڙايل ٻه ٻيون جايون به آهن، جن مان هڪ ١٠٠٦هه ۽ ٻي سن ١٠٠٧هه ۾ تعمير ٿيل آهي. سن ١٠٠٦هه ۾ جيڪا جاءِ جڙي آهي، سا سن ١٠٠٧ واريءَ جاءِ جي اولهه ۾ آهي. هن ۾ اندرين پاسي ڪان اولانوينءَ پٽ تي هيءُ ڪتبو پٿر تي اڪريل آهي:

خوشا منزل باغ رضوان رقم

ڪہ جان را دهد فيض باغ ارم

بتاريخ اين جاءِ عشرت سرشت

زهي جاءِ عصرت رقم زد قلم“

١٠٠٦

انهيءَ جاءِ جي اوڀر ۾ ٻي هڪ هشت پهلو پڪ سري جاءِ آهي، جنهن جي چوٽي گنبذ وانگيان آهي. گنبذ جي مٿان آسماني رنگ، جون ڪاشيءَ جون سرون چسپان ٿيل آهن. سندس اولاهين پاسي واريءَ ديوار تي ٻاهرئين پاسي ڪان هيءُ ڪتبو لڳل آهي:

”در زمان خلافت بادشاه اعظم شهنشاه معظم جلال الدين محمد اکبر بادشاه غازي خلد الله ملکه بنا نمود اين عمارت خير امير معصوم نامي بکري بن سيد صفائي ترمذي از برائي نفع عام مسلمانان. هرکه در اين بنا مقبره سازد لعنت خدا و پيغمبران و ملائکه و مؤمنان بروباد“ سن ١٠٠٧هه.

ڪتبي جي عبارت مان ظاهر آهي ته اها جاءِ عام خلق جي آسايش لاءِ ٺهرايل آهي. جاءِ جي اوساري پڪين سرن سان ٿيل آهي، جنهن تي اندرئين پاسي ڏانهن پڪي چوني جو پلستر هنيل آهي، ۽ ٻاهرئين پاسي ڏانهن فقط سرن جون درزون ورتل آهن.

**و- قبرستان:** معصومي مناري ۽ فيض محل جي اوڀر ۾ هڪ پٿريلي زمين جي اُچي دڙي تي هڪ چوڪندي ٺهيل آهي، جنهن هيٺان سيد محمد معصوم جي والد، خود سيد معصوم ۽ ڪن ٻين جون تربتون آهن. اها چوڪندي ڪشادي، هشت پهلو ٿنڀن تي بيٺل آهي. تعمير ساري پٿر جي آهي. قبرن تي، خواه عمارت جي ڇت ۽ ٿنڀن تي، ڪتبن جي ڄڻ چادر وڇايل آهي. عمارت جو ڪوبه حصو اکرن کان خالي نه آهي. چوڪنديءَ جي وچ تي ٻه ننڍا گنبذ آهن، جن جي هيٺين پاسن کان پڻ ڪتبا آهن. اهي ڪتبا نصيحت ڀريل شعرن، قرآني آيتن ۽ حديثن تي مشتمل آهن. لکڻ جو نمونو معصومي آهي.

چوڪنديءَ جي هيٺان جملي ٩ تربتون آهن، جن مان هڪ مير معصوم جي والد سيد صفائيءَ جي آهي، هڪ خود مير معصوم جي، باقي تربتون ٻين جون آهن. ڪن تربتن تي صاحب قبر جو نالو ۽ وفات جو سن اُڪريل آهي، ۽ ڪي ان کان بلڪل خالي، آهن. سيد صفائيءَ جي تربت تي پيرن واري پاسي کان هيٺيون ڪتبو اُڪريل آهي:

اي آمده برسر مزارم،
از آمدنت اميد وارم.

حسرت زده ام بخاک مانده،
افتاده در این مغاک مانده.
یک فاتحہ بخوان باخلاص،
تا حق کند بمغفرت خاص.

---

ماه قرشي سيد صفائي،
کا فراشت فلک لوائي نورس.
ناکاه ازین جهان گهہ سیر،
افتاد بان جهان عبورش.
نامي زبرائي سال تاريخ،
گفتا پر نور باد گورش.
٩٩١هہ

قبر جي لوڙهہ تکي مينائي رنگ جي پٿر جو آهي، جنهن تي سيني پاسن کان ڪتبا آهن.

سيد صفائيءَ جي تربت جي اوپر پاسي ۾ هڪ ننڍي، ڪتبن کان خالي قبر آهي. آن کان پوءِ سيد محمد معصوم جي تربت آهي. اها ڪتبن سان پُرزيل آهي، ۽ لوڙهہ تي پيراندِيءَ کان هي ڪتبو اڪريل آهي:

مير معصوم آن مهہ برج شرف،
آفتابِ شرع دين فخر زمن.
روز جمعہ سادس ذوالحجہ گشت،
عازم جنت بامر ذوالمنن.
سال فوتش از خرد جستم بگفت،
بود نامي صاحب ملک سخن.

**ز- روهڙي جو عيدگاهہ:** مير معصوم جي سکر ۽ بکر وارن جملي آثارن ۾ روهڙيءَ جو عيدگاهہ سينيَ کان آڳاٽو آهي. اهو عيدگاهہ روهڙي شهر جي ڏکڻ اولهہ جي ڪنڊ طرف ٽڪريءَ تي آهي. اٽڪل ٻن ايڪڙن زمين جي چوڌاري ديوار نڪتل آهي، جا اولاهين طرف کان وڏي، باقي ٻين ٽن طرفن

کان ارهہ جيتري ٿيندي - قبلي واري طرف ڏانهن ٻنهي ڪندن خواه وچ تي ننڍا ننڍا گنبذ ٺهيل آهن - وچين گنبذ هيٺان محراب آهي، جنهن تي ٻاهرئين طرف ڏانهن سفيد پٿر تي ٽن سٽن ۾، هيٺيون ڪتبو اڪريل آهي :

سيادت پناه امير محمد معصوم نامي بن سيد صفائي بنا نهاد -

مير معصوم ساخت بر سر کوه،
عيد گاهہ بفيض همچو ارم -

پير فکرت برائي تاريخش،
عيد گاه بفيض کرد رقم -

۱۰۰۲

ح - اروڙ واري درياءَ جي سير وارا پٿر : ايسٽوڪ صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ مير معصوم جي هڪ ٻئي يادگار جو ذڪر ڪيو آهي- هو چوي ٿو ته "اروڙ ۾ مون قابل توجهہ فقط ٻہ پاهڻ ڏٺا، جن تي ڪتبا اڪريل هئا - ڪتبن تي لکيل عبارت جو مطلب هيءُ هو ته اهي پٿر مير معصوم جا هڻايل آهن، انهيءَ لاءِ ته انهن جي وسيلي درياءَ جي اڳينءَ سير جو پتو پوي".

انهن پٿرن جي ذريعي مير معصوم اروڙ واري درياءَ جي پوزيشن نروار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پر افسوس آهي جو اهي پٿر اڄ عدم پيدا آهن (۱).

(۱) عزيز محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، جن ڏينهن ۾ مسلم يونيورسٽي عليگڙهہ مان پي- ايڇ- ڊي- جي ڊگري وٺڻ لاءِ "Sind under the Arabs" مضمون تيار ڪري رهيو هو، تڏهن تحقيقات ڪندي، هن اروڙ جي ڳوٺ کان اٽڪل ڏيڍ ميل پنڌ تي شاهہ شڪر گنج جي درگاهہ جي پرسان هڪ پٿر ڏٺو هو، جنهن کي اگرچ ڌنارن ڌڪ هڻي متس لکيل ڪي اکر ڊاهي ڇڏيا هئا، تاهم ٿوري غور سان ڏٺو ويو ته انهيءَ پٿر تي لکيل ڪتبي تي هيٺيان لفظ لکيل هئا : (ڏسو صفحي ۳۳ جي هيٺان)

## مير معصوم جو اولاد

مير معصوم کي اولاد ڪيترو ۽ ڪهڙو هو، تنهنجو ڪو پتو ڪونہ ٿو پوي. البت، سندس فرزند ارشد ”مير بزرگ“، جنهن لاءِ هيءَ ”تاريخ سنڌ“ تصنيف ڪئي اٿس، تنهن جا ڪجھ ٿورا گهڻا حالات ”ماثرالامرا“ مان معلوم ٿيس ٿا. هو ابتدا ۾ اڪبر بادشاھ جو چوڪيدار هو. جهانگير جي پٽ خسرو سلطان جي بغاوت وارن ڏينهن ۾ ڪيس رستي مان، هٿيارن پهريل واري حالت ۾ پڪڙي وٺي آيا، ۽ ڪوتوال بيان ڏنو ته، هيءَ بہ انهيءَ فساد ۾ شامل آهي. مير بزرگ انڪار ڪيو؛ تنهن تي جهانگير ڪانئس پڇيو تہ ”پلا هن بيگاھ وقت هٿيار ڇو پهريا اٿيئي؟“جواب ڏنائين تہ ”بابي جي وصيت اٿم تہ چوڪيءَ جي رات تو وٽ هٿيار هجڻ گهرجن.“ چوڪي نويس پڻ شاهدي ڏني تہ اڄ رات سندس چوڪي جو وارو هو. انهيءَ تي بادشاھ ڪيس معاف ڪري، سندس پيءُ واري ملڪيت ۽ مال ڪيس بخشي، قنڌار جي بخشيگريءَ جو عهدو عطا ڪيس. پوءِ ڪيترو وقت هو اتي رهيو ۽ پيءُ جي رقم جا اٽڪل ٽيھ - چاليھ لک هئي، اجايـن خرچن ۾ وڃائي ڇڏيائين. سندس دماغ ۾ ايڏو تہ خلل پيدا ٿي ويو هو، جو ڪنهن سان بہ نياز نئڙت سان ڪين هلندو هو، نہ ڪنهن گورنر سان

---

”بردار قدم چو رهِ نور دان،
در باديہ پائي نہ چو مردان؛
بفرموده سيادت پناه
امير محمد معصوم مرقوم شد. سن ١٠٠٨“

جيڪڏهين اسٽوڪ صاحب جو اشارو انهيءَ پٿر ڏي آهي تہ پوءِ آسانيءَ سان ڇٽي سگهجي ٿو؛ تہ صاحب موصوف جو اهو خيال تہ اهي پٿر درياءَ جي اڳئين سير معلوم ڪرڻ لاءِ هئا، غلط آهي. جيڪڏهن اهي پٿر ڪي بيا هئا، تہ پوءِ هيءَ ميرمعصوم جو ٽئون يادگار ڇٻو جنهن جو ذڪر اڳي ڪنهن بہ مضمون ۾ نہ آيو آهي. (مترجم)

ٿهندو هو. وٽس نوڪر چاڪر گهڻائي رهندا هئا، ۽ وضع قطع عمدي هيس. نظم خواه نثر ۾ چڱي دسترس رکندو هو، ۽ هٿ اکر به سٺا هئس. هڪ وقت جهانگير بادشاه جي همرڪاب هو ماندوا پڻ آيو هو، ۽ دکن تي مقرر ٿيو هو. اتي ڪيترو وقت رهيو؛ پر جنهن صورت ۾ سندس جاگيرن جي آمدني، سندس خرچ لاءِ ڪافي نه ٿي ٿِي، تنهنڪري انهيءَ عهدي کان استعفا ڏيئي، پنهنجي اباڻي وطن بکر موٽي آيو، ۽ پيءُ جي ملڪيت ۽ باغ تي قناعت ڪري ويهي رهيو. آخر سن ١٠٤٤ھ ۾ گذاري ويو. سندس اولاد سکر جي شهر ۾ اڃا تائين موجود آهي، ۽ "معصومي سيد" سڏبا آهن.

بس نامور بزير زمين دفن کرده اند،
کز هستيش بروي زمين بر نشان نماند.
خيري کن اي فلان غنيمت شمار عمر،
زان پيشتر که بانگـــا بر آيد فلان نماند.

بسم الله الرحمان الرحيم

بيبنياد زماني جي واقفن جي صاف دلين ۽ سخن سڃاڻندڙن عقلمندن جي پاڪ قلبن تي مخفي نہ هوندو تہ هيءَ هڪ قيمتي ڪتاب آهي، جنهن ۾ سنڌ جي فتح، اسلام جي لشڪر جي، بد بخت ڪافرن جي لشڪر سان، جنگ ڪرڻ جا واقعا، بني اميہ ۽ بني عباس گهراڻن جي خليفن جي گورنرن ۽ جن حاڪمن انهن جي زماني پوري ٿيڻ کان پوءِ سنڌ تي حڪومت جو جهنڊو بلند ڪيو تن جي حڪومت جي مدت، ارغوني بادشاهن جي غلبي جو ذڪر ۽ انهن جي حڪومت جو عرصو، انهن جي لڙاين ۽ ڪن شهرن ۽ ملڪن کي مطيع ڪرڻ جا واقعات، انهن جي حياتيءَ جي زماني پوري ٿيڻ تائين حقيقتون، هن ملڪ جو خلافت پناه، سايہ الله بادشاه غازي جلال الدين محمد اڪبر (شل الله تعاليٰ سندس ملڪ ۽ بادشاهيءَ کي هميشه لاءِ سلامت رکي ۽ ساري دنيا تي سندس ڀلائي ۽ احسان جاري رکي) جي حڪومت هيٺ منتقل ٿيڻ جون خبرون، ۽ انهن حاڪمن ۽ اميرن جو ذڪر آهي جيڪي انهي بلند درگاه جي طرفان بکر، سيوستان ۽ ٺٽي جي حڪومت ۽ سنڀال لاءِ مقرر ٿيندا رهيا.

هيءَ ڪتاب چئن ڀاڱن ۾ ورهايل آهي:

ڀاڱو پهريون: سنڌ جي فتح ۽ بني اميہ ۽ عباسي خليفن طرفان ايندڙ حاڪمن جي حڪومت جي زماني جي ذڪر بابت.

ڀاڱو ٻيو: انهن بادشاهن جي بيان ۾ جيڪي هندستان جا حاڪم هئا ۽ سنڌ پڻ سندن گورنرن

جي تصرف هيٺ هئي، ۽ سومرن ۽ سمن جي حڪومت جي بيان ۾ [١]

**ٻاڳو ٽيون:** ارغوني حاڪمن جي حڪومت جي بيان ۾.

**ٻاڳو چوٿون:** سنڌ ملڪ جو (اڪبري) درگاه جي اطاعت جي دائري ۾ منتقل ٿيڻ، ۽ انهن اميرن ۽ حاڪمن جي بيان ۾ جيڪي هن ملڪ جي حڪومت ۽ نگرانيءَ لاءِ، هن ڪتاب (جنهن جو نالو "تاريخ سنڌ" آهي) جي لکڻ جي وقت تائين انهيءَ دربار مان مقرر ٿيندا رهيا. والله المستعان و عليه التڪلان. (الله ئي مددگار آهي ۽ انهيءَ تي توڪل آهي.)

تعريف ۽ شڪرانا انهيءَ ملڪ جي مالڪ جا، جنهن پنهنجي عام حڪمت جي تقاضا موجب دنيا جي ڪاروبار جو بند وبست ۽ انسانن جي ڪمن جو انتظام، عدالت پسند بادشاهن جي وجود سان ڳنڍيل رکيو. لولا السلطان لاکل الناس بعضهم بعضا (جيڪڏهن بادشاه نه هجي ها ته جيڪر ماڻهو هڪٻئي کي کائي وڃن ها) جو سچو ڪلام هن حقيقت جي تائيد ڪندڙ آهي.

"خداوندي که بے شبه است و مانند.
بقدرت بر خداوندان خداوند
خداوندے کہ او را نيست همتا
گواه بر هستيءِ او جمله اشيا
نظام مملڪت از خسروان داد
ز عدل خسروان زيب جهان داد
نباشد از بدوران بادشاهان
شود از حادثات اين دهر ويران."

---

[ خدا، جنهن جو نہ آ ڪو مِٽ نہ مانند
آ قدرت سان رئيسن جو بہ خاوند
اهو مالڪ نہ جنهن جو ڪو بہ همتا
سندس هستيءَ تي شاهد جملہ اشيا
نظام ملڪ لئي پيدا ڪَيئين شاه
دنيا جو عدل سان ٿيو زيب ۽ جاه
نہ دنيا ۾ هجن ها جيڪڏهن شاه
لڳي ها چوطرف فتنہ سندي باه ]

۽ پاڪ صلاتون ۽ برڪت پريون سوڪڙيون انهي مخلوقات جي سردار مٿان نازل هجن شال، جنهن جي نبوت جي جهنڊي جي بلندي "كنت نبيا و آدم بين الماء والطين" (آءٌ نبي هوس حالانڪ آدم مٽي ۽ پاڻي ۾ هو) مان ظاهر آهي، ۽ هن جي رسالت جو شاندار علم "و ما ارسلناک الا رحمت للعالمين" (اسان توکي فقط دنيا لاءِ رحمت ڪري موڪليو آهي) مان واضح ـ شال الله تعاليٰ هن تي، هن جي اولاد ۽ اصحابن تي ۽ انهن تي جيڪي اخلاص سان سندن تابع ٿيا آهن، قيامت تائين رحمت ڪندو رهي ـ

"محمد گر نخست آمد و جودش
جهان موجود از فيضان جودش
چنان بگرفت گردوت را بشوکت
کہ بر چرخ برين زد پنج نوبت [٢]
شرف از وي زمين و آسمان را
بلندي داد قدر او جهان را
اساس دين چنان داد استقامت
کہ آباد است تا روز قيامت"

[ محمد خلق ۾ ٿيو پهريون پيدا
ٿي ان جي فيض مان دنيا هويدا

رسي وئي آسمان تي ان جي شوڪت
وڃي نيلي گنبذ تي ان جي نوبت
شرف ان ڪان زمين ۽ آسمان کي
سندس عزت ڏني عزت جهان کي
ڪيائين دين جو بنياد محڪم
قيامت تائين جو رهندو منظم]

اما بعد (حمد ۽ صلوات کان پوءِ): گهڻي وقت کان وٺي هن ڪتاب جي لکندڙ محمد معصوم (تخلص "نامي" ولد سيد صفائي حسين، جو پيدائش جي خيال کان ترمذي ۽ رهايش ۽ دفن جي لحاظ کان بکري آهي، جنهن جي نسبت سبزوار ۾ پيدا ٿيندڙ ۽ قنڌار ۾ رهندڙ ۽ هميشه لاءِ آرام ڪندڙ سيد شير قلندر بن بابا حسن ابدال سان ملي ٿي.) جي ضعيف دل ۾ سنڌ جي فتح جي واقعن ۽ اتي جي حاڪمن جي ڪجهه احوال لکڻ ۽ خبرن ۽ روايتن جي گولا قولا ڪري هڪ مجموعي تيار ڪرڻ جو خيال پيدا ٿيندو ٿي رهيو، پر ناموافق زماني جي مشڪلاتن ۽ ڏنگي چال واري آسمان جي مصيبتن جي ڪري اهو ڪم نٿي ٿي سگهيو، ۽ "الامور مرهونة با وقاتها" (سڀ ڪم پنهنجي وقت تي منحصر آهي) جي خواهش موجب دير ٿيندي ٿي رهي. نيٺ هن وقت منهنجي اکين جو ٺار ۽ منهنجي دل جو ميوو مير بزرگ (شال خداوند ڪريم کيس پنهنجن صالح ٻانهن مان بنائي) هن ڪتاب جي لکڻ ۽ جوڙڻ جو سبب ٿي هن دستاويز جي لاءِ علة غائي (١) بڻيو. لاچار هنن ورقن جي لکڻ ڏانهن متوجه ٿيس ته

(١) علة غائي = اهڙو غرض يا مطلب جو ڪنهن ڪم ڪرڻ کان اڳ ۾ خيال ۾ اچي، جنهنڪري اهو ڪم ڪيو وڃي پر انهي مقصد تي عمل، انهي ڪم جي پوري ٿيڻ کان پوءِ ٿئي. مثلا کٽ جي مثال سمهڻ، کٽ ٺاهڻ لاءِ علة غائي آهي، پر اهو غرض پورو کٽ ٺهي وڃڻ کان پوءِ ٿئي ٿو. (مترجم)

مانَ امڪان جي پېنگهي ۾ تربيت پاتلن ۽ گذريل انسانن جي حالت مطالع ڪرڻ سان هوُ خير ۽ شر جي نتيجن، ۽ نفعي ۽ نقصان جي مادن ڪان واقفيت حاصل ڪري، هوشيار عقلمندن ۽ تجربيڪار سهڻن اخلاقن وارن جي سهڻيءَ سيرت مان هدايت لهي، ۽ انهيءَ شاندار جماعت جي وڻيل اخلاقن ۽ اعليٰ طريقن جي پيروي ڪري، ۽ غفلت ۽ تڪبر وارن جي اڻوڻيل دستور ۽ سندن خصلتن ۽ بيڪار ماڻهن جي رديءَ عادتن کان پاسو ڪري. توفيق، پناه ۽ مدد الله جي طرفان آهي. [٣]

# ٻيو ڀاڱو

## سنڌ جي فتح ۽ وليد بن عبدالملڪ جي خلافت واري زماني ۾ دارالسلام (سلامتيءَ جي گهر) بغداد مان فتحمند لشڪر جي مقرر ڪيل، انهن جي، حق ڏانهن وٺي ويندڙ، ڪافرن جي لشڪر سان، لڙائي ڪرڻ جي واقعن، ۽ بني اميه ۽ بني عباس گهراڻن جي خليفن طرفان مقرر ڪيل گورنرن جي حڪومت جي عرصي جو بيان.

سڀني تعريفون ۽ واکاڻون انهيءَ پيدا ڪندڙ کي جڳائين جنهن انسانن جي جدا جدا ٽولن جي شخصيتن ۽ اخلاقن کي ڌار ڌار پيدا ڪيو، ۽ حڪومت ۽ جهانداريءَ جي رستن تي هلندڙن جا ڪم پڻ هڪٻئي جي ابتڙ خلقيا: "فمنهم ظالم لنفسه و منهم مقتصد و منهم سابق بالخيرات" (انهن مان ڪي پاڻ تي ظلم ڪندڙ ۽ ڪي درميانا آهن ته ڪي وري ڀلائين ۾ اڳرا آهن.) تنهن کان پوءِ، هوشيارن ۽ ڏاهن جي پاڪ ذهنن تي مخفي نه رهي ته تاريخدان هن ڳالهه تي متفق آهن ته سنڌ جي فتح، وليد بن عبدالملڪ جي خلافت واري زماني ۾، حجاج بن يوسف ثقفيءَ جي ڪوشش ۽ بند و بست سان ٿي هئي. جيئن علي بن حامد بن ابي بڪر ڪوفيءَ "تاريخ سنڌ" ۾ جا "چچ نامه" جي نالي سان، مشهور آهي، لکيو آهي، ۽ هنن ٻنهي جو لکندڙ، خلل ۾ وجهندڙ

# ڪن واقعن جو ذڪر، ۽ اسلامي لشڪر ۽ سڳورن وفدن جي دارالسلام بغداد مان اچڻ جي باعث جو بيان

"تاريخ سنڌ" ۾ لکيل آهي ته عبدالملڪ جي خلافت وقت ۾ خليفي، هندستاني ٻانهين ۽ ٻئي سامان جي خريد ڪرڻ لاءِ، پنهنجا ڪي نوڪر سنڌ ۾ مقرر ڪيا هئا. شام جا ڪي واپاري انهن ماڻهن سان گڏجي سنڌ ملڪ ۾ پهتا، ۽ ٻانهيون ۽ گهربل سامان هٿ ڪري درياءَ جي رستي سان موٽيا. جڏهن ديبل بندر وٽ، جو هاڻي ٺٽي جي بندر ۽ لاهريءَ جي نالي سان مشهور آهي، پهتا ته قومن جي هڪ جماعت مٿن حملو ڪري، گهڻن کي قتل ڪري ڇڏيو، ۽ ڪن کي قيد ڪري مال ۽ شيون، ڪٺي لٽي ويا. ڪي ماڻهو جند ڇڏائي ڀڳا ۽ واقعي جو احوال، وڃي خليفي جي خدمت ۾ عرض رکيائون. خليفي جي غيرت جوش ۾ آئي ۽ لشڪر تيار ڪيائين. انهيءَ لشڪر جي تياريءَ هلندي، خليفي تي موت اوچتو حملو ڪيو، ۽ هو آخرت جي دنيا ڏانهن روانو ٿيو، ۽ اهو لشڪر اتي ئي رهجي ويو. جڏهن سندس وفات کان پوءِ سندس لائق فرزند وليد خلافت جي گاديءَ تي ويٺو ۽ حجاج بن يوسف کي ڪوفي جو گورنر ڪري موڪليائين، جنهن ٻنهي عراقن (۱) جو ڪاروبار درست ڪري ڪرمان، خراسان ۽ سيستان جي ملڪن جي ڪمن سر انجام ڪرڻ ڏانهن توجهه ڏنو، ۽ مڪران ۽ سنڌ ملڪ جا حالات معلوم ڪري خليفي کي عرض ڪيائين ته سنڌ جي ماڻهن خليفي جي انهن نوڪرن جي، جيڪي سامان خريد ڪرڻ لاءِ ويا هئا، بي ادبي ڪري سندن مال ۽ سامان لٽيو ۽ گهڻن ملازمن کي قتل ۽ ڪن کي قيد ڪيو.

(۱) عراق، عرب ۽ عجم (مترجم)

هئي، [٦] ۽ خليفي مرحوم انهيءَ قابل ملامت جماعت کان انتقام وٺڻ لاءِ انهيءَ ملڪ واسطي هڪ لشڪر مقرر فرمايو هو، مگر ايتري ۾ بيمار ٿي پيو، ۽ بقا واري جهان ڏانهن روانو ٿي ويو، جيڪڏهن حڪم ٿيندو ته ممڪن آهي ته انهن ماڻهن جي آزاد ٿيڻ سان گڏ دولت پڻ هٿ اچي. پر جيئن ته دورانديشيءَ ۽ احتياط جي خيال کان دشمن جو احوال ۽ طور طريقا معلوم ڪرڻ ضروري آهي، تنهنڪري حجاج متئين عريضي جي جواب ملڻ کان اڳ ۾ئي سنڌ جي حالات جي جاسوسي ڪرڻ ۽ دشمن جي انداز ۽ اتي جي لشڪر بابت معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ ٻه هوشيار ماڻهو مقرر ڪيا، ۽ هن واقعي کي بهاني ۽ ذريعي بنائي انهن ٻنهي آدمين هٿان هڪ خط روانو ڪيو. انهيءَ وقت سنڌ جو حاڪم چچ جو پٽ ڏاهر هو. جڏهن حجاج جو خط کيس ڏنائون ته عزت ۽ تعظيم سان ورتائين ۽ خط جو مضمون معلوم ڪري هن گناهه کان انڪار ڪيائين، ۽ پنهنجي بيڏوهائي ظاهر ڪندي نفاق ڀريل زبان مان سچائيءَ ۽ اتفاق جا جملا ڪڍڻ لڳو، ۽ بيخبري ۽ ناواقفي ظاهر ڪندي هن واقعي بابت پڇا ڪيائين، ۽ چيائين ته جنهن ٽولي خليفي جي نوڪرن جي هيڙي بي ادبي ڪئي آهي، تن جي ڳولا لاءِ آدمي روانا ڪريون ٿا، جيڪڏهن هٿ لڳا ته انهن کي سزا ڏينداسون ۽ جيڪو مال ڪٺي ويا آهن سو واپس وٺي خليفي جي خدمت ۾ موڪليندا سون. پوءِ اهڙا ماڻهو مقرر ڪيائين ۽ هنن ٻنهي ماڻهن کي سهڻن بهانن سان خوش ڪري معذرت جو هڪ جواب لکيائين ته "ديبل بندر ۾ قورڻ جي هڪ جماعت رهي ٿي جن هيءَ بي ادبي ڪئي آهي، ۽ هو اسان جي اختيار کان ٻاهر آهن." آخر اهي ماڻهو لشڪر ۽ ملڪ جي حقيقت کان واقفيت حاصل ڪري حجاج جي خدمت ۾ پهتا ۽ سنڌ جو احوال گوشگذار ڪيائون. جنهن صورت ۾ حجاج جي عريضي جي جواب [٧] ۾ دارالخلافت کان حڪم صادر ٿيو هو، ته هو پنهنجي سوٽ محمد بن قاسم کي سنڌ ملڪ جي تابعدار ڪرڻ لاءِ مقرر ڪري، لشڪر جي تياري بغداد جي خزاني مان

ڪري، تنهنڪري حجاج هڪ مهيني جي عرصي ۾ پندرهن هزار ماڻهن کي، جن مان ڇهه هزار گهوڙي سوار، ڇهه هزار اٺ سوار ۽ ٽي هزار پيادا هئا، تيار ڪري سنڌ ڏانهن روانو ڪيو ۽ ڪيس ٽيهه هزار درهم خرچ لاءِ پڻ ڏنائين ته ضرورت جي وقت لشڪر تي خرچ ڪري. هي لشڪر سن ۹۲ هه ۾ روانو ٿيو. وڌيڪ علم الله وٽ آهي.

## سنڌ جي حڪومت جو اڳين حاڪمن کان چچ بن سيلاج برهمڻ ڏانهن منتقل ٿيڻ جو ذڪر

خبرن جا راوي ۽ سخن جا پرکيندڙ هن طرح بيان ڪن ٿا ته الور مهراڻ نديءَ جي ڪناري تي هڪ نهايت وڏو شهر هو، جنهن ۾ بلند عمارتون، مضبوط محلاتون، ميويدار وڻن سان ڀريل باغ ۽ تمدن ۽ شهريت جو اهو سڀ سامان موجود هو، جنهن جي مقيم، خواه مسافر کي خواهش ٿي سگهي ٿي. انهيءَ طرف جي ملڪ ۽ شهرن جو مالڪ مختار ۽ صاحب اقتدار سيهرس راءِ بن ساهسي هو. جيئن ته سيهرس راءِ نيڪوڪار ۽ عدالت پسند هو، ۽ عام خلق جون گردنون سندس قسمين قسمين مهربانين ۽ طرحين طرحين احسانن جي بار هيٺان سدائين جهڪيل هوندي يون هيون، تنهنڪري عام ۽ خاص ماڻهن جا ٽولا سندس فرمانبرداري دل و جان سان ڪندا هئا، ۽ سندس ملڪ جون حدون اڀرندي طرف کان ڪشمير ۽ قنوج، الهندي طرف کان مڪران ۽ عربي سمنڊ جي ڪناري يعني ديبل بندر جو هاڻي لاهري (۱) بندر جي نالي سان مشهور آهي، ڏکڻ کان سورت (۲) بندر [۸] ۽ ديو بندر ۽ اتر

(۱) اصل ۾ "لاهوري" لکيل آهي، پر حاشيي تي نسخي ف. م جي حوالي سان "لاهوري" لکيل آهي. اسان جي نظر ۾ اهو وڌيڪ صحيح آهي (مترجم)

(۲) اصل ۾ "صورت" لکيل آهي جو غلط آهي. (مترجم)

وڏو لشڪر ساڻ ڪري، پنهنجي ملڪ جي طرفن جو سير ڪيو، ۽ جتي به ڪو سرڪش ۽ فسادي ڏٺائين ته انهيءَ جون پاڙون پٽي ڪيڍيائين. جڏهن د لجاءِ ٿيس، تڏهن الور جي سر زمين تي رهي خوشيءَ ۽ آرام جا اسباب پيدا ڪري، پنهنجي ۽ مخلوقات جي واسطي خوشيءَ ۽ خرّمي جا ذريعا پيدا ڪيائين.

هن ملڪي ۽ مالي معاملن لاءِ چار قانون مقرر ڪيا هئا:

پهريون قانون فوج لاءِ هو ته هرهڪ لاءِ جيڪا پگهار مقرر ڪئي هئائين، سا ڪيس بنا قصور ملندي رهي.

ٻيو قانون رعيت لاءِ هو، ته ڏيل يا عشر (١) جو جيڪو مال مٿن رکيو هئائين، سو هرهڪ رعيتي گهرڻ کان سواءِ ٽن قسطن ۾ ادا ڪندو رهي. سندس ڪمال عدالت جي هڪڙي نشاني هيءَ هئي ته آن ۽ روڪڙي محصول جي عيوض، رعيت کي حڪم ڪيائين، جن الور، سيوستان، اوچ، ماٿيلي، مؤو ۽ سورائي جا ڇهه قلعا مٽيءَ سان پري تيار ڪيا. انهن قلعن مان گهٽا اڃا تائين آباد آهن.

ٽيون قانون واپاري ماڻهن سان لاڳو هو، ته انهن ماڻهن تي جيڪا ڏيل مقرر هئي سا تحصيلدار جي گهرڻ کان سواءِ خزاني جي سنڀاليندڙن کي پهچندي رهي.

چوٿون قانون مزدورن ۽ ڪاريگرن سان لاڳو هو ته هنرمندن جي هرهڪ ٽولي تي مالي ڪاتي جي پاران جيڪا خدمت

---

(١) عشر هڪ قسم جي ڏيل آهي، جنهن موجب زميندار کان سندس زمين جي ٿوري خواهه گهڻي پيدائش مان ڏهون حصو وصول ڪيو ويندو آهي. جنهن صورت ۾ هيءَ ڏيل اسلام جي ايجاد ڪيل آهي، تنهنڪري اسان سمجهي نه ٿا سگهون ته راءِ ساهسيءَ جي زماني ۾ اها ڪيئن جاري ٿي. شايد مير معصوم هي لفظ اصطلاحي معنيٰ ۾ نه پر فقط ڏيل جي معنيٰ ۾ استعمال ڪيو آهي. والله اعلم. (مترجم)

مقرر هئي آن جي هو پوئواري ڪندا رهن. [۱۰]

راءِ ساهسي ٻن سيهرس کي رام نالي هڪ وزير هو، جنهن کي خود مختار بنائي سمورو ڪاروبار سندس حوالي ڪيو هئائين، ۽ هو پڻ ضروري ڪمن جي جوڙجڪ ۾ اهڙي تہ قسم جو غور ڪندو هو، جو ذرو بہ پوئتي رهبو يا گهٽ وڌ نہ ٿيندو هو. جنهنڪري راءِ ساهسيءَ کي ايتري تہ دلجاءِ هوندي هئي، جو هو رات ڏينهن بي فڪر ٿيو حرمسراءِ ۾ عيش ۽ خوشيءَ ۾ ڏينهن گذاريندو هو. جيڪڏهن ڪڏهن ڪو ضروري ڪم ٿي پوندو هو يا سرحد جي اميرن طرفان ڪي خط پٽ ايندا هئا تہ رام وزير راءِ ساهسيءَ جي حرمسراءِ ۾ وڃي، ضروري گذارش ڪندو هو.

اوچتو هڪ ڏينهن رام وزير مجلس ۾ ويٺو هو جتي برهمڻ ۽ ۽ هوشيار ماڻهو گڏ ٿيا هئا، تہ ايتري ۾ چچ نالي هڪ خوبصورت نهايت فصيح بليغ نوجوان حاضر ٿيو. حاضرين مجلس هن جي زبان جي فصاحت ۽ رواني‌ءَ کان حيران ٿيا. هن کان پڇيائون تہ "ڪٿان ٿو اچين، ۽ نالو ڇا اٿيئي" چيائين تہ "منهنجو نالو چچ آهي ۽ آءٌ سيلاج جو پٽ آهيان." سيلاج انهيءَ شهر جو هڪ مشهور برهمڻ هو. اهڙيءَ طرح جڏهن رام وزير جي ساڻس صحبت ٿي تہ کيس انعامن اڪرامن سان نوازيائين، ۽ کيس مالي ڪمن ۾ دخلڪار ڪري پنهنجو نائب بنايائين. هو حساب جو علم، سنڌي ۽ هندي ٻولين ۽ اکر چڱيءَ طرح ڄاڻندو هو. ٿورن ڏينهن کان پوءِ پوري واقفيت پيدا ڪري، ملڪي ۽ مالي ڪم چڱيءَ طرح پورو ڪندو رهيو. سندس بخت جي ستاري زور وٺي کيس انهيءَ حد تي پهچايو، جو رام وزير جو رڳو نالو وڃي رهيو. اوچتو رام وزير بيماريءَ ۾ گرفتار ٿي بستري تي پئجي رهيو. هڪ ڏينهن راءِ ساهسي محل ۾ اندر وڏو جشن تيار ڪري خوشيءَ ۽ عيش ۾ مشغول هو تہ ايتري ۾ **ديبل جي سرحد** کان ڪي [۱۱] خط پهتا، جن جو جواب ضروري هو. دربان اهي خط راءِ ساهسيءَ وٽ پهچايا. هن کي انهيءَ مجلس مان ٻاهر اچڻ ڏکيو لڳو

تنهنڪ ي حڪم ڪيائين ته تخت جي آڏو پردو تنگي چچ کي اندر سڏيو وڃي. راڻي سوهنديو (يءَ) چيو ته هو برهمڻ آهي، سو ڪانئس ايترو ملاحظ ۽ پردو ڇا جو؟ هن کي اندر سڏڻ گهرجي. چچ جڏهن تخت جي سامهون حاضر ٿيو، تڏهن دعا ۽ تعريف ڪري، جيڪي خط سرحد کان آيا هئا سي پڙهيائين ۽ مضمون عرض ڪرڻ کان پوءِ جواب حاصل ڪري، هڪ اهڙو خط تيار ڪيائين، جو پڙهي راءِ ساهسي خوش ٿيو، ۽ هن کي هڪ قيمتي سروپاءِ انعام ڏنائين، ۽ آئنده لاءِ حڪم ڪيائين ته هو محل ۾ اندر اچي ضروري ڪم عرض ڪندو رهي. راڻي سوهنديو (يءَ) ڏسڻ سان، چچ جي حسن ۽ جمال تي جڙي ٿي، سندس وصال جي خواهان ۽ سندس ميلاپ جي گهوري ٿي. نيٺ هڪ ڏوتي هٿ ڪري چچ ڏانهن موڪلي دل جو راز ظاهر ڪيائين. چچ انڪار ڪندي چيو ته مان برهمڻ آهيان، سون کان خيانت نه ٿيندي، خصوصا بادشاه جي حرم ۾، جاڪاڻ ته انهيءَ ۾ ساه جو خوف ۽ گهر تڙ جي ويرانيءَ جو ڊپ آهي. ليڪن راڻيءَ جي دل تي عشق غالب ٿي ويو هو، سندس آرام، قرار، ڪاڏو ۽ پيتو ڇڏائجي ويو هو، سا بي آراميءَ کان اڌ ڪنل پڪيءَ وانگر ڦٿڪڻ لڳي. آخر هيءَ راز عام ماڻهن جي زبان تي آيو، ۽ ڪن خود مطلب ماڻهن هيءَ حقيقت راءِ ساهسيءَ جي ڪن تي آندي، جنهن تي هن فرمايو ته چچ ايماندار ۽ برهمڻ ماڻهو آهي، هن کان اهڙو ڪم نه ٿيندو.

قصو ڪوتاهه ڪجهه وقت ائين گذريو. آخر راءِ ساهسيءَ جو اجل قريب ٿيو ۽ راءِ ساهسي بيمار ٿي پيو. حڪيمن ۽ طبيبن سندس علاج ۾ نهايت [۱۲ـ] ڪوشش ڪئي پر ڪو فائدو ظاهر نه ٿيو. جڏهن راڻيءَ راءِ ساهسي جي پيشانيءَ جي آئيني ۾ موت جا نشان ڏٺا ۽ سندس حياتيءَ کان نا اميد ٿي، تڏهن چچ کي گهرائي ڪيس ساهسيءَ جو احوال کولي ٻڌايائين، ۽ هن جي

سرڪشن کي قتل ڪري پنهنجا مطلب حاصل ڪيا. ٻئي ڏينهن راڻي سوهنديو (ٻيءَ) راءِ ساهسيءَ جو لاش ڪڍي پنهنجي طريقي موجب ساڙايو، ۽ پوءِ سندس حڪم سان چچ کي تخت تي ويهاري سندس سر تي تاج رکيائون.

## چچ جو حڪومت جي تخت تي ويهڻ ۽ شادي ڪرڻ جو بيان.

جڏهن اميرن جي اتفاق سان چچ حڪومت جي تخت تي ويٺو ته خزاني جا دروازا کولي عام سخا جو اعلان ڪيائين، ۽ عام خاص ماڻهن کي بهره ياب ڪري پنهنجي احسان جي دام ۾ ڦاسايائين. سپاهين جي پگهار وڌايائين ۽ رعيت جي دل گهٽايائين، جنهنڪري ملڪ ۾ نئين قسم جي آبادي ۽ سهڻي ٿي. پوءِ راڻيءَ کي پنهنجي دستور موجب نڪاح ۾ آندائين. جڏهن ملڪ ۾ هيءَ خبر چوڌاري پکڙي ويئي، تڏهن جوڌپور ۽ چتور جي طرف کان راءِ ساهسيءَ جا مائٽ ملڪ ۽ ميراث وٺڻ لاءِ اٿي کڙا ٿيا، ۽ وڏو لشڪر گڏ ڪري لڙائيءَ جو ارادو ڪيائون. هن لشڪر جو اڳواڻ راڻو مهرت چتوري هو. هو جڏهن جيسلمير جي پسگردائيءَ ۾ پهتو، تڏهن چچ ڏانهن خط لکيائين ته تون برهمڻ ماڻهو آهين، حڪومت جو ڪاروبار تو کان نه هلي سگهندو، ۽ لڙائيءَ جي مهم [۱۴] کي تون پڄي ڪين سگهندين، تنهنڪري بهتر آهي ته پاسو ڪري وڃ، ۽ هرويرو پاڻ کي موت جي اوڙاهه ۾ نه اڇل. چچ هيءُ خط راڻيءَ وٽ کڻي ويو ۽ ان جو مضمون کيس پڙهي ٻڌائي چيائين ته ”قوي دشمن اچي سهڙيو آهي، ڪهڙي صلاح آهي؟“ راڻيءَ جواب ڏنو ته: جنگ جي رٿن کي مرد چڱيءَ طرح ڄاڻندا آهن، جيڪڏهن تون ڊڄين ٿو ته پنهنجا ڪپڙا مون کي ڏي، ۽ منهنجا ڪپڙا تون پاءِ ته آءٌ ٿي وڃي دشمنن سان ٻوري ٻوان. چچ شرمندو ٿي ڪنڌ کڻي هيٺ ڪيو. تڏهن راڻيءَ چيس ته:

بيشمار خزانا ۽ ڀوريل مال تنهنجي هٿ چڙهيا آهن، ماڻهن کي گهڻو سون عطا ڪر ته هو تنهنجا خواهان ٿي تنهنجي ڇٽ هيٺ اچي جمع ٿين. ڇچ ٻيو دفعو خزاني جا دروازا کولي تمام گهڻو مال لشڪر ۾ تقسيم ڪيو، ۽ جنگ جي تياري ڪري مقابلي ۽ لڙائيءَ جو ميدان سينگاريائين. ايتري ۾ راڻو مهرت به اچي الور جي ٻاهران پهتو. هن خبر پڌڻ تي ڇچ پڻ لشڪر سينگاري ٻاهر نڪتو. جڏهن ٻئي لشڪر هڪٻئي جي دوبدو ٿيا، تڏهن راڻي مهرت هڪل ڪري چيو ته: اي ڇچ! هي لشڪر تباهيءَ ۽ برباديءَ جي منهن ۾ ڇو ٿا اچن، جڏهن لڙائيءَ جون ڏريون تون ۽ مان آهيون؟ اچ ته جنگ جي ميدان ۾ نڪري لڙائي ڪريون، جيڪڏهن تون مون کي ڪهنديں ته تنهنجو مقصد از خود حاصل ٿي ويندو، ۽ منهنجو لشڪر ۽ نوڪر تنهنجي ملڪيت ٿي پوندا، ۽ جيڪڏهن مان غالب ٿيندس، ته ملڪ ۽ مال منهنجي ملڪيت ٿيندو. ڇچ هيءَ ڳالهه قبول ڪري بهادريءَ سان اڳتي وڌيو. هوڏانهن راڻو مهرت به پنهنجيءَ صف سان نڪري پيادو ٿيو. ڇچ پڻ گهوڙي تان لهي پنهنجي ڪنجڪيءَ کي حڪم ڪيو ته گهوڙو آهستي آهستي هن جي پويان ڪاهي اچي. جڏهن ٻئي هڪ ٻئي کي ويجهو آيا، ۽ هڪ ٻئي تي تلوارون ۽ نيزن جو حملو ڪرڻ چاهيائون، ته ڇچ جي ڪنجڪي هڪدم سندس گهوڙو آڻي اڳيان سندس بيهاريو، ۽ هن ڦڙتائيءَ سان گهوڙي تي چڙهي تلوار ڪڍي راڻي مهرت جي سر تي اهڙيءَ طرح هنئين، جو هڪ ئي ڌڪ سان سندس ڪم پورو ڪري ڇڏيائين. راڻي مهرت جو لشڪر هي حال ڏسي [١٥] پٺي ويو. ڇچ انهن جي پٺيان ٻئي، گهڻن کي قتل ڪري ڇڏيو، باقي کي ٿورا نڪري ويا. (ڇچ) اهو ڏينهن جنگ جي ميدان ۾ رهي، ٻئي ڏينهن اروڙ موٽي آيو. شهر جي سيني ماڻهن بازارين کي سينگاريو ۽ ڇچ نهايت دٻدٻي سان اروڙ ۾ اچي ملڪ ۽ مال جو مالڪ ٿي ويٺو. انهيءَ ئي سال وڏو لشڪر گڏ ڪري پنهنجي ملڪ جي حدن جو سير ڪيائين،

۽ سرحدن بابت د لجاءِ ڪري اچي پنهنجي تختگاهه ۾ آرامي ٿيو. راڻي سوهنديو (پيءُ) سان ڪيس ۽ پٽ ڏاهر ۽ ڏهرسين ۽ هڪ نياڻي ٻائي ناليپيدا ٿي. ٿورن سالن کان پوءِ چچ پڻ حياتيءَ جو سفر پورو ڪري، ساهه روحن جي مالڪ جي حوالي ڪيو، ۽ ڪانئس پوءِ سندس وڏو پٽ ڏاهر سندس جاءِ نشين ٿيو.

## ڏاهر بن چچ جو پنهنجي پيءُ جي تخت تي ويهڻ جو بيان

جملي ماڻهن جي اتفاق سان ڏاهر بن چچ پيءُ جي موروثي تخت تي ويٺو، ۽ عدل ۽ انصاف جو طريقو اختيار ڪري، سپاهين ڪي سون سان ۽ رعيت کي رعايت سان خوش رکيائين. ملڪ جا سڀ ماڻهو سندس فرمانبردار ٿيا. ڏاهر بادشاهيءَ کان هڪ سال پوءِ ايرندي ملڪ ڏانهن روانو ٿيو، ۽ انهيءَ سرحد تي پروسي جوڳو ماڻهو مقرر ڪيائين. انهيءَ پاسي کان د لجاءِ ڪرڻ کان پوءِ چتور ڏانهن متوجهه ٿيو، جتان الهندي طرف وجي اتاهون جا ضروري ڪم پورا ڪري، اتان وري برهمڻ آباد ۾ پهتو، جتي ڪجهه ڏينهن ترسي، اتي جي حڪومت پنهنجي پاءُ ڏهرسين جي حوالي ڪري، ڪيچ ۽ مڪران ڏانهن يلغار ڪيائين، ۽ اتي ڇهه مهينا گذاري [١٦] ڪرمان جي حاڪم سان محبت جو بنياد پڪو ڪري، پنهنجي تختگاهه ڏانهن واڳ واريائين. جڏهن الور کي قريب پهتو، تہ شهر جا ننڍا خواهه وڏا ماڻهو راءِ ڏاهر کي موتي اچڻ جي مبارڪ ڏيڻ ۽ استقبال ڪرڻ لاءِ ٻاهر نڪري سندس خدمت ۾ حاضر ٿيا، ۽ مهربانيون ۽ انعام لڌائون. برهمڻ ۽ نجومين حاضر ٿي شهر ۾ اندر اچڻ جي ساعت بابت ويچار ڪري چيو تہ ”اسان تنهنجي پاءُ ۽ پيڻ جو طالع معلوم ڪرڻ تي چئون ٿا تہ بالفعل تنهنجي يا تنهنجي پاءُ جي ستاري ۾ ڪا نحوست ڪانہ ٿا ڏسون، ليڪن تنهنجي

پيءُ راڻي ٻائيءَ جي ستاري جي تقاضا آهي، ته هوءَ اهڙي ماڻهوءَ جي نڪاح ۾ ايندي، جو هن بادشاهيءَ ۽ تخت جو مالڪ هوندو، ۽ راڻي ٻائي هن شهر کان ٻاهر ڪاڻ، ويندي.“ راءِ ڏاهر هن خبر کان غمناڪ ۽ متفڪر ٿيو. آخر شهر ۾ اچي ٻه-ٽي ڏينهن لاڳيتا عام دربار ڪيائين، ۽ تخت جي ضروري ڪمن ڏانهن توجهه، ڪري انهن کان واندو ٿيو، پر نجومين جي سخن جو خطره سندس دل ۾ پئي چڀيو، ۽ هن فڪر کان هڪ گهڙي به آرام نه ٿي آيس. نيٺ نجومين کي ٻيو ڀيرو سڏي سعد ۽ نحس ستارن جي بيهڪ ۽ پنهنجي پاڻ ۽ ڀيڻ جي ستاري بابت پڇيائين. نجومين ڪيس حال جي حقيقت کولي ٻڌائي، جنهن تي ڏاهر پيءُ جي وزيرن ۽ معتبر ماڻهن کي نجومين جي روبرو سڏي ساڻن مشوره ڪرڻ شروع ڪيو، ۽ چيائين ته ”ملڪ ۽ بادشاهي ڇڏڻ ڏکيو آهي، تنهنڪري منهنجيءَ مرضي آهي ته مان پنهنجي ڀيڻ نڪاح ۾ آڻيان، ته جئن منهنجي حڪومت دائم ۽ قائم رهي، ۽ ملڪ ۾ ڪو به قصور ۽ سستي پيدا نه ٿئي!“ هيءَ ڳالهه ٻڌڻ سان سندس ماڻهن توبهه، توبهه، ڪئي، ۽ داڻهون ڪري چوڻ لڳا ته ”مٿان اهڙي خواهش ڪئي اٿيئي، ڇاڪاڻ ته هن ڪم جي ڪري اسان کي وڏو ٽڪو لڳندو، ۽ ساري خلق اسان کي لعنت ملامت ڪندي، طعنا هڻندي، ماڻهو اسان کي پنهنجي دين ۽ برادريءَ کان ٻاهر ڪڍي ڇڏيندا، ۽ انهيءَ ڪري بادشاهيءَ ۾ چؤطرف اهڙا فتنا ۽ فساد ظاهر ٿيندا، جو اسان سڀ انهن کي دفع ڪرڻ کان عاجز ٿي پونداسين.“ هن سچيءَ ڳالهه ٻولهه، ڏاهر تي ڪو به اثر [۱۷] نه ڪيو. نيٺ ٿورن ڏينهن کان پوءِ، ملڪ جي مکيه ماڻهن کي حاضر ڪرائي، پنهنجي ڀيڻ راڻي ٻائيءَ کي پنهنجي نڪاح ۾ آڻڻ جو فيصلو ڪيائين. پوءِ هڪ رات ڳجهه ڳوهه ۾ برهمڻ گڏ ڪري، پنهنجي طريقي موجب پنهنجي چادر جو پلاند پنهنجيءَ ڀيڻ جي چادر سان ٻڌي ٻاهه جي چوڌاري ڦيرا ڏيئي وچي تخت تي ويٺا، ۽ ساري رات گڏ

قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو. نيٺ شام جو سندس ماءُ شهر جي مکيہ ماڻهن سان گڏجي ڏاهرسين وٽ ويئي، ۽ وڃي نصيحتن ۽ هدايتن سان ڪيس تسلي ڏيئي چيائون ته ”ڏاهر، هيءُ ڪم نفساني خواهش پوري ڪرڻ لاءِ نہ ڪيو آهي، بلڪ نجومين جيڪي منحوس ڳالهيون راڻي ٻائيءَ جي ستاري ۾ معلوم ڪيون هيون، تن جي وهم دفعي ڪرڻ لاءِ ائين ڪيو اٿس. عام ماڻهن وٽ هي عذر مقبول آهي، تون پڻ ڀاءُ جي مخالفت کان باز اچ، ۽ گڏ ريل دستور مطابق اطاعت ۽ موافقت ڪندو رهہ.“ ڏاهرسين ماءُ ۽ قريبن جو عرض اگهايو، ۽ ٻئي ڏينهن هاٿيءَ تي سوار ٿي، قلعي جي هيٺان اچي ڏاهر جي محلات جي برابر بيٺو، ۽ سلام ڪري ڀاءُ جي تعظيم جا آداب بجا آندائين. راءِ ڏاهر اندر اچڻ جي استدعا ڪئي، پر ڏاهرسين چيو ته ”مون تنهنجي گهر اچڻ ۽ ويهڻ کان قسم کنيو آهي، باقي جيڪڏهن تون ٻاهر نڪري مون وٽ تشريف فرما ٿيندين ته مهربانيءَ کان بعيد نہ ٿيندو.“ راءِ ڏاهر انهيءَ ئي گهڙيءَ ڀاءُ جي ملاقات لاءِ ٻاهر نڪرڻ چاهيو، مگر جنهن صورت ۾ بيگاهہ ٿي چڪو هو، تنهنڪري ٻئي ڏينهن ملاقات ڪرڻ جو فيصلو ڪيائين. ٻئي ڏينهن صبح جو ڏاهر گهٽيءَ جماعت سان ڀاءُ جي ملاقات لاءِ نڪتو، ۽ جڏهن هيءَ خبر ڏاهرسين جي ڪن پيئي، تڏهن ڀاءُ جي استقبال لاءِ روانو ٿيو، اندازا هڪ گز جي مفاصلي تي گهوڙي تان لهي ڀاءُ جا پير چميائين. ڏاهر پڻ ڀائپيءَ واري مهرباني ۽ نوازش ڪم آڻي گهوڙي تان لهي پيو، ۽ ڀاءُ کي [١٩] ڀاڪر ۾ وٺي سندس مٿو ۽ منهن چميائين، ۽ ساڻس هٿ هٿ ۾ ڏيئي تنبوءَ ۾ داخل ٿيو، ۽ گهڻو وقت هڪٻئي سان ويهي مخصوص احوال اوريائون. شام جو راءِ ڏاهر پنهنجيءَ جاءِ ڏانهن روانو ٿيو. ڀاءُ جي موٽي وڃڻ کان ڏاهرسين جي بدن تي تپ جو اثر ظاهر ٿيو، جنهن جي گرميءَ ۽ شدت کان سڄي بدن تي قلڪتا ٿي پيا. آخر چوٿين ڏينهن ٻئي جهان ڏانهن راهي ٿيو.

جڏهن ڏهرسين جي سوٽ جي خبر راءِ ڏاهر کي پهتي، تڏهن ڏاڍو غمگين ٿي پاڻ جي منزل ڏانهن ڊوڙيو، ۽ هن خبر جي تحقيق ڪرڻ لاءِ ڪي خاص ۽ رازمحرم ماڻهو اڳ ۾ موڪليائين. هو جڏهن ڏهرسين جي تنبوءَ وٽ پهتا ته پاون ڪي مٿي اگهاڙو ڏٺائون، تنهن کان پوءِ ڏاهر جي ماڻهن کي اندر نيئي ڏهرسين جي منهن تان پردو ڪنيائون، جنهن تي ڪين ڏهرسين جي مري وڃڻ جي پڪ ٿي، ۽ هو رئندا رڙندا ڏاهر وٽ آيا. هو مٿي ۽ پيرن اگهاڙو پاڻ جي جاءِ تي آيو. سندس لاش کڻي وڃي انهيءَ غار ۾ ساڙيائين جا ساڙڻ لاءِ مقرر هئي، ۽ ماتم جون رسمون بجاءِ آندائين. ماتمداريءَ کان فارغ ٿي برهمڻ آباد جي قلعي ۾ ويو جو ڏهرسين جي رهڻ جي جاءِ هو، ۽ برهمڻ آباد ۾ پنهنجا اعتماد جوڳا ماڻهو مقرر ڪري، هن جا ماڻهو پاڻ سان وٺي، الور تختگاهه ڏانهن موٽيو، ۽ ڪيترا سال حڪومت ۽ بادشاهيءَ جون واڳون مضبوطيءَ سان سندس قبضي ۾ رهيون.

## محمد بن قاسم جي هٿان سنڌ جي فتح ٿيڻ ۽ ڏاهر جي ڪسڻ جو بيان

قاضي اسماعيل بن علي بن محمد بن موسيٰ بن طائي سنڌ جي فتح جي تاريخ ۾ هن طرح روايت ڪئي آهي، ته "وليد بن عبدالملڪ جي خلافت واري زماني ۾ حجاج بن يوسف ثقفيءَ محمد بن هارون ۽ هڪ جماعت کي دارالسلام بغداد کان ڪيچ ۽ مڪران ڏانهن موڪليو. هنن [٢٠] مڪران جي پسگردائيءَ ۽ بحر قلزم جو ڪنارو تابعدار ڪيو. تنهن کان پوءِ سنڌ جي فتح ڏانهن متوجهه ٿي، سدائين سنڌ جي ماڻهن جي حالت جي پڇا ڳاڇا ڪندا رهيا. جيڪو ٿورو گهڻو سامان ۽ ٻانهيون خريد ڪرڻ لاءِ دارالخلافت کان سنڌ جي ڪناري ڏانهن آيو هو، جن جو ٿورو ذڪر مٿي گذريو آهي، سي هنن جا همراهه ۽ رهبر ٿيا. قصو ڪوتاهه سن ٩٢ هه ۾ حجاج بن يوسف جو سوٽ ۽ داماد محمد بن قاسم

اسلام جو لشڪر وٺي بدلي وٺڻ لاءِ سنڌ ڏانهن روانو ٿيو، ۽ ڪجهه وقت ڪرمان ۾ رهي لشڪر جو بندوبست، جنگ ۽ قلعي پٽڻ جا اوزار ۽ هٿيار تيار ڪري ڪيچ ۽ مڪران ۾ پهتو، جتان سنڌ جي فتح ڪرڻ لاءِ روانو ٿيو. جڏهن اسلامي لشڪر جي خبر ڏاهر کي پهتي، تڏهن اراده ڪيائين ته اڳتي وڌي مڪران هي سرحد وٽ اسلامي لشڪر جو مقابلو ڪري، پر ملڪ جي مکيه ماڻهن کيس چيو ته ”هيءَ عربن جو لشڪر آهي جو غصي، ڪاوڙ تعصب ۽ ديني دشمنيءَ جي ڪري آيل آهي تنهنڪري صبر ۽ تحمل ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن هيءَ لشڪر رڳو قرلت ڪري اسان کان ٽري وڃي ته بهتر، نه ته، هيءَ صورت ۾ ڪا تدبير ڪرڻ گهرجي ۽ خزاني جو گهڻو مال هن لشڪر تان گهوري پنهنجي ملڪ کي هن فتني کان بچائي وٺجي. ڏاهر کي هيءَ ڳالهه پسند آئي، ۽ وچڻ بند ڪيائين. نيٺ اسلام جي لشڪر گهوڙا هڪلي نيرون ڪوٽ جي قلعي جي ٻاهران پهچي اچي لڙائيءَ جي ٻاهه ٻرڪائي، ۽ انهيءَ قلعي جو محاصرو ڪري لڙائي جهڳڙي کان پوءِ انهيءَ کي فتح ڪري، ڪافرن جو وڏو حصو قتل ڪيائون، ۽ منجهانئن باقي رهيل، ملڪ جي تختگاهه اروڙ ڏانهن، ڀڄي ويا. اسلام جي لشڪر فتحمند ٿي لٽي جي فتح ڪرڻ ڏانهن واڳ ڦيري، ۽ ٿوري وقت ۾ لٽي کي پڻ مطيع ڪيائون، ۽ مسلمان قيد ين کي ڇڏائي، حجاز ڏانهن روانو ڪيائون. اتان الور جي تختگاهه جو اراده رکي [٢١] سيوستان جي ٻاهران پهتا، ۽ انهيءَ سر زمين تي اهڙي لڙائي ٿي، جنهن جي شدت جي بيان کان قلم ۽ زبان قاصر آهن. قصو مختصر، ٻن جنگين ۾ ڪافر غالب ٿيا، ۽ ٽينءَ جنگ ۾ فتح جا سهرا مسلمانن جي سر تي ٻڌا ۽ ڪافر هارائي ڀڳا. محمد بن قاسم سيوستان جو قلعو فتح ڪري، سيوستان جي پسگردائيءَ جي انتظام جو بندوبست ڪيو جيڪو برهمڻ وزير مسلمانن جي امان هيٺ آيو هو، تنهن کي پنهنجي ماڻهن سان لٽي ۽ نيرون ڪوٽ ڏانهن روانو ڪري اتي جو ڪاروبار سندس

عقل ۽ سمجهه تي ڇڏ يائين. ڇنا ماڻهو اسلام جي لشڪر جي خبر ٻڌي لائق تحفا ساڻ ڪري اچي محمد بن قاسم جي خدمت ۾ حاضر ٿيا، ۽ فرمانبرداريءَ ۽ دل قبول ڪري موٽي ويا. اهو ئي سبب آهي جو اسلام جا فقيہ پاريچي زمين ڪي، جيڪا چنن جي هٿ ۾ هئي، عشري چون ٿا.

نقل آهي تہ جڏهن محمد بن قاسم سيوستان جي ويجهو اچي لٿو هو، تڏهن چنن هڪ ماڻهو جاسوسيءَ واسطي موڪليو هو. هن نماز جي ٻانگ وقت اسلامي لشڪر ۾ حاضر ٿي لشڪر جي حالت جي جاچ ٿي ڪئي، ۽ انهيءَ وقت نماز ادا ڪرڻ لاءِ صفون ٻڌجي ويون هيون. محمد بن قاسم جماعت جي امامت ڪري رهيو هو ۽ جماعت سيني رڪنن ۾ امام جي تابعداري ٿي ڪئي. جاسوس، هيءَ حالت ڏسي موٽي ويو ۽ چنن کي وڃي ٻڌايائين ۽ چيائين: ”خدا جو قسم مان هن قوم کي اهڙو متفق ڏٺو آهي، جو جنهن ٻہ ڪم ڏانهن رخ ڪندا تہ اهو ضرور پورو ڪندا،“ ۽ قوم جڻن نماز ۾ پنهنجي امام جي تابعداري ڪري رهي هئي سا هنن سان بيان ڪيائين. ٻڌڻ سان چنن ماڻهن جي دلين ۾ رعب، پيدا ٿيو ۽ سيني اچي مسلمانن جي تابعداري ڪئي، ۽ چنن جي، قوم پهرين قوم آهي جن سنڌي راڄن (١) مان پنهنجي خوشيءَ سان ايمان آندو. چون ٿا تہ جنهن وقت چنا ماڻهو محمد بن قاسم جي خدمت ۾ آيا انهيءَ وقت امير جي مجلس ۾ ڪاڏي لاءِ دسترخوان وڇايو هئائون، (جنهن تي) امير فرمايو تہ هيءَ جماعت

(١) اصل ۾ لفظ ”تمنان“ آهي جنهن تي فاضل ايڊيٽر پڻ سوال جي نيشاني ڏيئي ڇڏي آهي. اسان هن لفظ جو ترجمو ”راڄ“ ڪيو آهي ڇاڪاڻ تہ پارسي ڊڪشنرين ۾ تمن لفظ جي معنيٰ آهي ڏهہ هزار ۽ تمندار معنيٰ آهي ڏهن هزارن ماڻهن جو سردار ۽ تومن لفظ جي معنيٰ آهي حڪومت جو اهڙو ضلعو جنهن مان ڏهہ هزار سپاهي ملي سگهن. (مترجم)

دروازي جي سامهون موڪلي قلعي وارن کي ڏاهر جي ڪسي وڃڻ کان واقف ڪيائون، مگر قلعي وارن ڪين مڃيو. هيءَ خبر ڏاهر جي زال لاڏيءَ جي ڪن پيئي ته بي اختيار ٿي دروازي وٽ پهتي، ۽ پانهين کان ڏاهر جو احوال پڇيائين. پانهين رئندي ڪيس ڏاهر جو سر ڏيکاريو. ڏسڻ شرط پاڻ کي قلعي کان هيٺ سٽيائين، ۽ قلعي ۾ وڏو گوڙ پيدا ٿي ويو. ڪافرن لاچار ٿي قلعي جا دروازا کوليا. يارهين رمضان، سن ٩٣ هجري، جمع ڏينهن مسلمانن جو لشڪر قلعي ۾ داخل ٿيو. خزانن، دفينن، نوڪرن چاڪرن جو حساب ڪري قيس جي حوالي ڪيائون، ۽ بتخاني جي صحن ۾ ممبر رکي خطبو ۽ جمعي جي نماز پڙهيائون. تنهن کان پوءِ محمد بن قاسم شوال مهيني جي ابتدا ۾ خزانن، مال، شين ۽ قيدين جي لکپڙهه ڪري، اهي ٻن سون سوارن جي نظرداريءَ ۾، قيس جي هٿان، ڪيچ مڪران جي رستي دارالسلام بغداد ڏانهن موڪليا. حجاج حقيقت کان واقف ٿي ڏاڍي خوشي ڪئي، ۽ سڀ شيون شام، خليفي ڏانهن ڏياري موڪليائين. خليفي جي خدمت ۾ حاضر ٿي جڏهن قيس ڏاهر جو ڇٽ ۽ جهنڊا پيش ڪري، فتح، لڙائين ۽ ٻين واقعات جو مفصل ۽ چٽو احوال عرض رکيو، تڏهن خليفي خوش ٿي محمد بن قاسم کي قيمتي خلعت ۽ ٻين انعامن سان نوازيو ۽ هڪ فرمان جاري ڪيو ته سنڌ جي فتح تي اڪتفا ڪري اڳرندي طرف ڏانهن توجهه نه ڪرڻ اسلامي لشڪر [جي همت] کان بعيد ٿو ڏسجي. بالفعل ڏاهر جي سموري بادشاهيءَ تي قبضو ڪرڻ گهرجي. هن فرمان پهچڻ تي محمد بن قاسم برهمڻ آباد [٢٦] فتح ڪري سنڌ ملڪ تي مال ۽ ڍل مقرر ڪئي، ۽ اڳوڻي دستور موجب ڍل جي وصولي ۽ معاملات جي فيصل ڪرڻ لاءِ برهمڻ مقرر ڪيائين. ٿريءَ (١)

(١) فتحنامه (چچنامه) ۾ "سارندڙي" آهي، جو بتحقيق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ تعلقي نواب شاهه ۾ هڪ قديم گوٺ آهي ۽ هينئر "ساوڙي" جي نالي سان مشهور آهي. (مترجم)

جي آسپاس ۾ رهندڙ سما ماڻهو گڏجي گهڻن دهلن ۽ شرنائين سان محمد بن قاسم جي خدمت ۾ آيا. پڇيائين ته هي ڪير آهن؟ برهمڻن ٻڌايو ته هي گهٽ ذات وارا آهن ۽ حاڪمن جي ڏسڻ لاءِ هن نموني سان ايندا آهن. انهن کي پڻ جاگير جو ٽڪر ڏيئي روانو ڪيائين. ۽ ساڳيءَ طرح علي بن محمد بن عبدالرحمان سليطيءَ جي صلاح تي لوهاڻا، سهتا، چنڊ(٢)، ماڇي، هاله (٣) ۽ ڪوريچا پڻ آيا. هي سڀ مڙس ۽ پيرن اگهاڙا پناهه وٺڻ آيا هئا. انهن کي پناهه ڏيئي حڪم ڪيائين ته جڏهن به مسلمان هتان کان دارالخلافت (اسلامي تختگاهه) ڏانهن ويندا يا دارالخلافت کان الور ڏانهن ايندا، تڏهن انهن جو رهبر ۽ سونهون ٿيڻ هنن ماڻهن جو ڪم ٿيندو.

سن ٩٤ هه جي اوائل ۾ ڏاهر جا پٽ بهادرن جو هڪ دستو ساڻ ڪري اڇي اسڪندره جي قلعي ۾ قلعي بند ٿي ويٺا. هي قلعو نهايت مضبوط هو. هنن اتان اڇي سنڌ جي ڪن پرڳڻن کي لٽيو. محمد بن قاسم هن خبر ٻڌڻ تي اوڏانهن روانو ٿيو ۽ انهيءَ قلعي وٽ پهچي محاصرو شروع ڪيائين. ٿوري وقت کان پوءِ اناج جي کوٽ سبب تڪليف پيدا ٿي ۽ اسلامي لشڪر گوشت تي وقت گذارڻ لڳو. محمد بن قاسم ڪي داناءَ ماڻهو ڏاهر جي پٽن ڏانهن موڪلي کين مهربانيءَ ۽ رعايت جو دلاسو ڏنو، جنهن تي هنن جواب ڏنو ته اسان کي يقين آهي ته راجا ڏاهر

(٢) اصل ۾ "جندر"، نسخي "ف" ۾ "چندر" ۽ نسخي "م" ۾ "جدر" آهي. اسان جي خيال ۾ اهو لفظ سنڌي چنڊ جي برابر آهي ۽ جنهن صورت ۾ چنڊ ذات جا ماڻهو سنڌ ۾ موجود آهن تنهڪري اسان سنڌي ترجمي ۾ چنڊ لکيو آهي. (مترجم)

(٣) اصل ۾ "هالير" آهي ۽ نسخي "م" ۾ هاله. جنهن ته اسان جي خيال ۾ "هاله" وڌيڪ صحيح آهي تنهنڪري اسان سنڌي ترجمي ۾ "هاله" قائم رکيو آهي. (مترجم)

ديبالپور جي ڪوٽ جو والي بنايائين، جو درياءَ جي ڪناري تي هڪ وڏو قلعو هو. جڏهن ملتان کان ديبالپور روانو ٿيو هو ته انهيءَ وقت محمد بن قاسم جي جهنڊي هيٺ اٽڪل پنجاهه هزار پيادا ۽ سوار ماڻهو گڏ ٿي چڪا هئا. هر طرف تي فوج مقرر ڪيائين. اسلام جو لشڪر قنوج جي سرحد تائين پهتو ۽ انهيءَ ملڪ جي راجائن ۽ شهزادن سڀني اسلام جي فرمانبرداريءَ ۾ اچي [٢٨] دارالخلافت جي ملازمن کي هر سال مال ۽ ڏل، بلاعذر، پهچائي ڏيڻ قبول ڪئي.

محمد بن قاسم هر طرف ۽ هر شهر ۾ اعتماد جوڳا ماڻهو مقرر ڪري دلجاءِ سان پوئتي موٽيو ته ايتري ۾ خليفي وليد جي طرفان حڪم پهتو، جنهن جو قصو هن طرح آهي ته الور جي قلعي فتح ڪرڻ وقت محمد بن علي بن طهمان سان گڏ حبشي غلامن جي هٿان دارالخلافت ڏانهن موڪليل قيدين ۾ ڏاهر جون ٻه ڌيئر به موڪليون هيائين. هڪ رات خليفي انهن ٻنهي ڀينرن کي حرمسراءِ ۾ گهرائي حويلي جي ٻانهين جي حوالي ڪيو ته انهن جي غمخواري ڪن ۽ جڏهن رستي جي تڪليف کان آرام حاصل ٿئين، تڏهن کين خدمت ۾ حاضر ڪن. ٻن مهينن جي عرصي کان پوءِ خليفي جي حڪم سان ٻنهي سنڌي قيدياڻين کي حاضر ڪيائون ۽ ساڻن گڏ هڪ ترجمان آندائون. سندن منهن تان جڏهن نقاب هٽايائون ته خليفي هڪ ئي نظر سان انهن ٻنهي پرين جي حسن تي حيران ٿي پڇيو ته، توهان جو ناالو ڇا آهي؟ هڪ چيو ته منهنجو نالو پرمل ديو آهي ۽ ٻيءَ چيو سورج ديو. خليفي هڪڙيءَ کي بستري تي اچڻ جو حڪم ڏنو. انهيءَ تي هن اٿي عرض ڪيو ته اي باد شاهه، جي خوابگاهه جي لائق ٿي نٿي سگهان ڇاڪاڻ ته محمد بن قاسم اسان ٻنهي ڀينرن کي ٽي ڏينهن پاڻ وٽ رکي پوءِ بادشاهه ڏانهن موڪليو آهي. ترجمان انهن جي ڪلام جي مضمون کان خليفي کي واقف ڪيو. خليفو غصي ۽ غيرت کان باهه ٿي ويو.

منھنجو حڪم اڄھو ھن طرح جاري آھي. اڄو ۽ محمد بن قاسم کي اچي ڏسو. ٻنھي ڀينرن اڳتي وڌي ڏسي سڄاتو ۽ ھٿ کڻي خليفي لاءِ دعا ۽ تعريف ڪيائون [تنھن کان پوءِ] عرض ڪيائون ته عادل بادشاھ کي وڏن ڪمن ۾ تڪڙ ڪرڻ ۽ دوست خواه دشمن جي چوڻ تي جلدي ڪري حڪم ڪڍڻ نه گھرجي. خليفي فرمايو ته ھن ڳالھ جو مطلب ڇا آھي؟ چيائون ته اسان جي محمد بن قاسم سان دشمني ھئي تنھنڪري ھن تي تھمت رکي ھئيسون، ڇاڪاڻ ته اسان جو پيءُ ھن جي ھٿان قتل ٿيو، ملڪ ۽ دولت اسان جي خاندان مان نڪري ويا ۽ اسان قيدي ۽ گرفتار ٿي ڏارئي ملڪ ۾ پيونسون. بادشاھ ڪاوڙ ۾ اچي اسان جي حال جي نتيجي جي تحقيق ۽ اسان جي ڳالھ جي سچ ۽ ڪوڙ معلوم ڪرڻ کان سواءِ ھڪدم حڪم صادر فرمايو، حالانڪ محمد بن قاسم اسان جي پيءُ ۽ ڀاءُ جي بجاءِ ھو ۽ ھن جو ھٿ اسان جي پاڪ دامن کي مطلقا ڪونه ڇھتو ھو. پر جڏھن پيءُ جو انتقام وٺڻ اسان جو مقصد ھو، تڏھن انھيءَ کي ھن خيانت سان منسوب [٣٠] ڪيوسين. اگرچ اسان جو مطلب ته حاصل ٿيو، پر انھيءَ ڪري خليفي جي عدالت جي طريقي ۾ نقصان ثابت ٿيو. ھنن ڳالھين ٻڌڻ تي خليفو ڏاڍو پشيمان ٿيو ۽ سندس سيني ۾ ڪاوڙ جي باھ ڀڙڪڻ لڳي. آخر سندس حڪم ڪرڻ تي ڏاھر جي انھن ٻنھي ڌين کي گھوڙن جي پڇن سان ٻڌي، شھر جي چوڌاري ڦيرائي وچي دجله ۾ اڇلايائون ۽ محمد بن قاسم کي دمشق جي قبرستان ۾ دفن ڪيائون.

روايت ڪئي اٿن ته محمد بن قاسم جي فوت ٿيڻ کان ٻه سال پوءِ، ھندستان جا ماڻھو بغاوت ڪري بي فرمان ٿيا ۽ (فقط) ديبالپور جي سرحد کان وٺي سمنڊ تائين ملڪ خليفي جي گورنرن جي تصرف ۾ رھيو. جڏھن ٩٦ ھ ۾ خليفو آخرت جي ملڪ ڏانھن انتقال ڪري ويو ۽ ڪانئس پوءِ سليمان بن عبدالملڪ خلافت جي تخت تي ويٺو، تڏھن عامر ابن عبدالله کي سند

جو حاڪم مقرر ڪيائين. انهيءَ کان پوءِ مروان بن محمد جنهن جو لقب القادر بالله هو، ابوالخطاب کي سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو، ۽ سن ١٣٣ ھ عبدالله بن محمد بن علي بن عبدالله بن عباس، جو عباسي گهراڻي جو پهريون خليفي هو ۽ ”سفاح“ جي لقب سان مشهور هو، تنهن دارالخلافت مان هڪ فوج سنڌ ڏانهن موڪلي، بني اميه جي سيني نوڪرن کي ٻاهر ڪڍي ڇڏيو. ڇئن سالن کان پوءِ عباسي (خليفي) ابو جعفر منصور هندستان لاءِ هڪ لشڪر مقرر فرمايو ۽ سن ١٧٠ ھ ۾ هارون رشيد مهدي ابوالعباس کي سنڌ ملڪ ۾ گهڻو زمانو رهيو. [٣١]

# ٻاوِ ٻيو

## انهن بادشاهن جو ذڪر جن عباسي خليفن جي گورنرن جي حڪومت کان پوءِ سنڌ ملڪ ۾ بادشاهيءَ جو جهنڊو بلند ڪيو

تاريخ نويسن لکيو آهي ته بني اميه گهراڻي وارن جي خلافت کان پوءِ عباسي خليفن جي گورنرن سنڌ ملڪ ۽ ملتان ۾ انتظام جي واڳ ورتي، ۽ هارون ۽ مامون جي زماني ۾ هندستان جو ڪجهه حصو پڻ سنڌ ن حڪومت هيٺ هو. عباسي خليفن جي گورنرن جي حڪومت، القادر بالله ابوالعباس احمد بن اسحاق بن المقتدر بالله جي زماني تي پوري ٿي. جڏهن سن ۴۱۶ ه ۾ رمضان شريف جي وچ ڌاري سلطان محمود غازي هندستان جي فتح ڪرڻ جي ارادي سان غزنيءَ جي تختگاه کان ملتان پهتو، تڏهن ملتان ۽ اُچ هٿ ڪري، القادر بالله جي گورنرن کي ڪڍي ڇڏيائين، ۽ عبدالرزاق وزير کي ڪجهه فوج ساڻ ڏيئي ملتان کان سنڌ جي تابع ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيائين، ۽ هو سن ۴۱۷ ه ۾ بکر جي معاملات کان د لجاءِ ڪري، سيوستان ۽ ٺٽي ڏانهن متوجه ٿيو، ۽ اڪثر عربن کي ڪڍي ڇڏيائين. باقي جيڪي ماڻهو عيال ۽ ٻارن ٻچن سان هئا، ۽ فضيلت ۽ چڱي حالت پڻ رکيائون ٿي، انهن جي حوالي شريعت جا عهدا ڪري، انهن جي گذران واسطي پگهارون ۽ وظيفا مقرر ڪيائين.

سن ٤٢١ هہ جڏهن سلطان محمود انتقال ڪيو، تڏهن سندس ولد ارشد سلطان مسعود غزنيءَ جي تخت تي ويهي پيءُ جي موروثي ملڪن سنڌ ۽ هندستان کي قبضي ۾ آندو. رعيتي هر سال جي مال ۽ ڏيل [٣٢] ساڳئي دستور موجب غزني جي پايي تخت ڏانهن ڪٽي ويندا هئا، ۽ جڏهن سن ٤٣٣ هه ۾ هن فاني دنيا کي الوداع چئي باقي جهان ڏانهن روانو ٿيو، تڏهن سندس پٽ سلطان مودود بادشاهيءَ جي تخت کي پنهنجي ويهڻ سان سينگاري پيءُ ۽ ڏاڏي جي تصرف هيٺ آيل ملڪ تابع ڪيا. اهو پڻ سن ٤٤١ هه ۾ عالم بقاءَ ڏانهن روانو ٿيو. ڪانئس پوءِ سلطان مجدود سندس جاءِ نشين ٿي موروثي ملڪن تي قبضو ڪيو. اجل جڏهن انهيءَ جي پڻ طلب ڪئي، تڏهن لاهور جي شهر ۾ عالم جاوداني ڏانهن راهي ٿيو. انهيءَ کان پوءِ خسرو ملڪ جو وارو آيو، جو غزنوي بادشاهن جي اولاد مان هو. هن به ڪجهه وقت ڪاميابيءَ جا پيالا پيتا. آخر سن ٥٨٣ هه ۾ سلطان غياث الدين غوور لاهور تي غالب ٿي خسرو ملڪ کي هٿ ڪيو، ۽ کيس، غزنيءَ موڪلي قيد ۾ رکيائين. جڏهن غزنوي بادشاهن جو جملي، اولاد غورين جي هٿ چڙهيو، تڏهن سڀني کي فنا جو شربت، پياريائون.

## سلطان شهاب الدين محمد بن سام غوري

سلطان غياث الدين جڏهن هندستان کان موٽي خراسان ڏانهن توجهه ڪيو، تڏهن سن ٥٩٩ هه ۾ هو پايي تخت هرات ۾ گذاري ويو، ۽ هرات جي جامع مسجد ۾ جيڪو گنبذ ٺاهيو هئائين، انهيءَ ۾ دفن ڪيو ويو.

”دو در دارد اين باغ آراسته درو بند از هردو بر خاسته
در آ از در باغ بنگر تمام ز ديگر در باغ بيرون خرام“.

[ رکي ڏو ٻ، د ر هيءَ عجب بوستان،
ٻنهي تي ذ، آ روڪ جو ڪو نشان.
اڇي هڪڙي د ر ڪان سڄو باغ ڏس
نڪر د ر ٻئي ڪان نہ پل هڪ ترس.]

باد شاهي سلطان شهاب الدين غوريءَ (ڏانهن) منتقل ٿي. هن سن ٥٩١ ھ ۾ پاڻ جي پاران هندستان تي حملو ڪري، ملتان ۽ اڇ [٣٣] فتح ڪري، قطب الدين ايبڪ جي هٿ هيٺ هڪ فوج سنڌ جي فتح واسطي مقرر ڪئي هئي، ۽ قطب الدين ايبڪ ٽن مهنن جي عرصي ۾ سموري سنڌ تي متصرف ٿي سيف الملوڪ کي سنڌ ۾ ڇڏي پاڻ دهليءَ جي تختگاهہ ڏانهن روانو ٿيو هو. هوڏانهن سلطان شهاب الدين آهستي آهستي لشڪر ملتان کان هندستان ملڪ ڏانهن نيئي رهيو هو ۽ شهر، قلعا ۽ ملڪ وٺندو ٿي ويو، ۽ نيٺ وڃي انهيءَ ملڪ جو تختگاهہ دهلي فتح ڪيائين، ۽ دهلي انهيءَ ڏينهن کان سلطان جي گاديءَ جو هنڌ ٿي، ۽ قطب الدين ايبڪ کي انهيءَ ملڪ ۾ پنهنجو جاءِ نشين مقرر ڪري پاڻ خراسان وڃڻ جو ارادو ڪري رهيو هو، تہ ايتري ۾ پنهنجي ڀاءُ سلطان معزالدين جي وفات جي خبر مليس، جنهنڪري نهايت ڏک ۾ پرجي جلدي روانو ٿيو. غزنيءَ جي شهر ۾ پهچڻ کان پوءِ لشڪر کي ترڪستان جي ٽن سالن جي سفر جي تياري ڪرڻ جو حڪم ڏنائين. انهيءَ وچ ۾ خبر پهتس تہ لاهور جي آسپاس ڪن کوکرن بي فرمانيءَ جو رستو اختيار ڪيو آهي. انهن جو دفعي ڪرڻ اهم ۽ وڌيڪ مناسب ڄاڻي اوڏانهن ڊوڙيو، ۽ گهڻن دشمنن کي انتقام جي تلوار جو شڪار ڪيائين. سوڻ وقت دميڪ جي منزل ۾ هڪڙي فدائي کوکر جي خنجر جي زخم سان شهيد ٿيو.

شهادت ملڪ بحر و بر شهاب الدين،
کز ابتدائي جهان مثل او نيامده يک.

سويم ز غرهء شعبان سال ششصد و دو،
فتاده در ده غزنين به منزل دميک.
[زمين، زمن جو شهنشاه شهاب‌الدين ٿيو شهيد،
جو ابتداي جهان کان نه ٿيو سندس کو مٽ.
ڇهه سو ٻه سال ۽ شعبان جي ٽين هئي تاريخ،
شهيد ٿيو ره، غزنين ۾ جائي دميک وٽ.]

غزنيءَ جي فتح کان وٺي آخر عمر تائين سندس بادشاهيءَ جو وقت ۳۲ سال ۽ ڪي مهينا هو. سندس وارثن مان فقط هڪ نياڻي رهي. جون ٽا تہ سون، چاندي ۽ جواهرن جو وڏو خزانو هو س. انهيءَ مان پنج سو من تہ الماس (هيرو) نڪتو، جو هڪ قيمتي جوهر آهي. ٻي روڪڙ ۽ مال جو هن تي قياس ڪري سگهجي ٿو. نَوَ ڀيرا هندستان جو سفر ڪيائين. ٻہ ڀيرا شڪست کاڌائين، باقي ٻيا ڀيرا [۳۴] ڪامياب رهيو. بادشاهہ عادل، خدا ترس ۽ خلق تي مهربان هوندو هو. عالمن ۽ صالحن جي عزت ۽ خدمت ڪندو هو.

## سلطان قطب الدين جو ذڪر

سلطان شهاب‌الدين غوري، قطب الدين ايبڪ کي دهليءَ ۾ پنهنجي جاءِ نشين بنائي خراسان ولايت ڏانهن روانو ٿيو هو. پوءِ جڏهن سندس فوت ٿيڻ جي خبر، قطب الدين ايبڪ کي، پهتي، تڏهن خود مختياريءَ جو جهنڊو بلند ڪري خطبو پنهنجي نالي تي پڙهيائين. ماڻهو کيس سلطان قطب الدين سڏڻ لڳا، ءِ هند ۽ سنڌ جي حڪومت جون واڳون سندس هٿ ۾ آيون. آخر سن ۶۰۷ ھ ۾ لاهور جي شهر ۾ پولو کيڏندي گهوڙي تان ڪري پيو ۽ وفات ڪيائين. جڏهن سال خطبو پنهنجي نالي پڙهيائين ۽ هند ۽ سنڌ سندس قبضي هيٺ رهي.

## آرام شاهہ بن قطب الدين ايبڪ جو بيان

پيءُ جي فوت ٿيڻ کان پوءِ دهليءَ جي اميرن جي اتفاق راءِ

سان بادشاهيءَ جي تخت تي ويٺو پر لائق نه هجڻ ڪري ڪيس حڪومت جي ڳاديءَ تي آرام نصيب نه ٿيو. آرام شاهه جي اميرن ڪيس حڪومت جي تخت جو لائق نه ڏسي سلطان شمس الدين التتمش ڏانهن ساڏهو موڪلي، ڪيس دهليءَ گهرائي، بادشاهه بنايو. انهن ڏينهن ۾ هندستان جو ملڪ چئن حصن ۾ ورهائجي ويو. دهليءَ جي تختگاهه جو تعلق شمس الدين التتمش سان ٿيو. اُچ، ملتان ۽ سنڌ ناصرالدين قباچه جي فرمان هيٺ آيا. لکڻؤ خلجي بادشاهن جي ضابطي ۽ انتظام هيٺ آئي، لاهور ۽ پسگردائي تاج الدين يلدز جي ماڻهن فتح ڪيا. انهيءَ وقت ۾ چنگيز خان جي هڪ فوج ناصر الدين جي لڙائي واسطي آئي. بادشاهه ناصر الدين قباچه کي [٣٥] انهيءَ لشڪر جي مقابلي جي طاقت نه هئي، تنهنڪري ملتان جي شهر ۾ قلعي بند ٿي ويهي رهيو. مغلن چاليهه ڏينهن انهيءَ جو محاصرو ڪيو. هن وقت ۾ سلطان ناصرالدين خزاني جو دروازو کولي ڇڏيو ۽ خلق کي انعام ۽ احسان سان نوازڻ سان گڏوگڏ ڏاڍي بهادريءَ ۽ مردانگي ڏيکاري. نيٺ جڏهن [مغلن جي] لشڪر کي فتح نصيب نه ٿي تڏهن لاچار موٽي ويا.

جيئن ته سنڌ ملڪ سنڌس (ناصرالدين قباچه) هٿ هيٺ هو، تنهنڪري خراسان، غور ۽ غزنيءَ جا ڪيترا مکيه ماڻهو چنگيز خان جي حادثي سبب سندس خدمت ۾ پهتا ۽ انهن سان هر هڪ کي انعام اڪرام عطا ڪيائين.

سن ٦٢٣ هه جي آخر ۾ سيوستان جي پرڳڻي تي ملڪ خان خلجي ۽ سندس ساٿي غلبو ڪري ويا، جنهنڪري ملڪ ناصرالدين قباچه انهيءَ جماعت جي شر دفع ڪرڻ ڏانهن توجهه ڏنو. ٻنهي ڌرين ۾ سخت لڙائي ٿي ۽ ملڪ خان قتل ٿي ويو.

جيئن ته ناصرالدين قباچه جي بخت جي اچي پڄاڻي ٿي هئي، سو سن ٦٢٤ هه ۾ سلطان شمس الدين التتمش اچ تي چڙهائي ڪئي. ناصرالدين قباچه بکر ڀڄي ويو، ۽ سلطان پنهنجو وزير نظام الملڪ محمد بن اسعد اچ جي محاصري تي مقرر ڪري پاڻ

دهلي موٽي ويو. نظام الملڪ ٢٨ جمادي الاول سن ٦٢٥ هه اڳاري ڏينهن اچ صلح سان وٺي ٻکر جي قلعي ڏانهن متوجهه ٿيو. ناصرالدين قباچه اتان پڻ پڄڻ جو اراد و ڪري ٻيڙيءَ ۾ وينو، ۽ جڏهن درياءَ جي وچ ۾ پهتو ته (اوچتو) سندس عمر جي ٻيڙي فنا جي درياءَ ۾ غرق ٿي ويئي.

## سلطان شمس الدين التتمش جو بيان

سن ٦٢٤ ه، ۾ نظام الملڪ محمد بن اسعد، سلطان شمس الدين جي طرفان سنڌ جي حڪومت تي مقرر ٿيو ۽ سنڌ ملڪ جو ضابطي ۽ انتظام جهڙو رکڻ گهرجي تهڙو رکي، شهرن جي آباديءَ ۽ رعيت جي آرام [٣٦] لاءِ نهايت ڪوشش ۽ محنت ڪيائين، ۽ سن ٦٣٣ هه ۾ نورالدين محمد کي سنڌ جي سنڀال تي ڇڏي پاڻ دهليءَ ڏانهن موٽي ويو. سلطان شمش الدين دهليءَ جي پايهٔ تخت ۾ ٦٣٣ ه جي ٢٦ شعبان سومر ڏينهن رحلت فرمائي ويو.

## سلطان مسعود جو بيان

سلطان مسعود شاه ابن رڪن الدين فيروز شاه بن سلطان شمس الدين التتمش سن ٦٣٩ هه ۾ دهليءَ جي بادشاهت کي پنهنجي وجود سان عزت بخشي موروثي ملڪن جو مالڪ ٿيو. سن ٦٤٣ ه، جي صفر مهني ۾ مغلن جي لشڪر جي سنڌوندي ٽپي اُچ جي سر زمين کي گهيري ڪرڻ جي خبر دهليءَ ۾ مشهور ٿي. جنهن تي مسعود شاه دشمنن جي دفع ڪرڻ ڏانهن توجهه ڪيو. مغل هن جي اچڻ جي خبر ٻڌي اچ جي ٻاهران اٿي بکر جي رستي کان خراسان ڏانهن ڀڄي ويا، ۽ سلطان مسعود شاه بکر پهچي نورالدين محمد کي موقوف ڪري سنڌ ملڪ، ملڪ جلال الدين حسن جي، حوالي ڪيو ۽ پاڻ اتان دهليءَ ڏانهن واڳون ورايائين.

ملتان پهچڻ تي ڪمن شرابي نوجوانن مسعود شاهه جي، محفل ۾ پهچي کيس عياشيءَ جي ترغيب ڏني، ۽ في الحقيقت هو پاڻ به شرابخوري ڏانهن مائل هو، تنهنڪري انهيءَ ڳالهه ۾ حد

تپي ويو ۽ حڪومت جي ڪمن ۾ خلل پوڻ لڳو. اميرن مخفي طور سنڌس چاچي سلطان ناصرالدين محمود ڏانهن، جو پرايچ ۾ موجود هو، ماڻهو موڪلي ڪيس اچڻ لاءِ عرض ڪيو، ناصرالدين تمام جلديءَ سان دهليءَ اچي بادشاهي جي تخت تي ويٺو. هن مسعود شاهه کي آخر ڏينهن تاريخ ۲۳ محرم سن ٦۴۴ ھ ۾ [۳۷] گرفتار ڪري قيد ڪيو، ۽ مسعود شاهه جي حياتيءَ جا ڏينهن قيدخاني ۾ پورا ٿيا.

## سلطان ناصرالدين محمود بن سلطان التتمش جو بيان.

سن ٦۲۴ ھ جي محرم الحرام، اگاري ڏينهن قصر فيروزه ۾ دهليءَ جي بادشاهيءَ جي تخت تي ويٺو، ڪي سال خود مختيار رهي حڪومت هلائين. تاريخ ۲۲ شوال، سن ٦۴۹ ھ سومر ڏينهن لاهور، ملتان، اچ ۽ بکر ڏانهن روانو ٿيو، جتي پهچي سيوستان جي ولايت قتلغ خان، اچ ۽ ملتان جي سنڀال ملڪ سنجر جي حوالي ڪري دهليءَ جي تختگاهه ڏانهن موٽي آيو.

ناصرالدين دهليءَ جي پايه تخت ۾ پهچڻ کان پوءِ لکنؤ تي وڃڻ جو ارادو ڪيو، پر جنهن صورت ۾ امير ۽ حڪومت جي ڪارڪنن سلطان جو اوڏانهن وڃڻ مناسب نه سمجهيو تنهنڪري سرڪشن جي تنبيهه ۽ تاديب لاءِ هڪ وڏو لشڪر تيار ڪري ملڪ جلال الدين جي هٿ هيٺ انهيءَ پاسي ڏياري موڪليائون. سن ٦۵٦ ھ، آخر ۾ مغلن جو لشڪر اچ ۽ ملتان جي پسگردائيءَ ۾ آيو. سلطان انهن جي دفع ڪرڻ لاءِ روانو ٿيو ته مغلن جو لشڪر جنگ کان سواءِ موٽي ويو ۽ سلطان پڻ واپس آيو.

چون ٿا ته سلطان ناصرالدين سال ۾ ٻه قرآن شريف لکندو هو ۽ انهن جي قيمت پنهنجي خاص گذران تي خرچ ڪندو هو. هڪ دفعي اهڙو اتفاق ٿيو، جو هڪڙي امير بادشاهه جو لکيل

قرآن شريف زياده بها سان خريد ڪيو. بادشاهه کي هن حقيقت جي خبر پيئي ته اها ڳالهه ڪيس نه وڻي، ۽ حڪم ڪيائين ته هن ڪان پوءِ منهنجو لڪيل [ قرآن شريف] مخفي طور رواجي قيمت ۾ وڪيو وڃي. هيءَ پڻ روايت آهي ته، بادشاهه پنهنجي ٻيبيءَ کان سواءِ، جا سندس لاءِ کاڌو تيار ڪندي هئي، ٻي ڪا به نوڪرياڻي يا ٻانهي نه رکندو هو. هڪڙي ڏينهن هن بادشاهه کي چيو ته ماني پچائڻ ڪري منهنجي هٿن ۾ هميشه درد رهي ٿو، جيڪڏهن توهان ڪا اهڙي ٻانهي خريد ڪندا، جا ماني پچائيندي رهي ته، ڪو به قصور ڪو نه ٿيندو. سلطان جواب ۾ فرمايو ته بيت‌المال خدا جي ٻندن جو حق آهي، مون کي انهيءَ مان ڪنهن به ٻانهي خريد ڪرڻ جو ڪو به حق نه آهي، صبر ڪر ته خداوند تعاليٰ توکي آخرت ۾ جزاي خير ڏئي.

"جهان خوابيست بيش چشم بيدار
بخوابي دل نه بندد مرد هوشيار".
[ جهان هڪ خواب آ، لئه چشم بيدار
نه رکندو خواب سان دل مرد هوشيار ].

سن ٦٦٣ ه ۾ سلطان ناصرالدين بيمار ٿيو ۽ ١١ جمادي‌الاول سن ٦٦٤ ه، ۾ دنيا کان آخرت ڏانهن انتقال ڪيائين. سندس اولاد مان ڪو به ڪو نه هو. سندس بادشاهيءَ جي مدت اوڻيهه سال ٽي مهينا ۽ ڪي ڏينهن هئي.

## سلطان غياث‌الدين بلبن جو بيان.

هو شمس‌الدين التمش جي چاليهن زر خريد ٻانهن مان هڪڙو هو. سلطان ناصرالدين محمود جي قضيه کان پوءِ سن ٦٦٢ ه، ۾ دهليءَ جي بادشاهيءَ جي تخت تي ويٺو ۽ عجمي بادشاهن جي قانون موجب حڪومت جو بنياد مضبوط ڪري، هندستان جا جيڪي به ملڪ سلطان شمس‌الدين جي تصرف هيٺ هئا، سي سڀ تابع ڪري عدل ۽ انصاف پکيڙيائين. شريعت جو نهايت خيال

رکندو هو. حڪمرانيءَ جا اهڙا ته محڪم ضابطا مقرر ڪيائين، جن جي مخالف ڪم ڪرڻ جي ڪنهن کي طاقت نه هوندي هئي. سندس حڪومت جي سر زمين [۳۹] آباد ۽ رستا نهايت پر امن هوندا هئا. سپاهين نهايت آرام سان وقت ٽي گذاريو. سلطان دانا، پڪو، باوقار ۽ تجربيڪار باد شاهه هو. سڀ ڪم سمجهه ۽ سنجيدگيءَ سان ڪندو هو.

چه نيکو متاعيست کار آگهي
مبادا از اين نقد عالم تهي
[ سُٺي تجربي کان ٻي شي آهي ڪان
رهي شل نه خالي انهيءَ کان جهان ]

سلطان پنهنجي باد شاهيءَ جي ابتدا ۾ لاهور، ملتان ۽ سنڌ جو طرف پنهنجي صالح فرزند سلطان محمد جي حوالي ڪيو، ۽ جيئن ته سلطان محمد جو مشايخن بزرگن ڏانهن ارادو ۽ رجوع هوندو هو، تنهنڪري اڪثر قطب العارفين شيخ بهاءَالدين زڪريا غوث ۽ شيخ فريد الدين گنج شڪر جي صحبت ۾ گذاريندو هو. نهايت بهادر، سخي ۽ فضيلت وارن جو دوست هو. امير خسرو ۽ امير حسن دهلوي هميشه انهيءَ جي خدمت ۾ رهندا هئا، ۽ وزيرن جي لسٽ ۾ ڪين پگهارون ۽ انعام ملندا رهندا هئا، ۽ هو سندن نظم خواه نثر کي ڏاڍو پسند ڪندو هو. ايترو ته سڌريل ۽ ادب وارو هو، جو حڪومت جي مجلس ۾ ڪٿي سڄو ڏينهن ۽ رات ويٺو هوندو هو ته گوڏو به مٽي نه ڪندو هو. "حقّا" لفظ کان سواءِ ٻيو قسم نه کڻندو هو. مشايخ بزرگن ۽ عالمن سڀني ڏانهن ڏاڍو اعتقاد هوندو هوس. چون ٿا ته شيخ عثمان مروندي (۱) جو سنڌ جي بزرگن مان هو، ملتان ۾ آيو ته سلطان هن جي تعظيم بجا آڻي نذر ۽ تحفا پيش ڪري شيخ کي ملتان ۾ رهڻ جو عرض ڪيو. شيخ قبول نه ڪيو ۽ روانو ٿي ويو. روايت ڪن ٿا ته شيخ عثمان ۽ شيخ بهاءَالدين زڪريا جو

(۱) سيوهڻ جو مشهور ولي قلندر شهباز (مترجم)

هدايت وارو فرزند شيخ صدرالدين هڪ مجلس ۾ موجود هئا. سهڻن شعرن ٻڌڻ ڪري هو ۽ ٻيا درويش وجد ۾ آيا ۽ سڀ نچڻ لڳا ۽ بادشاهه سيني تي هٿ ٻڌي سندن سامهون بيٺو هو ۽ زار زار ٿي رنائين.

چون ٿا ته سلطان شمس الدين جي هڪ نياڻي سلطان محمد جي نڪاح ۾ هئي. اتفاقا مستيءَ جي حالت ۾ بادشاه جي زبان مان ٽي طلاقون نڪري ويون، ۽ جئن ته [۴۰] حلاله کان سواءِ ٻيو ڪوبه چارو ڪونه هو، تنهنڪري اها عورت شيخ صدرالدين ولد مخدوم شيخ بهاؤالدين ذڪريا جي نڪاح ۾ آندائون. نيڪينيءَ کان پوءِ جڏهن شيخ کي طلاق ڏيڻ جي تڪليف ڏنائون تڏهن انهيءَ عورت چيو ته مان هن فاسق جي گهر کان تو وٽ پناهه ٿي وٺان. شال خدا ائين نه ڪري جو مان وري سندس هٿ ۾ گرفتار ٿيان. شيخ جواب ۾ فرمايو: هڪ عورت کان گهٽ نه ٿيڻ گهرجي، ۽ طلاق نه ڏنائين. سلطان بيتاب ٿي بدلي وٺڻ لاءِ تيار ٿيو.

چون ٿا ته شيخ سعدي جي گهرائڻ لاءِ ٻه دفعا ملتان کان شيراز ڏانهن ماڻهو ۽ پئسا موڪليائين، ۽ شيخ لاءِ ملتان ۾ خانقاه ٺاهڻ ۽ ڳوٺ خريد ڪري وقف ڪرڻ گهريائين، (پر) شيخ پيريءَ ۽ ضعف ڪري اچي نه سگهيو، ۽ ٻئي دفعي هڪڙو ڪتاب جنهن ۾ سندس شعر هئا، پنهنجي هٿ سان لکي موڪليائين، جنهن سان گڏ پنهنجي نه اچڻ [جو سبب] ۽ امير خسرو جي سفارش پڻ شامل ڪيائين. اڪثر عالم ۽ فاضل سندس مجلس ۾ حاضر ٿيندا هئا.

سلطان محمد ٽن سالن کان پوءِ پيءُ جي خدمت ۾ حاضر ٿيڻ لاءِ دهليءَ جي تختگاهه ۾ پهچند و هو ۽ هڪ سال کان پوءِ موٽي وڃڻ جي موڪل ملندي هيس. سن ٦٨٣ ھ ۾ چنگيز خان قتلغ ۽ تيمور کي وڏو لشڪر ڏيئي هندستان لاءِ مقرر ڪيو، ۽ جڏهن اهو لشڪر نيلاب جو پاڻي لنگهي لاهور جي حدن اندر

پهتو، تنڌهن سلطان محمد والد سلطان غياث الدين بلبن به ٽيهن هزارن سوارن سان اچي لاهور جي پسگردائيءَ ۾ پهتو. ٻنهي لشڪرن جي وچ ۾ لڙائيءَ جي باهه ڀڙڪو ڪاڍي، جنهن ۾ سلطان محمد شهادت جو شربت پي بهشت جي باغن ڏانهن روانو ٿي ويو. سردار جي فوت ٿيڻ هوندي به ڀاڄڙ تيمور ۽ قتلغ جي طرف ۾ پيئي، جي وڏي شڪست کائي ڀڄي ويا، ۽ سلطان غياث الدين بلبن ملتان ۽ سنڌ جي حڪومت اڳئين دستور موجب سلطان محمد جي پٽ ڪيخسرو جي حوالي ڪئي. سلطان بلبن پٽ جي فوت ٿيڻ جي غم ۾ هميشه [١٤١] غمگين رهندو هو. نيٺ سن ٦٨٥ هه، ۾ وڃي آخرت جي جهان ۾ آرامي ٿيو.

## سلطان جلال الدين خلجيءَ جو بيان

سلطان جلال الدين بن فيروز خلج، سلطان غياث الدين بلبن جي نوڪرن مان هڪڙو هو. تاريخن ۾ لکن ٿا ته خلج ماڻهو چنگيز خان جي ناٺي خالج خان جي بنياد مان آهن. هو بهادريءَ ۽ مردانگيءَ ۾ بينظير هو ۽ دانائيءَ ۽ عقل ۾ پڻ ڪو به برابر ڪونه هوس. آهستي آهستي ترقي ڪندو نيٺ وڃي بادشاهي تخت تي ويٺو. سن ٦٨٨ هه ۾ دهليءَ ۾ انهيءَ جي نالي خطبو پڙهيائون. اميرن، مکين ۽ وڏن ماڻهن مان ڪن خوشيءَ ۽ چاهه سان ته ڪن زور ۽ زبردستيءَ سان سلطان جي بيعت ڪئي. سن ٦٩٣هه، ۾ سلطان جلال الدين لاهور وڃي، ملتان ۽ اُچ وارو ٽڪر پنهنجي وچين پٽ ارڪلي خان جي حوالي ڪيو ۽ نصرت خان کي سنڌ جي حڪومت تي مقرر ڪيائين؛ سنڌ جي ڏيل ۽ آمدني پڻ ارڪلي خان کي پگهار طور عنايت ڪيائين. ارڪلي خان نهايت خوش طبع ۽ بهادر هو. پنهنجي حڪومت جي وقت ۾ ٻه دفعا سنڌ ولايت ۾ پهچي، فساد ين کي تنبيهه ۽ تاديب ڪري، سنڌ جي حدن جو واجبي انتظام ڪيائين. سن ٦٩٥هه ۾ سلطان

جلال الدين پنهنجي ڀائٽيي ۽ نياڻي سلطان علاؤالدين جي هٿان شهادت جو شربت نوش فرمايو.

## سلطان علاوالدين جو ذڪر

سن ٦٩٥هه جي پڇاڙيءَ ۾ دهليءَ جي پايہ تخت ۾ بادشاهيءَ جي تخت تي ويهي پنهنجي نالي خطبو پڙهيائين، ۽ ايترو تہ سون، موتي، گهوڙا ۽ هاٿي ماڻهن کي ڏنائين، جو ماڻهو انهيءَ انعام ۽ اڪرام جي ڪري سندس تابع ۽ فرمانبردار ٿي پيا، ۽ پنهنجي چاچي ۽ پيءُ جهڙي سهري جي قتل وارو ڪم جيڪو ڪيو هئائين سو قبيح ڪم ماڻهن جي نظر ۾ نهايت معمولي ڏسڻ ۾ آيو.

سن ٦٩٦هه ۾ ملتان ۽ سنڌ جو مسئلو حڪومت جي سيني مسئلن کان مقدم سمجهي (جاڪاڻ تہ ارڪلي خان ولد سلطان جلال الدين ملتان ۾ هو) پنهنجي ڀاءُ الغ خان کي چاليهہ هزار سوارن سان مقرر ڪري تمام جلد روانو ڪيائين. انهيءَ خان ملتان ۾ پهچي گهيرو ڪيو. ٻن مهينن جي عرصي کان پوءِ قلعي وارا ماڻهو تنگ ٿي پيا ۽ ملتاني ارڪلي خان کان منهن موڙي رات جو قلعي مان نڪري وڃي الغ خان سان مليا. ارڪلي خان لاچار ۽ پريشان ٿي مخدوم شيخ رڪن الدين کي وچ ۾ آڻي، امان وٺي ملتان کان نڪري ويو ۽ سلطان علاؤالدين نصرت خان کي ڏهہ هزار سوار ساڻ ڏيئي ملتان، اُچ، ڀڪر، سيوستان ۽ ٺٽي جو حاڪم مقرر ڪري حڪم ڪيو تہ نصرت خان ملتان ۾ سنڌ جون سموريون حدون لتاڙي جتي بہ ڪو فسادي ۽ سرڪش موجود هجي تہ انهيءَ جون پاڙون پٽي هر طرح جي دلجاءِ ڪري، ۽ سنڌ جي قلعن ۽ شهرن تي معتبر ماڻهو مقرر ڪري پاڻ ملتان ۾ رهي.

سن ٦٩٧هه جي ابتدا ۾ صلدائي مغل سيستان کان سيوستان جي حد ۾ اچي پهتو، ۽ سيوستان جي پسگردائيءَ کي ڦري لٽي سيوستان جي قلعي جو محاصرو ڪيو. ٿوري ئي وقت ۾ سيوستان

الشي فانتظر زوالہ" (جڏهن شي ڪامل ٿئي تہ انهيءَ جي زوال جو انتظار ڪج) (جي مقولہ) موجب نيڪ سيڪنهن بخت جي پويان بدبختي ۽ سيڪنهن ڪمال جي پويان زوال آهي. تنهنڪري هن بہ ڇهين شوال سن ٧١٧ھ ۾ رحلت ڪئي.

## سلطان غياث الدين جو بيان

سلطان علاؤالدين پنهنجي حڪومت جي پڇاڙيءَ ۾ چنگيزخاني مغلن کي دفع ڪرڻ لاءِ، غازي ملڪ کي ڏهن هزارن سوارن سان ديبالپور ۾ مقرر فرمايو [٤٤] ملتان، اُچ ۽ سنڌ جو ٽڪرو هن کي جاگير ۾ عطا ڪيو هو. هوڏانهن سلطان علاؤالدين جي پٽن عيش عشرت ۾ محويت ۽ بيپرواهيءَ سبب حڪومت جي ڪاروبار ڏانهن توجهہ نہ ڏنو، ۽ انهيءَ ڪري سندن بادشاهيءَ ۾ تمام گهڻو خلل پيدا ٿيو، تنهنڪري "اذا طالت الغفلۃ زالت الدولۃ" (جڏهن غفلت گهڻي ٿيندي آهي تہ حڪومت زائل ٿيندي آهي) جي مصداق موجب علائي خاندان مان بادشاهي نڪري ويئي. سندس هميشه نشي ۾ چُور رهندڙ فرزند سلطان قطب الدين جو سر، سندس ڪن خاص ماڻهن بيوفائي ۽ ٺڳيءَ سان ڪپي، خسرو خان کي جنهن هيءُ ڪم ڪرايو هو، سندس بدران تخت تي ويهاريو. خسرو خان ڪافرن ۽ ڪميڻن کي نوازيو ۽ سلطان علاؤالدين ۽ قطب الدين جي خزانن جا دروازا کولي نالائق ماڻهن کي ڏنائين ۽ دهليءَ جي شهر تي ڪافرن غالب ٿي مسلمانن کي تنگ ڪيو.

انهيءَ وچ ۾ غازي ملڪ جو پٽ فخر ملڪ ڪجهہ گروهہ ۾ دهلي مان نڪري ملتان روانو ٿي ويو ۽ ٿوري وقت ۾ پيءَ سان، ملي کيس دهلي جي واقعات جو احوال ٻڌايائين. جنهن صورت ۾ غازي ملڪ ۽ فخر ملڪ نهايت بهادر ۽ رعب وارا هئا، تنهنڪري، اسلام جي اعانت ۽ ڪافرن ۽ ظالمن کان بدلي وٺڻ لاءِ تلوار،

۾ غازي ملڪ کي سلطان غياث الدين تغلق شاه، جو لقب ڏيئي سندس بيعت ڪيائون، ۽ ڪيس دهليءَ جي تخت تي ويهاري خطبو سندس نالي تي پڙهيائون، سندس پٽ فخر ملڪ کي سلطان محمد شاه جو لقب ڏنائون.

جنهن وقت سلطان غياث الدين ملتان کان دهليءَ ڏانهن روانو ٿيو هو تنهن وقت سومرا بغاوت ڪري وچي ٺٽي تي متصرف ٿيا هئا باقي سلطان غياث الدين، ملتان ۾ ملڪ تاج الدين، بکر ۾ خواجہ خطير ۽ سيوستان ۾ ملڪ علي شير کي مقرر فرمايو. سن ۷۲۳ ھ جي آخر ۾ سلطان غياث الدين تغلق شاه پنهنجي لائق فرزند سلطان محمد کي ولي عهد مقرر ڪري سندس نالي شهر جي مکيہ ماڻهن کان بيعت نامہ لکارايو. سن ۷۲۵ ھ جي اوائل ۾ سندس حياتيءَ جي شمع اجل جي هوا جي سخت جهوٽي سبب وسامي ويئي.

## سلطان محمد شاه بن تغلق شاه جو بيان

سلطان محمد شاه بن تغلق شاه بادشاهيءَ جي تخت تي ويهڻ سان ملڪ ۾ عدالت ۽ انصاف پکيڙي ملڪ ۾ چؤطرف چڱو نالو ڪڍيو. سن ۷۲۷ھ ۾ ڪشلو خان کي سنڌ ملڪ تي مقرر فرمايائين. تنهن کان پوءِ دولت آباد وڃي انهيءَ کي پنهنجو تختگاهہ بنايائين. اٽي ۾ سال مس رهيو تہ ڪشلو خان بکر کان ملتان اچي، ملتانين ۽ بلوچن کي پاڻ سان ملائي بغاوت جو پڪو ارادو ڪيو. هن خبر ٻڌڻ تي سلطان محمد شاه سن ۷۲۸ھ ۾ تڪڙو تڪڙو ملتان پهتو ۽ ڪلشو خان بي فرمان ٿي پنهنجي سربسيءَ سان سامهون ٿيو. مقابلي ٿيڻ شرط مقدمہ (Vanguard) جي فوج جيڪا منڍ ۾ هئي تنهن ڪشلو خان تي حملو ڪري، ڪيس هٿ ڪري، سندس سر وڍي اچي بادشاه جي حضور ۾ حاضر ڪيو. سندس لشڪر بادشاه جي ڊپ کان چڙوچڙ ٿي، هيڏي هوڏي پکڙجي ويو. بادشاه حڪم فرمايو تہ ملتانين جي خون سان ندي

کي گهڻو انعام بخشيو، ۽ وڏي لشڪر سان ٺٽي ڏانهن متوجه ٿيو. هوڏانهن ٺٽي جو ڀڄي نڪتي آيو هو، سو پريشان ٿيو ۽ ڪيس ڪٻ، حيلو ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿي آيو. جنهن ڏينهن سلطان ٺٽي کان چوڏهن ڪوهن تي [۴۸] پهتو تہ اتفاقا اهو عاشوري جو ڏينهن هو. سلطان ترسي پيو ۽ انهيءَ ڏينهن روزو رکيائين. ٻئي ڏينهن سلطان جو ساڳيو مرض وري اُٿلي پيو، ۽ سندس بدن تي حرارت جو، سخت غلبو ٿيو. حڪيمن طبيبن علاج ڪيا، پر ڪٻ فائدو نہ ٿيو. نيٺ ۲۱ محرم سن ۷۵۲ ھ ۾ سلطان محمد شاهہ هن فاني جهان مان جاوداني ملڪ ڏانهن لڏي ويو.

## سلطان فيروز محمد شاهہ جو بيان

جڏهن سلطان محمد شاهہ پاڻ ۾ موت جون نشانيون ڏٺيون، تڏهن پنهنجي سوٽ فيروز شاهہ کي جنهن جي پيشانيءَ ۾ بزرگيءَ جا نشان پڌرا ۽ نراڙ ۾ شان شوڪت جا نُور روشن هئا، وليعهد بنائي، ملڪ ڪٽنب ۽ سپاهين جي باري ۾ وصيت ڪري، هن تنگ جهان کان آخرت جي ڪشاده ميدان ڏانهن انتقال ڪيو. اميرن، وزيرن، رئيسن ۽ عام خلق انهيءَ ئي منزل ۾ سندس بيعت ڪئي. تاريخ ۱۴ محرم الحرام، سن ۷۵۲ ھ ۾، سلطان فيروز شاهہ تخت تي ويهي عام دربار ڪئي، ۽ ماڻهن کي قسمين قسمين مهربانين ۽ احسانن سان نوازيائين.

طغي، سلطان جي فوت ٿيڻ جي خبر ٻڌي، سومرا، جاڙيجا ۽ سما ماڻهو ساڻ وٺي لشڪر بنائي فوج جي پويان آيو. هيءَ خبر فيروز شاهہ جي ڪن پيئي تہ ٻہ هزار ماڻهو مقرر ڪيائين، جن راتو رات پاڻي لنگهي اچي- طغي ۽ سومرن جو مقابلو ڪري، گهمسان جي لڙائي شروع ڪئي، جنهن ۾ طغي ڀڄي ويو. سومرن ٻئي ڏينهن پڻ لڙائي ڪئي، پر انهيءَ جنگ ۾ بہ شڪست کاڌائون ۽ سندن گهڻا ماڻهو قتل ٿي ويا. ٽئين سال جي ڦيرين

صفر تي، سلطان فيروز شاهه، ٽتي مان منزل پٽي دهليءَ جي تختگاهه ڏانهن رخ ڪيو، ۽ فيصلو ڪيائين ته سپاهي روزانو پنجن ڪوهن کان مٿي منزل نه ڪن. ساگرهه ڍنڍ تي [۴۹] قلعو ٺهرائي، نصر کي هزار سوارن سان اتي مقرر ڪيائين، ۽ ملڪ بهرام کي انهيءَ حد جي فوجدار تي رهڻ جو حڪم ڪيائين. سيوستان ۾ پهچي، اتي حڪومت تي ملڪ علي شير ۽ ملڪ تاج ڪافوري کي ڇڏيائين. حضرت شهباز قلندر جي آستاني مبارڪ ۽ اتي جي ٻين مشائخن جي زيارت ڪري، مخدومن ۽ حقدارن لاءِ وظيفو ۽ وجهه معاش مقرر ڪيائين. اتان بکر ۾ تشريف آڻي، ويهه ڏينهن اتي رهيو ۽ ملڪ رڪن الدين کي پنهنجو نائب ۽ ملڪ عبدالعزيز بريد کي بکر جو ديوان مقرر ڪري، اسي يڪانا ماڻهو قلعي جي حفاظت تي مقرر ڪيائين، پڻ ملڪ رڪن الدين کي "اخلاص خاني" جو خطاب عطا ڪري، ڪيس سنڌ جي ڪاروبار سرانجام ڪرڻ جو اختيار ڏنائين. اهڙيءَ طرح منزلون طي ڪندو، جنهن به سرزمين تي پهتو ٿي، اتي جي رهاڪن کي بخشش ۽ نوازشن سان راضي ٿي ڪيائين. آخر مهيني رجب، سن ۷۵۲ هه ۾ دهليءَ جي تختگاهه ۾ پهچي، پوري استقلال سان بادشاهيءَ جي تخت تي ويٺو ۽ شاهي جشنن جو انتظام ڪري، خلق کي مهربانين ۽ انعامن سان نوازيائين ۽ عدل ۽ انصاف جي بشارت ڏيئي، خاص، عام ۽ سموري مخلوقات کي سندن مقصد پلئه وڌائين. مهيني صفر، سن ۷۵۳ هه، جي ۵ تاريخ، ملڪ جي سير لاءِ نڪتو ۽ اتي جي اڪثر زميندارن حاضريءَ جو شرف حاصل ڪري، اطاعت ۽ فرمانبرداريءَ جو اظهار ڪيو. سن ۷۵۴ هه ۾ ڪلانور ۽ اوڏانهن واري جبل جي دامن ۾ شڪار ڪرڻ ويو، ۽ موٽڻ وقت سرسوتي نديءَ جي ڪناري تي عاليشان عمارتون ٺهرايائين. اتي شيخ صدرالدين بن شيخ بهاؤالدين ذڪريا کي "شيخ الاسلاميءَ" جو خطاب عطا ڪري، وطن ڏانهن روانو ڪيائين.

ويندو. مٿس جيڪي چوڪيدار هئا، تن کي هيءَ خبر پئجي ويئي ۽ وڃي سلطان کي ٻڌايائون، جنهن تي سلطان حڪم ڪيو ته ”چام خيرالدين جي پيرن ۾ ٻيڙيون وجهي، کيس دهليءَ نيو وڃي“. ائين ٿيڻ تي، سلطان پنهنجي لشڪر سان دهليءَ جي تختگاهه ڏانهن روانو ٿيو. ٿوري وقت کان پوءِ چام خيرالدين جي پٽ چام جونا کي خلعت پهرائي، ٿٽي جي حڪومت سندس حوالي ڪري موڪل ڏنائين.

سلطان فيروز شاهه ٣٨ سال ۽ ڪي مهينا خود مختياريءَ سان حڪومت ڪئي، ۽ تاريخ ١٨ رمضان سن ٧٩٠هه ۾ وفات فرمايائين.

”فلک را سر انداختن شد سرشت
نشاید کشیدن سر از سر نوشت
که داند که این خاک انگیخته
بخون چه دلهاست آمیخته
همه راه گر نیست بیند کور
ادیم گوزن ست کیمخت گور“

[فلڪ جو اصل کان ڪنهن آهه ڪم
ڪڏهن ڪين ٽرندو خدائي حڪم
نه معلوم ڪنهن کي، مٽي هي آٿيل
دلين ڪيترين جي آ رت سان گڏيل
ڏسندڙ انڌو ناهه ته ساري هي راهه
هزارين منجهس جانور ٿيا تباهه]

## سلطان تغلق شاهه بن فتح خان بن سلطان فيروز جو بيان

هو تاريخ ١٨ رمضان سن ٧٩٠هه ۾، سلطان فيروز شاهه جي وصيت ۽ اميرن جي ڪوشش موجب، فيروز آباد جي محلات ۾،

سلطان غياث‌الدين تغلق شاهه جي لقب سان بادشاهيءَ جي تخت تي ويٺو، جنهنڪري سلطان فيروز شاهه جي حقيقي پٽ سلطان محمد شاهه، جنهن کان سلطان رنج ٿي کيس ملڪ جي ڪنهن ڪنڊ تي مقرر ڪيو هو، ۽ اميرن جي وچ ۾ مخالفت ٿي پيئي. سلطان محمد شاهه ملڪ جي گهر ڪندي ساموهون ٿيو، ۽ ناليرا امير سلطان تغلق شاهه سان ملي سندس دفع ڪرڻ ڏانهن متوجهه ٿيا. هو ذوالحج مهيني ۾ سرسور جبل تي آيو، ۽ سلطان تغلق شاهه هڪ لک سوار ساڻ ڪري سندس تعاقب ڪيو، پر ڪم سرانجام ڪرڻ کان سواءِ موٽي آيو. شهر ۾ پهچڻ تي قوهه جوانيءَ جي سبب عيش عشرت ۾ مشغول ٿي ويو، ۽ بادشاهيءَ ۽ ملڪ جو ڪاروبار معطل رهيو، جنهن کان حڪومت جي ڪمن ۾ ڪوتاهي ۽ سستي ٿيڻ لڳي. ناتجربيڪاريءَ ۽ زياده دوراند يشيءَ کان سڳن ڀائرن کي قيد ڪيائين. سندس ڀائٽيو ابوبڪر بن ظفر خان ڊپ کان پاسو ڪري نڪري ويو. ملڪ رڪن‌الدين وزير ۽ ٻين اميرن سندس مددگار ٿي بغاوت ڪئي، ۽ ملڪ مبارڪ ڪبير کي دهليءَ جي فيروز آباد (محلي) ۾، تغلق شاهه جي دولت خاني جي دروازي تي، ڪٺائون. هو پاڻ ٻاغين جي طاقت ۽ غلبو ڏسي خان جهان سان گڏ جي جمنا نديءَ واري دروازي مان نڪري ويو. ملڪ رڪن‌الدين پٺيان پيئي [٥٢] تغلق شاهه ۽ خان جهان کي هٿ ڪري قتل ڪيو ۽ سندن سر ساڳئي دروازي تي لٽڪايا. هي واقعو ٢١ ماهه صفر سن ٧٩١هه ۾ ٿيو. سندس بادشاهيءَ جي مدت پنج مهينا ۽ ٽي ڏينهن هئي. ۽ علم الله (تعالیٰ) وٽ آهي.

## سلطان ابوبڪر شاهه جو بيان

هن واقعي کان پوءِ، ٻي سمجهه اميرن سلطان ابوبڪر بن ظفر خان بن سلطان فيروز شاهه، کي بادشاهي جي درجي تي پهچائي، سلطان ابوبڪر شاهه لقب ڏنو ۽ وزارت جو عهد و ملڪ رڪن‌الدين جي حوالي ٿيو. ٿوري وقت کان پوءِ سلطان ابوبڪر شاهه کي

معلوم ٿيو ته ملڪ رڪن‌الدين ڪن فيروز شاهي اميرن سان هم صلاح ٿي، سلطان ابوبڪر شاهه کي وچ مان هٽائي، پاڻ بادشاهه بنجڻ ٿي گهريو؛ تنهنڪري سلطان ابوبڪر شاهه اڳرائي ڪري ملڪ رڪن‌الدين کي قتل ڪري ڇڏيو. ملڪ رڪن‌الدين جي قتل کان پوءِ سلطان ابوبڪر شاهه اقتدار پيدا ڪري قوت حاصل ڪئي.

ايتري ۾ معلوم ٿيو ته مير صده ساماڻه اتي جي حاڪم کي خنجر سان ڪهي سندس گهر لٽي هن جو سر سلطان ڏانهن نگرڪوٽ ڏياري موڪليو. هيءَ خبر ٻڌي سلطان محمد شاهه نگرڪوٽ کان ساماڻه آيو، ۽ ربيع الاول مهيني ۾ بادشاهيءَ جي تخت تي ويٺو. صده ساماڻه، جيسلمير ۽ جبل جي دامن جي زميندارن، نئين سر سندس بيعت ڪئي. دهليءَ جا ڪي امير ۽ ملڪ پڻ ابوبڪر شاهه کان منهن سوڙي اچي محمد شاهه سان مليا، ۽ ويهه هزار سوار ۽ بي انداز پيادا وٽس جمع ٿي ويا. ساماڻه کان دهليءَ روانو ٿيو ته دهليءَ تائين پهچڻ جي عرصي ۾ سندس لشڪر (جو انداز) پنجاهه هزار سوارن کي وڃي پهتو.

تاريخ ٢٢ ماهه ربيع‌الآخر، سن ٧٩١هه ۾، محمد شاهه جهان نما ماڙيءَ [٥٣] ۾ اچي لٿو، ۽ ساڳئي سال جي جمادي‌الاول مهيني جي ٢ تاريخ ابوبڪر شاهه، جو لشڪر سلطان محمد شاهه جي لشڪر سان، فيروز آباد جي گهٽين ۾ وڙهي رهيو هو ته انهيءَ ڏينهن بهادر خان ميواتي وڏي لشڪر سان شهر ۾ آيو. ابوبڪر شاهه کي طاقت اچي ويئي، ۽ ٻئي ڏينهن صفون سينگاري لڙائي ڪيائين. محمد شاهه شڪست کائي ٻن هزار سوارن سان جون (جمنا) ندي لنگهي، دوابي ۾ هليو ويو. وري ساڳئي سال جي شوال مهيني ۾ دهليءَ ڏانهن روانو ٿي، وڃي ابوبڪر شاهه سان لڙيو، پر اجا به سلطان محمد شاهه جو وارو ڪونه وريو، جنهنڪري سندس لشڪر شڪست کاڌي.

”تا در نرسد وعده هر کار که هست
سودے نه کند ياريءِ هر يار که هست“

[جيسين نه رسي پلڪ مقرر ڪم جي
هر دوست جي امداد نه ٿئي ڪنهن ڪم جي.

ابوبڪر شاهه ٿن ڪوهن تائين سندس پيڇو ڪري دهليءَ موٽي ويو، ۽ سلطان محمد شاهه وري وڃي جيسلمير ۾ ترسيو ۽ لشڪر گڏ ڪيائين. ساڳيءَ سال جي رمضان مهيني ۾ لاهور، ملتان ۽ ٻين ڳوٺن جي رهاڪن ڏانهن خط ۽ احڪام موڪليائين ته جنهن به شهر ۾ فيروز شاهي نوڪر لهو ته انهيءَ کي قتل ڪريو. گهڻو ڪري جنهن جاءِ تي هيءُ حڪم عمل ۾ آيو اتي قتل عام ۽ وڏي ڦر لٽ واقع ٿي ۽ خلق ۾ عجيب تفرقو پيدا ٿيو، ۽ نيٺ محمد شاهه جي چرچ تي اميرن، سلطان ابوبڪر شاهه جي مخالفت ڪري، محمد شاهه ڏانهن ڳجها خط لکيا. ابوبڪر شاهه لاچار ٿي ميوات ڏانهن هليو ويو. سندس بادشاهيءَ جو عرصو ڏيڍ سال هو.

## سلطان محمد شاهه بن سلطان فيروز شاهه جو بيان

تاريخ ١٦ رمضان سنه ٧٩٢هه ۾، بادشاهيءَ جي تخت تي ويٺو. اچڻ سان پيءُ جي انهن غلامن ۽ خانزادن کي شهر نيڪالي ڏنائين، جن سندس مخالفت ڪئي هئي، ۽ ٻين ڪيترن کي قتل ڪيائين، ۽ پڙهو گهمارايائين ته هنن مان جيڪو به شهر ۾ رهندو ته هو پنهنجي خون لاءِ جوابدار آهي.

سلطان محمد شاهه وڏي لشڪر سان دهليءَ ۾ تشريف فرما ٿي، ملڪ ۽ خزاني تي خود مختارانه قبضو ڪيو. پوري طاقت حاصل ڪرڻ کان پوءِ سندس دل ۾ خيال آيو ته ابوبڪر شاهه کان غافل نه رهڻ گهرجي. تنهنڪري پنهنجي پٽ همايون خان

ڪي اميرن جي هڪ جماعت سان انهيءَ جي مٿان چڙهائي ڪيائين. هي لشڪر اچي ڪوٽلي جي آسپاس پهتو جتي ابوبڪر شاهه رهندو هو. هُن، مهيني محرم سن ٧٩٣هه ۾، فيروز شاهه جي هڪ خانزاد ٻانهي ڏالي بهادر سان گڏجي، لشڪر تيار ڪري، همايون خان جي لشڪر تي راتاهو هنيو، ۽ وچ ۾ جنگ جهيڙي جي باهه ڀڙڪي. آخر ابوبڪر شاهه شڪست کائي پنهنجي لشڪر سميت ڪوٽلا جي قلعي ۾ گهڙي ويو. هن خبر پهچڻ تي محمد شاهه منزلون ڪري پاڻ اتي اچي پهتو، ۽ مٿس محاصرو تنگ ڪيو. ابوبڪر شاهه لاچار تي پناهه گهري حاضر ٿيو، ۽ سلطان محمد شاهه کيس قيد ڪري ميرٺ جي قلعي ڏانهن موڪليو جتي هو گذاري ويو.

سلطان دهليءَ ڏانهن موٽي ويو ۽ اتان گجرات طرف تي چڙهائي ڪيائين. انهيءَ کان ٿورو وقت پوءِ بنگال طرف واپس ڦيرائي، اتي جي سرڪشن ۽ فسادين جي گوشمالي ڪري، محمد آباد جي قلعي ۾ رهيو، جو سندس وقت ۾ اڏيو هو. ٿوري وقت کان پوءِ بيمار ٿي پيو. انهيءَ عرصي ۾ خبر پهتي ته بهادر ناهر، دهليءَ جي آسپاس ڪن جاين تي حملو ڪري، خلل پيدا ڪيو آهي. سلطان هيٺائيءَ جي باوجود ميوات ڏانهن روانو ٿيو. ڪوٽلا ۾ پهچڻ تي، بهادر ناهر سامهون ٿي جنگ ڪئي ۽ شڪست کائي ڪوٽلا ۾ قلعي بند ٿيو. جنهن صورت ۾ اتي رهڻ جي طاقت ڪانه هيس تنهنڪري ڪوٽلا سان ڀڄي ويو. سلطان انهيءَ عمارت جي خيال کان، جا [٥٥] محمد آباد ۾ ٺهرائي هئائين، محمد آباد جو ارادو ڪيو. انهيءَ عرصي ۾ سندس بيماري وڌي ويئي، ۽ ١٧ ربيع الاول سن ٧٩٦هه ۾ آخرت جي سفر تي روانو ٿيو. سندس بادشاهيءَ جو عرصو ٦ سال ۽ ست مهينا هو.

## سلطان علاؤالدين بن محمد شاهه جنهن جو نالو پهريائين همايون هو، تنهن جو بيان

سلطان محمد شاهه جي فوت ٿيڻ کان پوءِ سلطان محمد شاهه جو وچون پٽ جنهن کي همايون سڏيندا هئا، تن ڏينهن تائين تعزيت جون رسمون پوريون ڪري، ساڳئي سال جي ١٩ ربيع الاول ۾ اميرن ۽ بادشاهن جي صلاح سان تخت تي ويٺو، ۽ ڀڳهاردارن کي اڳئين دستور موجب بحال رکيائين. ساڳئي سال جي ٥ ماه جمادي الاول ۾ بيمار ٿيو ۽ وفات ڪري ويو.

"تخت دولت چه شد آر يار نه شد اے خواه دهر
نه توان خورد ازين مائده جز قسمت خويش"

[ڪجھ ناهي تخت ۽ دولت نه، ٿيو يار جي بخت
ڪوبہ کائيندو نہ هن خونچہ مان قسمت کان سواءِ]

## محمد شاه جي ننڍي پٽ سلطان ناصرالدين محمود شاه جو بيان

سلطان علاؤالدين جي گذاري وڃڻ کان پوءِ، ڪيترن اميرن اجازت کان سواءِ اٿي پنهنجي جاگيرن ڏانهن رواني ٿي وڃڻ جو ارادو ڪيو. سلطان محمد شاه جي وڏي وزير، خان جهان کي پتو پئجي ويو، جنهن دلاسو ڏيئي انهن کي شهر ۾ آندو، [جنهن کان پوءِ] هو تاريخ . جمادي الاول سن ٧٩٦ هه ۾ اميرن، بادشاهن ۽ شهر جي وڏن ماڻهن جي ڪوشش سان، مبارڪ محلات ۾، سلطان ناصرالدين محمود شاه جي لقب سان شهنشاهيءَ جي تخت تي ويٺو. پيءُ ۽ ڏاڏي جي وزيرن، اميرن ۽ ڪامورن جا ساڳيا اڳيان عهدا بحال رکي، مقرب الملڪ کي "مقرب خان" جو لقب ڏيئي وليعهد بناياائين، خان جهان کي "اشرف خان" جو لقب ڏيئي [٥٦] قنوج کان بهار تائين ملڪ سندس حوالي ڪري، وڏي لشڪر

سان رخصت ڏيئي، انهيءَ پرڳڻي ۾ خود مختيار ڪري ڇڏيائين. هن پڻ انهيءَ ملڪ تي پورو غلبو ڪري اتي جي زميندارن کي پنهنجو تابع ۽ فرمانبردار بنايو ۽ جيڪي قلعا ويران ٿي ويا هئا سي ٺهرايا. بنگال جو بادشاه ۽ آسپاس جا امير ۽ حاڪم جيڪي هديا ۽ نذرانا سلطان فيروز شاه ڏانهن موڪليندا هئا سي سلطان محمود شاه ڏانهن موڪليائون.

انهيءَ ئي سال ۾ سلطان محمود شاه، سارنگ خان کي ديبالپور، ملتان ۽ سنڌ جي انتظام لاءِ مقرر فرمايو، [جنهن] شيخو کوکر جيڪو لاهور ۾ فساد مچايو هو، تنهنجي بند ڪرڻ لاءِ راءِ خلجي خان ڀٽيءَ، راءِ دائود، ڪمال سبين ۽ ملتان جو لشڪر روانو ڪيو. هو ماه ذوالقعد سن ٧٩٦ هه ۾ روانا ٿيا. جڏهن لاهور جي ويجهو پهتا تڏهن شيخو کوکر وڏي لشڪر ۽ لڙائيءَ جي سامان سان لاهور کان ٻارهن ڪوهن تي مقابلو ڪري لڙائي ڪئي. سارنگ خان جي طرف کي فتح نصيب ٿي، ۽ شيخو کوکر شڪست کائي جمو جبل ڏانهن هليو ويو. سارنگ خان ٻئي ڏينهن لاهور جي قلعي تي متصرف ٿي پنهنجي ڀاءُ ملڪ ڪنڊوءَ کي "عادل خان" جو لقب ڏيئي اتي ڇڏي پاڻ ديبالپور ۾ آيو. ساڳئي سال جي شعبان مهيني ۾ مقرب خان کي اعتماد جوڳن ماڻهن جي هڪ ٽولي سان قلعي ۾ ڇڏي، سلطان محمود شاه، سعادت خان سان گڏجي، بيانه ۽ گواليار ڏانهن روانو ٿيو. گواليار کي نزديڪ پهتا ته ملڪ علاؤالدين ڌاروال، مبارڪ خان ولد ملڪ راجو ۽ سارنگ خان جو ڀاءُ ملو، سلطان سان دغا ڪرڻ جا پهه پچائڻ لڳا. سعادت خان واقف ٿي ملڪ علاؤالدين [٥٧] ۽ مبارڪ خان کي هٿ ڪري قتل ڪيو. ملو هن خبر کان ڀڄي اچي سلطان وٽ حاضر ٿيو پر دل جي ڪدورت معلوم ڪري ڪنهن اٽڪل سان لشڪر مان نڪري، شهر ۾ پهچي بغاوت جو جهنڊو بلند ڪيائين. سلطان، سعادت خان سان گڏ، شهر کي گهيرو ڪيو ۽ هر روز جنگ ڪندو رهيو. هي سلسلو ٽن مهينن تائين هلندو رهيو.

مقرب خان جي ڪن خيرخواهن سلطان کي ڏوڪو ڏيئي سعادت خان کان جدا ڪري شهر ۾ آندو. سعادت خان ڏٺو ته وس نه ٿو هلي، نه دهليءَ جو قلعو فتح ڪرڻ مشڪل آهي، برسات اچي متان پيئي آهي، تنهنڪري شهر جو محاصرو ڇڏي فيروزآباد هليو ويو ۽ ڪن خاص ساٿين جي صلاح سان نصرت شاه بن فيروز خان بن سلطان فيروز شاه کي، جو ميوات ۾ هو، ساڳئي سال جي ربيع الاول مهيني ۾ فيروز آباد ۾ شهنشاهيءَ جي تخت تي ويهاري، ناصرالدين نصرت شاه جو لقب ڏنائين. اميرن جڏهن ڏٺو ته نصرت شاه رڳو ڪُڌو آهي، سو رِتَ ۾ اتڪل سان نصرت شاه کي سعادت خان کان جدا ڪري، لشڪر گڏ ڪري بي خبريءَ ۾ وجي سعادت خان تي، جو اميرالامراء هو، ڪڙڪيا. هو طاقت نه ساري دهليءَ وجي مقرب خان سان مليو ۽ مقرب خان کيس وٺي قتل ڪري ڇڏيو. نصرت شاهي اميرن جهڙوڪ محمد مظفر، شهاب الدين ناهر، فضل الله خان بلخي، ۽ فيروز شاهي خانه زاد غلامن لاچار ٿي نصرت شاه جي نئين سر بيعت ڪري، گهڻين ولايتن تي تصرف ڄمايو. سلطان ناصرالدين محمود شاه اميرن ۽ لشڪر جي نفاق ۽ نمڪحراميءَ کان ڳنتيءَ ۾ پئجي ويو. ڪوبه رستو ڏسڻ ۾ نه ٿي آيس ۽ خبر نه ٿي پيس ته ڇا ڪرڻ گهرجي. اهڙيءَ طرح ٻنهي طرفن کان لڙائي ٿيندي رهي.

سن ٧٩٨ هه ۾ لاهور ۽ ديبالپور جي حاڪم سارنگ خان جيڪو سلطان محمود شاه جي پاران مقرر هو، ملتان جي حاڪم خضر خان سان [٥٨] مخالفت ٿي پيئي. ملڪ پٺيءَ جا ڪي نوڪر اچي سارنگ خان سان مليا، جنهن ڪري سارنگ خان قوت حاصل ڪري وجي ملتان ورتو، ۽ مهيني رمضان سن ٧٩٩ هه ۾ لشڪر گڏ ڪري دهليءَ جو ارادو ڪيائين. دهليءَ جا امير پڻ لشڪر گڏ ڪري هن جي هٽائڻ ۽ جنگ لاءِ متوجهه ٿيا. ١٥ محرم سن ٨٠٠ هه ۾ سندن وچ ۾ لڙائي لڳي، ۽ سارنگ خان شڪست کائي ملتان هليو ويو.

جيئن تہ ٻئي باد شاهزادا هڪٻئي سان وڙهندا ٿي رهيا ۽ ملڪ جي ڪاروبار جو انتظام ڪونہ هو، تنهنڪري مهيني ربيع الاول سن ٨٠٠ هہ ۾ امير تيمور صاحبقران جي پوٽي مرزا پير محمد، پنجاب جون ند يون لنگهي، اچي اُچ جي قلعي کي گهيرو ڪيو، ۽ ملڪ علي جيڪو سارنگ خان جي پاران اُچ جو حاڪم هو سو قلعو بند ڪري هڪ مهيني تائين لڙائي جاري رکندو آيو. سارنگ خان ملڪ تاج الدين سان گڏ چار هزار سوار ملڪ عليءَ جي مدد ۾ موڪليا. مرزا پير محمد کي خبر پئجي ويئي جو قلعو ڇڏي، وڃي ملڪ تاج الدين کي سامهون ٿيو، ۽ انهيءَ کي ڀڄائي پٺيان ڦري وڃي ملتان جي قلعي کي گهيرو ڪيائين. ڇهن مهينن تائين سارنگ خان سان لڙائي جاري رکيائين ۽ هر روز جنگ ٿيندي رهي، ۽ نيٺ (سارنگ خان) امان گهري، مرزا جي ملازمت جو شرف حاصل ڪيو.

ملتان جي فتح ڪان پوءِ ميرزا پير محمد کي ڏينهن ترسي پيو. هوڏانهن دهليءَ جي باد شاهن جي اميرن، ميرزا پير محمد جي غلبي جي خبر پڌي، ساڳئي سال جي شوال مهيني ۾ شيخ قطب الدين بختيار ڪاڪي قدس سره جي مزار تي گڏ ٿي، هڪٻئي سان عهد اقرار ڪيو. دهليءَ جي اميرن پنهنجي باد شاهن تي غالب ٿي انهن کي رکو گڏا ٻڌائي پاڻ ۾ اتفاق ڪيو هو. سنڌ جا ماڻهو صاحبقران جي تشريف آوريءَ تائين هندستان جي باد شاهن جا مطيع ۽ فرمانبردار رهيا. پنهنجي پوٽي ميرزا پير محمد جي اچڻ کان پوءِ مهيني صفر سن ٨٠١ هہ ۾ [صاحبقران] بدولت خود طلمبہ [٥٩] تي ڪاهي ملتان ۾ منزل انداز ٿيو، ۽ جيڪي ماڻهو ميرزا پير محمد هٿان قيد ٿيا هئا تن کي سزائون ڏنائين. انهيءَ کان پوءِ سنڌ جا حاڪم دهليءَ جي باد شاهن جي تابعداري مان نڪري مستقل حاڪم بنجي ويئا. جيئن ذڪر ڪجي ٿو.

# سومرن ۽ سمن جي حڪومت جو بيان

## سومرا

متي ذڪر ٿي آيو تہ جڏهن سلطان محمود غازي غزنيءَ کان ملتان پهچي ملتان جو قلعو فتح ڪرڻ جو اراد و ڪيو، ۽ آخر هٿ ڪيائين تڏهن پنهنجا ماڻهو سنڌ روانا ڪيا هئائين، جن سنڌ ملڪ پنهنجي قبضي ۾ آندو هو. سلطان محمود غازيءَ جي فوت ٿيڻ کان پوءِ جڏهن شهنشاهت سندس اولاد ڏانهن منتقل ٿي ۽ حڪومت ۽ بادشاهيءَ جو وارو عبدالرشيد بن سلطان مسعود وٽ پهتو ۽ هو عيش ۽ خوشيءَ جون مجلسون قائم ڪري، خوشيءَ ۽ عياشيءَ جي رسمن ۾ مشغول ٿي، حڪومت جي ڪاروبار کان غافل رهيو، تڏهن گهڻين ڏورانهين سرحدن جا ماڻهو سرڪشي شروع ڪري فرمانبرداريءَ کان نڪري ويا.

غرض تہ انهيءَ وقت سومرن ماڻهن ٿريءَ جي آسپاس گڏ ٿي سومري نالي هڪ شخص کي حڪومت جي گاديءَ تي ويهاريو. هن، ڪجهہ وقت انهيءَ قوم جو سردار رهي، ملڪ جي پسڪردائيءَ کي فساد ين کان صاف ڪيو، ۽ ساد نالي هڪ زميندار سان، جو انهيءَ ملڪ ۾ خودمختاريءَ جو دم هڻي رهيو هو، صلح جو ڳانڍاپو ڳنڍي سندس نياڻي نڪاح ۾ آندي. انهيءَ مان (ڪيس) ڀونگر نالي پٽ پيدا ٿيو، جنهن پيءُ جي فوت ٿيڻ کان پوءِ موروثي حڪومت جي گاديءَ تي ويهي اڳتي قدم وڌايو ۽ آخر بيماريءَ جي بستري تي جان، جان قبض ڪندڙ جي حوالي ڪئي. انهيءَ کان پوءِ دودي نالي سندس پٽ حڪومت جي ڪاروبار جو سنڀاليندڙ ٿي [٦٠] ڪي سال خودمختاريءَ سان. گذاريا ۽ نصرپور تائين ملڪ قبضي ۾ ڪيو. هو اول جوانيءَ ۾. انتقال ڪري ويو. ڪانس پوءِ سنگهار نالي هڪ ڇوڪرو رهيو. تنهنڪري تاريءَ نالي سندس ڌيءَ ڪجهہ وقت تائين حڪومت، ڪئي ۽ رعيت سندس تابعدار ۽ فرمانبردار رهي. جڏهن،

دشمنن جي چنبي مان آزاد ٿي، ڄام انڙ کان منهن موڙي، وڃي بکر جي قلعي ۾ پهتو، ۽ علي شاهه ترڪ سان ملاقات ڪيائين. علي شاهه ترڪ، ملڪ فيروز جي صلاح سان، لشڪر ڪٺو ڪري بهرام پور جي قلعي ۾ ڄام انڙ کي قتل ڪيو ۽ ملڪ فيروز کي قلعي جي حڪومت حوالي ڪري پاڻ موٽي ويو. ڄام انڙ جي ماڻهن تن ڏينهن کان پوءِ ڪٺي ٿي ۽ اتڪل سان ڪاهي بن تماچيءَ ۽ ملڪ فيروز کي قتل ڪري ڇڏيو.

## ڄام جوڻو بن بابينو

جڏهن ڄام انڙ رحلت ڪئي ته سما قوم ۾ ڄام جوڻي "ڄامي" جو خطاب اختيار ڪري، دل ۾ ساريءَ سنڌ جي فتح جو خيال آڻي، پنهنجي ڀائرن ۽ مائٽن سان مهربانيون ڪيون ۽ ڪين حاڪم مقرر ڪيو. اهي ماڻهو ٺٽيءَ جي رستي کان درياءَ ٽپي، قتل، ڦرلٽ، ۽ بکر جي ڳوٺن ۽ واهڻن کي برباد ڪرڻ ۾ مشغول ٿيا. سمن جي ماڻهن ۽ بکر جي حاڪمن جي وچ ۾ ٻه ٽي دفعا سخت ويڙهه ٿي. ترڪن کي مقابلي جي طاقت نه هئي تنهنڪري هو بکر جو قلعو خالي ڪري اُچ هليا ويا. ڄام جوڻو انهيءَ لشڪر جي پٺيءَ وڃڻ جي خبر پڌي لاڳيتو منزلن تي منزلون ڪندو بکر ڏانهن روانو ٿيو، ۽ جيستائين سلطان علاؤالدين پنهنجي ڀاءُ الغ خان کي ملتان جي ڀاسي تي مقرر ڪيو تيسينتائين ڪيترا سال سنڌ ۾ خود مختار گذاريائين. الغ خان ڄام جوڻي جي دفعي ڪرڻ لاءِ ملڪ تاج ڪافوريءَ ۽ تاتار خان کي سنڌ ڏانهن موڪليو. لشڪر جي پهچڻ کان اڳيئي اجل مٿس راتاهو ڏنو ۽ هوخناق جي مرض ۾ گذاري ويو. سنڌ ۾ حڪومت جو وقت ۱۳ سال هو. سلطان علاؤالدين جو لشڪر بکر جي گرد و نواح ۾ پهچي بکر جو قلعو هٿ ڪري سيوستان روانو ٿيو [۶۳].

## ڄام تماچي بن ڄام انڙ [۽ سندس پٽ خيرالدين]

[هو] ملڪ جي چوندڊ ماڻهن جي اتفاق سان بادشاهيءَ جي موروثي تخت تي ويٺو. سلطان علاؤالدين جو لشڪر جنگ

ڪري ڄام تماچي بن انڙ کي قيد ڪري عيال سميت د هليءَ وٺي ويو، جتي هن کي فرزند ڄاوا ـ (انهيءَ عرصي ۾) سمن جي جماعت ٽرڙيءَ جي پسگردائيءَ ۾ ٽي گذاريو، ۽ ڄام انڙ جي ڪامورن ملڪ جو ڪاروبار هٿ ۾ ڪٺي معاملات جو انتظام ۽ بندوبست پٺي ڪيو. ڪجهه وقت گذرڻ کان پوءِ ملڪ خيرالدين ولد ڄام تماچي جو ننڍپڻ ۾ پيءُ سان گڏجي دهليءَ ويو هو، سو پيءُ جي فوت ٿيڻ کان پوءِ سنڌ ۾ آيو ۽ ملڪ تي متصرف ٿـي گاديءَ تي ويٺو.

ٿوري وقت کان پوءِ سلطان محمد شاهه گجرات جي رستي کان سنڌ ۾ آيو. جيئن ته ڄام خيرالدين کي اڳـ ۾ ئي قيد و بند جي تڪليف جو تجربو هو، تنهنڪري سلطان محمد شاهه جي گهرائڻ جي باوجود به هو حاضر ٿيڻ لاءِ تيار نه ٿي سگهيو. نيٺ سلطان محمد شاهه بن تغلق شاهه ٺٽي جي آسپاس آخرت جي سفر سڌاريو.

آندو اٿن تـه هـن جي فوت ٿيڻ کان پوءِ وصيت خواه ورثي موجب سلطان فيروز شاهه بادشاهيءَ جي تخت تـي ويهي دهليءَ وڃڻ جو ارادو ڪيو ۽ ڄام خيرالدين جو ڪي منزلون تعاقب ڪري، سيوستان جي تعلقن جي هڪ ڳوٺ سن، جي پسگردائيءَ مان پوئتي موٽي ويو. سلطان فيروز شاهه کي اهو ڏک دل ۾ رهيو. سلطان فيروز شاهه جي وڃڻ کان پوءِ ڄام خيرالدين عدل ۽ انصاف عام پکيڙيو ۽ رعيت ۽ عام مخلوق جي آرام لاءِ ڏاڍي ڪوشش ڪندو رهيو. ڄام نيڪ انجام جـو هڪ عجيب واقعو بيان ڪندا آهـن تـه هڪ ڏينهن پنهنجن خاص ماڻهن ۽ نوڪرن سان سير تماشي جي خيال سان نڪتو. اوچتو ماڻهن جا هڏا هڪ ڪڏ ۾ پيل سندس نگاهه تي چڙهيا. واڳـ ورائي گهڙي ساعت انهن پراڻن هڏن [٦٤] ۾ نهاريائين. تنهن کان پوءِ پنهنجن نوڪرن ڏانهن منهن ورائـي چيائين تـه ڪي ڄاڻو ٿا ته هڏا مون کي ڇا ٿا چون؟ هو ڪنڌ هيٺ ڪري خاموش رهيا.

چام فرمايو تہ هي ڪي مظلوم ماڻهو آهن ۽ انصاف گهري رهيا آهن. بس پوءِ تہ انهن لاشن جي احوال بابت جاچ ڪي لڳي ويئي. هڪ پير مرد کي سڏ ڪيائين، جنهن سان انهيءَ سرزمين جو تعلق هو ۽ ڪاڏئس انهن هڏن جو احوال پڇيائين. پير مرد وراڻيو تہ اڄ کان ست ورهيہ اڳ گجرات کان هڪ قافلو هت پهتو، جن کي ڦلاڻي ٽولي کهي مال ڪٽي ويئي هئي. انهيءَ مال جو گهڻو حصو اڃا موجود آهي. ڄام هن حال کان واقف ٿي، انهيءَ مال گڏ ڪرڻ جو حڪم ڏنو، جنهن تي انهيءَ مان گهڻو گڏ ڪيائون. پوءِ گجرات جي حاڪم ڏانهن ماڻهو موڪليائين، تہ هيءُ مال ڪٺلن جي وارثن سان جيڪي موجود هجن، تن کي پهچايو وڃي، ۽ قاتلن کان قصاص ورتائين. ڪجهہ سالن کان پوءِ هن فاني جهان کي الوداع ڪري هميشہ واري جهان ڏانهن روانو ٿيو.

## ڄام ٻاٻينيءَ [ٻنڀي] جو بيان

پيءُ جي مرڻ کان پوءِ اميرن ۽ مکيہ ماڻهن جي صلاح سان پيءُ جي موروثي تخت تي ويٺو. انهيءَ عرصي ۾ فيروز شاهہ ٻڻ هندستان ۽ گجرات جي ملڪن کان دلجاءِ ڪري سنڌ ملڪ جي فتح لاءِ وريو. هوڏانهن ڄام ٻنڀيو بہ جنگ جو ميدان سينگاري مقابلي لاءِ تيار ٿيو. سلطان فيروز شاهہ ٽي مهينا انهيءَ پسگردائيءَ ۾ ترسيو. آخر جڏهن پاڻيءَ اٿل ڪاڏي ۽ مڇر گهڻا ٿيا، تڏهن سلطان برسات جي ابتدا ۾ پٽڻ (گجرات) ڏانهن روانو ٿيو ۽ برسات کان پوءِ ورئي ٻيو دفعو اڻ ڳڻيو لشڪر ساڻ وٺي موٽي آيو. سخت لڙايون ٿيون، نيٺ ڄام ٻنڀيو گرفتار ٿيو ۽ پورو سنڌ ملڪ فيروز شاهي غلامن جي تصرف هيٺ آيو. سلطان، ڄام کي پاڻ سان دهليءَ وٺي ويو. هو ڪجهہ مدت [۶۵] سلطان فيروز شاهہ جي نوڪريءَ ۾ رهيو، ۽ وڏيون خدمتون بجا آنديائين.

آخر سلطان فيروز شاهه شاهاڻيون مهربانيون فرمائي کيس بادشاهي تخت عنايت ڪيو ۽ هو وري سنڌ ملڪ ۾ اچي نهايت خود مختياريءَ سان حڪومت تي ويٺو. پندرهن سالن جو عرصو حڪومت ۽ بادشاهي هلائي، آخر آخرت جي سفر تي روانو ٿيو.

## ڄام تماچيءَ جو بيان

ڀاءُ جي فوت ٿيڻ کان پوءِ حڪومت جي تخت تي ويهي، ملڪ ۽ حڪومت جي ڪاروبار ۾ مشغول ٿيو. هو آرام پسند هو، جنهنڪري عيش ۽ خوشيءَ ۾ وقت گذاريندو هو. تيرهن سالن جو عرصو بادشاهيءَ جي گاديءَ تي ويهي طاعون جي بيماريءَ ۾ گذاري ويو.

## ڄام صلاح الدين جو بيان

ڄام تماچيءَ جي فوت ٿيڻ کان پوءِ حڪومت جي ڪاروبار ۾ مشغول ٿيو. ڦرياڻين سرحد جي معاملن ڏانهن متوجهه ٿيو، جي ڪن رذيلن جي سرڪشيءَ ڪري، هيٺ مٿي ٿي ويا هئا. انهيءَ ٽوليءَ جي انتظام ۽ گوشمالي ڏيڻ لاءِ هڪ لشڪر موڪليائين. آخر هن ٽوليءَ جي تاديب ۽ تنبيهه کان پوءِ ڪڇ ڏانهن متوجهه ٿيو. ڪڇي ماڻهن سان هن ڏاڍيون سخت لڙايون ٿيون، مگر سيني جنگين ۾ فتح جو سهرو صلاح الدين جي سر تي آيو، ۽ فتح ۽ غنيمون هٿ ڪري سوڍي آيو. هو لشڪر ۽ رعيت جي چڱيءَ طرح پرگهور لهندو هو. يارهن سالن ۽ ڪن مهينن کان پوءِ هن فاني جهان کان جاوداني ملڪ ڏانهن انتقال ڪري ويو.

## ڄام نظام الدين بن ڄام صلاح الدين جو بيان

پيءُ جي فوت ٿيڻ کان پوءِ اميرن جي اتفاق راءِ سان بادشاهيءَ جي تخت تي ويٺو. سندس چاچا جيڪي ملڪ جي

مصلحت خاطر قيد ۾ هئا، تن کي ٻاهر ڪڍيائين. انهن جا نالا ملڪ سڪندر (١) ڪرن، بهاؤالدين ۽ آمر هئا. هرهڪ کي ڪنهن نه ڪنهن ڪنڊ ۾ موڪلي، ملڪ جون واڳون ڪن منشين جي حوالي ڪري، پاڻ رات ڏينهن عيش [٦٦] عشرت ۾ مشغول رهڻ لڳو، ۽ ملڪي معاملات جي ڪابہ خبر ڪانہ رکندو هو. انهيءَ حد تائين جو سندس چاچا ٻڌي ڪري، لشڪر گڏ ڪري شهر ۾ آيا ۽ ڄام نظام الدين جي گرفتار ڪرڻ جي پويان پيا. هو چاچن جي شر کان واقف ٿي، ڪن سپاهين جي صلاح سان اڌ رات جو شهر مان نڪري، گجرات ڏانهن هليو ويو. صبح جو هي ماڻهو ڄام نظام الدين جي ڀڄي وڃڻ جي خبر معلوم ڪري پويان پيا تہ، ايتري ۾ شهر جي مکيہ ماڻهن هي جهيڙو ۽ بد انتظامي ڏسي پاڻ ۾ ٺڏي ڪري، ڄام علي شير کي، جو هڪڙي ڪنڊ ۾ گوشي نشين هو، ڳولي هٿ ڪري، ڪٺي حڪومت جي تخت تي ويهاريو. ڄام رستي ۾، باقي جهان جو رستو ورتو ۽ سندس چاچا نااميد ٿي موٽي وڃي جهنگل ۾ گذارڻ لڳا.

## ڄام علي شير [بن تماچي] جو بيان.

وڏن ۽ مکيہ ماڻهن جي اتفاق راءِ سان بادشاهيءَ جي تخت تي ويهي خلق تي انصاف ۽ احسان جا دروازا کوليائين. هو نهايت داناءُ ۽ بهادر هو. پهر پائين حڪومت جي ڪاروبار ڏانهن توجهہ ڪري، سنڌ ولايت جو جوڳو انتظام رکيائين. سندس حڪومت جي زماني ۾ انهي ملڪ جا ماڻهو امن امان ۾ رهي وقت آرام سان گذاريندا رهيا. هن نموني کي ٿورو وقت گذريو تہ هن عيش

(١) اصل ۾ "سنڪدر" آهي، پر اسان جي خيال ۾ ڪتاب جي ڇپ کان "ن" جو ڪاف جي پوئتان هجڻ گهرجي، اڳيان ٿي ويو آهي، ۽ صحيح "سڪندر" آهي. (مترجم)

عشرت جو رستو ورتو، ۽ گهڻو ڪري چانڊوڪين راتين ۾ سير ڪندو هو. تماچيءَ جا پٽ سڪندر، ڪرن ۽ فتح خان جي جهنگل ۾ سرگردان هئا سي علي شير جي سير ۽ بيپرواهيءَ کان واقف ٿي، راتين جو پنڌ ڪري، ڏينهن جو جهنگلن ۾ گذاري نيٺ اچي شهر کي ويجهو پهتا. شهر جي هڪ جماعت کي پاڻ سان متفق ڪري، جمعي رات مهيني جي تيرهين تاريخ، جڏهن ڄام علي شير دستور موجب ڪن ڳاڻ ڳٽين خاص ماڻهن سان هڪ ٻونڊڙيءَ ۾ ويهي درياءَ جو سير ڪري ٿي ڪيو، ۽ اڌ رات ٿيڻ تي موٽي پنهنجي گهر وڃڻ گهرياٿيئن ته اوچتو [٦٧] هي ماڻهو تراريون اگهاڙيون ڪري سندس ڪڍ پيا. جيڪي ماڻهو ساڻس گڏ هئا، تن گهڻو ئي بچاءَ جي ڪوشش ڪئي پر ڪو به فائدو نه ٿيو، ۽ هڪ گهڙيءَ ۾ ڄام علي شير کي شهادت جو شربت پياري، ٻو ڙندا سندس حويليءَ ۾ ويا. لڙ ۽ غوغاءَ تي ماڻهو خبردار ٿي گڏ ٿيا، پر ڏٺائون ته معاملو هٿ کان نڪري ويو هو. آخر لاچار ٿي انهن جي حڪومت تسليم ڪيائون. علي شير جي حڪومت جو وقت ست سال هو.

## ڄام ڪرن جو بيان

ڄام علي شير جي شهادت کان پوءِ ڀائرن جي اتفاق راءِ سان حڪومت جي گاديءَ تي ويٺو. هو شهر جي شريف ۽ مکيه ماڻهن کان ناراض هو ۽ سندس دل انهن ماڻهن کان ڦريل هئي، سو چاهيائين ته وهڻ سان ماڻهن کي قيد ڪري - ڪن کي قتل ۽ ڪن کي بند رکي؛ تنهنڪري انهيءَ ڏينهن يا ٻئي ڏينهن هن بادشاهيءَ جي مجلس سينگاري ۽ عام دربار ڪري عام خاص ماڻهن کي گهرائي سندن دلجوئيءَ جون ڳالهيون ڪندو رهيو. آخر ڪاڌي جو دسترخوان وڇايائون ۽ هو کاڌو کائي طهارت جي جاءِ ڏانهن روانو ٿيو ته انهيءَ وچ ۾ فدائين جي جماعت، جا انهن ماڻهن جي ترغيب ۽ لالچائڻ تي اچي حاضر ٿي هئي، کيس طهارت جي جاءِ جي دروازي

تي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو، ڪرن جي ڪُسڻ جو باعث
فتحخان بن سڪندر هو، تنهنڪري سپاهين ۽ رعيت جي اتفاق راءِ
سان اهوئي ٻادشاهيءَ جي گاديءَ تي ويٺو.

## ڄام فتح خان بن سڪندر جو بيان

هو بادشاهيءَ جي تخت تي ويهڻ سان حڪومت جي قاعدن ۽ بادشاهيءَ جي قانونن کي مضبوط ڪري، حڪومت جي معاملات ۾ ڏاڍي سجاڳي ۽ هوشياري ڏيکارڻ لڳو. انهيءَ وقت ۾ حضرت صاحبقران امير تيمور گورگان جو پوٽو ميرزا پيرمحمد ملتان جي آسپاس پهتو. ملتان جي وچ جا شهر ونئي تورو وقت اتي ترسيو. [٦٨] اتي لشڪر جا اڪثر گهوڙا مري ويا جنهنڪري مرزا جو لشڪر پريشان ٿي پيادو ٿي پيو. هيءَ حقيقت جڏهين صاحبقران جي گوش گذار ڪئي ويئي، تڏهن خاص طبيلي مان ٽي هزار گهوڙا مرزا ڏانهن موڪليائين. هن مهربانيءَ تي مرزا طاقتمند ٿي پنهنجي واهڻ جي ماڻهن تي ڪاهه ڪئي، جن سرڪشيءَ ۽ شوخيءَ جو دم ٿي هنيو، ۽ سندن گهر تڙ فنا ڪيائين، ۽ بکر ماڻهو موڪلي شهر جا مکيه ماڻهو گهرايائين. دهليءَ جي بادشاهن جا ماڻهو مقابلي جي طاقت نه ساري جيسلمير جي رستي کان ڀڄي ويا. بکر شهر جي رهاڪن مان ابوالغيث، جو هڪ سيد بزرگ ۽ زهد، صلاح ۽ پرهيزگاريءَ جي زيور سان سينگاريل هو، سو مرزا (پيرمحمد) جي ملاقات تي روانو ٿيو ۽ سيد المرسلين جي روح ڏانهن متوجهه ٿي، آنحضرت صلي الله عليه وسلم کان سفارش جي استدعا ڪيائين.

روايت آهي ته، حضرت سيد المرسلين صلي الله عليه وسلم مرزا پيرمحمد کي خواب ۾ آيا ۽ سيد ابوالغيث ڪيس ڏيکاري فرمايائون ته هيءُ شخص منهنجو فرزند آهي، هن جي اعزاز ۽ اڪرام جو خيال رکج ۽ هن جي نقصان کان هٿ بند رکج. مرزا پيرمحمد کي ننڊ مان سجاڳ ٿي، انهيءَ پياري جي ملاقات جو

انتظار ڪرڻ لڳو، جنهن کي خواب ۾ ڏٺو هئائين. نيٺ ٻارهن ڏينهن کان پوءِ سيد ابوالغيث حاضر ٿيو. مرزا پير محمد پنهنجي دربار ۾ ويٺو هو ۽ سندس ساڄي ۽ کاٻي امير جمع هئا. سندس نظر سيد ابوالغيث تي پيئي ته سڃاڻي بي اختيار استقبال ڪيائينس ۽ سيد ابوالغيث کي ڀاڪر ۾ وٺي ڏاڍي تعظيم ڏيئي آڻي پنهنجي پر ۾ ويهاريائين. [هيءَ حال ڏسي] امير سيد ابوالغيث جي احوال معلوم ڪرڻ لاءِ شائق ٿيا. مرزا خواب جو قصو اميرن کي ٻڌايو ۽ انهيءَ ئي ڏينهن گهوڙو ۽ تحفا ڏيئي موٽي وڃڻ جي اجازت بخشي ۽ اروڙ جو پرڳڻو سيد ابوالغيث کي انعام ڏنائين.

صاحبقران جي اچڻ کان پوءِ جڏهن مرزا پير محمد دهليءَ جي فتح ڏانهن [٦٩] متوجه ٿيو، ۽ زماني جي گذرڻ ڪري رولو بادشاهه دهليءَ جي تخت تي قابض ٿيا، تڏهن ملتان جو ملڪ لانگاهن جي قبضي ۾، ۽ پوري سنڌ ولايت سنڌ جي بادشاهن جي تصرف هيٺ آئي.

قصو ڪوتاهه، ڄام فتح خان سخي ۽ بهادر هو. سندس سخاوت ۽ مروت مشهور هئي. هن جي حڪومت پندرهن سال ۽ ڪي مهينا رهي. جڏهن سندس حياتيءَ جي مدت ختم ٿي ته فاني حويليءَ کان هميشه واريءَ منزل ڏانهن انتقال ڪري ويو.

## ڄام تغلق بن سڪندر جو بيان

ڄام فتح خان جڏهن بيماريءَ جي بستري ۾ داخل ٿيو ۽ موت جون نشانيون ڏسڻ ۾ آيس، تڏهن وفات کان ٿي ڏينهن اڳ پنهنجي ڀاءُ تغلق کي حڪومت جي گاديءَ تي ويهاري، حڪومت جي واڳ ۽ بادشاهيءَ جي ڏور سندس حوالي ڪري کيس ڄام تغلق جو لقب ڏنائين. هن تخت تي ويهڻ شرط ڀائرن کي سيوستان ۽ بکر جي قلعن جو حاڪم مقرر ڪيو ۽ پاڻ گهڻو وقت سير ۽ شڪار ۾ مصروف رهندو هو. جڏهن ٻروچن بکر جي آس پاس فتنو ۽ فساد ڪرڻ ڪيو، تڏهن ڄام وڏو لشڪر ساڻ ڪري آيو ۽ ٻروچن جي سردارن کي تنبيهه

ڪري موٽي ويو. هن سيڪنهن پرڳڻي ۾ ٺاٺو مقرر ڪيو. هو ٢٨ سال حڪومت ڪري طبعي موت سان گذاري ويو.

## ڄام سڪندر جو بيان

سندس پٽ پيءُ جي جاءِ تي تخت نشين ٿيو. جئن ته هو ننڍيءَ عمر جو هو، تنهڪري سيوستان ۽ بکر جا حاڪم پنهنجن پنهنجن علائقن ۾ خود مختيار ٿي ويا ۽ سندس حڪم کان انڪار ڪري هڪبئي جي مخالفت ڪرڻ لڳا. ڄام سڪندر ٺٽي کان نڪري [٧٠] بکر ڏانهن روانو ٿيو. اڃا نصرپور تائين ڪين پهتو ته پويان مبارڪ خان نالي هڪ شخص، جو ڄام تغلق جي حياتيءَ ۾ درٻانيءَ جي عهدي تي هو، اوچتو بغاوت ڪري پاڻ کي "ڄام مبارڪ" جو لقب ڏيئي حڪومت جي تخت تي ويٺو. جنهن صورت ۾ ماڻهو هن سان متفق نه هئا تنهنڪري سندس حڪومت ٽن ڏينهن کان وڌيڪ نه رهي سگهي، ۽ ٺٽي شهر جي مکين ماڻهن کي ٽاري ڄام سڪندر ڏانهن ماڻهو موڪليو. هيءَ خبر جڏهن کيس پهتي، تڏهن ٻين حاڪمن سان صلح ڪري ٺٽي موٽي آيو، ۽ ڏيڍ سال کان پوءِ هن دنيا جي تنگ مڪان کان حياتيءَ جو اسباب آخرت جي ڪشادي محلات ڏانهن کڻي ويو.

## ڄام رائڌڻ جو بيان

تاريخ ٦ جمادي الاول سن ٨٥٨ هه ۾، ڄام رائڌڻ بغاوت ڪئي. هيءَ ڄام رائڌڻ ڄام تغلق جي زماني ۾ ڪڇ جي سرحد جي گرد و نواح ۾ رهندو هو ۽ انهن ماڻهن سان لاڳاپو ٿي ويو هوس، ۽ تجربيڪار ماڻهن جي وڏي جماعت تيار ڪئي هئائين جن جي ڏاڍي دل وٺندو رهندو هو ۽ کين هميشه لائق انعام اڪرام ڏيندو رهندو هو. انهن پڻ هن جي پيشانيءَ ۾ هدايت ۽ بزرگيءَ جا نشان ڏسي نهايت سچائيءَ سان پاڻ سندس حوالي ڪيو هو. جڏهن هن کي سڪندر جي فوت ٿيڻ جي خبر پهتي تڏهن هو

وڏي لشڪر سان ٺٽي ۾ آيو ۽ ماڻهن کي گڏ ڪري ظاهر ڪيائين ته ملڪ وٺڻ لاءِ نه آيو آهيان، بلڪ انهيءَ لاءِ آيو آهيان ته مسلمانن جي مال ۽ عزت جي حفاظت ڪريان. مان پاڻ کي بادشاهيءَ جو لائق نه ٿو سمجهان، تو هان جنهن کي به هن جو لائق سمجهو تنهن کي ويهاريو. پهريون ماڻهو جيڪو بيعت ڪندو سو آءٌ هوندس. جنهن صورت ۾ اتي اهڙو ڪو به ماڻهو ڪو نه هو جيڪو هن ڪم جو لائق هجي، تنهنڪري سيني گڏجي کيس بادشاهيءَ جي تخت تي ويهاريو. هن ڏيڍ سال جي عرصي ۾ ساري سنڌ ولايت [٧١] سمنڊ کان وٺي ماٿيلي ۽ اپاوڙي جي سرحد گاجريلي ۽ ڪنڊيءَ تائين پنهنجي قبضي ۾ آندي.

چام رائڊني جي حڪومت کي ساڍا اٺ سال گذرياچا ته، م سنجر جو انهيءَ وقت سندس خاص ماڻهو هو، تنهن کي بادشاهيءَ جو سوداءُ سر ۾ سمايو، ۽ سندس خاص ۽ رازدار ماڻهن کي پاڻ سان متفق ڪري، جنهن وقت هو خلوت ۾ شراب پي رهيو، تنهن وقت شيشي ۾ زهر وجهي هڪ رازدار جي هٿ ۾ ڏنائين. هن انهيءَ مان ڍڪ پيتو ته ٿن ڏينهن کان پوءِ گذاري ويو.

## چام سنجر جو بيان

اهڙو خوبصورت جوان هو، جو هڪ وڏي جماعت سندس منهن تي عاشق هوندي هئي ۽ بنا پگهار جي پنهنجو سمورو وقت سندس خدمت ۾ صرف ڪندي هئي. روايت ٿا ڪن ته حڪومت جي تخت تي ويهڻ کان اڳ هڪڙي ڪماليت جي صاحب درويش جو چام سنجر ڏانهن خاص توجهه هو. هڪ رات سنجر انهيءَ پياري جي خدمت ۾ پهچي نياز نئڙت کان پوءِ درويش کي عرض ڪيو ته "آءٌ چاهيان ٿو ته ٺٽي جو بادشاهه ٿيان، پوءِ پل ته ڪٿي سمورو عرصو اٺ ڏينهن هجي." درويش فرمايو ته "تون بادشاهه ٿيندين ۽ اٺ سال حڪومت ڪندين."

جڏهن ڄام رائڌڻ آخرت جي سفر تي سڌاڻو، تڏهن ملڪ جي مکيه ماڻهن ٺهراءُ ڪري ڄام سنجر کي حڪومت جي تخت تي ويهاريو ۽ حڪومت جي ڪاروبار جون واڳون سندس اختيار ۾ ڏنيون. جنهن ته هو درويش جي دعا سان بادشاهيءَ جي تخت تي چڙهيو هو، ته تنهنڪري سڀني طرفن جي ماڻهن سندس اطاعت قبول ڪئي ۽ فرمانبرداريءَ جا حق ادا ڪيا. سندس بادشاهيءَ واري وقت ۾ سنڌ ملڪ ۾ اها رونق پيدا ٿي جو اهڙي هن کان اڳ، ڪنهن به زماني ۾ نه ٿي. سپاهين [٧٢] توڙي رعيت نهايت آرام ۽ فراغت ۾ وقت ٿي گذاريو. ڄام سنجر ۽ عالمن، صالحن ۽ درويشن جي هميشه دلجوئي ۽ رعايت ڪندو هو. جمعي ڏينهن فقيرن ۽ مسڪينن کي گهڻي خيرات ڏيندو هو، ۽ حقدارن واسطي وظيفا ۽ پگهارون مقرر ڪيون هئائين.

چون ٿا ته سنجر جي حڪومت کان اڳ ٻيا به حاڪم عهديدارن کي تمام ٿورو ڏيندا هئا. بادشاهي جڏهن ڄام سنجر جي حوالي ٿي، تڏهن قاضي معروف نالي هڪ شخص هو جنهن کي اڳين حاڪمن بکر جي قضا تي مقرر ڪيو هو ۽ کيس گهٽ پگهار ڏيندا هئا، ۽ جنهن صورت ۾ قاضيءَ جو پگهار تمام ٿورو هو، تنهنڪري هو مدعي ۽ مدعا عليه کان ڪجهه وٺندو هو. هيءَ ڳالهه ڄام سنجر جي ڪن پيئي ته قاضي ڇينپ ۽ سختيءَ سان مدعيءَ خواهه مدعا عليه کان ڪجهه، وٺي ٿو، تڏهن قاضيءَ کي حاضر ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيائين. قاضي حاضر ٿيو. ڄام فرمايو ته مون کي خبر پيئي آهي ته، تون مدعي ۽ مدعا عليه کان ڇينپي ڪجهه وٺين ٿو. وراڻيائين: هائو! بلڪ آءٌ ته شاهدن کان پڻ ڪجهه وٺڻ چاهيان ٿو پر مان انهن کان ڪجهه وٺان تنهن کان اڳ هو نڪري ٿا وڃن. ڄام کان بي اختيار کل نڪري ويئي. قاضيءَ عرض ڪيو ته سڄو ڏينهن دارالقضا ۾ ويهي وقت ٿو گذاريان ۽ منهنجا ٻار منجهند ۽ رات جي ماني‌ءَ کان سواءِ رهن ٿا. ڄام

قاضيءَ کي خوب انعام ڏنا ۽ لائق پگهار مقرر ڪري حڪم جاري ڪيائين تہ ساري ملڪ ۾ عهديدارن جون سڀيون پگهارون مقرر ڪيون وڃن، جنهن هو تمام آرام سان وقت گذارين.

جڏهن سندس بادشاهي اٺين سال کي پهتي ته، هن گهٽتين سان ڀريل جهان مان انتقال ڪري ويو.

## ڄام نظام الدين عرف ڄام نندي جو ذڪر
## (بن ٻٻو بن انڙ بن صلاح الدين بن تماچي)

سنجر جي فوت ٿيڻ کان پوءِ تاريخ ٢٥ ربيع الاول سن ٨٦٦ هه [٨٣] ۾ بادشاهيءَ جي گادي ٿي ويٺو. هن جي ويهارڻ تي سڀ ساڌو، عالم، صالح، رعيت ۽ سپاهي متفق هئا. هن خود مختيار حاڪم ٿي سر بلنديءَ جو جهنڊو بلند ڪيو.

روايت ڪن ٿا ته ابتدا ۾ ڄام نظام الدين علم جي طلب ڪندو هو. مدرسن ۽ خانقاهن ۾ گذاريندو هو ۽ نهايت نهٺو، خليق، وڻندڙ صفتن ۽ سهڻن اخلاقن سان موصوف هو. ڪمال، درجي جي زهد ۽ عبادت جو مالڪ هو. سندس فضيلت ۽ حالت، هن کان زياده آهي جو ان مان ڪجهه ٿورو لکي سگهجي.

تخت نشين ٿيڻ سان وڏو لشڪر وٺي بکر ۾ آيو ۽ هڪ سال رهي قورن جون پاڙون پٽي هر قسم جو ذخيرو وڏي انداز ۾ بکر جي قلعي ۾ رکيائين. دلشاد نالي هڪڙو سندس گهر ڄائو نوڪر هو ۽ مدرسن ۾ سندس خدمت ڪندو هو، تنهن کي بکر ۾ مقرر ڪري، سنڌ جي پسگردائيءَ ۽ سرحدن جو اهڙي قسم جو انتظام رکيائين جو ماڻهو آرام سان رستن تي آمد رفت ڪندا هئا. اتان دلجاءِ ڪري هڪ سال کان پوءِ سوٽي اچي ٤٨ سال، ٺٽي ۾ خود مختياريءَ سان گذاريائين.

سندس حڪومت جي زماني ۾ عالمن، صالحن ۽ فقيرن ڏاڍي، آرام ۾ وقت ٿي گذاريو. سپاهي ۽ رعيت پڻ آسودا ۽ خوش هئا.

ڄام نظام الدين ملتان جي حاڪم سلطان حسين لانگاه جو همعصر هو، ۽ سندن وچ ۾ دوستي ۽ محبت جو رستو قائم هو، ۽ هڪٻئي ڏانهن هميشه تحفا ۽ سوکڙيون موڪليندا هئا.

ڄام نظام الدين هر هفتي پنهنجي طبيلي ۾ ويندو هو ۽ گهوڙن جي پيشانيءَ تي هٿ ڦيري چوندو هو ته اي بختاورؤ! جهاد کان سواءِ توهان تي سواري ڪرڻ نٿو چاهيان، ڇاڪاڻ ته چئني سرحدن تي اسلامي حاڪم آهن. [٧٤] دعا ڪريو ته، شرعي سبب کان سواءِ ڪٿي به نه وڃان ۽ نه وري ٻيو ڪو هٿي اچي، متان مسلمانن جو خون بناڏوهه جي وهي، ۽ الله سبحانه و تعاليٰ وٽ شرمندو ٿيان.

هن جي بادشاهيءَ جي زماني ۾ سنت نبوي جي پيروي ايتري ته شايع ٿي ويئي جو ان کان وڌيڪ تصور نٿو ڪري سگهجي. مسجدن ۾ جماعت سان نماز پڙهڻ جو دستور اهڙو ته رائج ٿي ويو هو، جو ننڍا خواهه وڏا مسجد ۾ اڪيلي نماز پڙهڻ پسند نه ڪندا هئا. جيڪڏهن ڪنهن وقت ڪنهن کان جماعت گسي ويندي هئي ته نهايت پشيمان ٿي، ٻه ٽي ڏينهن استغفار پڙهڻ ڪي لڳي ويندو هو.

ڄام نظام الدين جي حڪومت جي پوين ڏينهن ۾ شاه بيگ جي لشڪر قندار کان اچي اکڙي، چانڊوڪي ۽ سيد يڇيءَ ۾ ڦر ڪئي. ڄام هڪ وڏو لشڪر مغلن جي فساد بند ڪرڻ لاءِ چاڙهي موڪليو، جن جلوگير نالي مشهور ڳوٺ وٽ اچي وڃي سخت لڙائي ڪئي. (١) انهيءَ لڙائي ۾ شاه بيگ جو ڀاءُ قتل ٿي ويو ۽ ٻيا

---

(١) اسان جي خيال ۾ هتي مير معصوم جي عبارت ۾ خلل آهي. ڄام نظام الدين جو لشڪر مغلن ڪي ڪٿي پهتو، انهيءَ لاءِ فقط "مشهور ڳوٺ" لکيو ويو آهي. ڳوٺ جو نالو ڪونهي. البت مير قانع تحفته الڪرام، ص ٥٣، ج ٣ ۾ انهي جاءِ جو نالو سيوي لکيو آهي. خود مير معصوم به ص ١١٢ ۾ ائين لکيو آهي. والله اعلم (مترجم)

شڪست کائي قنڌار موٽي ويا ۽ ڄام نظام الدين جي حياتيءَ ۾ وري سنڌ ۾ نہ آيا.

ڄام نظام الدين انهيءَ وقت جي عالمن سان گهڻو وقت علمي بحث مباحثہ ۽ ڳالهہ ٻولهہ ۾ گذاريندو هو. جناب مولانا جلال الدين محمد دواني شيراز کان سنڌ ملڪ ۾ اچڻ جو اراد و رکي پنهنجن ٻن شاگردن مير شمش الدين ۽ مير معين کي ٺٽي موڪليو، اتي اچي رهڻ جي استدعا ڪئي، (جنهن تي) ڄام نظام الدين لائق حويليون مقرر ڪري گذران جو اسباب تيار ڪيو، ۽ هنن هٿان راه خرچ لاءِ پئسا پڻ موڪليائين. پر قاصدن جي پهچڻ کان اڳ مولانا آخرت جو سفر اختيار فرمايو. جيئن تہ مير شمس الدين ۽ مير معين کي ڄام نظام الدين جي صحبت وڻي ويئي هئي تنهنڪري موٽي اچي ٺٽي ۾ رهيا. [۷۵]

ڪجهہ وقت کان پوءِ ڄام نظام الدين هميشہ رهندڙ ملڪ ڏانهن لڏي ويو ۽ کانئس پوءِ سنڌ ملڪ جي حالات ۾ تمام خلل پئجي ويو.

## ڄام فيروز جو بيان

جڏهن ڄام نظام الدين آخرت جو سفر اختيار ڪيو تڏهن سندس پٽ ڄام فيروز ننڍيءَ ڄمار جو هو، ۽ ڄام سنجر جو ڏوهٽو ڄام صلاح الدين، جو ڄام جي عزيزن مان هو تنهن بادشاهيءَ جي تخت تي ويهڻ جي خواهش ڪئي. درياءَ خان ۽ سارنگ خان جيڪي ڄام جي اعتبار وارا غلام هئا ۽ نهايت دبدبي ۽ اثر هون، تن هيءَ ڳالهہ قبول نہ ڪئي، بلڪ سندس بدران ٺٽي جي شريفن ۽ مکيہ ماڻهن جي صلاح سان ڄام فيروز کي بادشاهيءَ جي تخت تي ويهاريائون. ڄام صلاح الدين جنهن جهيڙو ۽ تڪرار ڪنديو هو سو مايوس ٿي گجرات هليو ويو، ۽ وڃي سلطان مظفر گجراتيءَ وٽ پناهہ ورتائين. جيئن تہ سلطان مظفر جي اهليہ ڄام صلاح الدين جي سؤٽ هئي، تنهنڪري سلطان مظفر سندس طرفداري ڪندو رهيو.

ڄام فيروز ابتدا جوانيءَ ۾ تخت تي ويٺو هو، تنهنڪري

عيش ڪي لڳي ويو ۽ گھڻو ڪري اندر حرم ۾ رهڻ لڳو. ڪڏهن ڪڏهن ٻاهر ايندو هو ته مخنث ۽ مسخرا سندس مجلس ۾ هوندا هئا ۽ راز داري ۽ مسخري پيا ڪندا هئا. سندس وقت ۾ سما ۽ خاصخيلي شهر جي ماڻهن تي ڏاڍا ظلم ڪندا هئا. دريا خان روڪيندو هو ته انهيء جي بي عزتي ڪندا هئا، جنهنڪري دريا خان موڪل وٺي اچي پنهنجي جاگير تي ڳاهن ۾ رهيو. ۽ انهن ڏينهن ۾ مخدوم عبدالعزيز ابهري محدث ۽ سندس ٻه فرزند مولانا اثيرالدين ابهري ۽ مولانا محمد، جن مان هر هڪ متبحر عالم هو، ڳاهن ۾ تشريف فرما ٿي ڪي سال علم جي اشاعت ڪي لڳي ويا. سندن اچڻ جو سبب شاه اسماعيل (صفوي) جي، سن ٩١٨ ھ، واري بغاوت هئي. مٿيون مولانا [٧٦] سيني نقلي خواه عقلي علمن جو جامع هو ۽ هر علم ۾ عمديون تصنيفون ڪيل اٿس، جن مان سندس لکيل "مشڪوات" (شريف) جو شرح پڻ آهي، پر پورو نه ڪري سگهيو: انهيء جو مسودو مؤلف جي ڪتبخاني ۾ موجود آهي. اڪثر استعمال ٿيندڙ ۽ رواج هيٺ آيل ڪتابن تي حاشيا لکيا اٿس. اتي ئي ڳاهن جي سرزمين تي آخرت جي سفر تي روانو ٿيو. سندس مزار ڳاهن جي مقبري ۾ آهي جا اتي جي ماڻهن جي زيارتگاه آهي.

قصو مختصر ته ڄام فيروز جڏهن عيش عشرت ۾ لڳي ويو ۽ ملڪ جا بنياد ڍرڻ لڳا، تڏهن انقلاب پسند ماڻهن ڄام صلاح الدين ڏانهن ماڻهو موڪلي، کيس انهيء حال کان واقف ڪيو ته ڄام فيروز گھڻو وقت مست ۽ غافل ٿو رهي. دريا خان جو ملڪ جي لاء اڇو هو، سو پڻ عذر پيش ڪري گوشي نشين ٿي وڃي ڳاهن ۾ ويٺو آهي، هاڻي وقت آهي، جلد ئي پاڻ کي هت پهچايو. ڄام صلاح الدين تنهن جي ماڻهن جا خط سلطان مظفر جي گذارش ۾ آندا، جنهن تي سلطان مظفر گھڻو لشڪر ڄام صلاح الدين سان همراه ڏيئي، کيس ٺٽي موڪليو، ۽ هو لاڳيتيون منزلون ڪندو دور دراز سفر ڪري، يڪدم اچي، ٺٽي وارو درياء ٽپڻ لڳو.

ڄام فيروز جا ماڻهو پريشان ٿي ڪيس ۾ ئي رستي ڪان ڪڍي ويا.
ڄام صلاح الدين ٺٽي جي شهر ۾ بادشاهيءَ جي تخت تي ويٺو ۽
ڄام فيروز جي ماڻهن تي وٺ- پڪڙ ۽ چٽيون وجهي مال طلب
ڪرڻ لڳو. هوڏانهن ڄام فيروز کي سندس والده گاهن ۾ درياء
خان وٽ وٺي ويئي، ۽ عاجزيءَ سان گذريل تقصيرن جي معافي
ورتائين. درياء خان اڳين حقن کي نظر ۾ رکي لشڪر گڏ ڪرڻ
کي لڳو. جڏهن بکر ۽ سيوستان جو لشڪر متفق ٿي ڄام فيروز
جي جهنڊي هيٺان گڏ ٿيو، ۽ بلوچ خواه راج جي ماڻهن پڻ توجهه
ڪيو، تڏهن درياءَ خان لشڪر وٺي ڄام صلاح الدين کي دفعي
ڪرڻ ڏانهن روانو ٿيو. ڄام صلاح الدين اڳتي وڌي لڙائي ۽
جنگ شروع ڪرڻ گهري، پر حاجي جو سندس مکيه وزير هو، تنهن
صلاح اها ڪئي ته ڄام صلاح الدين پاڻ شهر ۾ رهي ۽ جنگي
هاٿي ۽ لشڪر ساڻس (حاجي سان) همراه ڪري جنگ تي موڪلي،
جنهنڪري ڄام صلاح الدين پاڻ شهر ۾ ترسي حاجي وزير کي
لڙائيءَ تي موڪليو. ٻنهي لشڪرن جي وچ ۾ لڙائيءَ جي باهه
پڙڪي، ۽ ٻنهي طرفن کان بهادر جنگ ۾ ڪسڻ لڳا. آخر درياءَ
خان جو لشڪر شڪست کائي هٽڻ لڳو. حاجي وزير سواريءَ جي
حالت ۾ ڄام صلاح الدين ڏانهن عريضو موڪليو ته فتح توهان جي
آهي، دلجاء ڪيو. جنهن صورت ۾ بيگاه ٿي ويو هو، تنهنڪري
وڌيڪ پيڇو نه ڪري سگهيو. قاصد عريضي سميت درياء خان جي
ماڻهو جي هٿ چڙهي ويو. هن هڪدم عريضي جو مضمون ڦيرائي
حاجي وزير جي ٽاليءَ سان ٻيو عريضو لکيو ته توهان جو لشڪر
شڪست کائي ويو، دشمن جو لشڪر زور آهي؛ توهان پنهنجو
اهل و عيال ٺٽي مان ٻاهر ڪڍي وڃو، دير بلڪل نه ڪندا،
پاڻ هڪبئي سان-چاچڪن ۾ ملنداسون. هن عريضي ملڻ شرط
ڄام صلاح الدين رمضان شريف جي ۹ تاريخ افطار ڪرڻ کان سواء
ئي، درياهه ٽپي ويو ۽ کيس شڪست آئي. سندس حڪومت جو
عرصو ۸ مهنا رهيو. جڏهن حاجي وزير ڄام صلاح الدين سان ملي

ملامت ڪئي ته پڇي نڪرڻ جو (آخر) باعث ڪهڙو هيو، تڏهن هن حاجيءَ جو عريضو ڪڍي ڏيکاريو. حاجيءَ چيو ته هيءَ مون نه لکيو آهي. نيٺ درياءَ خان جي چالاڪيءَ کان واقف ٿي ڏاڍو افسوس ڪيائين. ليڪن معاملو هٿ کان نڪري چڪو هو، ۽ ندامت مان ڪوبه فائدو نه ٿيو (بلڪ خواه مخواه) افسوس ڪرڻ لڳا. هوڏانهن درياءخان به ٿي منزلون پيڇو ڪري آخر عيدالفطر جي ڏينهن ڄام فيروزڪي ٺٽي ۾ آڻي عيدگاه ۾ نماز ادا ڪئي.

ڄام فيروز ڪي سال استقلال سان [٧٨] گذاريا، جيستائين سن ٩٢٦ هه ۾ شاهه بيگ ارغون سنڌ جي فتح ڏانهن رخ رکيو. شاهه بيگ جي لڙاين جا واقعا پنهنجيءَ جاءِ تي مذڪور ٿيندا.

جڏهن ته سومرن ۽ سمن جي احوال بابت ڪوبه اهڙو نسخو ڏسڻ ۾ ڪونه آيو، جنهن ۾ سنڌ ن احوال مفصل لکيل هجي، تنهنڪري جيڪو اجمالي بيان لکيل مليو سو هتي لکيو ويو آهي. جيڪڏهن ڪنهن به پياري کي وڌيڪ واقفيت هجي ته ملائي ڇڏي. [٧٩]

# ارغوني حاڪمن جي بادشاهيءَ، ۽ سنڌ
# حڪومت جي عرصي ۾ لڙاين جي
# واقعات جي بيان ۾

---

## مير ذوالنون ارغون جي مختصر احوال
## جو بيان

امير ذوالنون بن مير حسن بصري جو قوم جي گهڻن بهادرن کان بهادريءَ ۽ دليريءَ ۾ ممتاز هو، سو سلطان ابوسعيد مرزا جي زماني ۾ سندس ملازمن جي لسٽ ۾ وقت گذاري رهيو هو، ۽ مقابلي ۽ جنگ جي ڏينهن ۾ مردانه ڪوششون ڏيکاريندو هو، جنهنڪري مٿس ابو سعيد مرزا جي نظر عنايت ۽ مهربانيءَ ٿيڻ لڳي، ۽ قسمين قسمين انعام اڪرام حاصل ڪري پائرن ۽ عزيزن کان مرتبي ۾ وڌي ويو، ۽ سندس جهڙا مٿس رشڪ ڪرڻ لڳا.

قرا باغ جي واقعي کان پوءِ امير ذوالنون پنهنجي پيءُ جي خدمت ۾ هرات هليو ويو. ڪي ڏينهن سلطان يادگار مرزا جي، خدمت ۾ پڻ گذاريائين، تنهن کان پوءِ سمرقند ويو، جتي مٿس، سلطان احمد مرزا جي نظر التفات ٿي، ۽ ٻه-ٽي سال انهيءَ ملڪ ۾ گذاريائين. انهيءَ کان پوءِ ترخاني ۽ ارغوني اميرن ۾ تڪرار ٿيڻ ڪري وري ٻيو دفعو خراسان ڏانهن روانو ٿيو. جيئن ته

اتي وچي سلطان حسين مرزا جو منظور نظر ٿيو، تنهنڪري غور ۽ داور ملڪن جي سنڀال سندس حوالي ٿي، ڇاڪاڻ ته انهيءَ زماني ۾ هزاره ۽ تڪدري جي ماڻهن جو انهن ملڪن تي تمام گهڻو غلبو ٿي ويو هو.

امير ذوالنون سن ٨٨٤ھ ۾ ڏورڙي لشڪر سان اوڏانهن روانو ٿيو، ۽ ٽن چئن سالن جي مدت ۾ انهيءَ جماعت سان ٻه چار ڀيرا لڙايون ڪري، بادشاهي بخت جي برڪت سان سڀني لڙاين ۾ سوڀارو ٿي، اهو ملڪ پنهنجي قبضي ۽ تابعداريءَ هيٺ آندائين. هزاره ۽ تڪدري جا ماڻهو خواهہ ٻيا [٨٠] هيءَ حقيقت بار بار مشاهدي ڪرڻ ڪان پوءِ فرمانبردار ٿيا، ۽ وري ڪڏهن به مخالفت نہ ڪيائون. مير ذوالنون جي حسن خدمتيءَ قبوليت جو شرف حاصل ڪيو، ۽ فتحمند خاقان سلطان حسين مرزا، قندهار فراه ۽ غور ملڪن جي ساري ڪاروبار جي واڳ سندس هٿ ۾ ڏني. مير ذوالنون انهيءَ ملڪ ۾ استقلال حاصل ڪري شال، مستونگ ۽ انهن جي پسگرداءِيءَ تي پڻ قبضو ڪري ورتو. والله علم.

## مرذوالنون ارغون جو بديع الزمان مرزا سان اخلاص ۽ سچائيءَ جي رستي سان هلڻ

جيئن مٿي بيان ٿي آيو، فتحمند خاقان، مير ذوالنون جي تربيت ۽ پرورش ڪري، ڪيس نشان ۽ جهنڊي جي نوازش سان سرفراز ڪري قندار، گرم سير ۽ داور جي سرزمين عطا ڪئي. ٽن چئن سالن ڪان پوءِ، مير ذوالنون چڱو لشڪر تيار ڪيو ۽ هزاري، تڪدري، قبچاق ۽ قندار جي مغلن ڪي پاڻ سان متفق ڪيائين. هيءَ خبر جڏهن فتحمند خاقان جي ڪن پيئي، تڏهن هڪدم مير ذوالنون جي گهرائڻ جو حڪم جاري ڪيائون، ۽ هو بہ بنا ڪنڪي ۽ بنا دير اچي تخت آڏو حاضر

ٿيو. تحفا گذارش هيٺ آنـدائين، شهزادن ۽ بادشاهي اميرن، وزيرن کي پڻ سندن درجن مطابق لائق سوکڙيون پيش ڪيائين، جنهنڪري سڀ ماڻهو مير ذوالنون جي تعريف، سچائي ۽. خيرخواهي ڳائڻ لڳا. ايتري هوندي به بادشاهه والا جاه کي اطمينان حاصل نه ٿيو. مير ذوالنون نهايت داناءُ هو، پنهنجي، فراست (دانائي) ۽ دوراند يشيءَ سان معاملي جي نوعيت سمجهي ويو. سو چا ڪيائين جو پاڻ کي مرزا بديع الزمان سان ڪٺي وابسته، ڪيائين، ۽ خلوت ۾ خواهه محفل ۾ سندس خدمت ۾ پهچي، هر روز ڪو نئون نذرانو عرض رکندو هو. نيٺ هڪ رات مرزا کي عرض ڪيائين ته مان [۸۱] معاملي جي رخ مان سمجهان ٿو ته، بادشاه مون کي موڪل ڪانه ڏيندو، تنهن ڪري [اراد و اٿم ته] مان پنهنجي ماڻهن کي موڪل ڏئي ڇڏيان ته پنهنجي گهر. موٽي وڃن. مرزا سندس مصلحت جي تعريف ڪئي، ۽ مير ذوالنون، ڪن ٿورن ماڻهن سان قريبا هڪ سال شاهي ڪئمپ ۾ رهيو. آخر. هڪ رات فتح مند خاقان جي خاص مجلس ۾ هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون هلي رهيون هيون ته پاڻ ڳالهائيندي ڳالهائيندي فرمايائون ته ذوالنون بابت خير خواهن جي ڪهڙي راءِ آهي؟ اهل مجلس اجا جواب ۾ ويچار ڪري رهيا هئا ته مرزا بديع الزمان عرض ڪيو ته قندار جي حڪومت ڪوبه امير قبول نه ٿو ڪري، جنهن کي به قندار جي حڪومت لاءِ مقرر ڪري موڪليو اٿوَ، سو ٻن ٽن سالن جي عرصي ۾ وبا جي بيماريءَ جو شڪار ٿي فنا ٿي ويو آهي؛ تنهنڪري مير ذوالنون کي موڪليو وڃي ته ٻن حالتن کان خالي نه ٿيندو: يا ته فرمانبردار ٿي رهندو يا نه رهندو. تنهن کان پوءِ ٻن حالتن کان خالي نه آهي: يا پڪڙيل مرض ۾ گرفتار ٿيندو يا نه، پر جيڪڏهن مرض جي چنبي کان به ڇٽي ويندو ته به اسان جي چنبي کان ڇٽي نه سگهندو. بادشاهه هي سخن پسند ڪري فرمايو ته چڱو هي معاملو توهان جي اختيار ۾ آهي. مرزا بديع الزمان مير ذوالنون جو ذمو پاڻ تي کنيو، ۽ فتح مند خاقان قيمتي سروپاءِ، لغام ۽

زين سميت گهوڙو ۽ لشڪر جو ٻيو سامان جهڙوڪ نقارو ۽ جهنڊو مير ذوالنون جي حوالي ڪرڻ، ۽ شاهي آفيس مان شاهي مهر سان سند سندس مقرريءَ جي فرمان جاري ڪرڻ جو حڪم عنايت فرمايو. مير ذوالنون پڻ هڪ عهدنامو لکي مرزا جي حوالي ڪيو ته جڏهن به مرزا کي ڪو حادثو پيش ايندو ته هو دل و جان سان مدد ڪندو ۽ جنهن وقت به حاضر ٿيڻ جو فرمان صادر ٿيندو ته بنا دير اچي حاضر ٿيندو. مرزا جي مهربانيءَ کي خيال ۾ رکي مير ذوالنون هڪ تڪڙو قاصد قندار موڪلي، پنهنجي هدايت واري فرزند شاهه بيگ کي گهرايو. [تنهن سان گڏ] عبدالرحمان ارغون، زينڪ ترخان، جعفر ارغون ۽ سلطان محمود بکري جو والد مير فاضل پڻ ٻه سؤ سوار ساڻ ڪري يلغارون ڪري، اچي خراسان پهتا. شاهه بيگ جي اچڻ ڪري، فتحمند خاقان، مرزا بديع الزمان ۽ حڪومت جي دفتر سان تعلق رکندڙن سڀني کي پوري تسلي حاصل ٿي.

## مير ذوالنون جي قندار رواني ٿيڻ جو بيان

مير ذوالنون جڏهن فتحمند خاقان جي خدمت ۾ گهڻو عرصو گذاريو، تڏهن مرادمند شهزادن، ناليرن اميرن ۽ عزت ماب وزيرن مير ذوالنون جي مشڪل حل ڪرڻ ڏانهن توجهه ڪيو، ۽ حضور ۾ عرض ڪيائون ته قندار جي سرحدن تي خلل پيدا ٿي ويو آهي، جيڪڏهن فرمان اعليٰ هجي ته مير ذوالنون ڪاروبار ڏانهن متوجهه ٿي بندوبست ڪري. فرمان اعليٰ جاري ٿيو ته مير ذوالنون پنهنجو فرزند ۽ پنهنجا امير حاضريءَ ۾ ڇڏي پاڻ قندار وڃي. حڪم ٿيڻ سان مير ذوالنون موقعي کي غنيمت سمجهي پنهنجو پٽ، امير ۽ ماڻهو ساڻ وٺي يلغارون ڪندو قندار روانو ٿيو، ۽ گهڻي ماڻهو سامان ۽ هٿيارن

سميت گهر ۾ ڇڏي ويو. ٻن ڏينهن کان پوءِ خاقان بلند مڪان فرمايو ته امير ذوالنون نوروز تائين ترسي نوروز جو جشن گذاري پوءِ قنڌار وڃي. هڪڙو سردار هن جي جاءِ تي آيو. سامان اسباب ساڳئي حال ۾ موجود ڏسي، احوال معلوم ڪري مير ذوالنون جي رواني ٿيڻ جي ڪيفيت وڃي حضور ۾ عرض ڪيائين. خاقان جي زبان مان نڪتو ته امير ذوالنون اهڙو ويو جو اسان کي وري نه ڏسندو. سيني شهزادن ۽ اميرن پناهه گهري چيو ته هو موٽي ايندو، سندس گهوڙن جو طبيلو، اٺ، گهر جو فرش ۽ ٻيو اسباب سمورو سندس گهر ۾ جيئن جو تيئن پيو آهي. بادشاهه فرمايو ته اهو ئي ته هن جي عقل ۽ دانائيءَ جو ڪمال آهي جو اسان کي راند ڏيئي ويو، حقيقت ۾ هو نه ائين. دلداريءَ جو فرمان لکي امير (١) عليءَ جي هٿان، جو دربار جو معتمد عليه هو، مير ذوالنون ڏانهن روانو ڪيائين. امير علي نهايت تکڙو وڃي، جنهن وقت هو فراه کان روانو ٿي رهيو هو، انهيءَ وقت کيس پهچي، حڪم پهچايو. مير ذوالنون توجهه ڪري ڏاڍيءَ تعظيم سان فرمان ورتو، [٨٣] ۽ مضمون کان واقف ٿي ڏاڍي خوشي ڪيائين، ۽ اميرعلي کي معذرت طور چيائين، ته هاڻي جڏهن گهر کان ٻن منزلن تي اچي پهتا آهيون تڏهن فرزندن سان ملاقات ڪري، ڪاروبار کان واقف ٿي، پوءِ توهان سان گڏجي هلنداسون. قنڌار پهچڻ تي منزل انداز ٿي، اميرعلي جي ڏاڍي تعظيم ۽ عزت ڪيائين. مير ذوالنون

(١) اصل ۾ لفظ "ساربان" آهي. ساربان جون ٻه معنائون آهن. هڪ امير (Prince) ٻي اٺ هلائيندڙ، اوٺي (Camel driver). اسان هت پهرينءَ معنيٰ کي اختيار ڪيو آهي، ڇاڪاڻ ته امير ذوالنون جهڙي جليل القدر امير ڏانهن دلجوئي ۽ دلاسي واسطي هڪ جت کي موڪلڻ ڪا معنيٰ نٿو رکي. (مترجم)

پنهنجي پٽن شاهه بيگ، محمد مقيم ۽ پنهنجي ڀاءُ مير سلطان عليءَ جي روبرو ڪيس پنهنجي تنبوءَ ۾ گهرائي ملاقات ڪئي. اوڀارين لهوارين ڳالهين ڪان پوءِ، چيائين ته اسان کي يقين آهي ته بادشاهه وري اسان کي موڪل نه ڏيندو، بلڪ پشيمان ٿيو آهي. تون سچي ٻڌاءِ (ته ڳالهه ڪيئن آهي).

جنهن صورت ۾ هن گهڻي مهرباني ڏني هئي، تنهنڪري سندن مرضي[مطابق ڳالهه ڪيائين. پوءِ ڪيس گهوڙو، پوشاڪ ۽ گهڻو سون ڏيئي موڪل ڏنائين. امير علي موٽي فتحمند خاقان جي خدمت ۾ پهتو ۽ حقيقت حال عرض رکي مير ذوالنون جو عريضو خلوت ۾ پيش ڪيائين. [ظاهر آهي] جڏهن معاملو هٿان نڪري چڪو هو، تڏهن پشيمانيءَ کان سواءِ ڪوبه فائدو نه ٿيو. والله اعلم بالصواب.

## مرزا بديع الزمان جي قندار وڃڻ جو بيان

جڏهن مرزا بديع الزمان، ڏنگيءَ طبع هجڻ ڪري فتحمند خاقان کان ڏکوئجي ۽ ڀائرن کان نااميد ٿي گرمسير قندار جي ملڪن ڏانهن روانو ٿيو، تڏهن انهيءَ ملڪ ۾ پهچڻ کان پوءِ، مير ذوالنون ۽ سندس فرزندن شاهه بيگ ۽ محمد مقيم بلادير سندس استقبال ڪري، نياز ۽ قرباني جا فرائض بجا آندا، ۽ وس آهر سندس دل مبارڪ کي خوش ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي انهي عاليمقام بادشاهه جي ڪاروبار جي انتظام تي پورو توجهه ڏنائون. انهن ئي ڏينهن ۾ بديع الزمان مرزا مير ذوالنون جي نياڻي سڳوريءَ جي گهر ڪري انهيءَ کي پنهنجي نڪاح ۾ آندو ۽ ڪي ڏينهن عيش عشرت سان، خوشيءَ ۽ آرام ۾ [۸۴] گذاريا. انهيءَ تعلق ڪري مير ذوالنون ۽ سندس اولاد جي اخلاص جو بنياد ڏانهنس نهايت مضبوط ٿيو ۽ انهيءَ ڪري مرزا جو استاد

شيخ علي طغائي ڪاوڙيو، ۽ نيٺ قيد ۾ پيو. صورت حال هيئن هئي ته هڪڙي ڏينهن مير ذوالنون داور جي ڪنهن مزار جي زيارت ۾ مشغول هو ته هڪ فدائي فريادي جي صورت ۾ سامهون اچي مير ذوالنون کي ڇرو هنيون جنهن تي سنڌس نوڪرن هن کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو. معلوم ٿيو ته اها حرڪت شيخ علي طغائيءَ جي چرچ تي ٿي هئي. مير ذوالنون ۽ سندس اولاد هن جي قتل ڪرڻ جو ارادو ڪيو، پر امير شيخ علي مرزا بديع الزمان جي تنبوءَ ڏانهن ڀڄي ويو، ۽ ارغوني ٻن ٽن هزارن سوارن سان شاهي تنبوءَ کي مرڪز وانگيان گهيري ويا ۽ سندس حضور ۾ ماڻهو موڪلي امير شيخ عليءَ جي طلب ڪيائون. بديع الزمان مرزا فرمايو ته توهان وٽ اسان شيخ عليءَ کي موڪليون ٿا. هنن مرزا جو پيغام قبول نه ڪيو، ليڪن سخت قسمن کائڻ سان تاڪيدي وعدو ڪيائون ته شيخ عليءَ کي نه کهندا. اقرار کان پوءِ بديع الزمان مرزا، شيخ عليءَ کي مير ذوالنون جي حوالي ڪيو ۽ هو دوباره ڪانئس راضي ٿي خدمت لاءِ ڪمر ڪشي بيٺو، ۽ امير شيخ عليءَ کي ڪجهه وقت گرمسير جي هڪ قلعي ۾ قيد رکي آخر اجازت ڏنائين ته جيڏانهن سندس دل گهري اوڏانهن هليو وڃي. امير شيخ علي فتحمند خاقان جي دربار ۾ حاضر ٿي، وڏن اميرن جي سلسلي ۾ داخل ٿيو. جن ڏينهن ۾ مرزا بديع الزمان داور جي سرزمين تي گذاري رهيو هو، انهن ڏينهن ۾ مرزا بديع الزمان جي پٽ مرزا محمد مؤمن جو تڪليف ڏيندڙ حادثو مشهور ٿيو.

## محمد مؤمن مرزا ولد بديع الزمان مرزا جو گرفتار ٿيڻ ۽ انهيءَ نونهال جو الاهي تقدير جي جهولي سان پاڙئون پٽجڻ جو بيان

محمد مؤمن مرزا سچ جهڙو شهزادو هو. قوه جوانيءَ ۾ [٨٥]

سنڌس زندگانيءَ جو ٻوٽو اجل جي سخت هوا سبب ڪري ڀڳو. جنهن جي مختصر صورت حال هن طرح آهي ته جڏهن سنڌس والد بزرگوار سنڌس ڏاڏي يعني فتحمند خاقان سلطان حسين مرزا کان رنج ٿي قنڌار ڏانهن واڳ ورائي، تڏهن محمد مؤمن مرزا استرآباد ۾ ٿي رهيو. پيءُ قنڌار ڏانهن ويندي وقت پياري فرزند ڏانهن پيغام موڪليو ته توکي منهنجي سنگت ڪرڻ مناسب آهي، ۽ توکي هيڏانهن واڳ ورائڻ گهرجي. شهزادي پيءُ کي پيغام موڪليو ته شاهي خاندان کان منهن موڙي پنهنجي ملازمن وٽ پناه وٺڻ توهان لاءِ مناسب ڏسڻ ۾ نٿو اچي. بديع الزمان مرزا فرزند جي راءِ تي آفرين ڪئي، ۽ جيڪي سانڍس پيروي جوڳا ماڻهو هئا تن مان ڪي موڪلي تاڪيد ڪيائينس ته جيئن ته چاچا انتقام لاءِ تيار آهن، تنهنڪري سنڌن ڳالهين تي متان لڳجين، ۽ جيڪڏهن ڏاڏو بزرگوار توکي گهرائي ته جهان جي سردار جي حڪم جي تابعداري ڪري پاڻ کي خدمت ۾ رسائج، ۽ جيڪڏهن حڪم جي برخلاف ڪو ماڻهو ايڏانهن جي حدن ۾ داخل ٿئي ته لڙائي ڪج.

مطلب ته جڏهن مظفر حسين مرزا استرآباد جي پسگردائيءَ ۾ اچي لٿو تڏهن محمد مؤمن مرزا خبر ٻڌي چاچي جي فرمانبرداريءَ ۾ قدم رکي استقبال ڪرڻ ۽ ملڪ ۽ مال سنڌس حوالي ڪري کنهن پاسي نڪري وڃڻ ٿي چاهيو ته ايتري ۾ بديع الزمان مرزا جو فرمان کيس پهتو ته ڪنهن به صورت ۾ اختيار جي واڳ پنهنجي هٿان نه ڇڏج، ۽ لشڪر گڏ ڪري لڙائي جي ميدان ۾ قدم رک. تنهنڪري محمد مؤمن مرزا لشڪر سينگاري استرآباد کان ٻاهر نڪتو، ۽ گهوڙو لڙائيءَ جي ميدان ۾ ڪڏايائين. مظفر حسين مرزا به بي‌انداز لشڪر سان ميدان ۾ آيو، ۽ نعرن نغارن ۽ شرنائين جا آواز ٻنهي طرفن کان بلند ٿيا، ۽ اک ڇنڀ ۾ تيرن تفگن جو مينهن وسڻ شروع ٿيو. قصو ڪوتاهه، جنگي

جوڙن ۽ بهادرن پاڻ ۾ گڏجي جنگ جو پيڙ ٻاريو، ۽ قيامت [٨٦] جي ڏينهن جي نشاني ظاهر ٿيڻ لڳي. مطلب ته محمد مؤمن مرزا بهادرن جي هڪ فوج کي موت جي خاڪ تي ليٽايو، پر ايتري ۾ شومئ تقدير سبب محمد مؤمن جي گهوڙي جو تنگ ڇڄي پيو ۽ پاڻ زين تان اچي زمين تي ڪريو. ڪرڻ سان هڪڙو سپاهي اچي سائس گڏيو. مرزا مظفر حسين هيءَ خبر ٻڌي هڪدم پاڻ اچي اتي پهتو ۽ پائنتي کي پاڪر ۾ وٺي دلداري ڏيئي بروقت استرآباد ۾ آڻي کيس چانديءَ جي زنجير ۾ قيد ڪيائين. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ پنهنجي ماسي امير محمد برندق برلاس جي هٿان کيس هرات ڏانهن موڪليائين، جنهن کيس مهيني صفر سن ٩٠٣ ھ ۾ اتي پهچائي قلعي ۾ قيد ڪيو، ۽ فتحمند خاقان جي خدمت ۾ حاضري لاءِ روانو ٿي، مرغاب نديءَ جي ڪناري تي اچي زمين بوسيءَ جو شرف حاصل ڪري حقيقت حال عرض ڪئي. [هوڏانهن] مظفر حسين مرزا جي والده خديجه بيگي بيگم، شهزاده محمد مؤمن مرزا جي زندگي پنهنجي پٽ مظفر حسين مرزا لاءِ موت جو پيغام تصور ڪري، هن بادشاهيءَ ۽ اقبال جي باغ جي نونهال کي ظلم جي جهولي سان ڪيرائڻ تي پوري همت خرچ ڪئي، ۽ خواجه نظام الملڪ کي، جو انهيءَ وقت ملڪ ۽ مال جو مختيار هو، پاڻ سان متفق ڪري، هڪ رات جڏهن فتحمند خاقان شراب جي نشي ۾ بي خبر هو تڏهن انهي شهزادي جي قتل جو حڪم حاصل ڪري يارعلي بخشيءَ (١) ۽ عبدالواحد گهوڙي سوارکي پنهنجن ٻن اعتبار جوڳن ماڻهن سان انهيءَ ڪم لاءِ مقرر ڪري، تمام جلدي روانو ڪيائين. ٻئي ڏينهن جڏهن فتحمند خاقان گذريل رات جي حڪم کان واقف ٿيو، تڏهن هڪ تڪڙيي

(١) بخشي = نائب ناظم، سيڪريٽري، خزانچي، انسپيڪٽر. (مترجم)

ماڻهوءَ هٿان فرمان مبارڪ موڪليائين ته انهيءَ اڪين جي ڏار کي هرگز ايذاءَ نه رسائجي. ليڪن اها بدڪار جماعت، خديجه بيگم جي مبالغي ۽ تاڪيد سبب نهايت جلد پنڌ پورو ڪري اچي اتي پهتي جتي محمد مومن مرزا قيد هو. شهزادو ڪيفيت حال معلوم ڪري تپو ڏيئي اٿيو، ۽ انهن کان پڇڻ لڳو. پوءِ اهي بدعاقبت بدبخت [٨٧] اهڙي جوان کي، جنهنجو خاندان ۾ مثال ڪونه هو، قتل ڪري انهيءَ ئي رات لشڪر ڏانهن واپس وريا. ٿورو پنڌ مس ڪيائون ته ڪين اهو ماڻهو مليو جنهن معافي جو پروانو ٿي آندو. پر جڏهن تقدير پنهنجو ڪم ڪري چڪي هئي تڏهن پشيمانيءَ ۽ افسوس کان سواءِ ڪوبه فائدو ڪونه ٿيو. صبح جو سويل امير جنئيدا، جو شهر ۾ موجود هو، شهر جي رهاڪن ۽ مکيه ماڻهن جي صلاح سان سندس پاڪ جسم جي تجهيز تڪفين جو بندوبست ڪري کيس هرات جي مدرسي شريف ۾ دفن ڪيو. جڏهن پنهنجي هدايت واري پٽ جي شهادت جي خبر بديع الزمان مرزا کي پهتي، تڏهن پريشانيءَ ۽ بي صبريءَ ۾ بدلي وٺڻ جو پڪو ارادو ڪري لشڪر گڏ ڪرڻ جو حڪم ڪيائين.

## سلطان حسين مرزا جي قندار ڏانهن روانو ٿيڻ، ۽ انهيءَ بادشاهه جي رستي مان واپس موٽڻ جو بيان

جڏهن بخت واري بادشاهه جي ڪن تي هيءَ خبر پيئي ته بديع الزمان مرزا، مير ذوالنون ارغون سان گڏ تمام گهڻو لشڪر گڏ ڪري محمد مؤمن مرزا جي بدلي وٺڻ لاءِ مقابلي ۽ لڙائي جي تياري ڪري رهيو آهي، تڏهن فتحمند خاقان پاڻ گرمسير ۽ قندار ڏانهن روانو ٿيو. مرزا بديع الزمان ۽ مير ذوالنون حضرت جي روانگيءَ کان واقف ٿي، فراه، داور ۽ قندار جي زميندارن ۽ هارين کي حڪم ڪيو، جنهن تي هنن ڪاڏي پيتي

جي جا شي ميسر ٿي سگهي سا قلعن ۾ داخل ڪئي، ۽ انهيءَ ملڪ جي ساري آمدني ڪارگر ماڻهن کي عطا ڪيائون. امير ذوالنون پشنگ جي قلعي کي ايڏو مضبوط ڪيو هو، جو جيڪڏهن مثلا ماڪوڙي چڙهڻ جي ڪوشش ڪري ها ته به رستو نه مليس ها، ۽ پاڻ انهيءَ قلعي ۾ ٿي ويٺو. بديع الزمان مرزا ڪنهن ٻئي بلند قلعي کي مضبوط بنايو. شاهه بيگ قندار جي قلعي کي ۽ محمد مقيم داور جي قلعي کي، ۽ فيصلو اهو ٿيو ته، جيڪڏهن فتحمند خاقان [٨٨] پشنگ ڏانهن روانو ٿئي ته بديع الزمان مرزا جنگ جي ارادي سان لشڪرگاهه جي پٺيان ڦري اچي، جيڪڏهن ڀيريان بديع الزمان جي دفعي ڪرڻ ۾ مشغول ٿئي ته، مير ذوالنون لشڪر جي پٺيان ڦري اچي. قصو ڪوتاهه، فتحمند خاقان فراهه جي ولايت لنگهي داور جي سر زمين تي آيو، پر ڪاڏي جي نه ليڻ ڪري شاهي لشڪر ۾ ڏڪار پيو ۽ اهڙي سخت حالت ٿي جو قريب هو ته سپاهه ظفر پناهه متفرق ۽ پريشان ٿي مير ذوالنون ڏانهن هليو وڃي. ايتري ۾ بادشاهه کي خبر پيئي ته بيست جي قلعي ۾ جنهن جي سنڀال عبدالرحمان ارغون جي، ذمي آهي، اناج جو گهڻو ذخيرو رکيل آهي، ۽ اهو آسانيءَ سان، هٿ ڪري سگهجي ٿو. تنهنڪري وڃي انهيءَ قلعي جي ٻاهران، فتح جو جهنڊو کوڙيائون. عبدالرحمان جي دل ۾ خوف پيدا ٿيو، جنهنڪري ڪو به ماڻهو جنگي اوزار استعمال ڪري تنهن کان، اڳ ۾ آڻ مڃي، سلطان جي خدمت ۾ حاضر ٿي، قلعي حوالي ڪيائين. حقيقت ۾ جيڪڏهن عبدالرحمان بيگ رڳو ٻه ٽي ڏينهن ثابت قدم رهي، قلعي داريءَ جون رسمون بجا آڻي ها ته، فتحمند خاقان جو لشڪر نهايت تنگ ٿئي ها، چاڪاڻ ته انهيءَ قلعي جي فتح ٿيڻ هوندي به، لشڪر ۾ اهائي تنگي باقي رهي، ۽ فتحمند خاقان موٽڻ ۾ مصلحت سمجهي انهيءَ ئي منزل کان هرات جي تختگاهه ڏانهن موٽي ويو.

# بديع الزمان مرزا جو شاه بيگ ارغون سان گڏجي النگ نشين ۾ سلطان حسين مرزا جي مبارڪ لشڪر ڏانهن رواني ٿيڻ جو بيان

هن احوال جي ڪيفيت هن طرح آهي تہ بهار جي ابتدا ۾ سلطان حيسن مرزا ڪجھ وقت عيش‌عشرت ۾ مشغول ٿيو، ۽ سپاهي ٽڙي پکڙي پنهنجي جاين ڏانهن هليا ويا، ۽ باقي ڪي ٿورا امير سلطان حسين جي لشڪر ۾ وڃي رهيا. هيءَ خبر وڃي بديع الزمان مرزا ۽ شاه بيگ ارغون ولد مير ذوالنون کي پهتي جي گرمسير ۾ رهيا پيا هئا. [٨٩] موقعو غنيمت ڄاڻي فيصلو ڪيائون تہ ٽي-چار هزار سوار ساڻ وٺي خاقان جي لشڪر ڏانهن يلغار ڪري اوچتو وڃي لشڪرگاه نصرت پناه تي ڪڙڪجي. اهو ارادو ڪري هوا جهڙن تڪن گهوڙن تي سوار ٿيا، ۽ هڪڙي گهڙي بہ پنڌ ڪرڻ کان آرام نہ ٿي ڪيائون. پنجن ڇهن ڏينهن ۾ وڃي سبزوار جي گرد و نواح ۾ پهتا. فريدون حسين مرزا کي خبر پئجي ويئي، جنهن قلعو محڪم ڪري هٿي تڪا ماڻهو هڪ ٻئي جي پويان درگاه معليٰ ڏانهن روانو ڪري، والد بزرگوار جي خدمت ۾ حادثي جي حقيقت عرض رکي. النگ نشين ۾ هن خبر پهچڻ تي سپاهه جي ٿوري هئڻ سبب خاقان عاليجاه جي درگاه جا مقرب ماڻهو ڳڻتيءَ ۾ پئجي ويا. هڪدم پنهنجا ڪي مقرب هرات جي تختگاه ڏانهن روانو ڪري، سلطان حڪم فرمايو تہ قلعي کي مضبوط ڪري امير علي شير قلعي جو انتظام سنڀالي، ۽ حڪم پهچڻ شرط لشڪر ڪئمپ ڏانهن روانو ڪري. سلطان حسين مرزا هڪدم ڪاهي ڪوتائي محافظ دستو اڳيرو موڪليو. هوڏانهن جيڪي ماڻهو اڳتي ويا هئا، تن لشڪر ڏسي

خبر آندي ته، ڪتي به ترسن نٿا ۽ واچ ميڻهن وانگيان پهچي رهيا آهن. سچ پچ جيڪڏهن بديع الزمان مرزا ۽ شاهه بيگ انهيءَ طرح سان ڪاهي انهيءَ رات چانوڻيءَ ۾ پهچن ها ته جيڪر اگرائي ڪري سلطاني لشڪر کي هيبتمتي ڪري ڇڏين ها، ۽ هن مهم جي فيصلي پنهنجي مرضيءَ موجب ڪن ها. مگر سلطان مرزا جو بخت زور هو، تنهنڪري کين اها توفيق نه ٿي، ۽ اسفراين جي گرد و نواح ۾ رات سمهي گذاريائون. صبح جو سوير جڏهن لشڪر فتح اثر جا ٽولن مٿان ٽولا ستارن وانگيان جمع ٿي لشڪر گاهه معلي ۾ اچي رهيا هئا، تڏهن بديع الزمان مرزا ۽ شاهه بيگ لشڪر جي ٿوري هجڻ واري گمان تي جيڪو کين هو، اچي ڪئمپ ۾ پهتا. پهچڻ شرط ٻنهي طرفن کان نغارن، شرنائين ۽ نعرن جا آواز بلند ٿيا. بديع الزمان مرزا ۽ شاهه بيگ وفادار سپاهي ساڻ وٺي جنگ ڇيڙي عجيب لڙائي ڪئي. نيٺ باد شاهه پنهنجي سر محافي ۾ سوار ٿي ميدان ۾ آيو. [٩٠] بس پوءِ ته سڄ اڀرڻ سان ستارن وانگيان هر ڪو ماڻهو هيڏانهن هوڏانهن گم ٿي ويو. بديع الزمان غور ڏانهن هليو ويو، ۽ شاهه بيگ داور ڏانهن. فتحمند خاقان ڪامياب ۽ خوش ٿي هرات ڏانهن رخ رکيو، ۽ باد شاهه حقيقيءَ جي حمد ۽ شڪرگذاريءَ جي بجا آڻڻ کي لڳي ويو. هيءَ واقعو شعبان سن ٩٠٣ ۾ ٿيو.

## باد شاهه والا جاه سلطان حسين مرزا جي بديع الزمان مرزا سان صلح ڪرڻ جو بيان

جنهن وقت بديع الزمان مرزا، شاهه بيگ سان گڏجي قندار کان النگ نشين ڏانهن يلغار ڪئي هئي، تڏهن مير ذوالنون غور ملڪ ۾ هو، تنهنڪري بديع الزمان مرزا شاهي لشڪرگاهه کان ناڪامياب ٿي مير ذوالنون جي چانوڻيءَ ڏانهن موٽي ويو هو. هن شهزادي جو استقبال ڪري سندس ذات مبارڪ صفات جي سلامتيءَ تي شڪرانا بجا آندا ۽ انهيءَ نقصان جي تدارڪ

لاءِ قندار، داور ۽ غور جي لشڪرن گڏ ٿيڻ لاءِ چؤطرف تڪڙا ماڻهو موڪليائين، جنهنڪري ٿوري وقت ۾ ارغون هزاره، ڪدري، قبچاق وغيره قبيلن جو گهڻو لشڪر مرزا بديع الزمان ۽ مير ذوالنون جي جهنڊي هيٺ گڏ ٿي، لڙائي ۽ مقابلي لاءِ تيار ٿيو. هيءَ خبر جڏهن خاقان فريدون جاه کي پهتي، تڏهن مرزا کي ٻيو ڀيرو گوشمالي ڏيڻ جي ارادي سان هو النگ نشين کان هرات ڏانهن روانو ٿيو. انهن ڏينهن ۾ بديع الزمان مرزا ۽ مير ذوالنون جي طرفان شيخ جلال الدين ابو سعيد پوراني ۽ مولانا محمود سرخ، شاهي ڪئمپ ۾ آيا، ۽ اچي ٺهراءَ جون ڳالهيون شروع ڪيائون. فتحمند خاقان صلح ڏانهن مائل ٿي، شهزادي جي دلداريءَ لاءِ آماده ٿيو. [٩١]

هن اجمال جو تفصيل هن طرح آهي ته هن واقعي کان ڪجهه ڏينهن اڳ سعاد تمند خاقان جناب شيخ الاسلام سيف الملة والدين احمر تفتازاني ۽ شيخ جلال الدين ابوسعيد پوراني ۽ سيد غياث الدين محمد صدر کي گرمسير ڏانهن موڪليو هو ته جيئن بديع الزمان کي نصيحت ڪري، مخالفت جي واٽ کان موافقت جي راهه تي آڻين. هو جڏهن فراه جي حد ۾ پهتا، تڏهن ٻڌائون ته بديع الزمان مرزا پيءُ بزرگوار تي يلغار ڪري لشڪر وٺي ويو آهي. شيخ جلال الدين، ابوسيعد پوراني ۽ سيد غياث الدين محمد وڃي مرزا ۽ مير ذوالنون سان مليا، ۽ شيخ ابوسعيد صلح متعلق شهزادي سان گفتگو ڪئي، جنهن جواب ڏنو ته جيڪڏهن حضرت خاقان مهرباني فرمائي، ۽ پنهنجي ملڪ مان ايترو ٽڪرو عنايت فرمائي جنهن مان انهيءَ جماعت جو جيڪي اسان جي ملازمت ۾ آهن، گذران سهوليت سان ٿي سگهي ته اسان پڻ اطاعت ۽ فرمانبرداريءَ جو رستو وٺي، خدمتگاري ڪندا رهنداسون، ٻيءَ صورت ۾ نه. شيخ ۽ سيد اجازت وٺي دربار حشمت مدار ۾ پهتا. مرزا بديع الزمان جون ڳالهيون عرض رکيائون، ۽ صلح پڪي ڪرڻ لاءِ ٻيو دفعو امير شيخ طغائيءَ سان جو انهيءَ وقت

دربار اعليٰ ۾ ملازم هو، گڏ بديع الزمان جي ڪئمپ ۾ ويا، جتان اُهي هدايت وارا بادشاه جي خدمت ۾ موٽي آيا ۽ اچي عرض ڪيائون ته مرزا بديع الزمان کي لالچ آهي ته اڳين دستور موجب سيستان ملڪ ۽ آسپاس جي حڪومت سندس ڪئي وڃي ته هو وري مخالفت نه ڪندو. حضور هيءَ عرض قبول ڪري النگ نشين کان منزل پٽي هرات ڏانهن چڙهي ويو. جڏهن پڪ ٿي ته بادشاه، مير ذوالنون ۽ بديع الزمان جي جنگ لاءِ ٻيو دفعو تيار ٿيو آهي، تڏهن امير علي شير هرات جي تختگاهه کان شاهي ڪئمپ ۾ پهچي خاقان جي، ملازمت جو شرف حاصل ڪيو، ۽ حضور بادشاه سلامت کي بديع الزمان جي راضي ڪرڻ لاءِ ترغيب ڏيئي [٩٢] ”الصلح خير“ جو ڪلمو گوش گذار ڪيائين، جنهن تي سيستان ۽ فراه جي حڪومت جو فرمان بديع الزمان ڏالي جاري ٿيو. هيءَ خوشيءَ جهڙو فرمان امير شيخ علي طغائيءَ مرزا وٽ پهچايو. ۽ مرزا بديع الزمان غور کان سيستان ڏانهن روانو ٿيو. هيءَ واقعو مهيني صفر سن ٩٠٦هه جي آخر ۾ ٿيو.

## بديع الزمان مرزا جي هرات جي تختگاهه تي ڪاهڻ جو بيان

جنهن وقت فتحمند خاقان پنهنجي بينظير گهوڙي جي واڳ استر آباد ڏانهن ورائي، تنهن وقت بديع الزمان مرزا سيستان کان ۽ مير ذوالنون ارغون داور جي سرزمين کان غور جي ييلاق (١) ۾ آيا جتي خراسان ولايت جي فتح ڪرڻ جي ارادي سان هزاره، تڪدري ۽ قبچاق جا لشڪر گڏ ڪيائون. صلاح ۽ مشوره کان پوءِ بي انداز لشڪر ساڻ ڪري هرات ولايت ڏانهن روانا ٿيا. واٽ تي خاقاني اميرن ۽ وزيرن جا جيڪي به چراگاهه هٿ لڳن، سي قبضي ۾ ڪندا، سڌو هرات ڏانهن روانا ٿيا. هنن،

(١) ييلاق = اونهاري ۾ وڃي رهڻ لاءِ ٿڌي جاءِ. (مترجم)

خبرن مشهور ٿيڻ تي اميرن نظام الدين علي شير ۽ ٻيا امير جيڪي انهيءَ رونقدار شهر ۾ موجود هئا ڏاڍا پريشان ٿيا، ۽ شهر جي قلعي کي مضبوط ڪري آسپاس جي ماڻهن کي قلعي ۾ آڻي قلعي بند ڪري ويهي رهڻ جو فيصلو ڪيائون. بديع الزمان مرزا جڏهن ادسيءَ ڳوٺ ۾ پهتو تڏهن مير ذوالنون ارغون فوج جي مقدمي طور اڳيرو وڌيو. آسپاس جا ڪي ماڻهو جيڪي اچان پنهنجن باغن ۾ رهيل هئا، تن جڏهن مير ذوالنون کي گهڻو لشڪر ساڻ ڏٺو، تڏهن ڏاڍو آڌر ڀاءُ ڪري، پنهنجي حال آهر تحفا ۽ نذرانا پيش ڪيائون، ۽ ٻڌايائون ته توهان جو هن طرح اڳتي وڌڻ مناسب نٿو ڏسجي ڇاڪاڻ ته محمد معصوم مرزا جڳتوءَ کان محمد ولي بيگ اندخود کان [پهچي چڪا آهن] ۽ سيد عبدالله مرزا داماد، عبدالباقي مرزا، امير بابا علي ۽ خواجه افضل جا پٽ ڪن هزار مڪمل سوارن سان شهزادي محمد معصوم مرزا جي معيت ۾ [٩٣] باغات جي آسپاس منزل انداز ٿي انتظار ڪري رهيا آهن. مير ذوالنون مرزا بديع الزمان جي خدمت ۾ قاصد موڪلي ڪيس صورتحال کان واقف ڪيو، جنهن تي بديع الزمان مرزا لڪلڪخانه جي گرد و نواح ۾ وڃي مير ذوالنون سان مليو. عين انهيءَ وقت جڏهن مير ذوالنون جي تنبوءَ ۾ شاهزاده تشريف آور هو، جاسوسن خبر آندي ته باغن جي آسپاس مان وڏو لشڪر ظاهر ٿيو آهي. انهيءَ گهڙيءَ مير ذوالنون ارغوني لشڪر ساڻ ڪري لڙائي تي روانو ٿيو. النگ نشين جي آسپاس ٻنهي ڌرين جو مقابلو ٿيو، ۽ ٻنهي طرفن کان جنگي جوڌا تراريون اگهاڙيون ڪري هڪٻئي تي ڪاهي پيا، ۽ جنگ جي ميدان جي ڌوڙ تکي قرندڙ آسمان تي پهتي. ايتري ۾ مرزا بديع الزمان جو جهنڊو و به چنڊ وانگيان اچي جنگ جي ميدان تي ظاهر ٿيو. هيءَ حالت ڏسي هرات وارن جي دل ٽٽي پيئي، ۽ سندن هٿن ڪم ڪرڻ کان جواب ڏنو. پهريائين مرزا سيد عبدالله ۽ امير بابا علي ڀڳا. کانئن پوءِ محمد معصوم ۽ مرزا ولي بيگ پڻ ڀڄڻ

جو رستو اختيار ڪيو. مرزا شهر ۾ گهڙڻ مناسب نہ سمجهي فتحمند خاقان جي ڪئمپ ڏانهن رخ رکيو. باقي ٻيا پيگل ماڻهو قلعي ۾ داخل ٿي، دروازا بند ڪري ويهي رهيا، ۽ قلعي جون پٽيون ۽ ٿلهہ اعتبار جوڳن ماڻهن جي حوالي ڪيائون. بديع الزمان مرزا ۽ مير ذوالنون ڪامياب ۽ فتحمند ٿي اچي النگ نشين ۾ لٿا. ٿورن ڏينهن کان پوءِ اتان پل مالان ڏانهن روانا ٿيا. ڪين لالچ هئي تہ هرات شهر جا ماڻهو جنگ کان سواءِ شهر سندن حوالي ڪندا. هو ڏانهن امير علي شير صلح ۽ دلاسي ۾ وقت گذاريندو رهيو، ۽ لشڪر کي وڙهڻ جي اجازت نہ ڏنائين. هن حالت کي جڏهن ڇاليهہ ڏينهن گذري ويا، ۽ فتحمند خاقان جي موٽڻ جي خبر مشهور ٿي، تڏهن امير نظام الدين علي شير مرزا بديع الزمان سان خط و ڪتابت شروع ڪري کيس پيءُ سان لڙائي ۽ مقابلي ڪرڻ کان باز آندو، ۽ عرض ڪيائينس تہ هرات جي ٻاهران منزل پٽي ڪنهن ٻئي طرف هليو وڃي جيئن سندس ۽ فتحمند خاقان جي وچ ۾ ڪو ٽڪر نہ ٿئي، متان فتني فساد جي باهہ ٻيهر ڀڙڪي پوي. شهزادي هن التماس پوري ڪرڻ ۾ مصلحت ڏسي پل مالان کان پل سالار ڏانهن روانو ٿيو، ۽ اتان وري مرغاب نديءَ ڏانهن هليو ويو.

## بلخ جي حڪومت مرزا بديع الزمان جي حوالي ٿيڻ ۽ مير ذوالنون ۽ سندس هدايت واري فرزند شاه بيگ جي موٽڻ وڃڻ جو بيان

جڏهن بديع الزمان مرزا هرات شهر جي ٻاهران منزل پٽي مرغاب نديءَ جي ڪناري ڏانهن روانو ٿيو، تڏهن بادغيس ۽ ججڪتو جو سارو لشڪر اچي سندس جهنڊي هيٺ گڏ ٿيو، ۽ شاهہ بيگ پڻ قندار کان اچي خدمت ۾ رسيو. جنهنڪري لشڪر گاهہ ۾ وڏو لشڪر موجود ٿي ويو. پرنده بيگ بخشي جو فتحمند خاقان جي طرفان مرو جي قلعي جو حاڪم هو، تنهن قلعي حوالي ڪرڻ کان انڪار ڪيو. شاه بيگ قلعي فتح ڪرڻ ڏانهن

ڪني. مير ذوالنون ۽ شاه بيگ ٻاد شاهي جو جهنڊو لهرائيندا قندار آيا.

## ابن حسين مرزا جو سيستان ڏانهن روانو ٿيڻ ۽ امير سلطان علي ارغون سان لڙائي ڪرڻ جو بيان

سن ٩٠٨ ھ ۾ جاجرم ٻرڊي ۽ لاش جي قلعي جي فوجدار خدا قليءَ، فتحمند خاقان جي خيرخواهي ڪري، سيستان جي حاڪم امير سلطان علي ارغون ڪان باغي ٿي، شاهي حضور ۾ هيٺئين مضمون جو هڪ عريضو موڪليو تہ جيڪڏهن شهزادن مان ڪو ٻہ هن ملڪ ۾ تشريف فرما ٿيندو تہ سيستان آسانيءَ سان فتح ٿي سگهندو، جنهن تي خاقان عاليشان، ابن حسين مرزا کي ٻہ سؤ سوار ساڻ ڏيئي، سيستان ولايت کي مطيع ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيو. ابن حسين مرزا انهيءَ ملڪ ڏانهن روانو ٿيو [٩٦] ۽ سيستان جي حدن تي حملو ڪري، اوق نالي هڪ جڳهہ تي وڃي لٿو. ذوالنون هيءَ خبر ٻڌڻ شرط پنهنجي هدايت واري پٽ شاہ بيگ سان گڏجي، مرزا ابن حسين جي لشڪرگاهہ ڏانهن رخ رکيو، ۽ جلدي جلدي پنڌ پورو ڪري، صبح جو سوير اچا مرزا ابن حسين ننڊ ۾ پيو هو، ۽ سندس سپاهي ٽڙيل پکڙيل هئا، تہ ڏهن مير ذوالنون وڃي اوق جي ٻاهران پهتو. مرزا خبر معلوم ڪري، اٽڪل ٽيهہ هزار لشڪر جو انهيءَ وقت سندس دروازي تي موجود هو، ساڻ ڪري مير ذوالنون کي سامهون ٿيو. ٻئي طرف کان مير فاضل ڪوڪلتاش پنهنجي چاچي عاقل اتڪ سان، جو ارغونن جي لشڪر جي مقدمي تي هو، گڏجي ابن حسين مرزا جي مقابلي ۾ لڙائيءَ لاءِ صفون سينگاري اچي بيٺو. ٻنهي طرفن جي ٻهادرن تير ڪمانون، تلوارون ۽ نيزا

استعمال ڪرڻ شروع ڪيا، تہ ايتري ۾ هڪ طرف کان مير ذوالنون ترخانن ۽ ارغونن جي وڏي لشڪر سان ٻئي طرف کان شاهہ بيگ، يڪ تڪدر ۽ هزاري جي ماڻهن جي ٽولي سان ۽ پٺ جي طرف کان وري باقر ارغون، ملڪ علي ولد سلطان علي ارغون ۽ سلطان بيگ سيستان جو لشڪر ساڻ ڪري اوچتوئي اوچتو اچي لڙائي جي ميدان ۾ پهتا، ۽ ابن حسين مرزا کي وڪوڙي ويا. مرزا گهڙي ساعت مقابلي ڪيو، پر مير فاضل بيگ ڪوڪلتاش جي هٿان نيزي جو زخم کائي ڦٽجي پيو، تنهن کري وٺي هرات ڏانهن ڀڳو. مير ذوالنون مرزا جي تعاقب کان منع ڪئي، ۽ ڪنهن کي بہ شاهي ڪئمپ يا ٻئي لشڪر جي پويان پوڻ نہ ڇڏيائين. مير ذوالنون فتح کان پوءِ سيستان موٽي ويو، ۽ پنهنجي ڀاءُ مير سلطان عليءَ سان ملاقات ڪري قنڌار واپس ويو.

## مرزا محمد مقيم ولد مير ذوالنون جي ڪابل فتح ڪرڻ، ۽ اتي جي ڪن حادثن جو بيان

جيئن تہ بقا ۽ هميشگي ڪُنْ فَيَڪُوْنْ جي مالڪ جي ذات بيمثال لاءِ خاص آهي، [٩٧] ۽ هن دنيا ڪمينيءَ کان انتقال ۽ لاڏاڻو زمين جي رهاڪن جي وجود لاءِ لازمي آهي، تنهنڪري سن ٩٠٧ هہ ۾ مرزا الغ بيگ ابن سعيد مرزا، ڪابل ولايت ۾ لاڏاڻو ڪري ويو، ۽ سندس پٽ مرزا عبدالرزاق انهيءَ ملڪ جو حاڪم ٿيو، پيءُ جي جاءِ تي بادشاهيءَ جي گاديءَ تي ويٺو. شهزادي جي ننڍيءَ عمر هجڻ سبب، اميرن ۽ وزيرن ۾ اختلاف پيدا ٿيو، ۽ شيرم زڪ سيني ننڍن خواه وڏن معاملات جي واڳ پنهنجي هٿ ۾ ورتي. امير يوسف، محمد قاسم بيگ، امير يونس علي ۽ ڪي ٻيا شاهي امير ۽ وزير شهر کان ٻاهر وڃي موقعي جي تاڙ ۾ رهيا. عيدالضحيٰ جي صبح

جو جڏهن شيرم زڪ بادشاهه جي ديوانخاني ۾ ويهي آش (رب) پي رهيو هو، تڏهن پورا ٽي سؤ ماڻهو اوچتو ڪابل ۾ داخل ٿي مٿس ڪاهي آيا، ۽ تلوارون مياڻ مان ڪڍي هڪدم سندس حياتيءَ جو بنياد ڪڍي ڇڏيائون. هن ڪري ڪابلين ۾ تمام پريشاني پيدا ٿي.

هيءَ خبر گرمسير ۾ مير ذوالنون جي ننڍي پٽ مرزا محمد مقيم جي ڪن پيئي، ۽ هو سن ٩٠٨هه جي آخر ۾ هزاري ۽ تڪدر جو لشڪر گڏ ڪري، ڪابل جي فتح ڪرڻ جي ارادي سان اوڏانهن ڪڙو ٿيو. مرزا عبدالرزاق مقابلي جي عيوض ڀڄڻ پسند ڪيو. محمد مقيم انهيءَ ملڪ جو حاڪم ٿي الغ بيگ مرزا جي نياڻي نڪاح ۾ آندي. مرزا بديع الزمان ۽ مير ذوالنون آمويه ندي‌ءَ جي ڪناري تي منزل انداز هئا ته هي خبرون ڪين پهتيون ۽ سندن خوشيءَ جو باعث ٿيون. ليڪن امير ذوالنون کي دل ۾ ڏاڍي پريشاني ٿي، سو هڪ دڙڪن ڀريو خط پٽ ڏانهن لکيائين ته سندس هيءَ دليري چڱي ڳالهه نه هئي ۽ هاڻي ڪيس گهرجي ته ڪابل جي اميرن کي پاڻ وٽ نه ڇڏي، ۽ پاڻ کان بيپرواهه نه رهي؛ جنهن تي مرزا محمد مقيم ڪابل جي، قديم باشندن مان گهڻن کي رخصت ڏيئي، ڪابل جي نگرانيءَ ۽ حڪومت پنهنجي ماڻهن سان ڪندو رهيو. [٩٨] سن ٩١٠هه جي اوائل ۾، حضرت ظهيرالسلطنت و الخلافت محمد بابر بادشاهه سمرقند کان موٽڻ بعد اندخود کان ڪابل جي واٽ ورتي، ۽ جلدي جلدي پنڌ پورو ڪري انهيءَ شهر جي پسگردائيءَ کي پنهنجي مبارڪ اچڻ جي برڪت سان تازگي بخشيائين. امير محمد مقيم ولد مير ذوالنون ارغون مقابلي جي طاقت نه ڏسي شهر ۾ قلعي بند ٿي ويٺو. محاصره کان ٿورا ڏينهن پوءِ سندس خيرخواهه ٿوري قوم جا ماڻهو فاتح بادشاهه جي خدمت ۾ حاضر ٿيڻ جو خيال ڪرڻ لڳا، ۽ شهر ۾ اندر رهندڙ ماڻهو پڻ خلافت پناهه شهنشاهه جي خيرخواهيءَ جو دم ڀرڻ لڳا. آخر محمد مقيم ...

معاملو صبر ۽ تحمل کان چڙهي ويو ۽ بابر بادشاه جي درگاه عاليءَ ۾ درخواست موڪلي معافي ۽ امان گهريائين ته جيئن هو خدمت ۾ حاضر ٿي قلعي جي ڪنجي حوالي ڪري سگهي. حضرت بابر بادشاه محمد مقيم جو عرض اگهائي قسم کنيو ته جڏهن محمد مقيم شهر جو دروازو کوليندو ته ڏهن سانڍس جڳائيندي مهرباني ڪئي ويندي. محمد مقيم بادشاهي مهربانين ۾ اميدوار ٿي ڪابل کان ٻاهر نڪتو، ۽ قدمبوسيءَ جو شرف حاصل ڪري لائق تحفا پيش ڪيائين. حضرت بادشاه وعدي موجب کيس شاهاڻي نوازش ۽ خسرواڻي عنايت سان سرفراز ڪري اصلوڪي وطن وڃڻ جي اجازت ڏني.

## قادر بيمثال جي تقدير موجب مير ذوالنون جي شهادت جو بيان

جڏهن سن ٩١٣هه جي محرم جو چنڊ ڏٺو ته محمد خان شيباني اوزبڪ، ماڪڙ ۽ ماڪوڙين وانگيان بي انداز لشڪر ۽ اڻ ڳڻيا ماڻهو ساڻ ڪري ڪڙڪ جو پتڻ ٽپي، خراسان، تي ڪاهه ڪئي. محمد خان جي اچڻ کان فتحمند خاقان جا سڀوڙا پٽ ڏاڍا ڊنا. بديع الزمان مرزا هڪ تکڙو قاصد مير ذوالنون ڏانهن موڪلي، کيس واقعي جي حقيقت کان واقف ڪيو. مير ذوالنون پنهنجي اولاد [٩٩] ۽ مقربن سان صلاح ڪئي. هر هڪ جي راءِ نرالي مقرر ٿي. مير ذوالنون فرمايو ته اسان کي وڃڻ واجب آهي، هن وقت سستي ڪرڻ مروت ۽ انسانيت کان ٻاهر آهي؛ پر سوڙي اچڻ محال آهي، ڇاڪاڻ ته اوزبڪ جو لشڪر نهايت وڏي دٻدٻي سان ۽ تمام طاقت ۽ قوت وارو آهي، ۽ فتحمند خاقان جي خاندان جو بخت ڍهڻ ۽ زوال ڏانهن مائل آهي.

قصو ڪوتاهه، مير ذوالنون ارغونن جي لشڪر جي هڪ جماعت وڏي شهزادي بديع الزمان مرزا جي ڪئمپ ڏانهن روانو

ٿيو. ٻه ٽي منزلون مس ڪيون هئائين ته خبر پهتيس ته سندس نياڻي چوچڪ بيگم هرات جي تختگاهه ۾ هن آفتن ڀريل دنيا مان آخرت ڏانهن رحلت ڪري ويئي. هن خبر ٻڌڻ تي اگرچ ڏک گهڻو ٿيس، پر زبان سان الله حميد مجيد جو شڪر ۽ بزرگي ڳايائين، ڇاڪاڻ ته هن مصيبت جي نازل ٿيڻ وقت انهيءَ هڪڙي طرف کان ٿي دل کي تسلي ملڻي آهي. هڪ تڪڙو قاصد شاهه بيگ ڏانهن موڪليائين ته "هو مستورات مان ڪن کي پاڻ سان وٺي وڃي ۽ ڪجهه ڀڄ ڀاڄي ڏيئي، سوءَ (غم) جا ڪپڙا لهرائي جلدي قندار موٽي اچي؛ ۽ محمد مقيم داور جي سر زمين ۾، امير سلطان علي سيستان ۾، امير جعفر ارغون عبدالعلي زينڪ ترخان، عاقل اتڪه ۽ فاضل ڪوڪلتاش قندار ۾ رهي، دوراند يشيءَ، هوشياريءَ، حفاظت ۽ سجاڳي کان ڪم وٺن، ۽ ڪڏهن به غافل ۽ بي خبر نه رهن".

مير ذوالنون اتان تڪڙو روانو ٿيو، ٿوري وقت ۾ شهزادي بديع الزمان مرزا جي ڪئمپ ۾ پهچي دستبوسيءَ جو شرف حاصل ڪري، عزت اڪرام، تعظيم ۽ احترام لڌائين. شهزادي، مير ذوالنون ۽ ٻين وڏن اميرن سان صلاح ڪئي. ڇاڪاڻ ته تقدير جو تير تدبير جي ڍال سان روڪي ڪونه سگهندا، ۽ جيئن ته [١٠٠] خود مالڪ الملڪ مطلق جوئي اهو ارادو هو ته خراسان جو ملڪ محمد شيباني ۽ اوزبڪ لشڪر جي قبضي ۾ اچي، ۽ فتحمند خاقان جي اولاد جي بادشاهي پوري ٿئي تنهنڪري بي انتها لشڪر گڏ ٿيڻ ۽ صحيح مصلحت مان به ڪو فائدو ڪونه ٿيو. انهن ئي ڏينهن ۾ اوزبڪ ۽ ماوراءَ النهر جو لشڪر آموءِ ندي ٽپي آيو، جنهنڪري خراسان جا بادشاهه ۽ امير حيرت ۽ ڳڻتيءَ ۾ پئجي ويا ۽ دوباره صلاح مصلحت ڪرڻ لڳا. مير ذوالنون پنهنجي طبعي بهادريءَ سبب جنگ ڪرڻ بهتر سمجهي، ۽ امير محمد برندق برلاس جي صلاح ٿي ته هرات جي شهر ۾ قلعي بند ٿي ويهي رهجي. هنن ٻنهي صلاحن مان ڪابه هڪ مقرر ٿئي ٿي،

ڏٺي، تنهن کان اڳ محمد خان شيباني جو قيامت خيز لشڪر جنهن ۾ آسماني حادثن کان به گهڻا سپاهي هئا، اچي ويجهو پيو. خاقاني لشڪر به ميمنو، ميسرو (١) سينگاري لڙائي جي ميدان ۾ پهتو. شاهزادن پڻ لشڪر تيار ڪري لڙائيءَ جون صفون سينگاريون. ٻنهي طرفن کان بهادرن جون گوڙيون، وٽ پڪڙ، نقارن ۽ شرنائين جا آواز آسمان تي پهچڻ لڳا. مير ذوالنون جنگي شيرن جي هڪ جماعت ساڻ ڪري واڳن جهڙن تلوارن جي وار سان ڪيئي پهلوان فنا ڪري ڇڏيا، ۽ دشمنن جي لشڪر تي بار بار حملا ڪندو رهيو. پر جيئن ته اوزبڪ لشڪر خراسانين کان ڪيئي دفعا ٻيڻو ٽيڻو هو، ۽ درياءَ جي موجن وانگر فوجن پٺيان فوجون مدد لاءِ پهچي رهيون هيون، تنهنڪري شاهزادن جو لشڪر مقابلي کان عاجز ٿي پڃڻ لڳو، ۽ پريشانيءَ ۽ بي سر وسامانيءَ جي حالت ۾ ٽوليون ٽوليون ٿي خراسان جي ڪندن پاسن ڏانهن ڊوڙيو. مير ذوالنون ڪڏهن ساڄي پاسي تي ڪڏهن کاٻي پاسي تي حملا ڪري تلوار ۽ خنجر جي زخمن سان بهادرن جو خون وهائي جنگ جي ميدان جي زمين رت سان رڱي نهايت بهادري ۽ جوانمردي ڏيکاري رهيو هو. آخر اوزبڪن چئني طرفن کان وڪوڙي انهيءَ [١٠١] لڙائيءَ جي ميدان جي شهسوار کي ڪيئي زخم رسائي گهوڙي تان ڪيرائي وڌو، ۽ کيس گرفتار ڪري محمد خان وٽ وٺي وڃڻ چاهيائون، پر مير ذوالنون هيٺي نه ٻولي ۽ قتل ٿي وڃڻ تائين بدستور جنگ ڪندو رهيو.

## شاه بيگ ۽ محمد مقيم ارغون جي ڪجهه احوال جو بيان

مير ذوالنون جي فوت ٿيڻ کان پوءِ ٻئي پٽ شاه بيگ ۽ محمد مقيم قنڌار ۾ گڏ ٿيا، ۽ تعزيت جون رسمون بجا آندائون.

---

(١) ميمنو = لشڪر جو ساڄي طرف وارو حصو. ميسرو = لشڪر جي کاٻي طرف وارو حصو. ميمنو ميسرو سينگارڻ معنيٰ لڙائي لاءِ لشڪر ٺاهي تيار ڪري بيهارڻ. (مترجم)

تعزيت کان فارغ ٿيڻ کان پوءِ انهيءَ ئي مجلس ۾ محمد مقيم توڙي بين ارغون، ترخان ۽ ٻيءَ جي سيني اميرن ۽ ٻين سپاهين شاه بيگ جي سرداري تسليم ڪئي. انهيءَ ڏينهن ٻپهريءَ جي نماز کان پوءِ شاه بيگ حڪم ڪيو ته نقارن جي نوبت دستور موجب وڄائيندي رهجي ۽ مير ذوالنون جي وقت ۾ جنهن ماڻهوءَ کي جيڪو عهدو هو، انهيءَ کي پنهنجي عهدي تي قائم رکيائين؛ جنهنڪري سڀ ماڻهو دل و جان سان شاه بيگ جي خدمت ڪرڻ ڏانهن راغب ۽ مائل ٿيا. شاه بيگ ڦوه جوانيءَ جي زماني ۾ علم و ادب جي زيور سان سينگارجي سيني علمن مان ٻخرو حاصل ڪري هميشه عالمن ۽ طالبن جي صحبت ۾ گذاريندو هو.

محمد خان شيباني جڏهن خراسان ملڪ فتح ڪري فراه جي آسپاس پهتو ۽ قندار جي تابع ڪرڻ جو خيال رکي اوڏانهن گهوڙي جي واڳ ڦيريائين، تڏهن گرمسير جي حد ۾ پهچڻ کان پوءِ شاه بيگ ۽ امير محمد مقيم، محمد خان شيباني ڏانهن ايلچي موڪلي ڏانهنس پنهنجي تابعداري ۽ اطاعت ظاهر ڪئي، ۽ خطبو ۽ سڪو محمد خان جي نالي ۽ لقبن سان سينگارڻ کان پوءِ خدمت ۾ حاضريءَ جي شرف حاصل ڪرڻ جو وعدو ڪيو. انهيءَ ڪري محمد خان کانئن راضي ٿي خراسان ڏانهن موٽي ويو، ۽ ٿي گهوڙا، قيمتي سروپاءِ ۽ تنبو عبدالهادي خواجه ۽ تيمور تاش جي هٿان موڪليائين. انهن جي اچڻ جي خبر پڌي، شاه بيگ مطلب ڪڍيو ته ٿي سگهي ته هي ماڻهو ٻن ڪمن سان ايندا هجن: هڪ عهد نامي جو بنياد مضبوط ڪرڻ، [١٠٢] ٻيو منهنجي حالت ۽ لشڪر جو انداز معلوم ڪرڻ. انهيءَ خيال کان هڪدم چؤطرف ماڻهو موڪلي، پنهنجا آدمي گهرائي نهايت گهڻي لشڪر سان استقبال لاءِ نڪتو ۽ قندار جي ٻاهران ٽي ڏينهن ٽڪي، ايلچين کي راضي ڪري ٻاهران ئي روانو ڪيائين.

سن ٩١٣ هه ۾ ظهيرالسطنت والخلافت محمد بابر بادشاه ڪابل ۽ غزنيءَ کان ڪامياب لشڪر ساڻ ڪري قندار ۽ داور

جي سر زمين فتح ڪرڻ جو اراد و ڪري جهنڊو بلند ڪيو. شاه بيگ ۽ محمد مقيم گهڻو لشڪر وٺي جنگ جي نيت سان اڳتي وڌي لڙائي ڪئي، مگر بابر بادشاه جي فتح ٿي ۽ شاه بيگ ۽ محمد مقيم شڪست کائي ڀڄي ويا، ۽ ساري قندار ۽ ڏاور جي حڪومت بادشاهي تصرف هيٺ آئي. فاتح بادشاه مير ذوالنون جا خزانا جيڪي گهڻي وقت کان وٺي گڏ ٿيل هئا، سي لشڪر جي اميرن ۽ سردارن ۾ تقسيم ڪري، قندار جي حڪومت جي واڳ پنهنجي پاءُ سلطان ناصرالدين جي حوالي ڪري، پاڻ ڪابل موٽي ويو، ۽ محمد مقيم جي نياڻي ماه بيگم پڻ قيد ڪري پاڻ سان وٺي ويو. پر ڏيرن مهينن کان پوءِ شاه بيگ ۽ محمد مقيم همت وارو لشڪر ساڻ ڪري قندار موٽيا، ۽ اهو ملڪ سلطان ناصرالدين مرزا کان کسي ورتائون. مرزا ڪابل هليو ويو، ۽ شاه بيگ ۽ محمد مقيم ولايت جي ڪاروبار سرانجام ڪرڻ ۾ لڳي ويا. انهيءَ وقت محمد مقيم وٽ اجل جو قاصد اچي پهتو، جنهن ڪري فاني دنيا کان جاوداني جهان ڏانهن لڏي ويو. هوڏانهن حضرت ظهيرالسطنت والخلافت شرعي قانون موجب ماه بيگم جو نڪاح محمد قاسم ڪوڪي سان ڪرائي ڇڏيو. ٿوري وقت کان پوءِ انهيءَ مان نياڻي پيدا ٿي، جنهن جو نالو ناهيد بيگم رکيائون. قاسم ڪوڪو اوزبڪن جي جنگ ۾ قتل ٿي ويو. [١٠٣]

## شاهه بيگ جي سيوي ملڪ فتح ڪرڻ لاءِ رواني ٿيڻ، ۽ سلطان پيرولي برلاس جي اولاد جي ڀڄي وڃڻ جو بيان.

امير شاهه بيگ جڏهن قندار کان اچي شال ۾ منزل انداز ٿيو، تڏهن مير فاضل ڪوڪلتاش ۽ عبدالعلي ترخان استقبال تي آيا، ۽ شال جي پسگردائيءَ وارن ماڻهن ڪي پڻ خدمت ۾ حاضر ڪيائون. شاهه بيگ راڄن جي سردارن کي دلاسو ۽ دلداري

ڏيئي عنايتن جي اميد ڏياري، پر ماڻهو لشڪر جي ڊپ کان ڊڄي رهيا هئا، ۽ ڪين پتو نٿي پيو ته لشڪر ڪيڏانهن وڃي رهيو آهي. نيٺ معلوم ٿين ته سيويءَ وڃي رهيا آهن. هيءَ خبر سلطان پير ولي جي اولاد کي جي سيويءَ جا حاڪم هئا، پهتي ته ڪي معتبر ماڻهو تحفن سان شاهه بيگ ڏانهن موڪلي پنهنجي سچائي ۽ خيرخواهي ظاهر ڪيائون. شاهه بيگ انهن قاصدن کي موٽي وڃڻ جي موڪل ڏني، ۽ ڪي ڏينهن شال ۾ ٽڪي پنهنجن اميرن سان صلاح ڪيائين. سڀني جي راءِ اها مقرر ٿي ته اها ولايت فتح ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته سن ٩١٥ ھ ۾ خاقان عاليشان شاهه اسماعيل، خراسان جي ولايت پنهنجي قبضي هيٺ آندي آهي ۽ حضرت بابر بادشاهه ڪابل ۾ تشريف فرما آهي. ٻنهي طرفن کان لڙائيءَ جا دروازا کليل آهن، تنهنڪري اسان کي پنهنجي عاقبت جو فڪر ڪرڻ گهرجي ته متان ڪنهن ڏينهن قنڌار کان ڌار ٿيون، ته پوءِ ڏينهن اتي گذاري سگهون، آخر شال کان منزل پٽي، ڪجهه سپاهي اڳ ۾ روانا ڪري، شاهه بيگ، پٺيان منزلون ڪندي سيويءَ جي آسپاس پهچي قلعي فتح ڪيو. جيڪي ماڻهو قلعي ۾ هوا تن مان ڪي اچي حاضر ٿيا، ۽ ڪي وڃي فتح پور پهتا، جتي سندن رهڻ جي ۽ گڏ ٿيڻ جي جاءِ هئي. شاهه بيگ، فريد ارغون، مير فاضل ڪوڪلتاش زينڪ ترخان ۽ عاقل اتڪ کي سيويءَ کان قنڌار موڪلي پاڻ فتح پور ڏانهن رخ رکيو [١٠٤] فتح پور، سيويءَ کان سنڌ ڏانهن پنجاه ڪوهن جي مفاصلي تي هڪ قلعي هو. هاڻي فتح پور ويران آهي، پر سندس قلعو ۽ عمارتون اڃا تائين موجود آهن. سلطان پير وليءَ جو اولاد، دولت شاهي، برغدائي، ڪوريائي ۽ نور گائي ماڻهن مان اندازا هڪ هزار سوار ۽ بلوچن ۽ ٻين راڄن جا ٻه هزار سوار گڏ ڪري اچي جنگ لاءِ سامهون ٿيا. نيٺ شاهه بيگ جي فتح ٿي، ۽ هنن مان ڪي ڪسي ويا، ۽ ڪي سنڌ ڏانهن ڀڄي ويا. شاهه بيگ موٽي سيويءَ ۾ اچي، ڪي ڏينهن

نکي، باغات ۽ عمارتن جو بنياد رکي، قلعو ٺهرائي، کي ڪارگر ماڻهو مقرر ڪري قندار موڪلي ڏنو.

## ماه بيگم کي ڪابل مان آڻڻ جو بيان.

شاهه بيگ سيوي کان موٽي قندار آيو، ۽ سير ڪندي داور ۽ گرمسير جي سر زمين تي پهتو. اڃا پهرئين منزل تي مس پهتو هو، ۽ ماڻهن کي دلداري ڏيئي ڏاڍي نوازش فرمايائين ته، ايتري ۾ ماه بيگم جي والده بيبي ظريف خاتون ڪاري ڪپڙي ۾ وجهي، اچي گهر جي دروازي تي ويٺي. شاهه بيگ جي دروازي کان ٻاهر نڪرڻ تي سندس دامن ۾ چنبڙي عرض ڪيائين ته ڪنهن به صورت ۾ ماه بيگم جا تنهنجي پاءُ جي نشاني رهيل آهي تنهن کي هٿ ڪرڻ گهرجي. هن حالت کان شاهه بيگ جي دل تي پاڻ جي جدائي جو داغ نئون ٿيو، ۽ ماه بيگم جي آڻڻ جي فڪر ۾ خلوت گاه وارن ماڻهن سان صلاح مصلحت ڪرڻ لڳو. شاهه بيگ جي حرمن، هرهڪ عصمت پناهه فاطمه سلطان بيگم ۽ خانزادي بيگم جي صلاح تي ته محمد مقيم جي حرمسراءِ جي ٻانهي دولت ڪته کي پهريائين ڪابل موڪلجي ته هوءَ ڪنهن نه ڪنهن اٽڪل سان ماه بيگم سان واقفيت پيدا ڪري، ڳالهه مقرر ڪري خبر موڪلي. تنهن کان پوءِ خاص محرم شخصن جي هڪ جماعت وڃي بيگم کي مخفي طور ڪابل مان ڪڍي هزاري جي رستي کان قندار ۾ آڻي [١٠٥]. شاهه بيگ کي هيءَ صلاح پسند آئي، ۽ بيبي دولت ڪته جو نڪاح دولت خان سان ڪري، سندس حوالي ڪيائين. پوءِ دولت ڪته کي ڪابل موڪليائون، جا ڪڏهن ڪڏهن ڏارين وانگيان ماه بيگم جي گهر ۾ ويندي هئي. آخر ساڻس دل جو حال ظاهر ڪيائين. ماه بيگم جنهن صورت ۾ ننڍي لاڪر ٻاهر ٻادشاهه جي قيد ۾ رهي هئي، تنهنڪري شاهه جي خوف ۽ ملاحظي کان انڪار ڪرڻ لڳي: اهو به ڊپ

هوس ته متان قندار پهچڻ کان پوءِ سندس مائٹ عزت جي حفاظت خاطر کيس قبر جي آرام واريءَ جاءِ ڏانهن روانو ڪري ڇڏين. دولت ڪته، ڳرن قسمن سان سندس شبها دور ڪندي رهي. نيٺ پڪو ارادو ڪري ڳجهيءَ طرح نڪرڻ جو فيصلو ڪيائين.

شاهه بيگ هن خبر پهچڻ تي ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ مير محمود ساربان جو پيءُ بابا مير ڪي ساربان، مير فاضل جو چاچو مير عاقل اتڪ، ابو مسلم ڪوڪلتاش، عبدالصمد ترخان، دولت خان ۽ ڪي ٻيا هن مشڪل ڪم تي مقرر ڪري موڪليائون. انهيءَ جماعت هزاره جي ماڻهن وٽ پهچي اتان ٻي جماعت پڻ تيار ڪري ڪابل پهتي. ڪابل جي ٻاهران لهي ۽ ٽي ڏينهن گهوڙن کي تازو ڪري نعل ابتا هڻي تيار ٿيا. هوڏانهن ماه بيگم حمام ۾ وڃي ٽپهري جي نماز وقت جڏهن گوڙ ۽ گسان ٿي رهيو هو، حمام کان ٻاهر نڪتي ۽ گهوڙي تي سوار ٿي دولت ڪته سان گڏ هنن ماڻهن وٽ پهتي. ماه بيگم جي ڌيءَ ناهيد بيگم انهيءَ وقت ڏيڍ سال جي هئي، جنهن کي پاڻ سان ڪڍي نه سگهي. هي ماڻهو ماه بيگم جي پهچڻ کي غنيمت سمجهي، هڪدم سوار ٿيا. پوري رات ۽ ڏينهن هڪلڻ کان پوءِ ٻئي ڏينهن منزل تي پهچي ڪجهه آرام ورتائون. ۽ سيڙ و ۽ سمر ساڻ ڪري وري به هڪ رات ۽ ڏينهن هڪلي خطرناڪ منزلن کان نڪري آيا، ۽ هزاره قوم ۾ ٻه ٽي ڏينهن آرام ڪري قندار پهتا. [١٠٦] شاهه بيگ پاڻئيءَ جي استقبال لاءِ ٻاهر نڪتو، ۽ قسمين قسمين دلدارين، نوازشن ۽ مهربانين سان پيش اچي پاڪر ۾ وٺي کيس گهر آنڌائين. جيڪي ماڻهو ساڻ هئا، تن مان هر هڪ کي گهوڙي ۽ قيمتي سروپاءِ سان سرفراز ڪيائين. ماه بيگم جو هٿ وٺي عاقل اتڪ کي سپاريائين. جيئن ته قاسم ڪوڪه هڪ سال کان پوءِ جنگ ۾ قتل ٿي ويو هو، تنهنڪري نڪاح ڪري [ماه بيگم] مرزا شاهه حسين جي حوالي ڪيائين.

# شاهه بيگ جو ڪجهه احوال ۽ واقعن جو ذڪر

جڏهن خاقان ذيجاه شاهه اسماعيل، ماه شعبان سن ٩١٧ھ جي ڌاري، خراسان ولايت تي قبضو ڪري عظمت ۽ شوڪت حاصل ڪئي ۽ محمد خان شيباني ۽ اوزبڪن جي شڪست ۽ قتل کان پوءِ عجيب غلبو ۽ رعب پيدا ڪيائين، تڏهن ويجها خواهه ڏورانهان ماڻهو سندس حشمت ۽ غرور کان ڪن هڻڻ لڳا. ايتري ۾ درمش خان، فراه ۽ سيستان جي آسپاس پهچي حڪومت جو جهنڊو بلند ڪيو. شاهه بيگ کي ڳڻتي ٿي، ۽ پنهنجن دوستن سان مشورو ڪيائين ته اسان ٻنهي ۽ ٻاهه جهڙن ٻن خودمختيار بادشاهن جي وچ ۾ رهيل آهيون. هڪ طرف کان شاهه اسماعيل ۽ ٻئي طرف کان بابر بادشاهه. سيني جي صلاح ٿي ته درمش خان جي معرفت خاقان ذيشان شاهه اسماعيل جي خدمت ۾ حاضر ٿجي، ۽ ظهير الدين محمد بابر بادشاهه سان پڻ صلح جو بنياد قائم ڪجي. قصو ڪوتاهه، قاضي ابوالحسن ۽ مولانا يار عليءَ کي ڪابل ڏانهن روانو ڪري، سوکڙيون ۽ نذرانا موڪلي، خلافت پناهه جي تخت سان نياز ۽ سچائيءَ جو اظهار ڪيائين، ۽ پاڻ درمش خان جي معرفت نواب اعليٰ شان (شاهه اسماعيل) جي خدمت ۾ حاضر ٿي قسمين قسمين مهربانين سان سرفراز ٿيو، جنهن سبب شاهه بيگ تي سجدو معاف ڪري حڪم ڪيائون ته چغتي قانون موجب گوڏو ڪوڙيندو رهي. [١٠٧]

شاهه بيگ ڪجهه وقت خدمت ۾ گذاريو. فيصلو ٿيو هو ته نوروز جي ڏينهن شاهه بيگ کي مراد مند بنائي قندار موٽي وڃڻ جي اجازت ڏني ويندي. ايتري ۾ نواب اعليٰ شان، درمش خان کي اختيار ڏين جي قلعي ڏانهن موڪليو. اهو وجهه وٺي ڪن حاسدن شاهه بيگ بنسبت سندن مزاج اشرف ڦيرائي ڇڏيو.

نوروز جي موقعي ويجهي اچڻ تي نواب عاليشان ڪنهن محفل ۾ ناراض ٿي، شاه بيگ کي ظفر جي قلعي ۾ قيد ڪيو. ساڻس جيڪا جماعت ساڻ هئي، تن مان ڪي نااميد ٿي قندار هليا ويا ۽ ڪي آسپاس ڦرڻ لڳا. جڏهن نواب ذيشان عراق ڏانهن روانو ٿي ويو، تڏهن شاه بيگ جي غلام مهتر سنبل، ظفر جي قلعي ۾ پهچي، جنهن برج ۾ شاه بيگ قيد هو تنهن جي آڏو حلوائيءَ جو دڪان کوليو. حلوي جي وسيلي جيلرن سان واقفيت پيدا ڪري، مقصد جو پتو ڪڍي، پنهنجي مقصود ۽ مطلب کان واقف ٿيو. ڪڏهن ڪڏهن مهتر سنبل اندر وڃي واقعي جي صورت اشارن سان معلوم ڪندو هو. نيٺ ٻارهن تجربيڪار ماڻهن فيصلو ڪيو ته هر ممڪن حيلي سان شاه بيگ کي قندار موڪليندا. مٿين جماعت جڏهن قلعي ۾ پهتي تڏهن منجهانئن هڪڙو هڪڙو ٿي مهتر سنبل جي دڪان ۾ گهڙيو. شاه بيگ جي غم جا ڏينهن پورا ٿيا، اقبال رهبري ۽ بخت بلند مدد ڪئي. مهتر سنبل هڪ رات حلوو پچائي ان ۾ بيهوشيءَ جي دوا ملائي دستور موجب جيلرن کي ڏنو. حلوي کائڻ سان جيلرن جو هوش و حواس هٿان ويندو رهيو. مهتر سنبل ٻين ٻن ماڻهن سان قلعي جي ڀت تي چڙهي اچي هن بختاور کي ٻاهر ڪڍيو. اتفاقا جيئن طناب کي جهلي هيٺ لهي رهيو هو ته طناب ڇوٽي ٿي پيئي، ۽ جنهن صورت ۾ پيرن ۾ ٻيڙيون هئس، تنهنڪري ڪري پيو ۽ شاه بيگ جو هڪ ڏند ڀڄي پيو. قصو ڪوتاه، هوا جهڙن تيز گهوڙن تي جن کي ابتا نعل هنيا هئائون، سوار ٿي، ٻه راتيون ۽ ڏينهن يلغار ڪيائون، ۽ انهن گهوڙن [١٠٨] کي ڇڏي ٻيا گهوڙا هٿ ڪري اتان پڻ يلغار ڪري ٻاهر نڪري منزل مقصود تي پهتا. هوڏانهن هو ماڻهو پڻ هوش ۾ اچي ڊوڙيا پر هنن جي دز کي به نه پهتا ۽ ناڪامياب ٿي موٽي ويا.

خواجہ جلال الدين هتان شاهہ بيگ ڏانهن گهوڙو ۽ سروپاءِ موڪلي موٽي ويو.

جڏهن بادشاهي ڪئمپ قندار کان ڪابل رواني ٿي، تڏهن شاهہ بيگ سيوستان ۾ آيو، ۽ ڪجهہ وقت هن ملڪ ۾ رهي، پنهنجي اميرن ۽ سپاهين کي چيائين تہ حضرت ظهيرالسلطنت و الخلافت هن دفعي تشريف آڻي قندار جو رستو ڏسي ويو، ۽ ٻئي سال وري فتح ڪرڻ لاءِ ايندو، ۽ جيستائين اسان کي هتان بي دخل نہ ڪندو تيستائين آرام سان نہ ويهندو. هن دعويٰ تي ۾ دليل پيش ڪيائين. هڪ تہ جڏهن کان محمد مقيم کان اها جرائت ٿي تڏهن کان سندس دل مبارڪ ۾ هميشہ هيءَ ڪنڊو چڀي رهيو آهي تہ جيڪڏهن اسان ڪنهن ملڪ فتح ڪرڻ لاءِ روانا ٿيون، تہ متان ارغوني وري ڪا اهڙي شرارت ڪن، ڇاڪاڻ تہ محمد مقيم جي حرڪت کان پوءِ جنهن صورت ۾ حضرت ظهيرالسلطنت انهيءَ جي تلافيءَ لاءِ سندس نياڻي وٺي ويو آهي، تنهنڪري ارغونين جي دل ۾ سخت ڪدورت ويهي ويئي آهي؛ ٻيو تہ گهڻا شهزادا اچي گڏ ٿيا آهن، ۽ اوزبڪن ۽ قزلباشن تي سندن هٿ نہ ٿو پڄي سگهي، لاچار قندار هٿ ڪرڻ چاهين ٿا، تنهنڪري اسان کي پنهنجو فڪر ڪرڻ گهرجي. سو ڇا ڪيائون جو سياري شروع ۾ هزار سوار تيار ڪري سيوستان کان سنڌ موڪليائون. انهيءَ ٽوليءَ ١٧ ذوالقعد سن ٩٢١ هہ ۾ اچي ڳاهن جي ڳوٺ ۾ باغبان تي حملو ڪيو. سنڌ جي هڪ عالم مخدوم جعفر، مرزا عيسيٰ ترخان کان روايت ڪندو هو تہ هن حملي ۾ [مغل] هڪ هزار (تہ ڳڻو) اٺ ڪاهي ويا، جيڪي رات جو باغن جي نارن ۾ ڪم ڪندا هئا، ٻين شين جو، يا انهيءَ ملڪ جي آبادي جو اندازو هن مان لڳائڻ گهرجي. لشڪر انهيءَ گرد و نواح ۾ هڪ هفتو رهي موٽي ويو. [١١٠]

شاهه بيگ جي اڳڪتي سچي نڪتي، ۽ ٻئي سال حضرت بادشاهه قنڌار هٿ ڪرڻ لاءِ روانو ٿيو، ۽ هزاري ۽ تڪدر جي ماڻهن کي ڦري لٽي موٽي ويو، جنهنڪري هن سال قنڌار ۾ وبا ۽ ڏڪار پئجي ويا. سن ٩٢١ هه ۾ حضرت بادشاهه قنڌار جي پسگردائي ۾ اچي قلعي کي سامهون ٿي، سرنگهه کوٽڻ جو خيال ڪيو. محاصرو سوڙهو ٿيو، ۽ شهر ۾ اندر عجيب ڏڪار ۽ مهانگائي اچي پيئي. آخر صلح جو فيصلو ٿيو، ۽ مهينه تير (١) جي شروعات ۾ جڏهن لشڪر ۾ تپ جو مرض پيدا ٿيو، تڏهن لاچار موٽي ويو.

هن ئي سال ۾ مرزا شاهه حسن پيءُ کان رنج ٿي، خاقان بلند مڪان بابر بادشاهه جي خدمت ۾ پهتو، ۽ بادشاهي نظر عنايت ۽ مهرباني‌ءَ جو فخر حاصل ڪيائين. ٻه سال درگاهه جي ملازمت ۾ رهيو. حضرت بادشاهه فرمائيندو هو ته شاهه حسن بيگ اسان وٽ نوڪري ڪرڻ نه آيو آهي، بلڪ اسان کان حڪومت جو دستور ۽ بادشاهي جو قانون سکڻ آيو آهي. انهيءَ ئي دوران ۾ مهتر سنبل پڻ ڪجهه سمر هٿ ڪري قنڌار جي قلعي ۾ آيو. نيٺ مرزا شاهه حسن پڻ اجازت حاصل ڪري قنڌار روانو ٿيو.

سن ٩٢٢ هه ۾ بابر بادشاهه وري ڪابل جو رخ ڪيو. ۽ اجا پيدائش جهنگل ۾ ئي پيل هئي ته قنڌار کي گهيرو ٿي ويو. شاهه بيگ بادشاهه جي اچ وچ کان تنگ ٿي، حضرت شيخ ابو سعيد پوراني‌ءَ کي صلح لاءِ موڪليو. ٻئي طرف کان پڻ خواجه خداوند محمود ۽ خواجه عبدالعظيم قنڌار تشريف فرما ٿي، معاهدو لکيو ته ايندڙ سال قنڌار، خاقان عاليشان جي غلامن جي حوالي ڪيو ويندو. انهيءَ فيصلي تي بابر بادشاهه جو لشڪر موٽي ويو، ۽ شاهه بيگ شال جي قلعي کي مضبوط [١١١] ڪري شال ۽ سيوي‌ءَ

(١) ايراني شمسي سال جو چوٿون مهينو. (مترجم)

جنهن جي شرح کان قلم جي زبان قاصر آهي. نيٺ امير شاهه بيگ فتحمند ٿيو. ڄام فيروز درياءَ ٽپي ڀڄي ويو، ۽ دريا خان هڪڙي تنگر بردي قبتاش نالي ارغون جي، جنهن کي قبتاش جي لقب سان سڏيندا هئا، هٿ چڙهيو، ۽ ٻين سمن سپاهين سان گڏ قتل ٿي ويو. مغل ٢٠ محرم تائين ٺٽي جي شهر کي ڦريندا لٽيندا ۽ ان جي رهاڪن کي ذليل ڪندا رهيا. جنهنڪري آيت سڳوريءَ ”ان الملوڪ اذا دخلو اقريته افسدوها“—(بادشاهه جڏهن ڪنهن به شهر ۾ داخل ٿيندا آهن، ته انهيءَ ملڪ کي ويران ڪندا آهن) جو مضمون نهايت فصاحت سان ظاهر ٿيو. ڪيترن ماڻهن جو اهل و عيال قيد ٿيو. بلڪ ڄام فيروز جا ٻار پڻ شهر ۾ رهجي ويا. شاهه بيگ کي هيءَ خبر معلوم ٿي ته حفاظت لاءِ حويليءَ جي در تي چڱا ماڻهو موڪلي آن جي عزت ۽ ناموس بچايائين. نيٺ انهيءَ وقت جي هڪ عالم و فاضل قاضي قاضن جي ڪوشش سان اها غضب جي باهه ٿڌي ٿي، ڇاڪاڻ ته قاضي جو اهل و عيال پڻ قيد هو، ۽ چرين وانگيان پنهنجي وڇاين کي ٺٽي جي گهٽين ۾ ٿي ڳوليائين. نيٺ هڪ خط تيار ڪيائين جنهن ۾ ماڻهن جي خراب حالت جو ذڪر لکيائين. اهو خط حافظ محمد شريف امام، شاهه بيگ جي گذارش ۾ آندو. انهيءَ خط پڙهڻ سان شاهه بيگ جي دل تي وڏو اثر ٿيو، ۽ پڙهو گهمايائين ته ٺٽي جي ماڻهن جي مال ۽ عيال کي ڪو به هٿ نه لائي، ۽ پنهنجي بتيءَ مان هڪ تير ڪڍي قاضيءَ کي [١١٤] ڏيئي سانس گڏ ماڻهو ڏنائين ته پاڻ جنهن ڏانهن اشارو فرمائين سو ماڻهو سندن حوالي ڪيو وڃي.

غرض ته ڄام فيروز ڪن ٿورن ماڻهن سان گڏ دردمند دل سان وڃي پير آر (پير پٽي) وٽ ترسيو ڇاڪاڻ ته سندس ۽ ڄام نظام الدين جو عيال ٺٽي ۾ رهجي ويو هو. نيٺ شاهه بيگ جي خدمت ۾ حاضر ٿيڻ کان سواءِ ٻيو ڪو چارو نه ڏسي، قابل ماڻهو هڪيئي پويان موڪلي، عاجزيءَ ۽ نيازمنديءَ جي زبان سان پيغام ڏياري موڪليائين ته ٻانهي جي حيثيت توهان جي لشڪر

سگهندا : تنهنڪري صلاح اها آهي ته اڌ ملڪ ڄام فيروز جي حوالي ڪريون، ۽ ٻيو اڌ پنهنجن اعتماد جوڳن ماڻهن جي لاءِ ڇڏيون. [نيت] سپني جي راءِ اها ٿي ته لڪيءَ جو جبل جو سيوهڻ جي قريب آهي، تنهن کان ولي لٿي تائين ڄام فيروز جي تعلق ۾ رکيو وڃي، ۽ لڪيءَ کان مٿي پنهنجن خادمن جي تعلق ۾. انجام اقرار جي قاعدن پوري ڪرڻ کان پوءِ شاهه بيگ منزلون ڪندو، سيوستان ۾ پهتو. جيڪي ماڻهو سيوستان ۾ هئا، تن شاهه بيگ جي لشڪر پهچڻ کان اڳ ٿلٽيءَ ۾ پهچي، وڏو لشڪر تيار ڪيو هو. سهتا ۽ سوڍا ماڻهو جيڪي اتي حاضر هئا، تن لهراءَ ڪيو هو ته جيستائين جان باقي هوندي، تيستائين لڙائيءَ تان هٿ نه کڻنداسون. شاهه بيگ، سيوستان جو قلعو هٿ ڪري، مير عليڪ ارغون، سلطان مقيم بيگ لار ۽ ڪيبڪ ارغون ۽ احمد ترخان کي سيوستان ۾ ڇڏي، سلطان محمود خان ڪوڪلتاش کي بکر جي قلعي تي مقرر ڪري، پاڻ پنهنجن پٽن کي آڻڻ لاءِ شال ڏانهن روانو ٿيو. هوڏانهن جناب قاضي قاضن کي دريا خان جي پٽ محمود ڏانهن موڪليائين، ته سهڻين نصيحتن ۽ فائديمند هدايتن سان مخالفت کان باز آڻي کيس فرمانبرداريءَ جي رستي لائي. قاضي صاحب جي پهچڻ کان پوءِ اهي ماڻهو مورڳو سندس ڳالهه تي به راضي نه ٿيا. نيت شاهه بيگ ٿلٽيءَ جي سامهون اچي لٿو. تن ڏينهن کان پوءِ ٿلٽيءَ جي هڪڙي ماڻهو شاهه بيگ جي خدمت ۾ حاضر ٿي، کيس هنن ماڻهن جي لشڪر جي حقيقتن کان واقف ڪيو، ۽ هي ٻڌ ٻڌايائين ته ميان محمود، متن خان، [١١٦] ڄام سارنگ ۽ رنمل سوڍو خدمت ۾ حاضر ٿيڻ لاءِ تيار ٿيا هئا، پر انهيءَ ملڪ جو هڪڙو عالم ۽ مشائخ (١) مخدوم بلاول کين روڪي

(١) مشائخ اصل ۾ شيخ جو جمع آهي، پر جنهن صورت ۾ سنڌي زبان ۾ واحد جي معنيٰ ۾ مستعمل آهي تنهنڪري هتي سنڌي عرف موجب استعمال ڪيو ويو آهي. (مترجم)

سيوي ڏانهن موٽي ويو. [۱۱۷] توري وقت کان پوءِ، ڄام ڄا ماڻهو جيڪي زماني جي حادثن ڪري ٽڙي پکڙجي ويا هئا سي به اچي گڏ ٿيا. جڏهن ته ڄام صلاح الدين پهريائين لڙائيءَ ۾ مخالفت جو جهنڊو بلند ڪري ڄام فيروز کي سندس والد جي وفات کان پوءِ پڇائي ڪجهه وقت ٺٽي جي شهر تي حڪومت ڪئي هئي ۽ پوءِ دريا خان جي غلبي ۽ سيوستان جي لشڪر جي حملي سبب شڪست کائي گجرات ڏانهن وڃي پريشانيءَ ۽ بدحاليءَ ۾ وقت گذاري رهيو هو، سو هاڻي هن جي دماغ ۾ بيو دفعو ٺٽي ملڪ تي حڪومت ڪرڻ جو خيال ۽ سوداءَ پيدا ٿيو. سو ڄا ڪيائين جو ڄاڙيجن، سوڍن، سمن ۽ ڪنگهارن ڄا ڏهه هزار سوار ساڻ ڪري ٺٽي فتح ڪرڻ لاءِ نڪتو. شاه بيگ، ڄام فيروز جي تسليءَ لاءِ سير عليڪ ارغون، سلطان مقيم بيگ لار، ڪيبڪ ارغون ۽ احمد ترخان کي سيوستان ۾ ڇڏي ويو هو. جڏهن هيءَ حادثو پيدا ٿيو ته ڄام فيروز بيتاب ٿي، ٺٽي مان هلي شاه بيگ جي انهن اميرن جي خدمت ۾ پهتو، جيڪي سيوستان ۾ هئا. انهن صلاح ڪري شاه بيگ ڏانهن ماڻهو موڪلي واقعي جي صورت عرض ڪئي. ڄام فيروز پڻ علاؤالدين بن مبارڪ خان کي اوڏانهن نهايت تڪڙو روانو ڪري مدد لاءِ عرض ڪيو. شاه بيگ هن خبر پڌڻ شرط پنهنجن اميرن کي سڏيو. صلاح ٿي ته جنهن صورت ۾ ماڻهو پوريءَ طرح تيار آهن تنهنڪري مناسب آهي ته فرزند ارشد مرزا شاه حسن ڪارگر ماڻهن جي فوج ساڻ وٺي جلدي روانو ٿئي، ۽ پاڻ کي ڄام فيروز وٽ پهچائي. قصو مختصر، ١٤ محرم سن ٩٢٧ هه ۾ مرزا شاه حسن، شال مان رخصت ياب ٿي، سنڌ ڏانهن واڳ واري ۽ ويهن ڏينهن جي عرصي اندر سيوستان جي حدن ۾ پهتو. امير شاه بيگ سندس پويان لشڪر جا ٽولا ٽولا ڪري موڪليندو رهيو ۽ پاڻ به سندن پويان منزلون ڪندو تي آيو. مرزا شاه حسن سيوستان جي آسپاس پهتو، ته انهيءَ وقت ڄام [۱۱۸] صلاح الدين جو لشڪر، جو سارنگ خان ۽ رنمل سوڍي وغيره جي سرداريءَ هيٺ ڄام فيروز جي پويان آيل

ماڻهن جي خبر لهي اچي. پوءِ پاڻ ۽ چام فيروز گڏجي پيوئتي موٽيا. مهيني ربيع الثانيءَ ۾ شاهه بيگ باغبان جي حد ۾ پهتو، ۽ اتان مرزا شاهه حسن ۽ وڏن اميرن جي حاضر ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيائين. جنهن صورت ۾ شاهه بيگ جي ماڻهن سان زالون ۽ ٻار ٻچا ساڻ هئا، تنهنڪري باغبان جي آسپاس لهي پيا ۽ ماڇي ماڻهو جن سرڪشي اختيار ڪري اطاعت ۽ فرمانبرداريءَ کان منهن موڙيو هو، تن سڀني کي قتل ڪيائون، ۽ هنن جا مال ۽ ڍور ڍڳا ڦري لٽي گهر تڙ ۽ قلعو زمين برابر ڪري ڇڏيائون.

## شاهه بيگ جو باغبان جي آسپاس رهي پوڻ، ۽ سيوستان ڏانهن توجهه ڪرڻ جو بيان

جن ڏينهن ۾ شاهه بيگ اچي باغبان جي ڳوٺ ۾ منزل ڪئي ۽ مرزا شاهه حسن پڻ فتحياب ٿي پيءُ جي خدمت ۾ پهتو، تڏهن شاهه بيگ ڪيس طرحين طرحين مهربانين ۽ عزتن سان نوازايو، ۽ اميرن ۽ سپاهين کي پڻ مهربانين ۽ نوازشن سان سرفراز ڪري ڪجهه وقت تڪي سفر جي تڪليفن ۽ ڏاکڙن کان آرام ورتو. پوءِ مرزا شاهه حسن کي فتحمند لشڪرگاهه ۾ ڇڏي پاڻ اميرن جي هڪ جماعت ۽ باغبان جا مَلَڪ ساڻ وٺي سيوستان جي قلعي ۾ پهتو ۽ قلعي جي اندرينءَ ۽ ٻاهرينءَ مضبوطيءَ جو معائنو ڪري ڪارآمد ۽ اعتماد جوڳن ماڻهن جي هڪ جماعت اتي مقرر ڪري حڪم [١٢٠] فرمايائين ته اناج جي پيدائش قلعي ۾ آڻي ذخيرو ڪري رکي وڃي، ۽ وڏن وڏن اميرن مان هرهڪ کي قلعي ۾ پنهنجي لاءِ حويلي ۽ منزل ٺاهڻ جو حڪم ڏنائين. منزلن تقسيم ڪرڻ کان پوءِ لشڪرگاهه ۾ واپس تشريف فرما ٿي بکر ڏانهن واڳ ورايائين. قاضي قاضن تن منزلن تي استقبال ڪري، قسمين قسمين انعامن سان ممتاز ٿيو: جڏهن هڪ منزل پوري ڪئي هئائون تڏهن چام فيروز جي قاصدن ملازمت عاليءَ

وعدي خلافي ڪري پڇي ويا هئا، ۽ ٽولي ساڻ ڪري مخالفت ۽ جهيڙي جو دروازو کولي سلطان محمود کي ايذائڻ ۽ آزارڻ لڳا، سندس ڪيڻ جي ڪوشش ڪري کيس مال ۽ ڏل ڏيڻ کان انڪار ڪيائون، سندس قاصدن کي نهايت بيعزتيءَ ۽ بيحرمتيءَ سان واپس موڪليائون، ۽ لشڪر گڏ ڪري روهڙيءَ جي ميدان ۾ جنگ جي جاءِ تيار ڪيائون. انهيءَ وقت سلطان پندرهن سالن جي عمر جو هو. سلطان محمود بيتاب ٿي ساڻن لڙائي ڪرڻ لاءِ ٻاهر نڪرڻ گهريو ٿي، مگر سادات کيس روڪيندا ۽ دلداري ڏيندا رهيا. ٻه ڀيرا ڌاريجن درياهه ٽپي قلعي ۾ اچڻ ۽ سلطان محمود کي گرفتار ڪرڻ جو خيال ڪري وڏو لشڪر گڏ ڪيو پر ٻکر جا سيد هن حقيقت کان واقف ٿي قلعي جا برج ۽ پڳتيون مضبوط ڪري لڙائيءَ لاءِ تيار ٿيا، ۽ هو سادات جو لشڪر ڏسي ڪجهه نه ڪري سگهيا.

قصو ڪوتاهه، جڏهن مير فاضل ٻکر جي آسپاس پهتو تڏهن هڪ مکيه زميندار لالي مهر پنهنجي ڀائرن سميت اچي ملازمت جي سعادت حاصل ڪئي. ڌاريجا وڏيرا پڻ لاچار ٿي هر جڳهه کان خدمت ۾ حاضر ٿيندا ٿي رهيا. نيٺ مير فاضل اچي ٻکر ۾ پهتو ۽ ڌاريجن جا ٤٧ سردار پاڻ سان آندائين. سلطان محمود پيءُ جي قدمبوسيءَ جي سعادت حاصل ڪري دل جو درد پڌرو ۽ ڌاريجن مان ٢٧ ماڻهن کي سزاياب ڪرايو. [١٢٢] شاهه بيگ کي جڏهن معلوم ٿيو ته مير فاضل ٻکر ۾ خيرسلامتيءَ سان پهتو آهي، تڏهن پاڻ جنهن منزل تي پهتو هو اتان تڪو تڪو ٻکر روانو ٿيو ۽ اچي سکر جي ميدان ۾ لٿو. سلطان محمود خان شاهه بيگ جي خدمت ۾ پهچي قدمبوسي ڪئي، ۽ طرحين طرحين مهربانين ۽ نوازشن سان سرفراز ٿيو. قاضي قاضن، جنهن جو ٿورو احوال مٿي ذڪر ٿي آيو آهي، تنهن پڻ اچي پنهنجن ڀائرن ۽ ڪن شهر جي ماڻهن کي حاضريءَ جي شرف سان مشرف ڪرايو.

سلطان محمود خان ڏاڍيجن جو معاملو شاهہ بيگ جي گوش گذار
ڪيو، جنهن قاضي قاضن ڏانهن منهن ڦيرايو. قاضيءَ عرض ڪيو
تہ هيءُ ملڪ سيلا بي آهي ۽ هن زمين ۾ ڪنڊا گهٽا ڄمندا آهن،
تنهنڪري ڄنجور هميشہ هٿ ۾ رکڻ گهرجي. شاهہ بيگ هن
سخن ٻڌڻ شرط انهن ماڻهن جي قتل جو حڪم فرمايو. سلطان
محمود خان هڪدم شهر ۾ پهتو ۽ راتو رات انهن ماڻهن کي قتل
ڪرائي، انهيءَ برج کان هيٺ ڦٽو ڪرايو جو خوني برج جي
نالي سان مشهور آهي. صبح جو پيءُ سان گڏجي سيدن کي
شاهہ بيگ جي خدمت ۾ وٺي وڃي ملاقات ڪرايائين، ۽ سيدن
جي خيرخواهي ۽ نيڪ نيتيءَ جو ٿورو ذڪر عرض ڪيائين.
شاهہ بيگ ڏانهن نهايت توجهہ ۽ عزت سان پيش آيو ۽ ڪاڻن
خيريت جا حال احوال ورتائين. مجلس برخواست ٿيڻ کان پوءِ
سلطان محمود خان کي خلوت ۾ طلب ڪري سيدن جو احوال
پڇيائين. سلطان محمود خان وري بہ ساڳيو پهريون احوال عرض
ڪيو ۽ ڇڪاڙيءَ ۾ چيو تہ اگرچ هي ماڻهو خيرخواهہ آهن، پر
هنن سيني هڪ جماعت جي ماڻهن جو قلعي ۾ اندر هجڻ حڪومت
جي مناسب نہ آهي. شاهہ بيگ مرڪي فرمايو تہ چڱي سفارش
ڪئي اٿو. نيٺ ساداتن کي حمزہ بيگ هٿان پيغام موڪليائين
تہ جنهن صورت ۾ مغل ٻارڇن سان آيل آهن تنهنڪري سيدن
کي ٻن ٽن وڏين حويلن ۾ گڏجي رهڻ گهرجي. سيدن قلعي ۾
رهڻ مصلحت نہ سمجهي ٻاهر نڪري وڃڻ لاءِ عرض ڪيو. سندن
عرض قبول ڪري انهن لاءِ روهڙيءَ ۾ جايون مقرر ڪيائون،
جتي اڄ تائين رهن ٿا. [١٢٣]

پوءِ شاهہ بيگ قلعي ۾ آيو ۽ قلعو ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو، ۽
شهر جون جايون ۽ محلات ڏسي اميرن ۽ سپاهين ۾ تقسيم
ڪيائين، ۽ قلعي کي ماپي حصا ڪري اميرن جي حوالي ڪيائين
تہ هٿون هٿ تيار ڪيو وڃي. ۽ الور جيڪو پهريون تختگاهہ

پڙي توبه توبه ڪئي ۽ چيو ته توهان جي زندگي باقي هجي شال.
اتان اٽي حرمسراء ۾ ويو ۽ حرم جي خادمن سان پڻ هي سخن دهرايائين. انهن پڻ اهڙي قسم جا لفظ پڙي چيو ته توهان هي ڇا ٿا چئو؟ نيٺ مرزا شاهه بيگ ۽ مرزا شاهه حسن ۽ ٻيا امير عزا جي رسمن کان فارغ ٿيا، اتان منزل بمنزل درياهه جي ٻنهي طرفن جي ماڻهن کي سڏو ڪندا، سيوستان تشريف فرما ٿيا. اتي پڻ پندرهن ڏينهن رهي، آسپاس کان ڏلجاءِ ڪري، گجرات جي بادشاهي فتح ڪرڻ جو ارادو رکي ٺٽي جي رستي کان روانا ٿيا، ۽ منزل ڪندا جڏهن اگهم جي قريب پهتا ته چام فيروز جي گهرائڻ لاءِ قاصد موڪلي، پاڻ ٻئي ڏينهن اتي ترسي پيا.

## شاه بيگ جي هن بي بقا گهر مان انتقال جو بيان

”ڪل من عليها فان“ جو حڪم هڪ قطعي تقدير ۽ ”ڪل نفس ذائقه الموت“ جو فيصلو هڪ محڪم حڪم آهي. مطلب ته شاهه بيگ، بکر ۽ سيوستان جي ضروري ڪمن کان فارغ ٿي، پوري همت گجرات فتح ڪرڻ تي صرف ڪئي. جڏهن بکر کان ٻاهر نڪري رواني ٿيڻ جو پڪو ارادو ڪيائون، تڏهن خبر پهتي ته ظهيرالسلطنت والخلافت محمد بابر بادشاهه ڀيره ۽ خوشاب جي اسپاس پهتو آهي، ۽ ڪين هندستان فتح ڪرڻ جو ارادو آهي. حاضرين مجلس کي چيائين ته بادشاهه سنڌ ۾ اسان کي پنهنجي حال تي ڪونه ڇڏيندو ۽ اڳي پوءِ نيٺ هي ملڪ اسان کان ۽ اسان جي اولاد کان کسي وٺندو، تنهنڪري اسان تي لازم آهي ته ڪنهن ٻئي ملڪ ڏانهن پڄون. انهيءَ ڳڻتيءَ ۾ پوڻ ڪري سندس اندر ۾ درد پيدا ٿيو، ۽ ڪيترو به علاج ڪيائون پر فائدو ظاهر ڪونه ٿيو، ۽ شاهه بيگ گجرات ملڪ ڏانهن پهچڻ کان اڳ، آخرت جي سفر تي روانو ٿي ويو. [١٢٦]
چون ٿا ته جڏهن قريب المرگ ٿيو، تڏهن حافظ محمد شريف کي گهرائي ياسين سورت سڄوري جي پڙهڻ جو حڪم ڏنائين ۽

جڏهن حافظ آيت "و مالي لا اعبدالذي فطرني و اليه ترجعون"(١) تي پهتو ته هوش ۾ اچي فرمايائين ته "اي قاري" وري پڙهه. تي ٽيهرا وري وري پڙهايائين ۽ جڏهن آيت "قال ياليت قومي يعلمون بما غفرلي ربي"(٢) تي پهتو ته جان حق پاڪ جي حوالي ڪيائين، ۽ هيءُ واقعو تاريخ ٢٢ شعبان سن ٩٢٨هه ۾ ٿيو. ۽ "شهر شعبان" مير شاهه بيگ جي وفات جي تاريخ آهي.

انهيءَ رات اميرن ۽ مکيه ماڻهو مرزا شاهه حسن جي تابعداري ڪري تعزيت جي رسمن ڪي لڳي ويا، ۽ چنگيزي خاندان جون رسمون بجا آڻي سندس لاش بکر موڪليائون. ٽن سالن کان پوءِ شاهه بيگ جي صندوق مڪي شريف موڪليائون جتي "جنت المعليٰ" ۾ دفن ڪري، عاليشان عمارت ٺهرايائون.

تعزيت کان فارغ ٿيڻ کان پوءِ خبر ملي ته شاهه بيگ جي موت جي خبر ٻڌي چام فيروز ۽ ٺٽي جي ماڻهن خوشي ڪئي ۽ نقارا وڄايا، جنهن تي مرزا شاهه حسن جي غيرت جي رڳ جنبش ۾ آئي، ۽ ڪاوڙ جي باهه ڀڙڪا هڻڻ لڳي. اميرن وزيرن گجرات هلڻ ۾ مصلحت نه ڏسي، ٺٽي فتح ڪرڻ ۽ چام فيروز جي پاڙ پٽڻ جو ارادو ڪيو.

## شاه بيگ جي مختصر احوال جو بيان

ابتدا ۾ خواجه عبدالله رحم الله تعاليٰ روحه و اوصل الينا فتوحه جي خدمت ۾ حاضر ٿي سندس هٿ مبارڪ تي توبه تائب ٿيو هو، ۽ ڀرپور جوانيءَ ۾ علمي ڪمالات ۽ آداب حاصل

(١) آءٌ ڇو نه عبادت ڪيان، انهيءَ ذات جي جنهن مون کي پيدا ڪيو آهي، ۽ توهان پڻ انهيءَ ڏانهن موٽايا ويندا. (مترجم)

(٢) ڪاش منهنجي قوم کي، منهنجي رب جيڪا مون تي نعمت ڪئي آهي سا معلوم ٿئي. (مترجم)

ڪرڻ ۾ مشغول رهي ڪافي وقت عبادت ۽ طاعت ۾ گذاريندو هو. شروع ۾ جڏهن والد بزرگوار جي خدمت ۾ [١٢٧] هرات، جي تختگاهه، ۾ رهندو هو تڏهن هميشه عالمن جي مجلس ۾ ويندو هو ۽ هفتي ۾ ٻه ڀيرا علمائن کي پنهنجي جاءِ تي گهرائيندو هو. ڪافيه جو شرح، شرح مطالع جو حاشيو، مير سيد شريف جي فرائض جي شرح (شريفه) جو حاشيه ۽ ڪن ٻين رسالن جا حاشيا پڻ مشهور آهن، جي سندس طبع جا نتيجا آهن.

## سيويءَ جي عجائبات جو ذڪر

هن ملڪ جي عجائبات مان هڪڙو هيءَ آهي ته سيوي کان قطب جي طرف ڏانهن هڪ گنبذ ڏسڻ ۾ ايندو آهي، جنهن کي سنڌي زبان ۾ "مارو ڪير" چوندا آهن. جڏهن ماڻهو اتي پهچندا آهن، تڏهن ڪجهه به ڏسڻ ۾ نه ايندو آهي. هڪ ڀيري سلطان محمود بکري ٻه-ٽي هزار ماڻهو گڏ ڪري، هٿ هٿ ۾ ڏيئي انهيءَ ٽڪر تي ويو، پر ڪجهه به ڏسڻ ۾ نه آيس ۽ نڪو گنبذ ئي هٿ آين.

چون ٿا ته هيءَ هڪ طلسم آهي، جو اڳين ٺاهيو آهي ۽ انهيءَ ۾ خزانو دفن ٿيل آهي. هڪ دفعي هڪ درويش اتي پهچي اتان ڪجهه هٿ ڪري آيو هو، جنهن کان پوءِ ڪيترا ماڻهو اها اميد رکي اوڏانهن ويا، پر ڪجهه به نه لڌائون.

سيويءَ جو قلعو هڪ ٽڪريءَ جي دامن ۾ واقع آهي، جنهن جا سڀ پٿر گول ۽ لسا آهن. ڪيترو به زمين کي کوٽيندا آهن مگر پٿر اهڙائي نڪرندا آهن. سيويءَ جي پسگردائيءَ ڪور زمين ۽ جتر جي ايراضيءَ ۾ وڻ هيرڻ جي وڻ جيڏا ٿيندا آهن، ۽ ماڻهو انهن تي چڙهي ڪپاهه چونڊيندا آهن، ۽ هرهڪ وڻ تي اٽڪل سؤ ٻه سؤ، ڳراٽ جيڏا، نانگ هوندا آهن. اتي جا ماڻهو جڏهن ڪپاهه چونڊڻ چاهيندا آهن، تڏهن پهريائين انهن وڻن کي لڪڙيءَ سان ڇنڊي، نانگ پري ڪري، پوءِ

ويران ٿي ويا آهن، ۽ هاڻي انهيءَ سر زمين تي جهولو لڳندو آهي.

سيويءَ، بکر، ۽ سيتپور جي وچ ۾ هڪ زمين آهي جنهن کي بارکان' (ٻاڳ- ناڙي) چوندا آهن. اتي جا گهوڙا عراقي گهوڙن کان گهٽ نه ٿيندا آهن، ۽ بهاڻ جڏهن ماءُ جي پيٽان ڄمندو آهي تڏهن انهيءَ جي وڏاڻ ۾ پٿريون هاريندا آهن، ۽ اهو بهاڻ هڪ سال تائين انهن پٿرين تي ڦرندو رهندو آهي، جنهنڪري سندس سنب [۱۲۹] پٿر جهڙا ٿي پوندا آهن، ۽ نعل ٻڌڻ جي ضرورت کانسواءِ رهندي اٿس، ۽ جبلن ۾ نعلن کان سواءِ هلندو رهندو آهي.

چتر جي مکان ۾ هڪڙا ماڻهو آهن، جن کي سادات کهيري سڏيندا آهن، اهو نالو مٿن هن ڪري پيو، جو کهير هڪ وڻ جو نالو آهي ۽ سندن وڏن مان هڪڙي انهيءَ تي سوار ٿي، چمڪي هٽي ان کي گهوڙي وانگيان هلايو هو اهڙيءَ طرح ڳالهه عام جي زبانن تي مشهور آهي.

سيويءَ جي پسگردائيءَ ۾ گنجابه جي ويجهو هڪ هنڌان پاڻي جوش کائي نڪتو آهي جنهنڪري گهڻي زمين پاڻيءَ هيٺان اچي ويئي آهي، ۽ انهيءَ پاڻيءَ ۾ مڇيون پڻ آهن. گنجابه جي ٽڪرن مان هڪ ٽڪر جو دامن هڪ گيلريءَ وانگيان اڳتي وڌي ويئي آهي، جتي لوهه جو پڃرو لٽڪائي ڇڏيو اٿن. چون ٿا ته انهيءَ ۾ ڪجهه رکيل آهي جنهن کي ڪنهن جو به هٿ نٿو پهچي. جيڪڏهن جبل جي مٿان چڙهي رسو لڙڪائي ڪو ماڻهو موڪلڻ چاهين ٿا ته هو اتان هٽي وڃي ٿو ۽ جيڪڏهن هيٺان وڃڻ چاهين ٿا... (۱) جبل جي اها چوٽي لسي ۽ ڏکي هڪ ٽڪر جي آهي ۽ زمين کان پري آهي.

سيويءَ ۽ گنجابه جي سرزمين هن طرح آهي ته سيتپور ۽ درياهه جي ڪناري کان جبل ڇڪجي رکن، سيويءَ، گنجابه ۽.

(۱) هتي اصل ۾ خال آهي (مترجم)

پاٽ تائين پهتو آهي، ۽ اتان اڌ گول ٿاهي وري درياهه جي ڪناري تي پهتو آهي، ۽ وچ ۾ سڄو برپٽ آهي. قنڌار جو رستو هن برپٽ جي وچان آهي. سندس ڏيگهه درياهه کان سيوي ۽ تائين سؤ ڪوهه آهي، ۽ ويڪر ۾ سٺ ڪوهه هوندو. انهيءَ سرزمين جي اڪثر حصي ۾ جهولو لڳندو آهي، جو چئن مهنن تائين ساڙيندو آهي. اونهاري جا ڏينهن ان جي لڳڻ جي موسم آهي.

## قنڌار جي عجائبات جو بيان

هڪڙو هيءَ آهي ته، قنڌار کان الهندي طرف ڏهه ڪوهه پنجواهيءَ نالي هڪ جڳهه آهي. جنهن جي ويجهو هڪ جبل آهي. انهيءَ جبل ۾ هڪ غار آهي، جنهن ۾ ماڻهو [١٣٠] اندر لنگهي ٿورو رستو اڳتي هلندا آهن ته هر جڳهه وهندڙ پاڻيءَ مان لنگهڻو پوندو اٿن. اتي ٿڪي محلات ۽ جايون ٺاهيون اٿن. اتي وڏا باز جيڏا يا ٿورا ننڍا چمڙا تمام گهڻا هوندا آهن. اهڙيءَ طرح اڳتي ويندا ته ٻي جاءِ ڏسڻ ۾ ايندي. جيئن ته اتي اونداهي آهي، تنهنڪري بتيءَ کان سواءِ اڳتي هلي نه سگهندا آهن ۽ جيڪڏهن بتي ٻاريندا ته چمڙا بتيءَ ۽ ماڻهوءَ تي ايترا ته ڪرندا جو پنڌ ڏکيو ٿي پوندو ۽ ايترا ته گڏ ٿيندا جو هلڻ مشڪل. چون ٿا ته اتي هڪ طلسم آهي. (اتي) هڪ چرخو ٺاهيو اٿن ۽ انهيءَ چرخي جي ٻئي طرف سون جون سرون آهن. چون ٿا ته بابا حسن ابدال اتي پهتو هو ۽ پڪل ڪل انهيءَ تي وجهي اتان لنگهي، هڪ سوني سر ڪٽي آيو هو. بابا حسن ابدال جو ذڪر پنهنجي جاءِ تي بيان ٿيندو. ٻيو ته هڪ هال (١) جي عمارت (ڪوٺو) آهي جا جنت مڪاني بابر بادشاهه جي حڪم سان سرپوزي نالي جبل ۾ پٿر مان ٺڪي اٿن. هو هڪ نهايت بلند هال آهي، جو اسي سنگتراشن روزانو ڪم ڪرڻ سان اٺن سالن جي عرصي ۾ پورو ڪيو آهي، ۽ درحقيقت عمدي ۽ فرحت ڏيندڙ جاءِ آهي. جئن نرار ارغنداب

(١) اصل لفظ ”پيش طاق آهي“ (مترجم)

ندي جي ڪناري جي مٿان آهي، ۽ انهيءَ ملڪ جا اڪثر باغ ۽ آباد پون انهيءَ ٽبي آهن، تنهنڪري بهار جي موسم ۾ اڪثر ماڻهن جو اتان لنگهه ٿئي ٿو. پر نهايت بلند هجڻ ڪري ان تي چڙهڻ تمام ڏکيو آهي. ڪيترا ماڻهو دهشت کان اتي پهچي نه سگهندا آهن. اتي جنت آشيان بابر بادشاهه، مرزا عسڪري، مرزا ڪامران ۽ مرزا هندال جي نالي جو ڪتبو لکيل آهي، چاڪاڻ ته اهي نگران رهيا آهن، ۽ جنهن صورت ۾ فردوس مڪاني همايون بادشاهه اتي تشريف فرما ڪونه ٿيا هئا، تنهنڪري سندن نالو سڳورو انهيءَ ڪتبي ۾ لکيل ڪونه آهي ۽ سندن زير نگين ملڪن مان قندار ڪونه لکيو اٿن.

راقم الحروف جڏهن اتي پهچي ڏٺو ته [١٣١] جنت آشياني حضرت خليفي الاهيءَ جو نالو، ۽ سندن حڪم هيٺ آيل ملڪ چاڪاڻ ته هن درگاهه جي غلامن جي قبضي ۾ قندار ۽ ڪابل کان هزارونا ملڪ آهن، لکيل ڪونه آهن، تنهنڪري سندن نالو سڳورو ۽ سندن هٿ هيٺ آيل ماڪن ۽ شهرن جا نالا اتي داخل ڪرڻ جو دل ۾ خيال آيس، سو بکر کان سنگتراش ۽ خوشنويس گهرائي اتي هڪ ڪتبو لکي، حضرت جنت آشياني حضرت شاهنشاهه ۽ سندس حڪم هيٺ آيل اڪثر شهرن ۽ ملڪن جا نالا بنگال کان لاهري، ۽ ڪابل ۽ غزنين کان دکن تائين سڀ داخل ڪري، اٽڪل چار سال ڪم ڪري پورو ڪيو. سچ پچ اهڙو مجموعو تيار ٿيو آهي، جو ماڻهو ديدار لاءِ ويندا آهن.

هن جبل جي نزديڪ، جنهن ۾ اهو هال واقع آهي، هڪ غار آهي جنهن جي نالي چون ٿا ته سند سن چيڙو انهيءَ غار وٽ آهي، جتان بابا حسن ابدال سوني سر آندي هئي. ٻنهي جي وچ ۾ ست اٺ ڪوهه مفاصلو آهي.

قندار جي دامن ۾ جيڪو جبل آهي، انهيءَ ۾ هڪ ٻج ٿيندو آهي جو نانگ جي زهر يا ٻين زهرن لاءِ ترياق آهي، ۽ اهو ٻج هن ملڪ ۾ انهيءَ جبل کان سواءِ ٻي جاءِ تي ڪونه ٿيندو آهي.

انهن مان اڏڪل اڌ ۾ ڪيڙا پنجي ويندا آهن، ۽ جنهن پاسي ڏانهن ڪيڙا پوندا آهن، اهو پاسو پٿر جهڙو سخت ٿي ويندو آهي.

## پيو بابا حسن ابدال:

پاڻ سبزوار جي صحيح النسب سيدن مان آهن، ۽ شروع ۾ جڏهن کين ذوق جي حالت پيدا ٿي، تڏهن حجاز جو سفر اختيار ڪري، حرمين شريفين ۽ مقدس زمين جي زيارت جو شرف حاصل ڪري ڪجهه سال انهيءَ ملڪ ۾ گذاريائون. مرزا شاهه رخ ولد ارشد حضرت صاحبقران جي زماني ۾ روم ۽ حجاز [۱۳۳] جي ملڪ کان واپس ٿي سبزوار ۾ تشريف فرما ٿيا. شاهه رخ مرزا کي بابا حسن ابدال سان ڏاڍو عقيدو ۽ ارادو هو. هندستان جي سفر ۾ بابا کي تڪليف ڏيئي پاڻ سان وٺي ويو. موٽڻ وقت قنڌار جي لنگر ڳوٺ وٽ منزل ڪري پنهنجن مريدن ۽ معتقدن سان ظاهر ڪيائين ته هن زمين مان منهنجي دماغ ۾ محبت جي بوءِ اچي رهي آهي. آخر عمر تائين اتي رهيا ۽ اتي ئي آرامي آهن. سندن مزار هڪ بلند جڳهه ۾ آهي جا ارغنداب جي مٿان واقع آهي. جمعي جي ڏينهن قنڌار جا ماڻهو، ننڍا وڏا، زالون مرس، شريف ۽ وضيع زيارت لاءِ ايندا آهن ۽ عجيب مجمع ۽ ميلو ٿيندو آهي. بيشڪ فيض سان ڀريل جڳهه ۽ ڪمال صفائيءَ واري منزل آهي. اڪثر ايندڙ ويندڙن کان ٻڌو ويو آهي ته ٿوري جاءِ ڪا ٻي ورلي ڏسڻ ۾ آئي.

سندن ڪرامتون گهڻيون آهن. سندن ڪجهه ٿورو احوال، جهڙوڪ غار ۾ وڃڻ، طلسم کان لنگهڻ ۽ سوني سر آڻڻ، مٿي ذڪر ٿي آيو آهي. سندن آستاني جي آڏو هڪ مخروطي شڪل جو بلند قبو آهي جو اڻ گهڙيل پٿرن مان، جن مان هرهڪ جو وزن قنڌاري پنج من ٿيندو، گچ، چوني ۽ مٽيءَ کان سواءِ ٺاهيو اٿن. چون ٿا ته اهو بابا حسن جي چلي جي جاءِ رهيو آهي، ۽ اها عمارت هڪ رات ۾ اڪيلي سر هڪ خادم جي مدد سان تيار

ڪئي هئائون. پٿرن ڪي اهڙيءَ طرح هڪٻئي جي مٿان رکيو اٿن جو انهن جي ڪنهن به درز مان پاڻي جو ڦڙو نٿو ڪري ۽ جيڪو ماڻهو اندر ايندو آهي ته ڪيس هنن پٿرن جي سوراخن مان هرطرف کان آسمان ڏسڻ ۾ ايندو آهي.

ٻيو ته جنهن جبل جي دامن ۾ بابا حسن جي قبر آهي، انهيءَ جبل جي چوٽيءَ تي هڪ قبو ٺهيل آهي جو بابا حسن جي عمارتن مان آهي. جنهن جي نظر انهيءَ گنبذ تي پوندي، تنهن کي يقين ٿيندو ته اها سندن ڪرامت آهي؛ ڇاڪاڻ ته انهيءَ جبل [١٣٤] تي رڳو وڃڻ لاءِ ڪا واٽ ڪانهي، انسان وڃي ڪونه سگهندو، عمارت ٺاهڻ ۾ مصالح مٿي نيڻ ته تمام مشڪل آهي.

## ٻيو سيد حسين زنجيرپا.

پاڻ پڻ سبزوار جي بختاور سيدن مان آهن. اوڏيهن واسطن سان سندس نسب جو سلسلو امام عالي مقام موسيٰ ڪاظم سان ملي ٿو. سندن والده بابا حسن ابدال جي همشيره آهي. جڏهن بابا حسن حجاز جي سفر کان سبزوار موٽي آيو، تڏهن پنهنجي ڀيڻ بيبي فاطمه سبزوار جي هڪ بزرگ سيد عين‌الدين جي نڪاح ۾ آندائين. شاديءَ کان اوڏيهه سال پوءِ مير سيد حسين زنجيرپا پيدا ٿيو. ستن سالن کان پوءِ پاڻ پيءُ- ماءُ جي نظر کان غائب ٿي ويو. خادم ۽ درويش هر طرف ڊوڙيا پر ڪو به پتو ڪونه پين، جنهنڪري سيد عين‌الدين کي نهايت سخت صدمو پهتو. هن حال کي ستن سالن گذرڻ کان پوءِ سيد حسين اوچتو والدين جي دروازي تي حاضر ٿي سڏ ڪيو. جڏهن سندس فرحت ڏيندڙ آواز پيءُ- ماءُ جي ڪن تي پيو، ته هڪدم خوشيءَ مان ٻاهر نڪري، پنهنجي ڏکايل اکين کي انهيءَ پياري جي ديدار سان ٺاري، کانئس غائب ٿيڻ جي ڪيفيت پڇڻ لڳا. جواب ڏنائين ته مون کي ايمان وارن جنن جو هڪ ٽولو پنهنجي ماما حسن ابدال وٽ هندستان ۾ سندس اشاري سان کڻي ويو هو،

اٽڪل هڪ سال اتي رهيو. کانئس پوءِ موڪل ورتائين، پاڻ مون کي
وري به انهيءَ جماعت جي حوالي ڪيائون، جي سندن هدايت
موجب مون کي درويشن جي خانقاهن تي وٺي ويا. ڇهن سالن جو
عرصو انهيءَ مبارڪ جڳهه تي گذاريم، انهيءَ وچ ۾ اها جماعت
مون کي اسلام جي سنتن ۽ فرضن جي ترغيب ۽ شوق ڏياريندي
رهي. [١٣٥]

ٿوري وقت کانپوءِ سلوڪ جي شوق ۾ اچي سير و سفر
اختيار ڪري سيڪنهن ٻار مان سنگ ۽ سيڪنهن مجلس
مان توشو حاصل ڪندو رهيو، نيٺ جڏهن مرشد ڪامل جو
ڳولائو ٿيو، ۽ کيس الهام ٿيو ته پنهنجي ماسي بابا حسن ابدال
جي خدمت ۾ پهچي انهيءَ کان ڪمالات حاصل ڪري. روايت
ڪن ٿا ته جنهن ڏينهن جي منجهند جو مير سيد حسين، بابا
حسن ابدال جي ملاقات لاءِ لنگر جي ڳوٺ ۾ پهچڻو هو، انهيءَ
ڏينهن جي صبح تي بابا حسن کي وجد جي حالت پيدا ٿي. پنهنجن
مريدن کي فرمايائون ته منهنجي دماغ ۾ ڪنهن مرد جي بوءِ ٿي
ٿي اچي، جنهن جي ملاقات کان دل جي اکين کي روشني حاصل
ٿيندي، انهيءَ جي استقبال لاءِ جلدي روانو ٿيو. درويش اڃا
ٿورو اڳتي ويا هئا ته ايتري ۾ امير سيد حسين ساڻن ملاقي ٿي،
بابا حسن ابدال جي ملاقات جي سعادت سان مشرف ٿيو.
حسن بابا کين مهربانيءَ جي ٻاڪر ۾ وٺي سندن مٿي ۽ پيشانيءَ
تي چمي ڏيئي، پنهنجيءَ گاديءَ تي ويهاريو. مير سيد حسن جي
اچڻ جي خبر ٻڌي قنڌار جا مشائخ ۽ ولي سندس ملاقات لاءِ
حاضر ٿيا. جيئن ته انهيءَ ڏينهن گهڻا ماڻهو گڏ ٿيا، تنهنڪري
بابا حسن ابدال فرمايو ته پٽ سيد حسين! عزت وارن ۽ بزرگن
جي وڏي جماعت گڏ ٿي آهي، انهن جي خبر چار لهه، ۽ سندن
واسطي "بغراخاني" کاڌو تيار ڪر. سيد حسين اٿي، ديگ چلهي
تي رکي، پنج سير گوشت ۽ ڏهه سير قنڌاري اٽو هٿ ڪري،
پچائڻ کي لڳي ويو. جڏهن تيار ٿيو، تڏهن بابا حسن فرمايو ته
هن طعام مان سيني درويشن کي ڍؤ ڪرائي سگهين ٿو؟ سيد

حسين هيءَ خدمت قبول ڪري اٿيو ۽ معتبرن ماڻهن کان روايت آهي ته انهيءَ ننڍڙيءَ ديڳ مان هڪ سو پنجاهه ٿالهه پت جا ڪڍي درويشن جي آڏو رکيائين، ۽ سڀني کي ڏؤ ٿي ويو، پر ديڳ ائين جو ائين ڀريل رهي. [١٣٦]

نقل آهي ته هڪ ڏينهن سيد حسين لنگرواريءَ جاءِ جي لنگهه تي ويٺو هو، ته اوچتو هڪ ماڻهو پنير (مائو) جو اُٺ ڀري شهر ڏانهن ٿي ويو. مير سيد حسين پڇيو ته هن اُٺ تي ڇا آهي؟ هن، انهيءَ خيال کان ته متان درويش ڪجهه گهري، چيو، هن اُٺ تي پٿر آهن. پاڻ فرمايائون ته ائين ئي هوندو. انهيءَ ماڻهوءَ جڏهن منزل تي پهچي پنهنجي بار کي کوليو ته اهي پنير پٿر ڏٺائين، نهايت پشيمان ٿي، انهن پٿر ٿيل پنير کي کڻي آيو ۽ اچي معافي گهريائين ۽ اهي پٿر آستاني جي در تي رکيائين. خادمن هينئر اهي پٿر سندن مرقد منور جي مٿان رکي ڇڏيا آهن، ۽ اڄ تائين موجود آهن. جيئن ته سندن ڪرامتون ۽ خوارق هن مختصر ڪتاب ۾ ذڪر ڪرڻ کان ٻاهر آهن، تنهنڪري ٿوري تي اختصار ڪيو ويو آهي.

## سير ۽ اڏرڻ جي صاحب سيد محمد عرف سيد شير قلندر جو ذڪر

پاڻ مير سيد حسين زنجيرپا جا فرزند آهن، ۽ ننڍپڻ ۾ سير سلوڪ ۽ رياضت ۾ مشغول ٿي، پاڻ کي بلند درجن تي پهچايو اٿن. هدايت ۽ ارشاد جو دروازو کولي طلب جي واديءَ جي اڃايلن جي خشڪ چپن کي معرفت جي پاڻيءَ سان تازو ڪندا رهيا. سندن ڪشف ۽ ڪرامتون ڳڻڻ کان ٻاهر آهن، ۽ انهن مان ڪي ٿوريون هت بيان ڪريون ٿا: مخفي نه رهي، ته سندن نالو سيد محمد آهي ۽ ڪين سيد شير هن ڪري چوندا آهن، جو پنهنجي اصلوڪي صورت مٽائي، شينهن جي شڪل ڪئي هئائون.

قصو هن طرح هو تہ جڏهن ابتدا ۾ سيد محمد ڪرامتن ۽ مناقبن ۾ مشهور ٿيو، ۽ قنڌار ۽ هزاري جي ضلعن جا ماڻهو مريد ۽ معتقد ٿي نذر ۽ نياز آڻڻ لڳا، تڏهن سيد قشغہ نالي هڪ شخص مير ذوالنون کي نامناسب ڳالهيون ٻڌائي آماده ڪيو تہ هو ماڻهو موڪلي، مير سيد کي پاڻ وٽ گهرائي وٺي، چنانچہ [١٣٧] مير سيد محمد جمعي ڏينهن اشڪلچہ مان اچي جامع مسجد ۾ مير ذوالنون سان ملاقات ڪئي. مير ذوالنون جڏهن مجلس مان اٿيو، تڏهن چيائين تہ هن سيد کي نگاهہ ۾ رکو. چوڪيدارن مير سيد کي هڪ گهر ۾ جاءِ ڏيئي، ۽ هڪ ٽولو مٿس پهرو ڏيندو رهيو. ليڪن مير ذوالنون جڏهن گهر پهتو، تڏهن جيڪا بي ادبي ڪانئس مير جي حق ۾ صادر ٿي هئي، تنهن کان پشيمان ٿي، طعام جون ڪي ٿالهيون معتبر ماڻهن جي هٿان مير سيد شير ڏانهن موڪليائين. انهن اتي پهچي جڏهن انهيءَ جاءِ جو دروازو کوليو، جنهن ۾ مير اندر هو، تہ ڪين هڪ وڏي شينهن کان سواءِ، جو نمدي تي ليٽي رهيو هو، ٻيو ڪوبہ ماڻهو ڏسڻ ۾ ڪونہ آيو. هنن جيڪي ڏٺو سو وڃي مير ذوالنون کي ٻڌايو، جنهن چيو تہ هي ڀڄنا آهن، سو پنهنجن مقربن مان ٻن ٻين کي وڃڻ جو حڪم ڏنائين، جن ٻڻ اچي اها ساڳي حالت ڏٺي، ۽ اچي عرض ڪيائون. پوءِ تہ مير ذوالنون پڻ ٻارن سان انهي گهر جي دروازي تي پهچي، ڏسي عين اليقين حاصل ڪيو تہ برابر هڪ وڏو شينهن نمدي تي ويٺو آهي. مير ذوالنون پنهنجي تقصير جو قبولدار ٿي عذر ۽ استغفار جي زبان کولي معافي ورتي، جنهن کان پوءِ مير سيد شير پنهنجيءَ اصلوڪيءَ صورت ۾ موٽي آيو، ۽ مير ذوالنون، مير سيد جا هٿ ۽ پير چمي کين اجازت ڏني.

نقل آهي تہ سلطان علي قورچي جو "لق‌ودق" جي نالي سان مشهور آهي، ابتدا ۾ مير سيد شير جو وڏو منڪر هو. نيٺ هڪ ڏينهن استحان جو خيال دل ۾ رکي، مير سيد شير جي

خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ بي اد بي جي نموني سان ويٺو. حضرت سيد مير شير قلندر جذبي ۽ جلالت سان ڏانهس نهاريو ۽ ڏسڻ شرط ڪري پيو ۽ پنهنجا ڪپڙا پرزا پرزا ڪيائين، ۽ مٿو ۽ ڏاڙهي ڪوڙي ڪيترو وقت اگهاڙو ڦرندو رهيو، آخر سندس همشيره، بيچه حبيب ۽ سندس پيٽڙيو ابو مسلم ڪوڪلتاش، مير سيد شير قلندر جي خدمت شريف ۾ اچي گناهن جي معافي ورتي. مير سيد شير پنهنجي وضوءَ جو پاڻي ڪيس پيئڻ لاءِ ڏنو. [١٣٨] هو پاڻي پيئڻ سان پنهنجيءَ اصلوڪيءَ حالت ۾ آيو ۽ مريدن جي لسٽ ۾ داخل ٿيو، ۽ حياتيءَ تائين مير جي بورچيخاني لاءِ ڪاٺيون مٿي تي ڍوئيندو هو. مٿئين سلطان عليءَ کان نقل آهي ته هڪ نهايت ٿڌي رات جو مير سيد شير درويشن جي هڪ جماعت سان سير تي نڪتو. گهڙي ڪن ننڊ ڪيائون ته ڪين تڙ ڪرڻ جي ضرورت ٿي. هڪدم سجاڳ ٿي فرمايائون ته "مون کي غسل ڪرڻ جي ضرورت آهي. اي سلطان علي! منهنجا ڪپڙا سنڀالج. پوءِ مير گوڏ ٻڌي هڪ نهر جي مٿان برف پيل پاڻيءَ ۾ گهڙيو، هوڏانهن ٿڌيءَ هوا ڪري منهنجا عضوا ٿي ڏڪيا. مون کي جڏهن انهيءَ حال ۾ ڏٺائون تڏهن فرمايائون ته اي سلطان علي! ٿڌ ٿي لڳي ٿي؟ هيڏانهن اچ، پر مردن جا راز ڳجها رکج. آءٌ اتي وڃي ويس ڇا ڏسان ته پاڻي نهايت گرم هو ۽ منهنجي بدن کي آرام اچي ويو، پوءِ ساڻن گڏ نڪتس ۽ سرديءَ جو ڪوبه اثر ڏسڻ ۾ نه آيم."

نقل آهي ته مير سيد شير هڪ ڏينهن سفيد روان جڳهه تي پهتا. هوا گرم هئي. خواجه شهاب الدين سفيد رواني، جو مير جو هڪ معتقد هو، سو چوي ٿو ته مون اڳتي وڌي عرض ڪيو ته ڪا گهڙي منهنجي باغ ۾ قدم رنج فرمايو. پاڻ منهنجو عرض قبول فرمايائون. مون باغ ۾ اڳي وڃي حوض جي ڪناري تي جاءِ تيار ڪئي. باغ جو دروازو ننڍو ۽ سوڙهو هو تنهنڪري مير جي گهوڙي کي باغ جي ٻاهران وڻ جي ڇانوَ ۾ جهلڻ جو ارادو

هوءِ، مگر اوچتو ڏٺم ته مير سواريءَ جي حالت ۾ باغ ۾ گهڙي آيو. آءٌ حيرت ۾ غرق ٿي ويس ته هن سوڙهي در مان ڪيئن لنگهيا هوندا. پاڻ فرمايائون ته شهاب الدين هي ڳالهيون آسان آهن. عرض ڪيم ته جيڪو ميوو پسند هجي سو حاضر ڪريان، ۽ مون ڪنهن ڪاموري ڏانهن موڪلڻ لاءِ ٻه ڪارا ميوي جا پڙي رکيا هئا جي مير جي اچڻ کان اڳ ڪٽي هڪ ڪنڊ ۾ رکيا هيم. پاڻ فرمايائون ته شهاب الدين جيڪي ٻه ڪاريون [١٣٩] ميوي جون صبح پٽي رکيون اٿيئي سي ڪٽي اچ ۽ جنهن ڏانهن موڪلڻيون اٿيئي انهيءَ ڏانهن وري ٻڙي موڪلج. مون کي ڏاڍي حيرت لڳي، ۽ سچي عقيدي سان اٿي وڏي سندن هٿ چميم ۽ سندن پيرن تي ڪريس."

نقل آهي ته مير شير داور کان ساربان قلعي ۾ پهتا. فورا درويش مانجهاندي ڪرڻ لاءِ هڪ ڪڙميءَ جي گهر آيا، مگر انهيءَ کين ٽڪر نه ڏنو. درويش مير سيد شير وٽ دانهن کٽي آيا. پاڻ فرمايائون ته هتان ٻچو ڇاڪاڻ ته وڏي باهه لڳندي. ٻه-ٽي قدم اڃا مس وڌيا ته اوچتو زبردست باهه لڳي ۽ اها جاءِ سڙي ويئي. نقل آهي ته مير سيد شير جي وفات سن ٩٣٣ هه ۾ عاشوري ڏينهن ٿي هئي. سندن مزار پر فيض اشڪلج جي ڳوٺ ۾ آهي جو قندار کان ڏهه ڪوهه الهندي طرف آهي، اتي قندار ۽ داور جي گرد و نواح جا ماڻهو مقصدن ۽ مطلبن حاصل ڪرڻ لاءِ ايندا آهن، ۽ حضرت جي فرزند کي نذر، نياز ۽ سوکڙيون ڏيئي سندن روح پرفتوح جي نيت فقيرن، مسڪينن ۽ آئي وئي کي ڏيندا آهن. قندار، هزاري ۽ ٻين ضلعن جا سڀ ماڻهو سندن مريد آهن، ۽ اهو متبرڪ آستان ڪنهن ڏينهن ٻه انبوهه ۽ مجمع کان خالي نه آهي، ۽ مقرر لنگر هميشه جاري آهي.

## [قدوت الواصلين] خواجه ملڪ جو بيان

سندن مزار ارغنداب نهر جي ڪناري تي آهي. عجيب

فيض واري جاءِ آهي. قنڌار جا ٻاشندا کين ”پير ولايت“ سڏيندا آهن. پوکڻ وقت پنهنجن پوکن ۾ سندن فرزندن لاءِ حصو مقرر کندا آهن ۽ انهيءَ جي پيدائش سندن ٻزرگ اولاد کي ڏيندا آهن ۽ جيڪڏهن حصو مقرر نه کندا آهن ته گهڻو کري انهيءَ پوک تي کا نه کا آفت ايندي آهي. [١٤٠]

## خواجه علي ني تاز جو بيان

کرامتن جو صاحب هو ۽ کندکان ۾ آراميل آهي. کيس ”ني تاز“ انهيءَ کري چوندا آهن جو هڪڙي ڏينهن کاني تي سوار ٿي کنهن جاءِ تي وڃي مهمان ٿيو ۽ گهر جي مالڪ کي چيائين ته هن گهوڙي کي داڻو ڏي. گهر جي مالڪ چرچي طور اهو ان جي ڀانڊي ۾ کٽي قنو کيو. صبح جو ڏٺائين ته ڀانڊو خالي پيو آهي ۽ انهيءَ ۾ گهڻي لڏ پيئي آهي.

## خواجه علي نيشاپوريءَ جو بيان

وڏن اوليائن مان آهي ۽ گهڻين کرامتن جو مالڪ هو. هڪ ڏينهن قنڌار جا ٻزرگ کي سوار ۽ کي پيادا سندن ديدار لاءِ ويا ته پاڻ پٺ تي سوار ٿي انهن ٻزرگن جي استقبال لاءِ آيا ۽ اچي ساڻن ملاقات کيائون. اها پٺ اڄ تائين ٻيٺي آهي.

## خواجه ايوب انصاريءَ جو بيان

چون ٿا ته خواجه عبدالله انصاري جو پاءُ آهي. سومر ڏينهن سندن آستاني تي گهڻا ماڻهو جمع ٿيندا آهن.

## پير يکشنبهي

سندن قبر لک جبل جي دامن ۾ آهي. قنڌار جا گهڻا ماڻهو آچر رات پابنديءَ سان سندن مزار تي ڏيا ٻاريندا آهن ۽ انهيءَ موقعي تي هر آچر رات ١٢٠ ڏيا هن بزرگ جي قبر تي ٻرندا آهن.

## مرزا شاهه حسين جي ٺٽي ۾ حڪومت ڪرڻ جي شروعات ۽ چاڪر فيروز جي ڀڄي وڃڻ جو بيان

جڏهن مرزا شاهه حسين نصرپور ۾ پيءُ جي بجاءِ حڪومت جي گادي تي ويٺو [۱۴۱] تڏهن سيد، قاضي، شريف ۽ ٻيا مکيه ماڻهو سڀ تعريف ۽ مبارڪباديءَ جي رسمن ادا ڪرڻ لاءِ آيل هئا. سڀني کي انعام اڪرام سان نوازيائين. جڏهن ته هيءَ ڳالهه شوال مهيني جي پهرين تاريخ تي هئي، جنهن ڏينهن عيد سعيد جي اچڻ جي پڻ بشارت ملي رهي هئي، تنهنڪري سڀني اميرن ۽ وزيرن عرض گذاريو ته توهان جي سڳوري نالي سان خطبو پڙهڻ زياده مناسب ڏسڻ ۾ ٿو اچي. هيءَ ڳالهه ٻڌڻ سان ڏکي سمجهي زبان سان استغفار پڙهيائين ۽ چيائين ته جيستائين صاحبقران جي اولاد مان ڪوبه ماڻهو موجود هوندو، تيستائين اسان کي اهو حق نه آهي، تنهن تي خطبو حضرت ظهيرالسلطنت والخلافت محمد بابر بادشاهه جي نالي تي پڙهيائون. پاڻ عيد جا ڏينهن اتي گذاري ٺٽي روانو ٿيو. چاڪر فيروز حافظ رشيد خوشنويس ۽ قاضي حاجي مفتيءَ کي هديا ۽ سوکڙيون ڏيئي خدمت ۾ موڪلي افسوس ظاهر ڪيو ۽ عاجزي ۽ نياز سان تقصير جي معافي گهريائين. ليڪن ايلچين خلوت ۾ ظاهر ڪيو ته چاڪر فيروز ظاهر ۾ ته اهڙي قسم جو عرض ڪيو آهي، ليڪن باطن ۾ سندس مقصد ٻيو آهي، ۽ لڙائيءَ جا اوزار ۽ جنگ جا هٿيار جمع ڪري جنگ ڪرڻ جو ارادو اٿس.

مرزا شاهه حسن قاصدن کي موٽڻ جي اجازت ڏيئي پاڻ منزل به منزل پنڌ ڪندو رهيو. چاڪر فيروز جڏهن لشڪر کان واقف ٿيو، تڏهن مقابلي جي طاقت ۽ لڙائيءَ جو تاب نه ساري، ڀڄي وڃڻ کي ترجيح ڏيئي، ٿوري وقت ۾ ٺٽي جو شهر خالي ڪري درياهه جي هن پار لنگهي ويو. مرزا شاهه حسن لشڪر کي

درياهه ٽپي ننڍي ۾ داخل ٿيڻ جو حڪم فرمايو. لشڪر جي درياهه ٽپڻ وقت ماڻڪ وزير ۽ چام فيروز جو نائي شيخ ابراهيم ڪجهه لشڪر ساڻ وٺي، سامهون اچي دنگيون (دارون جون ڪوليون ۽ توبچين ۽ تير اندازن سان ڀريل ڪي ٻيڙيون) رستي جي منهن تي آڏي روڪڻ لڳا. ايتري ۾ بهادرن ۽ جنگي تجربي رکندڙن جوانن جي هڪ ٽولي دشمن کي سامهون ٿي ڪين درياهه جي رستي عدم ڏانهن [١٤٢] اماڻي ڇڏيو. چام فيروز نا اميد ۽ ناڪامياب ٿي ڪڇ ولايت ڏانهن هليو ويو جتي ڪجهه وقت رهي، ڪڇي ماڻهن جو لشڪر تيار ڪندو رهيو.

## مرزا شاهه حسين جي متوجهه ٿيڻ ۽ چام فيروز جي شڪست جو بيان

چام فيروز چاچڪن ۽ راهمن جي ڳوٺ ۾ پهچي اٽڪل پنجاهه هزار ماڻهو سوار ۽ پيادا گڏ ڪري لڙائيءَ لاءِ تيار ٿيو ۽ ننڍي جي ولايت ۾ شور ۽ زلزلو پيو. امير محمد مسڪين ترخان، مير فرخ، سلطان قلي بيگ ۽ ٻين اميرن انهيءَ ئي وقت مرزا شاهه حسين جي خدمت ۾ حاضر ٿي، واقعي جي صورت بيان ڪئي. مرزا شاهه حسين ڪجهه لشڪر ننڍي موڪلي، شهر کي مضبوط ڪري، پاڻ دشمن دفع ڪرڻ لاءِ متوجهه ٿيو ۽ درياهه ٽپي، منزلون ڪندو چام فيروز ڏانهن ويو. انهن حدن کي ويجهو ٿيو ته لشڪر کي ترتيب ڏيئي اڳتي وڌيو، اوچتو اڳيان مخالفن جو لشڪر ظاهر ٿيو. انهن ماڻهن جڏهن مغلن جو لشڪر ڏٺو ته سيني هڪدم گهوڙن تان لهي، مٿن تان پڳون لاهي، چادرن جون ڪنڌون هڪٻئي سان ٻڌي، جنگ شروع ڪئي. سنڌ ۽ هند جي ماڻهن جو اهو قاعدو آهي ته جڏهن پاڻ ڪسڻ جو فيصلو ڪندا آهن تڏهن گهوڙن تان لهي، مٿا اگهاڙا ڪري، چادرون ۽ ڪمربند هڪٻئي سان ٻڌندا آهن. مرزا شاهه حسين اها حالت

ڏسي اميرن کي فتح جي مبارڪ ڏني، ۽ سپاهين کي تير و ڪمان هٿ ۾ ڪڻڻ جو ارشاد ڪري پاڻ گهوڙي تان لهي، وضو ساري ٻه رڪعتون نماز پڙهي دعا لاءِ هٿ کڻي فتح ۽ ڪاميابيءَ واسطي التجا ڪئي. بس گويا ڪ دعا جو تير وڃي قبوليت جي نشان کي لڳو. پاڻ هڪدم گهوڙي تي سوار ٿيو ۽ اميرن ۽ سپاهين، تراريون ڪڍي، تيزيءَ سان حملو ڪري ٻئي طرف جي لشڪر ۾ زلزلو وڌو. قصو مختصر ته صبح کان شام تائين لڙائي جاري رهي، ۽ اٽڪل [١٤٣] ويهه هزار ماڻهو ميدان ۾ ڪم آيا. جام فيروز ناڪامياب ۽ ذليل ٿي گجرات هليو ويو ۽ ملڪ الموت سان ملاقات ڪرڻ تائين گجرات ۾ ئي رهيو.

مرزا شاهه حسن ٽي ڏينهن اتي منزل ڪري غنيمت جو مال، گهوڙا ۽ سامان جيڪو هٿ آيو هوس سو پنهنجي ماڻهن کي ورهائي ڏنو ۽ وڏن اميرن کي قسمين قسمين انعام اڪرام سان نوازيو. اتان موٽي ٺٽي ۾ منزل ڪري فتح ۽ ڪاميابيءَ سان تغلق آباد ۾ ساڪن ٿيو. ڇهن مهنن کان پوءِ هالا ڪنڊي (هالن) جي رستي کان منزلون ڪندو بکر روانو ٿيو. جڏهن سيوستان، جي سامهون پهتو ته سيوستان جا امير فتح جي مبارڪ ڏيڻ آيا ۽ تحفا پيش ڪيائون. آخر سيوستان جا امير ۽ سرڪاري ڪامورا اجازت حاصل ڪري موٽي ويا. سهتا ۽ دريهلي جا ماڻهو پڻ استقبال، ڪري سيوستان وٽ خدمت ۾ حاضر ٿيا انهيءَ ڏينهن دريلو. مير فرخ کي عطا ڪري پاڻ شڪار ڪندو بکر کان ٽن ڪوهن، پنڌ تي ٻهرلوءِ ۾ اچي لٿو. اميرن وزيرن ۽ مکيه ماڻهن استقبال، تي اچي مرزا شاهه حسن جي حاضري ڏني. مرزا بکر جي ماڻهن تي ڏاڍو توجهه فرمائي کين انعام، اڪرام سان نوازيو. انهيءَ ئي سال شيخ ميرڪ پوراني قندار کان سنڌ تشريف فرما ٿيو ۽ ٻئي سال شاهه قطب الدين ولد شاهه طيب هرات کان بکر ۾ اچي مرزا شاهه حسن سان ملاقات ڪئي.

ماڻهن جي دغدغي کان فارغ ٿيڻ چاهيائين، جيڪي سيوي جي ملڪ ۾ ٻارن ٻچن سان رهندا هئا. تنهنڪري هڪ هزار سوار ساڻ ڪري يلغارون ڪندو هڪ هفتي جي عرصي ۾ سيوي ۾ پهچي، سيويءَ جي قلعي جي مرمت فرمائي، [١٤٦] پنهنجن ڀروسي جوڳن ماڻهن جي حوالي ڪري اتي جي دلجاءِ ڪيائين. موٽندي لهري ۽ چتر جي رستي کان روانو ٿي رندن ۽ بگٽي ٻروچن تي ڪاهي انهن کي قيد ڪري تابعدار ڪيائين. نيٺ قيد ٿيل ڌوليءَ کي انجاس ۽ شرطن تي انهن جي حوالي ڪري وڏيرن ۽ سردارن کي پاڻ سان بکر وٺي آيو.

جڏهن عاليجاهه ظهيرالسلطنت والخلافت محمد بابر بادشاهه جي هندوستان تي چڙهائي ڪرڻ جي خبر مشهور ٿي، تڏهن مرزا شاهه حسن ايلچين هٿان لائق تحفا بادشاهه جي درگاهه ۾ عرض رکيا. جنهن وقت مرزا شاهه حسن بادشاهه جي خدمت ۾ رهندو هو، تن ڏينهن ۾ شاهي سرڪار جي وڪيل ۽ بيگي ديوان (١) مير خليفي سان خصوصي ۽ داماديءَ جي تعلق جو سلسلو جوڙيو هئائين ۽ اهو عرض قبول جو شرف حاصل ڪري چڪو هو. تنهنڪري انهيءَ تعلق جي نئين ۽ مضبوط ڪرڻ خاطر عبدالباقيءَ جي ڏاڏي مسمات شاهه سلطاني — جا سيد جعفر جي اولاد مان هئي — کي پڻ فردوس مڪاني ظهيرالسلطنت جي خدمت ۾ موڪلي انهيءَ مقصد جو عرض ڪيائين. حضرت جنت آشياني وسيلي بنجي مير خليفي جي نياڻي گلبرگ بيگم مرزا شاهه حسن جي نڪاح ۾ آئي، مير خليفي جي ننڍي پٽ حسام الدين ميرڪ سان گڏجي بکر موڪلي، مرزا شاهه حسن شادي ڪري بيگم گهر ۾ آندي ۽ پاڻ ۽ باغبان جو پرڳڻو مهمانيءَ طور مير حسام الدين ميرڪ جي حوالي ڪري پاڻ ملتان فتح ڪرڻ لاءِ روانو ٿيو.

حضرت بابر بادشاهه انهيءَ نسبت جو خيال رکي، ماهه بيگم جي نياڻي ناهيد بيگم جنهن جو ذڪر اڳيان ۾ تي آيو آهي، تہ کيس ڪابل ۾ ننڍڙي جڏي ماهه بيگم قندار آئي هئي، تنهنجو ميلاپ

(١) ديوان بيگي = ملڪ جو هڪ آفيسر (مترجم)

مير خليفي جي پٽ محب علي خان سان ڪيو، جنهن پنهنجي طرفان ڪان لاڳاپا مضبوط ڏنا.

مخفي نه رهي ته ملتان جو احوال ابتداءِ اسلام جي زماني کان جنهن محمد بن قاسم ثقفي، حجاج بن يوسف ثقفيءَ جي زماني ۾ فتح ڪيو هو، مٿي گذري آيو آهي. [١٤٧] جڏهن کان سلطان محمود غازي ملحدن جي هٿ مان ڪسي پنهنجي هٿ ۾ آندو تنهن کان پوءِ ڪيتري مدت تائين سندن اولاد جي تصرف هيٺ رهيو. غزنوين جي حڪومت ختم ٿيڻ تي ملتان وري قرمطين جي قبضي ۾ آيو جن کان سلطان معزالدين محمد سام وٺي پنهنجي قبضي ڪيو. ۽ سن ٨٤٧ تائين دهليءَ جي بادشاهن جي قبضي ۾ رهيو مٿين سال کان هندستان ۾ طوائف الملوڪي پيدا ٿي ته ملتان جو حاڪم خود مختيار ٿي ويو. ملتان دهليءَ جي سلطان جي قبضي مان نڪري ويو ۽ هڪٻئي جي پٺيان ڪيترن ماڻهن مٿس حڪومت ڪئي. شيخ يوسف قريب ٢ سال، سلطان قطب الدين پندرهن سال، سلطان حسين ولد سلطان قطب الدين ٣٤ سال، سلطان محمود ٢٧ سال، سلطان فيروز بن سلطان محمود ٿورن مهينن کان زياده حڪومت ڪانه ڪئي ۽ انهيءَ کان پوءِ سلطان حسين تخت تي ويٺو.

سن ٨٤٧ ۾ جڏهن دهلي جي بادشاهيءَ ۽ حڪومت جي نوبت سلطان علاوالدين بن محمد شاه بن فريد شاه بن مبارڪ شاه بن خضر خان تائين پهتي، تڏهن حڪومت جو انتظام هيٺ مٿي ٿي ويو. ۽ هندستان ۾ طوائف الملوڪي شروع ٿي، انهيءَ عرصي ۾ مغلن جي لاڳيتن حملن جي صدمي ڪري ملتان جي ولايت حاڪم کان خالي رهجي ويئي. ۽ جنهن ته شيخ الطريقت حضرت شيخ بهاوالدين ذڪريا ملتاني قدس سره جي بزرگي، ملتان ۽ آسپاس جي اڪثر زميندارن جي دلين ۾ ويٺل هئي، تنهنڪري اتي جي اڪثر عام خاص رهاڪن ۽ مکيه ماڻهن، خانقاه جي سنڀاليندڙ شيخ يوسف قريشيءَ کي بادشاه تسليم ڪري، ملتان،

اُچ ۾ ڪن ٻين ڳوٺن جي منبرن تي سنڌ س نالي خطبو پڙهيو ۽ مٿيون بزرگ پاڻ بہ حڪومت جون واڳون سنڀالي لشڪر ۽ ماڻهو وٺائڻ ڪي لڳي ويو ۽ زميندارن جون دليون هٿ ڪري ملڪ جي ڪاروبار جي رونق وڌايائين.

اتفاقا هڪ ڏينهن لانگاهن جي سردار رائي سهره، جنهن جي هٿ ۾ ريڙيءَ تائين ۽ ان جي آسپاس جا ڳوٺ هئا، شيخ يوسف ڏانهن پيغام موڪليو تہ "جنهن صورت ۾ اسان ابي ڏاڏي کان [١٣٨] توهان جي سلسلي جا معتقد ۽ مريد آهيون، ۽ دهليءَ جي حڪومت فتني فساد کان خالي نہ آهي، ۽ جون ٿا تہ ملڪ بهلول دهليءَ تي متصرف ٿي خطبو پنهنجي نالي پڙهڻ لڳو آهي، تنهنڪري جيڪڏهن توهان لانگاهن ڏانهن اڳي کان گهڻو توجهہ ڪندا ۽ اسان کي پنهنجي لشڪر مان ڪري ڳڻيندا تہ جڏهن ڪابہ مشڪل يا ضرورت پيش ايندي تہ اسان ساهہ قربان ڪرڻ ۾ دير نہ ڪنداسون. ۽ بالفعل پنهنجي جان نثاري جي ارادي کي مضبوط ڪرڻ لاءِ، پنهنجي نياڻي توهان جي حوالي ڪريان ٿو ۽ توهان کي نالي ڪري قبول ڪريان ٿو. شيخ هيءَ خبر ٻڌي خوش ٿيو ۽ رائي سهره جي نياڻي پنهنجي نڪاح ۾ آندائين. هو ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي نياڻيءَ کي ڏسڻ لاءِ ريڙيءَ کان ملتان ايندو هو ۽ لائق تحفا شيخ جي خدمت ۾ پيش ڪندو هو، شيخ احتياط خاطر راءِ سهره کي ملتان شهر ۾ منزل ڪرڻ جي اجازت نہ ڏيندو هو. ۽ هو پڻ ملتان کان ٻاهر منزل ڪري اڪيلو نياڻيءَ کي ڏسڻ ويندو هو. هڪ دفعي پنهنجا سڀ ماڻهو گڏ ڪري ملتان روانو ٿيو ۽ مڪر ۽ حيلي سان شيخ يوسف کي قيد ڪري ملتان جو حاڪم ٿيڻ گهريائين. ملتان جي آسپاس پهچڻ سان شيخ يوسف ڏانهن پيغام موڪليائين، تہ هن دفعي سڀ لانگاهہ پاڻ سان آندا اٿم انهيءَ لاءِ تہ منهنجي جمعيت ڏسي انهيءَ لائق خدمت منهنجي حوالي ڪريو. ڀالي ڀولي شيخ يوسف زماني جي مڪاريءَ کان غافل ٿي، مهرباني سان سنڌ س

ويا ۽ ڪن ٽورن قلعي اندر قلعي ٻڌ تي ٻيهر پسند ڪيو. اهو قلعو سيني قعلن کان وڌيڪ مضبوط ۽ بلند هو. مرزا شاهه حسن هڪ ڏينهن تي اچي لٿو ۽ سلطان محمود بکري قلعي ڏانهن يلغار ڪري قلعي جي آسپاس رهندڙ بلوچن جي فوج وٽ پهتو ۽ لڙائي ڳنڍي ٿيائين. انهيءَ ڏينهن سلطان محمود خان سان فقط اسي سوار ساڻ هئا، راقم الحروف سلطان محمود خان کان ٻڌو ته سيورائي جي لڙائي واري ڏينهن، سنڌس ترار جي ڌڪ سان ٽيهه ماڻهو قتل ٿيا هئا، ٻين بهادرن پڻ انهيءَ لڙائي ۾ بهادريءَ جا جوهر ڏيکاري دشمنن جا ٻه سؤ ماڻهو برباد ڪيا، باقي [١٥٠] ٻيا بلوچ اها حالت ڏسي ميدان مان نڪري ويا. صبح جو جڏهن هيءَ خبر مرزا شاهه حسن کي پهتي تڏهن عام مجلس ۾ سلطان محمود خان کي ڏاڍي آفرين ۽ شاباس ڏنائين، پر خلوت ۾ گهرائي کيس پنهنجي هٺ سان ٽي لڪڻ هڻي ملامت ڪيائين، ته ههڙي تڪڙ ۽ بي پرواهي چڱي نه آهي. ٻئي ڏينهن منزل پٽي سيورائي جي قلعي جي لڳو لڳ وڃي لٿو ۽ قلعي کي ويران ڪرڻ جو حڪم ڪيائين، جنهن تي اهڙو قلعو هڪ هفتي اندر زمين سان برابر ڪري ڇڏيائون. تنهن کان پوءِ مؤ جي قلعي ڏانهن متوجهه ٿيو ۽ مؤ جي پرسان جيڪا ڍنڍ آهي انهيءَ تي منزل انداز ٿيو، اتي قدوت العارفين ــ مرشد الطالبين شيخ روح الله فرزند ارجمند قطب المحققين غوث الواسلين، شيخ حماد قريشي، جو مؤ جو هڪ بزرگ ترين ولي هو جنهنجي مزار پرانوار مخلوق جي زيارتگاهه آهي. مرزا جي ملاقات جو شرف حاصل ڪري قلعي وارن جي عاجزي ۽ پريشاني بيان فرمائي. مرزا مسڪين نرجان کي حڪم فرمايو، ته "ڪجهه ماڻهو ساڻ ڪري قلعي ۾ وڃي اتي جيڪو ذخيرو هجي، سو نظر مان ڪڍي. لانگاهن ۽ بلوچن مان جيڪڏهن ڪو ماڻهو اندر هجي ته انهيءَ کي ٻاهر ڪڍي اچن ۽ جنهن ماڻهو شيخ حماد جي خانقاهه ۾ پناهه ورتي هجي، تنهن کي تڪليف مطلقا نه ڏني وڃي." هنن انهيءَ جماعت

۾ وجهي ٻکر آندائون.

مرزا شاهه حسن جي غلبي جو آواز جڏهن ملتان جي حاڪم سلطان محمود لانگاهه جي ڪن تي پهتو، تڏهن بلوچن جتن، رندن، دودائين، ڪورائين، چانڊين، ۽ ٻين سپاهين کي گڏ ڪرڻ لاءِ سيني طرفن ۽ سرحدن ڏانهن ماڻهو موڪليائين، جنهن ڪري هڪ مهيني جي عرصي ۾ اسي هزار سوار ۽ پيادا ملتان ۾ گڏ ٿي هڪ وڏو لشڪر ٺهي پيو. سلطان محمود لانگاهه ڏاڍي غرور سان ملتان مان نڪري جنگ جي ميدان ڏانهن روانو ٿيو. هوڏانهن مرزا شاهه حسن سلطان محمود لانگاهه جي لشڪر گڏ ڪرڻ جي خبر ٻڌي گهاري واهه جي ڪناري تي لهي انتظار ڪرڻ لڳو. سلطان محمود لانگاه ملتان جي ٻاهران [١٠٣] هڪ مهينو رهي، گهٽوئي لڙائي جو سامان ۽ هٿيار تيار ڪيا ۽ لشڪر جي تيار ٿيڻ کان پوءِ ملتان جي ٻاهران منزل پٽي روانو ٿيو. هڪ منزل ٻاهر نڪتو ته سندس دماغ ۾ وڏائيءَ جي هوا ڀرجي ويئي.

بيخبر زانڪه نقشبند قضا،
در پس پرده نقشها دارد.
[بيخبر هو ته نقشبند قضا
پردي اندر رکي ٿو ڪيئي نقش.]

بيشڪ هن بي مهر زماني جي باغ مان اهو ڪهڙو ماڻهو آهي، جنهن هن دنيا جي مراد جا گل چونڊيا هوندا ۽ سندس دل جي پير ۾ نامراديءَ جو ڪنڊو نه لڳو هوندو. اهو ڪهڙو ماڻهو آهي، جنهن هن دنيا جي عشر تڪده ۾ بخت جي شراب جو پيالو پيتو هجي ۽ نشي کان سندس سر ۾ دورو پيدا نه ٿيو هجي. هن قول جي تائيد اجها هن مان ٿئي ٿي ته شيخ شجاع بخاري، جو سلطان حسين لانگاهه جو نائب هو ۽ جنهن کي مالي خواهه ملڪي ڳالهين ۾ ڏاڍو اقتدار حاصل هو، تنهن ڪنهن موقعي تي، ٻانهين ۽ خاص خليفائين مان ڪنهن سان خيانت ڪئي

حاصل ڪري، خيرخواهيءَ ڏيکاري. ملازم کي نهايت توجهه سان سرفراز ڪري سندس عرض قبول ڪيا ويا.

## مرزا شاهه حسن دلاور فتح ڪرڻ ڏانهن متوجهه ٿيڻ ۽ غازي خان جي قتل جو بيان

جنهن وقت مرزا شاهه حسن اُچ تي متصرف ٿيو تڏهن اقبال خان جي خدمت ۾ حاضر ٿي خيرخواهي ڏيکاري، عرض ڪيو ته دلاور جي قلعي ۾ ڏاڍا خزانا دفن ٿيل آهن، سلطان جو گڏ ڪيل سڀ مال انهيءَ قلعي ۾ محفوظ آهي، تنهنڪري غازي خان جي دلجوئيءَ لاءِ هڪ فرمان جاري ٿيو، سندس مضمون هو ته اسان جي منزل اُچ جي سرزمين تي آهي، تنهنڪري مناسب ۽ لائق ائين آهي ته توهان قلعيجي سپني رهاڪن سميت تابعداري قبول ڪري بنا دير خدمت ۾ حاضر ٿيڻ لاءِ روانا ٿيو، ليڪن غازي خان بيپرواهي ڏيکاري ۽ قلعي جي مضبوطيءَ تي ڀروسو رکيو، خدمت ۾ حاضر نه ٿيو. انهيءَ ڪري پهرين رجب خميس ڏينهن صبح جو مرزا حڪم فرمايو ته فتحمند لشڪر پاڻي ۽ اناج کڻي، هڪ مهيني جو سمر تيار ڪري، دلاور ڏانهن تيار ٿئي، ۽ سنبل خان سوارن، خاصخيلين، توپچين ۽ پيادن کي ساڻ وٺي، دلاور جي قلعي جي چوڌاري تنبوکوڙي مورچا تقسيم ڪري نهايت ڪوشش ۽ خبرداري سان محاصري [١٠٠] ۽ لڙائي ۾ مشغول ٿي ويو. درحقيقت اهو هڪ اهڙو قلعي آهي جو بلندي ۽ مضبوطيءَ ۾ سيد سڪندريءَ سان مٽ آهي، ۽ هڪ اهڙي بيابان ۾ واقع آهي، جتي پاڻي نه ملڻ ڪري هوا جي پکين جون اکيون هميشه آسمان جي ڪرن ڏانهن ڏسندڙ ۽ حيران هوند يون آهن.

قصو ڪوتاهه چالاڪ ڪم ڪندڙن ٽن ڏينهن ۾ ٽي سؤ پاڻيءَ جا کوهه تيار ڪري لشڪر کي پاڻي گهڻو پيدا ڪري ڏنو، ۽ مرزا پاڻ چئن ڏينهن کان پوءِ تشريف فرما ٿي، انهيءَ بلند قلعي کي (دائري جي) مرڪز وانگيان گهيري ۾ ورتو، ۽ محاصري

جو سامان تيار ڪري تير ۽ پٿر اڇلائڻ شروع ڪري، قلعي فتح ڪرڻ ۽ لڙائي جا شرط بجا آڻڻ لڳا. هن حالت کي جڏهن ڪجهه وقت گذري ويو ته قعلي وارن جو حال تنگ ٿيڻ لڳو، ۽ ڪين ڪٿان به مدد ۽ واهر پهچي نه سگهي. گهيري ڏکي ٿيڻ ڪري قلعي وارا هن حالت کي ڏسي ڏيندا جو نهايت ڪوشش هوندي به ڪين ٺوڪايل ڇمڙو به هٽ نه ٿي لڳو. آخر سنبل خان وارن قلعي جي ٻن طرفن کان سرنگهه هڻي دروازي جي اڳيان واري برج ۽ پيٽ کي ڪيرائي وڌو، ۽ ماڻهو موت جو منهن سامهون ڏسي، باهه جون دٻليون ۽ شعلا اڇلائڻ لڳا. جڏهن لڙائي زور ورتي ويئي تڏهن بهادر ڏاڍون سرن سان ٻڌي برجن ۽ پيٽين تي چڙهي ويا، ۽ قلعي جي رهاڪن مان گهڻن کي قتل ۽ ڦٽيل ڪري جڏيائون ۽ باقي رهيلن سڀني کي قيد ڪيائون. نواب مرزا خزاني ۽ دفيني جي حساب ڪرڻ لاءِ اعتبار جوڳا ماڻهو مقرر ڪيا، ۽ صبح جو گهڻو سون سپاهين ۾ تقسيم ڪري، ان جو چڱو خاصو حصو خزاني ۾ محفوظ ڪيائون. اتان پوءِ اُچ ۽ بکر ڏانهن واپس ٿي پنڌرهين ڏينهن بکر پهچي، خوشيءَ جي مجلس قائم ڪيائون.

## مرزا شاهه حسن جو ملتان ڏانهن وڃڻ ۽ لاڳيتي محاصري کان پوءِ فتح ڪرڻ جو بيان.

سن ٩٣٢ جي پڇاڙيءَ ۾ جڏهن سلطان محمود لانگاه جي فوت ٿيڻ کان پوءِ سندس قريبن ۽ اميرن جي وچ ۾ فساد ۽ دشمني [١٥٦] پيدا ٿي ويڙهه ڪري هرهڪ پنهنجو طرف جهلي ٻئي جي اطاعت کان نابري واري ويٺو. سندس پٽ سلطان حسين ننڍيءَ عمر جو شيخ شجاع بخاري ۽ لانگاه عورتن جي هٿن ۾ راند يڪو ٿي رهيو. سندس هٿان ڪوبه ڪم ڪونه ٿي ٿيو ۽ ملتان ۾ فتنو، فساد، ظلم ۽ زبردستي شروع ٿي ويئي، تڏهن امير، مکيه ماڻهو ۽ عام رعيت ٻئي حاڪم جا ڳولائو ٿيا. نيٺ لنگر خان مرزا [شاهه حسن جي خدمت ۾ پهچي، ملتان ۽ ملتانين

جو احوال عرض ڪري، مرزا کي ملتان شهر فتح ڪرڻ تي آماده ڪيو، ۽ مرزا تيار ٿي مسڪين ترخان کي مقدمي طور اڳ ۾ روانو ڪيو.

لانگاهه ماڻهن ارغون لشڪر جي آمد کان واقف ٿي صلاح ڪري عمدت المشائخ شيخ اسماعيل قريشيءَ کي قاصد طور موڪلي صلح لاءِ عرض ڪيو، ۽ حضرت شيخ سؤ جي قريب اچي مرزا شاهه حسن سان ملاقات ڪئي. نواب مرزا شاهه حسن حتي الامڪان شيخ جي وڏي تعظيم ۽ تڪريم ڪئي، ۽ مهمانيءَ طور ڪجهه رقم شيخ جي نوڪرن کي ڏني. شيخ صلح جي گفتگو ڇيڙي، پر انهيءَ مان ڪوبه فائدو نه ٿيو. جنهنڪري شيخ لنگر خان کي چيو ته پوءِ اسان کي لٽي پنهنجن عزيزن وٽ موڪلي ڇڏيو. لنگر خان مرزا کي عرض ڪيو ته جنهن صورت ۾ لٽي ۾ شيخ جا عزيز آهن، تنهنڪري جيڪڏهن حڪم هجي ته شيخ لٽي روانو ٿي وڃي. مرزا لنگر خان جو عرض قبول ڪري شيخ کي سنڌ وڃڻ جي موڪل ڏني ۽ [شيخ لاءِ] لٽي جي آسپاس هڪ جڳهه خيرات طور مقرر ڪئي، ۽ پاڻ اتان منزلون ڪندو ملتان روانو ٿيو. ارغون لشڪر جي ويجهي پهچڻ کان پوءِ لانگاهن تي ڊپ ڇانئجي ويو ۽ سڀ ملتان هليا آيا. لنگر خان، مرزا جو لشڪر ساڻ ڪري ڍٽي کهاوڻ تي ڪاهي، اناج چوپايو مال ۽ ٻيون شيون مرزا جي ڪئمپ ۾ آنديون ۽ فتحمند لشڪر محاصرو ۽ لڙائي شروع ڪئي. [١٥٧]

ملتان جي والي پنهنجو هڪ پاءُ جناب شيخ شجاع بخاريءَ جي پاءُ سان گڏي نواب مرزا جي خدمت ۾ موڪلي، اطاعت ۽ تابعداري ظاهر ڪئي. مرزا مٿس نوازشون ڪري فرمايو ته پنهنجي پاءُ کي وڃي چؤ ته قلعي کان ٻاهر نڪري اسان کي گڏجي، ۽ اطاعت قبول ڪري، جيئن هو هر قسم جي مهربانيءَ جو لائق ٿئي ۽ اسان قعلو سندس حوالي ڪري واپس وڃون. هن جيڪي ٻڌو سو قلعي ۾ اندر وڃي پهچايو. پر لانگاهه

آندي ۽ ڀٽ کي پڻ پنهنجي بنائي پنهنجي پناھ ۾ رکيو.

۾ مهينا ٽڪڻ ڪان پوءِ مرزا شاھ حسن بکر ڏانهن [۱۰۹] موٽيو. (موٽڻ وقت) دوست مير اخور ۽ خواجه شمس الدين ماڇونيءَ کي ٻه سؤ سوار، سؤ پيادا، سؤ توبچي ڏيئي ملتان جو حاڪم مقرر ڪيائين. شيخ شجاع بخاري ۽ سلطان محمود جي خاصخيلين کي گرفت ۾ آڻي ڏنڊ وجهي ڪانئن وڏيون رقمون وصول ڪيائين. مرزا شاھ حسن موٽي اچي بکر ۾ رسيو ئي ڪين تہ لنڱي جي اميرن جي عريضي پهتي، تہ ڪنگهار لنڱي تي چڙهائي ڪرڻ جو ارادو رکي ٿو. مرزا شاھ حسن بکر ڪان لنڱي روانو ٿيو ۽ دوست مير اخور، خواجه شمس الدين ۽ لنگر خان کي ملتان ۾ مقرر ڪيائين، هي اٽڪل ٻارهن مهينا ملتان ۾ رهيا. (جنهن ڪان پوءِ) لنگر خان جدا ٿي وڃي جنت مڪان محمد بابر بادشاھ جي خدمت جو شرف حاصل ڪيو. مرزا شاھ حسن هيءَ خبر ٻڌي عريضي موڪلي، ملتان بادشاھ جي نذر ڪيو. دوست مير اخور ۽ خواجه شمس الدين موٽي بکر آيا. هوڏانهن حضرت فردوس مڪاني ملتان مرزا ڪامران کي عنايت فرمايو.

## ڪنگهار جي مخالفت ۽ مرزا شاھ حسن جي وڃڻ جو بيان

مٿي گذريو تہ جڏهن مرزا شاھ حسن بکر پهتو تيئن لنڱي جي اميرن جي عرض داشت پهتي تہ ڪنگهار لنڱي ولايت جو ارادو رکي ٿو. مرزا شاھ حسن بلغار ڪري لنڱي جي حد ۾ پهتو تہ ايتري ۾ ڪنگهار جو ايلچي مرزا شاھ حسن وٽ پهتو تہ "توهان منهنجي ڀاءُ آسر آمرانيءَ کي ڪٺو آهي، سندس خون جي بدلي وٺڻ لاءِ ماڻهو گڏ ٿيا آهن. پر جنهن صورت ۾ نواب مرزا ملتان فتح ڪرڻ ويا هئا، تنهنڪري مان عزت جو خيال رکي اهل و عيال جي ملتان ڪاهي نہ آيس. هاڻي اسان سان صلح ڪري سنڌ

جو ڪجهه ٽڪرو اسان کي ڏنو ويو. يا ته جنگ ڪئي وڃي.
مرزا شاهه حسن جواب ڏنو ته جنگ کان سواءِ اسان وٽ ٻي
ڪا ڳالهه ڪانه آهي. جنهن ميدان [۱٦۰] کي آمر آمرائيءَ جي
خون سان رنگين ڪيو هوسين [انهيءَ تي] سندس خون جو
اثر اڃا باقي آهي. توهان جي اچڻ کان اڳي اجهو اسين
ٿا اچون."

مرزا شاهه حسن اهل و عيال جي حفاظت لاءِ ٺٽي ۾ ڪي
ٿورا ماڻهو ڇڏي ڪنگهار جي لشڪر ڏانهن روانو ٿيو. ۽ پنڌ
پورو ڪري ڪڇ جي حدن ۾ پهتو. لشڪر گاهه ۾ اناج جي قلت
ٿي پيئي. اجنهن ڪري ماڻهو تنگ ٿيا. اميرن جي مشوري سان
مرزا کي هيءَ مصلحت ڏسڻ ۾ آئي ته جنگ واسطي چئني طرفن
کان متوجهه ٿجي. پوءِ جنهن پاسي کان جنگ ڇڙي پوي، ته جيڪي
ويجها هجن، سي پاڻ کي اتي پهچائين. پهرين فوج جيڪا هن جي
سامهون مقرر ڪيائون سا هئي سلطان محمود خان بکريءَ جي فوج.
ٻي فوج امير فرخ جي وچ ۾ شاهه حسن تڪدري، ۽ چوٿين فوج
مرزا عيسيٰ ۽ مير عليڪ سان ساڻ ڏني ويئي. اتفاقا ڪنگهار کي
خبر پيئي ته مرزا ٿورن ماڻهن سان بيٺو آهي. سو ڏهه هزار سوار
۽ بيشمار پيادا وٺي مرزا ڏانهن روانو ٿيو. رستي ۾ نغارن جو
آواز سلطان محمود خان جي ڪن تي پيو. پنهنجن ماڻهن کي
چيائين ته "نغارن جو آواز پيو ڪن تي پويم" سڀ تعجب ۾
پيا، ته هن رڻ پٽ ۾ نغارن جو آواز ڪٿان ٿو اچي. وري به
ساڳيو آواز ٻڌائون. نيٺ ڪن ماڻهن کي جبل تي موڪليائون،
جن خبر آندي ته ڪنگهار وڏو لشڪر وٺيو مرزا شاهه حسن جي
سامهون پيو وڃي. معلوم ائين پيو ٿئي ته جاسوس موڪلي احوال
معلوم ڪيو اٿن ته مرزا شاهه حسن ٿورن ماڻهن سان آيو آهي.
تنهنڪري فرصت غنيمت ٿو سمجهي. ۽ ڪيس ٻين ٽن فوجن جي
خبر نه آهي. مرزا شاهه حسن جڏهن اهو لشڪر ڏٺو، تڏهن
جيڪي ٿورا گهڻا ماڻهو ساڻس هئا، سي ساڻ ڪري انهيءَ ڏانهن

روانو ٿيو. ايتري ۾ سلطان محمود بکري ڦرتائي ڪري ڦري ڪندلان ڪان سامهون آيو. ۽ مرزا جي خدمت ۾ قاصد موڪليائين ته توهان پنهنجي جاءِ ڪان اڳتي نه وڌو، انشاءَ الله ڪيس توهان تائين پهچڻ نه ڇڏ يندا سون. ۽ هڪ قاصد مير فرخ ڏانهن موڪليائين، ته جلدي پهچي. ڪنگهار صفون سنيون ڪيون ۽ گهوڙن تان لهي پيادو ٿي، ڍالون هڪٻئي سان ملائي، [١٦١] نيزا هٿن ۾ ڪٺي، چادرن جا پلو هڪٻئي سان ٻڌائون. سلطان محمود خان پڻ جنگي جوانن کي چيو ته نيزن ڪان سواءِ ٻيو ڪجهه به هٿن ۾ نه ڪڻو. جنگ ۾ ڪلاڪن تائين زور سان هلي. پهريون ٻه صفون پوريون جگر ڦاڙيندڙ نيزن جو لقمو ٿي چڪيون، باقي جيڪا فوج رهي، سا ٻچي مير فرخ جي سامهون اچي نڪتي. جن کي اتي جو اتي مير فرخ ترارن جو ڪاچ ڪري ڇڏيو. ۽ پاڻ اتي ئي لهي پيو. صبح جو انهيءَ لشڪرگولن ۽ واهڻ جي ڦر تي روانو ٿي، گهڻن ماڻهن کي قيد ڪيو. گهوڙا، اٺ، ڍڳا، چوپايو مال ۽ بيشمار اسباب لشڪرين کي هٿ لڳو. مرزا شاهه حسن فتحمند ٿي موٽي لنگي تشريف فرما ٿيو.

## حضرت جنت آشياني محمد همايون بادشاهه جي مبارڪ لشڪر جي گجرات روانو ٿيڻ ۽ حڪم موجب مرزا شاهه حسن جي انهيءَ ولايت ڏانهن متوجهه ٿيڻ جو بيان

سن ٩٤٢ هه ۾ جڏهن حضرت همايون بادشاهه وڏو لشڪر ساڻ وٺي، چتور جي فتح ڪرڻ جي ارادي سان دهلي مان روانو ٿي، وچي ان جي آسپاس خيما کوڙيا هئا، تڏهن سلطان بهادر گجراتي، چتور جي راجا جي باري ۾ ڪيس ڇڏي ڏيڻ واسطي عريضو پيش ڪيو هو. جنهن جي هيٺان کي سخت جملا پڻ

استعمال ڪيا هئائين. حضرت بادشاهہ جي دل کي انهيءَ خط کان صدمو پهتو، ۽ سلطان محمود بهادر جي لڙائي واسطي، گجرات ڏانهن گهوڙي جي واڳ ڦيرايائين، منزلون ڪندو اچي گجرات کان نڪتو ۽ سندس فتحمند لشڪر جنهن ملڪ وٽان ٿي لنگهيو تہ ڦرلٽ ڪندو، ۽ مخالفن مان جيڪو بہ ڏسڻ ۾ آين، تنهن کي قتل ڪندو ٿي ويو، ۽ سلطان بهادر نيٺ وڃي قلعي بند ٿي ويٺو.

قصو ڪوتاهہ انهيءَ چڙهائي واري وقت مرزا شاهہ حسن جي نالي [١٦٢] فرمان موڪليا هئائين تہ سچائيءَ جو خيال رکي انهيءَ طرف کان گجرات اچي پٽڻ جي حد ۾ پهچي عريضو موڪلي. پوءِ جهڙو حڪم صادر ٿئي تنهن موجب عمل ڪري. مرزا شاهہ حسن وڏو لشڪر وٺي نصرپور کان سوار ٿي راڌڻ پور جي رستي سان پٽن پهتو، ۽ خضر خان جو سلطان بهادر جي پاران پٽن جي قلعي ۾ رهندو هو، سو قلعي بند ٿي ويهي رهيو. ۽ پٽن جو چوپايو مال ڪنهن ڏورانهين جاءِ ڏانهن ڪاهي ويا. سلطان محمود خان پنج سؤ سوار وٺي اڳتي وڌي وڃي ڪنهن ڳوٺ کي لٽيو، ۽ پٽن کان ستن ڪوهن تي منزل انداز ٿي جان علي پيشقراق کي مرزا شاهہ حسن جي خدمت ۾ موڪليائين. هوڏانهن وري جنيد ۽ جوڻي جاڙيجي کي پٽن جي قلعي ۾ خضر خان ڏانهن روانو ڪيائين، تہ جنهن صورت ۾ مرزا شاهہ حسن وڏي لشڪر سان آيل آهي، تنهنڪري مناسب آهي تہ توهان سندن خدمت ۾ حاضريءَ جو شرف حاصل ڪري قلعو سندن حوالي ڪريو. ۽ پنهنجي اهل عيال سان جيڏانهن تنهنجو ارادو هجي، تيڏانهن نڪري وڃين. هن جواب ۾ چوائي موڪليو تہ ”سلطان بهادر ڪرنال ۾ سلامت ويٺو آهي، تنهنڪري مون کي سند جي مغلن کي قلعي حوالي ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي.“ نيٺ جنيد ۽ جوڻو خضر خان جي والده وٽ ويا، ۽ وڃي ڪيس سلطان محمود خان جو پيغام پهچائي چيائون تہ اسان جو هتان ڪنهن

ٻه تحفي ۽ سوکڙي ڪان سواءِ سلطان محمود خان وٽ وڃڻ توهان لاءِ مناسب نه آهي. خضر خان جي والده پڇيو ته ”پهرين توهان جي ڪهڙي صلاح آهي؟“ هنن وراڻيو ته هڪ لک فيروزشاهي مرزا شاهه حسن جي مهماني، ۽ ٽيهه هزار رپيا سلطان محمود ڏانهن موڪليو، ته اسان وٽ لشڪر جي منزل پڄايون. غرض ته هڪ لک ٽيهه هزار فيروز شاهي پنهنجن اعتماد جوڳن ماڻهن هٿان موڪليائون. صبح جو مرزا شاهه حسن به اچي تال پٽن تي لٿو سلطان محمود خان مرزا جي خدمت ۾ حاضر ٿي، اڳتي وڌڻ جي رخصت گهري مگر مرزا شاهه حسن فرمايو ”پهريائين ڪو ماڻهو حضرت بادشاهه [١٦٣] جي خدمت ۾ موڪلي ڪيس پنهنجي اچڻ جي خبر ڪريون، ۽ جيڏانهن حضرت بادشاهه حڪم فرمائي، تيڏانهن روانا ٿيون“. آخر عبدالقدوس کي عرضداشت سان بادشاهه جي خدمت ۾ موڪليائون، ايتري ۾ خضر خان جي ماڻهن به اچي تحفا عرض رکيا. مرزا شاهه حسن پنڌ رهن ڏينهن پٽن جي آسپاس ترسيو، ۽ سلطان محمود محمود آباد ڏانئين وڃي گجراتين جي مال متاع کي لٽيو. جنهنڪري لشڪر کي تمام گهڻو سامان، ڪپڙا ۽ روڪڙ هٿ لڳي.

اتي مير فرخ مرزا شاهه حسن کي عرض ڪيو ”جنهن وقت بادشاهه حڪم فرمائيندو، ته تون اچي اسان سان ملي، اسان جي ڪئمپ ۾ رهه. تڏهن توهان کي ڪئمپ ۾ وڃڻ کان سواءِ ڪو ٻه چارو نه رهندو، ۽ جڏهن ارغون ۽ ترخان چغتي اميرن جو سامان ڏسندا ۽ حضرت بادشاهه گجرات جي خزاني مان هٿ آيل گهڻو سون پنهنجي لشڪر ۾ تقسيم ڪندو، ته پوءِ توهان وٽ ڪهڙو سپاهي رهندو؟ [ضرور] گهڻا ماڻهو ڏار ٿي ويندا. تنهنڪري مصلحت ائين آهي ته اسان سنڌ ڏانهن موٽي وڃون“. هيءَ ڳالهه مرزا شاهه حسن ۽ اڪثر اميرن کي پسند آئي. آخر ٺهراءُ ٿيو ته

مرزا قاسم بيگ لار جي هٿان حضرت بادشاهه جي خدمت ۾

عرضداشت موڪلي وجي تہ مان پنهنجو سمورو لشڪر آندو آهي. ۽ هيئنر بکر ۽ ٺٽي جي اميرن طرفان هڪ عريضو پهتو آهي، تہ ڪلمني، جتوين ۽ ٻين زميندارن لشڪر گڏ ڪري انهيءَ ملڪ کي ڦري فتني ۽ فساد جي شروعات ڪئي آهي. لاچار موٽي وڃڻ ڏئي ڏو. مرزا شاهہ حسن حضرت بادشاهہ جي احمدآباد پهچڻ کان ويهہ ڏينهن اڳ ۾ سن ۹۴۷ھ جي ابتدا ۾ راڌڻ پور جي رستي کان موٽي ٺٽي روانو ٿيو. موٽڻ وقت جاڙيجن ۽ سوڍن جو ڏاڍو ڪوس ۽ ڦر لٽ ڪيائين. [۱٦۴]

## بادشاهہ والا جاهہ جنت آشياني همايون بادشاهہ جو سنڌ ۾ اچڻ ۽ مرزا شاهہ حسن جي مخالفت جو بيان

[ڏهين محرم] سن ۹۴۷ ھ ۾ هندستان جي اڀرندي طرف کان شير خان افغان، جنهن جو اصل نالو فريد خان هو، ۽ حسن خان افغان جو پٽ هو، زور وٺي بادشاهہ جمجاهہ همايون بادشاهہ سان سامهون ٿيو ۽ ٻنهي طرفن ۾ ٻہ ٽي دفعا جوسا جي گهيڙ وٽ لڙائي ٿي، جنهن ۾ نيٺ [بادشاهہ جي] شڪست ٿي ۽ بادشاهي لشڪر جو ساڄي ڪناري کان، جونپور ڏانهن روانو ٿي، گهوڙا ڊوڙائيندو اچي آگري پهتو.

غرض تہ هن کان اڳ سن ۹۴٦ ھ ۾ مرزا شاهہ حسن مير عليڪہ ارغون کي گجرات ۽ بنگال جي مبارڪ ڏيڻ واسطي همايون بادشاهہ جي خدمت ۾ موڪليو هو، ۽ مير خوش محمد ارغون کي پڻ قنڌار جي فتح ڪرڻ ۽ اغضوار خان جي قتل جي مبارڪ ڏيڻ لاءِ مرزا ڪامران جي حضور ۾ روانو ڪيو هو.

هي ٻئي ماڻهو نهايت هوشيار سپاهي ۽ صاحب الرائي ماڻهو هئا. مير عليڪہ جڏهن بادشاهہ عاليجاهہ جي خدمت جو شرف

حاصل ڪيو، تڏهن بادشاهه جي بيپرواهيءَ ۽ غرور مان سمجهيائين ته جلدئي ڪو ڏاڍو لشڪر سرڪشي ۽ بغاوت جو اراده ڪندو، سو مير عليڪ، بادشاهه جي اجازت کان سواءِ شاهي ڪئمپ مان نڪري، نهايت تڪڙو مرزا شاهه حسن وٽ پهتو. مرزا سنڌ اچڻ جو ٻڌي، ڏاڍو پريشان ۽ متفڪر ٿيو ۽ جڏهن مير عليڪ مرزا جي ملاقات سان مشرف ٿيو، تڏهن کانئس حالات پڇيائين. هن ورايو: مون بادشاهه کي نهايت غرور ۾ ڏٺو ۽ حڪومت جا امير وزير نهايت غافل، تنهنڪري پنهنجي ترڪائي حساب مان معلوم ڪيم ته مٿن جلدي ڪو باغي غالب [١٦٥] ڪري، سنڌ ۾ بادشاهيءَ جي بنيادن ۾ زلزلو آڻيندو، سو مان توهان کي خبردار ڪرڻ آيو آهيان. مرزا شاهه حسن اميرن کي گڏ ڪري ساڻن صلاح ٿي ڪئي، ته ايتري ۾ بادشاهه جي شڪست جي خبر پهتي. سيني مير عليڪ جي عقل کي آفرين ڏني ۽ تعريف ڪئي. پوءِ فيصلو ڪيائون ته اُچ کان بکر تائين نديءَ جا ٻئي ڪنارا ويران ڪري، آبادي تلف ڪري ڇڏڻ گهرجي، ۽ جڏهن بادشاهي لشڪر جي پاڄ جي خبر وري پهچڻ لڳي، تڏهن ٻيرلوءَ وارو چار باغ، جنهن ۾ هرقسم جون عمارتون ۽ قلعي داريءَ جو سامان ذخيرو ٿيل هو، سو ۽ بکر کان وٺي سيوستان تائين بکر جا سڀ ڳوٺ واهڻ ۽ پرڳڻا ويران ڪيائون، ۽ سنڌ ن راءِ اها بيٺي ته جيئن ته مرزا ڪامران ۽ مرزا عسڪري مخالف آهن، تنهنڪري حضرت بادشاهه ضرور هن طرف تشريف آڻيندو.

جڏهن ربيع الاول سن ٩٤٧ هه جي پهرين تاريخ حضرت بادشاهه لاهور ۾ پهتو، تڏهن سڀ پائر ۽ ناليرا امير اچي گڏ ٿيا. مگر ايڏين آسماني تنبيهن ۽ هوشياريءَ جي سبٻن هوندي به هنن سڀني جي اک نتي کلي ۽ سچا نتي ٿيا. نيٺ هڪ ڏينهن خواجه خاوند محمود، مير ابوالبقا، خواجه عبدالحق ۽ حڪومت جا سڀ مکيه ۽ وڏا ماڻهو گڏ ٿيا ۽ اتفاق ۽ اتحاد جي ياداشت لکي تيار ڪري، سيني لائق ۽ مکيه ماڻهن انهيءَ

وجي قلعي جي هيٺان لنگر هٽائي ٻيهاريون.

جڏهن ساهيون جو لشڪر روهڙي جي شهر ۾ اچي لٿو تڏهن سلطان محمود نالي شاهي فرمان جاري ٿيو، ته هو اچي آستان بوسي جو شرف حاصل ڪري، ۽ قلعو درگاهه جي ملازمن جي حوالي ڪري. هن عرض ڪيو ته "آءٌ مرزا شاهه حسن جو نوڪر آهيان، جيستائين مرزا شاهه حسن خدمت ۾ حاضر نه ٿيندو، تيستائين منهنجو اچڻ نمڪ خوريءَ جي قانون موجب [۱٦٧] چڱو نه ٿيندو. ۽ مرزا شاهه حسن جي اجازت کان سواءِ قلعو حوالي ڪرڻ مناسب نه آهي. بادشاهه سندس عرض قبول ڪيو. جڏهن ته اناج ٿورو ٿي ميسر ٿيو، تنهنڪري مير بازار مهتر اشرف کي سلطان محمود خان ڏانهن موڪليائون. جنهن بادشاهي ماڻهن لاءِ پنج سو خرار اَن ۽ ڪي ٻيون ڪاڏي جون شيون موڪليون ۽ سندس هيءَ خدمت پسند ڪئي ويئي. انهن ئي ڏينهن ۾ اعتماد جوڳن ٻن ملازمن امير طاهر صدر ۽ سمندر بيگ کي مرزا شاهه حسن ڏانهن ٺٽي موڪلي، ڏانهس خط لکيائون، جنهن ۾ مهربانين جي وعدن ۽ فردوس مڪاني بابر شاهه جي حضور ۾ جيڪو سندن پاڻ ۾ اخلاص قائم ٿي چڪو هو، تنهن جا واسطا [وڌائون] مرزا شاهه حسن، بادشاهه جي قاصدن کي ادب ۽ احترام جي نظر سان ڏٺو، ۽ اقرار ڪيائين، ته جنهن وقت، حضرت بادشاهه تشريف فرما ٿيندا، تنهن وقت هاله ڪنڊيءَ کان ٻنوري تائين درياءَ جو هو طرف شاهي حرسراءِ جي حوالي ڪري، عهد اقرار مضبوط ڪرڻ کان پوءِ سندن ملازمت جي شرف کان مشرف ٿيندس، ۽ پنهنجي لشڪر ۽ نوڪرن چاڪرن سميت، گجرات جي فتح پنهنجو مقصد سمجهي، اهو ملڪ فتح ڪرڻ کان پوءِ واپس ٿيندس، انهيءَ قرارداد موجب جناب سيادت ماب شيخ ميرڪ پوراني ۽ مرزا قاسم طائيءَ کي لائق تحفا ڏيئي، حضرت بادشاهه جي خدمت ۾ موڪليائين. هنن ماڻهن بکر جي گرد و نواح ۾ حضرت جي ملازمت جو شرف حاصل ڪري، مرزا شاهه حسن جي

اخلاص ۽ عرض گذاريءَ جي حقيقت باد شاه، همايون کي عرض ڪئي، ۽ عرضداشت پڻ گذارش ۾ آندي. عرضداشت جو مضمون هيءُ هو ته، "بکر ولايت جي پيدائش ٿوري آهي ۽ چاچڪان جو پرڳڻو آبادي، پوک جي گهٽائي ۽ اناج جي ڪثرت ۾ ممتاز آهي. تنهنڪري انهيءَ طرف روانو ٿيڻ ۽ تصرف هيٺ آڻڻ مناسب ٿيندو، چاچڪان ته [هڪ طرف] شاهي سپاهه کي آرام نصيب ٿيندو، [ٻي طرف] آءٌ پڻ خدمت جي قريب هوندس. هيءُ منهنجو بخت [١٦٨] وريو آهي، جو توهان هن ملڪ ۾ اچي منزل ڪئي آهي، ۽ آهستي آهستي وقت گذرڻ تي دل جا دغدغا زائل ڪري آءٌ پڻ حاضريءَ جي سعادت سان سرفراز ٿيندس."

باد شاه، ڀهريائين ته قبول ڪري مرزا شاهه حسن جي مدعا موافق پرواني لکڻ جو حڪم ڪيو. پر پوءِ شاهي اميرن ۽ وزيرن مرزا شاهه حسن جي مرضيءَ جي خلاف، خلوت ۾ عرض ڪيو ته، "گوٺن ۽ واهڻن جا نالا وٺڻ جو ڪهڙو مطلب آهي؟ جيڪڏهن سچيءَ دل سان سرڪار جو خير خواهه آهي ته پنهنجا قلعا سوکڙيءَ طور پيش ڪري، جئن اسان پنهنجا ٻار ٻچا (١) ۽ عملو (٢) انهن قلعن ۾ مضبوط ڪري پنهنجو پورو توجهه گجرات فتح ڪرڻ تي خرچ ڪريون. اسان جو غنيم شير خان پٺاڻ لاهور ۾ اسان جي

(١) هتي اصل ۾ "زهزا" لفظ آهي ۽ نسخي ح ۾ "رهزاد" لکيل آهي. پر ٻئي غلط آهن ۽ ڪابه معنيٰ نه ٿا رکن. اسان جي خيال ۾ صحيح 'زهزاد" آهي ۽ ڪاتب کان ڀل ۾ "د" رهجي ويو آهي. "ح" نسخي واري ڪاتب کان وري ڀهرين "ر" تي نقطو ڀلجي ويو آهي. "زهزاد" جي معنيٰ آهي ٻار ٻچا ۽ اولاد.
( مترجم )

(٢) هتي پڻ مير معصوم پنهنجي عادت موجب "اورق" لفظ کي "اورغ" ڪري لکيو آهي، حقيقت ۾ لفظ "اورق" آهي، جنهن جي معنيٰ عملو يا شاهي ڪئمپ آهي. والله اعلم. (مترجم)

مٿان ويٺو آهي، مرزا شاهه حسن جو هي عرض صلاح ۽ سچائيءَ کان ٻاهر نه ٿو ڏسجي". [بس پوءِ ته] حضرت باد شاهه ٻکر جي محاصري کي لڳي ويو.

هيءَ خبر جڏهن مرزا شاهه حسن کي پهتي تڏهن ڇيائين ته ٻکر جي دلجاءِ آهي. ڇاڪاڻ ته يقين آهي ته حضرت باد شاهه هڪڙو ڏينهن رائيندو ۽ باغ ڇڏي قلعي جي سامهون ڪونه ويندو، ۽ ٻيا امير جيڪي محاصري جي ڪيل پوندا سي ڪجهه نه ڪري سگهندا، ۽ مير فرخ، سلطان محمود خان، جاني ترخان، دولت خان، پايندهه محمد قريش، مير جملا ارغون ۽ ٻين اعتماد جوڳن ماڻهن کي ٻکر ۾ قلعي جي حفاظت ۽ نگراني تي ڇڏي اختيار جي واڳ سلطان محمود خان جي هٿ ۾ ڏيئي پاڻ سيوستان روانو ٿيو ۽ ساڳيءَ طرح سيوستان جي قلعي کي ڍاهي ويران ڪري ڇڏيائين.

انهن ئي ڏينهن ۾ همايون جو لشڪر ماٿيلي کان هلي ٢٨ رمضان سن ٩٤٧ هه خميس جي ڏينهن روهڙي [١٦٩] جي جبل جي دامن ۾ اچي لٿو. ۽ ڪي ڏاريجا ۽ سفياني ماڻهو جي رهجي ويا هئا، تن پڻ اچي خدمت جو شرف حاصل ڪيو. حضرت باد شاهه جمعي ڏينهن مرزائي مدرسي ۾ آيو. ٻئي ڏينهن ٻيرلوءِ جو باغ همايون جي صورت جي روشنائيءَ کان جنت جي باغن کان به سرس ٿيو. باد شاهه کي اهو باغ ۽ عمارت ڏاڍا وڻيا. ۽ حرمن سڳورن کي باغ ۾ اندر رهائي، مسجد جي آسپاس باد شاهي دولتخانو قائم ڪيائون، امير ۽ مکيه ماڻهو باغ جي آسپاس لٿا. مرزا يادگار ناصر روهڙيءَ جي مدرسي ۾ تشريف فرما ٿيو. ۽ ٻئي لشڪر پڻ روهڙيءَ ۾ منزل ڪئي. روهڙي کان ٻيرلوءِ جي باغ تائين، جو ٽن ميلن جي مفاصلي آهي، تنهن ۾ باد شاهي ڪئمپ جا ماڻهو لٿل هئا. جئن معتبر ماڻهن کان ٻڌو ويو آهي، تنهن موجب باد شاهه جي ڪئمپ ۾ اٽڪل ٻه لک ماڻهو هئا. جمعي ڏينهن حضرت باد شاهه مسجد ۾ تشريف

فرمايائين، انهيءَ مسجد ۾ جمعو قائم ڪيو ۽ خطبي ۾ پڻ انهيءَ ڪامياب بادشاهه جي لقبن جي برڪت سان تازي شهرت حاصل ڪئي. ساڳئي ڏينهن هڪ شاعر انهيءَ مجلس ۾ هيءُ قطعو بادشاهه جي سڳوري نظر هيٺ آندو ۽ انهيءَ جي وسيلي خوب انعام جو حقدار ٿيو:

تا همايون نام اورا سکه بر دل نقش کرد
مهر از مهرش دهان سکه پر زر مي کند
منبري کز خطبهء القاب او زينت گرفت
مشتري گوهر نثار فرق ممبر مي کند.

[جڏهن کان نالو "همايون" سڪي دل تي نقش ڪيو،
سج به سڪ مان وات "سڪ" جو ڀري ٿو سون سان.
جو به ممبر ان جي لقبن ساڻ زينت ور ٿيو
مشتري گوهر ڪري ٿو گهوران ممبر مٿان.]

انهيءَ سال جنهن صورت ۾ بادشاهي لشڪر جي لنگهڻ ۽ زماني جي ٻين واقعن ۽ حادثن ڪري بکر جي اناج ۽ داڻن کي سخت نقصان پهتو هو. ۽ ساڳئي سال جي سياري ۾ بکر جي آسپاس اهڙو ته سخت ڏڪر اچي پيو هو، جو ڪيترا ماڻهو ماني ۽ ڪپڙي نه ملڻ ڪري ساهه ڏيئي رهيا هئا. اگرچ بادشاهه هن حقيقت کان واقف ٿي خزاني مان گهڻو سون سپاهين کي ڏنو، پر اناج جو مهانگ [١٧٠] انهيءَ حد تي پهچي چڪو هو، جو مانيءَ جو هڪ ڀڳڙ، هڪ گنيءَ ۾ ٿي وڪيائون، تنهنڪري حضرت بادشاهه مرزا هندال کي پاٽ جي طرف تي مقرر ڪيو. ۽ پاڻ پنجن ڇهن مهينن تائين انهيءَ باغ ۾ گذاريائين، ته شايد مرزا شاهه حسن حاضر ٿيڻ جي توفيق حاصل ڪري، خدمت ۾ مروت جو دستور بجا آڻي، اطاعت ۽ خدمت گذاريءَ جو رستو وٺي. پر اميرن ۽ ارغونن مرزا شاهه حسن کي آزاد نه ڇڏي، سڌي رستي کان ڦيرائي حيلي ۽ مڪر جي رستي لاتو ۽ مخالفت ۽ ڏکيءَ ۾ پنهنجو چارو سمجهي، مخالفت جو رستو ورتو.

ٻاد شاهه ٻکر کان درٻيلي روانو ٿي، ٻه ٽي ڏينهن ٽڪي پوءِ وچي ٻاٽ ۾ منزل ڪئي. انهن ڏينهن ۾ شيخ علي اڪبر جاڻي، جو مرزا هندال جي قريبن مان هو، جي نياڻي ٻلقيس مڪاني حميده ٻانو بيگم سان نڪاح ڪيائون. ٿوري وقت کان پوءِ لشڪر ۾ گندگي پيدا ٿي ته اتان ئي ڪوچ ڪري وري ٻکر ڏانهن توجهه فرمايائون. پر اناج نه هئڻ ڪري لشڪر جي حالت تباهه ٿي چڪي هئي. ۽ مرزا هندال قراچه خان جو مرزائن طرفان قندار جو حاڪم هو، جي چرچ تي قندار نڪري ويو ۽ يادگار ناصر مرزا کي لکيائين ته جلدي ٻاڻ کي اسان وٽ پهچايو. چاڪاڻ ته رستي ۾ توهان جي آمد جو انتظار ڪري رهيا آهيون. ١٨ جمادي الاول ٩٤٨ هه. اڳاري ڏينهن مير ابوالبقا جي جڳهه تي تشريف فرما ٿي. ٻزرگانه صحبت ڪئي ۽ مير کي ڏاڍي عزت ۽ اڪرام سان ياد گار ناصر مرزا ڏانهن قاصد ڪري موڪليائين ته نصيحت فرمائي ڪيس ڏنگي رستي کان سڌي رستي تي آڻي. مير، يادگار ناصر مرزا سان ملاقات ڪري، مرزا کي نئين سر باد شاهي اطاعت جي سلسلي ۾ داخل ڪيو. مير اربع جي ڏينهن ١٩ تاريخ هي ڪم تيار ڪري، خميس جي ڏينهن موٽيو هيو ته ٻکر جي قلعي وارن مير جي وچڻ کان واقف ٿي، [١٧١] دولت شاهي ۽ برغدائي ماڙهن مان ڪن کي ٻيڙيءَ تي چڙهائي ڪرڻ لاءِ موڪليو. جن اچي تير وسايا. مير کي ڪي ڪاري زخم رسيا ۽ ٻئي ڏينهن هن فاني جهان مان لڏي وچي باقي جهان سان گڏيو. ٻيءَ اربع تي يادگار ناصر مرزا درياهه ٽپي وچي ملازمت جي سعادت حاصل ڪئي. پڻ انهيءَ وچ ۾ مرزا شاهه حسن جي ايلچين شيخ ميرڪ پوراني ۽ مرزا قاسم کي رخصت ڏيئي پروانو موڪليائون، جنهن تي پنهنجي دستخط شريف سان لکيائون ته "سلامن کان پوءِ شاهه حسن بيگ کي [لکجي ٿو ته] ٻاڻ جيڪو عرض ڪيو اٿس، سو قبول آهي. بشرطيڪ عقيدتمندي سان خدمت ۾ حاضر ٿيندو." والسلام.

ڪيترو وقت مرزا شاهه حسن کي اچڻ جو خيال رهيو، مگر جنهن صورت ۾ ارغون اميرن هن صلاح ۾ ساڻس موافقت نه ٿي ڪئي، تنهنڪري ويچار ۾ اچي حاضر ٿيڻ ۾ دير ڪندو ٿي رهيو. آخر ٻهرين جمادي‌الاول سن ٩٤٨ باد شاهه سيوستان ڏانهن چڙهائي ڪئي، ۽ بکر جو ملڪ يادگار ناصر مرزا کي عطا ڪيائين. جڏهن سندس لشڪر سيوستان کي ويجهو پهتو ۽ منعم خان جو ڀاءُ فضل بيگ ۽ شاهم خان جو ڀاءُ ترسون بيگ ۽ ٻيا اٽڪل ويهه ماڻهو ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿي اڳيان ۾ وڃي رهيا هئا. تڏهين قلعي مان هڪ ٽولي نڪري سندن ڪڍ پيئي. هنن سڀني ٻيڙيءَ مان نڪري قلعي وارن ماڻهن تي هلان ڪئي. ۽ قلعي وارا ڀڄي قلعي ۾ لنگهي ويا، ۽ ١٧ رجب سن ٩٤٨ هه تي محمد همايون باد شاهي قلعي جي ٻاهران اچي منزل ڪئي. باد شاهه جي اچڻ کان اڳ قلعي جي محافظن مير سلطان علي بيگ، مير شاهه محمود ارغون، مير محمود ساربان، علي محمد ڪوڪلتاش ۽ مير صفر ارغون قلعي جي چئني طرفن وارن باغن ۽ عمارتن کي برباد ڪري ڇڏيو هو. باد شاهه قلعي وارن کي سوڙهو ڪيو. [١٧٢] جڏهن قلعي وارن کي سوڙهو گهڻاڻون تڏهين مرزا شاهه حسن ٺٽي کان سن ۾ اچي ڪاهي ڪوٽي گهٽيون، ٻيڙيون گڏ ڪري منزل ڪري ويهي رهيو، ۽ مير عليڪه ارغون کي سيوستان تي مقرر ڪيائين. مير عليڪه ڪجهه لشڪر ولي رات جو باد شاهي ڪئمپ ۾ اچي سڌو بزار کان قلعي ڏانهن هليو ويو. هن جي قلعي ۾ پهچڻ کان پوءِ ڪئمپ جي ماڻهن معلوم ڪيو ته، مرزا شاهه حسن جا ماڻهو آهن. اڳ ۾ مطابق ڪنهن کي خبر ڪانه پيئي. حضرت جنت آشياني سرنگهه هڻڻ جو حڪم فرمايو. سرنگهه کان پوءِ برج (ڏاهه) جو هڪ ٽڪرو اڏامي ويو، پر قلعي وارن هڪدم ٻي پيت ڪري ڇڏي. آخر حضرت جنت آشيانيءَ کي محسوس ٿيو ته ارغونن جو انتظام مضبوط آهي ۽ قلعي فتح ڪرڻ جا هٿيار موجود ڪونه آهن. نيٺ سيوستان جي محاصري کي ستن مهينن گذرڻ کان پوءِ مخالف هوا ۽ پاڻيءَ جي اٿل اچي

ڪيترو وقت مرزا شاهه حسن کي اچڻ جو خيال رهيو، مگر جنهن صورت ۾ ارغون اميرن هن صلاح ۾ ساڻس موافقت نہ ٿي ڪئي، تنهنڪري ويچار ۾ اچي حاضر ٿيڻ ۾ دير ڪندو ٿي رهيو. آخر پهرين جمادي الاول سن ٩٤٨ باد شاهه سيوستان ڏانهن چڙهائي ڪئي، ۽ بکر جو ملڪ يادگار ناصر مرزا کي عطا ڪيائين. جڏهن سندس لشڪر سيوستان کي ويجهو پهتو ۽ منعم خان جو پاءُ فضل بيگ ۽ شاهم خان جو پاءُ ترسون بيگ ۽ پيا اٽڪل ويهه ماڻهو ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿي اڳيان ۾ وڃي رهيا هئا. تڏهين قلعي مان هڪ ٽولي نڪري سندن ڪڍ پيئي. هنن سڀني ٻيڙيءَ مان نڪري قلعي وارن ماڻهن تي هلان ڪئي. ۽ قلعي وارا ڀڄي قلعي ۾ لنگهي ويا، ۽ ١٧ رجب سن ٩٤٨ هه تي محمد همايون باد شاهي قلعي جي ٻاهران اچي منزل ڪئي. بادشاهه جي اچڻ کان اڳ، قلعي جي محافظن مير سلطان علي بيگ، مير شاهه محمود ارغون، مير محمود ساربان، علي محمد ڪوڪلتاش ۽ مير صفر ارغون قلعي جي چئني طرفن وارن باغن ۽ عمارتن کي برباد ڪري ڇڏيو هو. باد شاهه قلعي وارن کي سوڙهو ڪيو. [١٧٢] جڏهن قلعي وارن کي سوڙهو گهڻپائون تڏهين مرزا شاهه حسن ٺٽي کان سن ۾ اچي ڪاهي ڪوٽي گهٽيون، ٻيڙيون گڏ ڪري منزل ڪري ويهي رهيو، ۽ مير عليڪه ارغون کي سيوستان تي مقرر ڪيائين. مير عليڪه ڪجهه لشڪر ولي رات جو بادشاهي ڪئمپ ۾ اچي سڌو بزار کان قلعي ڏانهن هليو ويو. هن جي قلعي ۾ پهچڻ کان پوءِ ڪئمپ جي ماڻهن معلوم ڪيو تہ، مرزا شاهه حسن جا ماڻهو آهن. اڳ ۾ مطابق ڪنهن کي خبر ڪانہ پيئي. حضرت جنت آشياني سرنگهہ هڻڻ جو حڪم فرمايو. سرنگهہ کان پوءِ برج (ڏاهه) جو هڪ ٽڪرو اڏامي ويو، پر قلعي وارن هڪدم ٻي پيت ڪري ڇڏي. آخر حضرت جنت آشيانيءَ کي محسوس ٿيو تہ ارغونن جو انتظام مضبوط آهي ۽ قلعي فتح ڪرڻ جا هٿيار موجود ڪونہ آهن. نيٺ سيوستان جي محاصري کي ستن مهينن گذرڻ کان پوءِ مخالف هوا ۽ پاڻيءَ جي اٿل اچي

هوڏانهن بادشاھ لشڪر جي تنگي ڏسي مرزا يادگار ناصر ڏانهن لڳو لڳ ماڻهو موڪليا، اچڻ جي ترغيب ڏيندو رهيو. ۽ مرزا مذڪور عذر پيش ڪندو ۽ دير ڪندو رهيو. يادگار ناصر مرزا جي مخالفت جي خبر جڏهن بادشاھ کي پئي، تڏهن هيءَ خبر ٻڌڻ سان هڪدم سيوستان جي آسپاس کان اٿي، بکر ڏانهن روانو ٿيو. انهيءَ وچ ۾ قنبر بيگ ارغون سيوستان جي قلعي ڏانهن پهچي ويو ۽ ڪجهه ٻيا ماڻهو به بي وفائيءَ جو رستو وٺي ڪئمپ کان ڌار ٿي ويا ۽ بادشاھ وٽ وجي روهڙيءَ ۾ لٿو. مرزا يادگار لاچار بادشاھ جي خدمت ۾ حاضر ٿي جيڪو ٿورو گهڻو اناج وٽن هيو، سو بادشاهي نوڪرن جي حوالي ڪيو. پر اناج نه ملڻ ڪري ماڻهن کي ڏاڍي تڪليف پهتي. نيٺ بادشاھ ڪجهه وقت کان پوءِ پنهنجي خاص عملي کي سلطان محمود ڏانهن موڪليو. سلطان محمود استقبال ڪري ترديبيگ بڪاول ۽ ٻين خدمتگارن کي سروپاءَ ڏياريائين ۽ هرهڪ کي ڪجهه ڏوڪڙ ۽ اناج ڏيئي موڪل ڏني. بادشاهي ماڻهن جي وڃڻ کان پوءِ مرزا جي اميرن کي ديوانخاني ۾ گڏ ڪري اناج گهرائڻ جي حقيقت ظاهر ڪيائين، سڀ ڪنهن ڪجهه نه ڪجهه ڇيو. سلطان محمود خان سؤ خرار اناج، شاهي حرمسراءِ لاءِ موڪليو ۽ باقي [١٧٤] ڪئمپ ۾ لشڪر تنگي ۽ تڪليف جي ڪري سنڌ جي شهرن ۾ پکڙجي ويا ۽ سڀ ڪنهن ٽوليءَ ڪنهن نه ڪنهن طرف ڏانهن رخ رکيو. اڪثر ماڻهو تلف ٿي ويا ۽ ٿي ڀيرا ٻنهي طرفن ۾ جنگ به ٿي، جنهن ۾ بادشاهي ماڻهو غالب ٿي رهيا، ليڪن جنهن صورت ۾ قلعي فتح ڪرڻ جا هٿيار ڪونه هئا، تنهنڪري قلعي جي مهم ۾ دير پوندي رهي.

الله تعاليٰ جي ڳجهين حڪمتن ۽ خاص مصلحتن جي خواهش موجب جڏهين ته هر نامراديءَ جي اوٽ ۾ مراد جا ڪيترائي اسباب تيار ٿيندا آهن. جڏهين بادشاھ جي ارادي موجب سنڌ ملڪ ۾ مراد پوري نه ٿي. تجربي جي ڪسوٽيءَ تي ماڻهن جي،

نالائقي ظاهر ٿي. لشڪر جي ڪوڙائي، ٻائرن جي بزدلي ۽ بيوقوفي ۽ زماني جي ناموافقت جو بادشاهه مشاهدو ڪري چڪو، تنهن دنيا جا لاڳاپا ٽوڙي الاهي رستي جي سالڪن جي واديءَ ۾ قدم رکڻ ۽ ڪعبي شريف جي چائنٺ پڪڙي، حجاز جي مقدس زمين تي رهڻ ۽ گوشه نشيني اختيار ڪرڻ چاهيائين. جنهن تي دربار جي ملازمن ۽ مقربن عرض ڪيو ته توهان جي خاطر اشرف ۾ هي سهڻو ۽ وڻندڙ خيال آيو آهي. مگر ماڻهن جي بي سرو ساماني ۽ پريشاني به حضرت کي معلوم آهي، ۽ هڪ وڏي جماعت همرڪاب آهي. جيڪڏهين حضرت بادشاهه هي رستو اختيار ڪندا ته هي سڀ ماڻهو حادثن ۾ پائمال ٿي ويندا، ۽ هڙيءَ تنگدستيءَ جي حالت ۾ حجاز جي مبارڪ زمين تائين پهچڻ پڻ محال آهي، مصلحت اها آهي ته ڪجهه ڏينهن توقف ڪيو وڃي. بادشاهه سلامت ماڻهن جي تنگ حالت ڏسي ڪنهن ٻئي پاسي وڃڻ جو پڪو ارادو ڪيو، ته ايتري ۾ جوڌپور جي راڄا مالديو جو عرض داشت پيش ٿيو ته آءٌ غائبانا حضور جي چاڪري قبول ڪري بادشاهي برڪت پري اچڻ جو منتظر آهيان. جيڪڏهين توهان جو سڀاڳو ڪئمپ هن طرف کي مشرف ڪندو ته هي ٻندو ويهن هزارن راجپوتن سان حضرت جي خدمت ۾ حاضر ٿي جيڏانهن به چڙهائي ڪندا تيڏانهن دل و جان سان نوڪري بجا آڻيندو. [١٧٥].

حضرت بادشاهه هن جي عريضي پهچڻ کان پوءِ ٢١ محرم سن ٩٤٩ هه تي اُچ ڏانهن روانا ٿيا ۽ لاڳيتو منزلون ڪندا وڃي اُچ شهر ۾ نڪتا. جتان ٨ ربيع الاول سن ٩٤٩ هه مالديو ڏانهن واڳون واريائون ۽ ١٤ ربيع الاول تي دلاور جي قلعي ۾ منزل انداز ٿيا، ۽ ٢٠ ربيع الآخر ۾ بادشاهي منزل گاهه بيڪانير جي ميدان ۾ ٿي. ڪي ماڻهو بيڪانير مان ٿي ڪئمپ ۾ موٽي آيا ۽ بادشاهه کي عرض ڪيائون ته بيڪانير جي ماڻهن کان اهڙا ڪي به سخن ٻڌڻ ۾ نه آيا جي ادب جي لائق هجن.

جنهن تي حضرت محمد همايون بادشاهه سمندر بيگ کي، جو ڏاڍو دانا هو، مالديو ڏانهن موڪليو. انهيءَ پڻ جلدي موٽي اچي عرض ڪيو ته اگرچ ڏاڍي سچائي ٿو ڏيکاري، مگر معلوم ائين ٿو ٿئي ته سچائي خير ڪي اٿس، ۽ جيئن ته شاهي ڪئمپ ڦلوديءَ کان، جو مالديو جي تختگاه جوڌپور کان ٽيهن ڪوهن تي آهي ۽ ٽي منزلون وڌي ڪول نديءَ جي ڪناري تي لٿل هو تنهنڪري بادشاهه جاسوس موڪليا هئا، جن مالديو جي غداريءَ کان واقف ڪيو، ته مالديو شيرشاهه جي ڌڪيءَ جي وعدن سببان ۽ سندس غلبو ڏسي ڪئمپ جو رستو جهلي دست اندازي ڪرڻ لاءِ هڪ لشڪر مقرر ڪيو آهي. بادشاهه هن خبر کان پريشان ٿي پنهنجي ملازمن سان صلاح ڪرڻ ويٺو. سڀني اميرن جي راءِ ٿي، ته جوڌپور کان واپس وڃڻ گهرجي تنهنڪري بادشاهه ڦلوديءَ موٽي آيو جتان ساتلمير پهتو. مالديو جي ماڻهن دفع ڪرڻ لاءِ امير مقرر ڪيائين، ته ايتري ۾ ٻئي طرف کان ٻي فوج ظاهر ٿي. بادشاهه بہ نفس نفيس ڪن ٿورن ماڻهن سان سوار ٿي حملو ڪري بهادريءَ سان انهن کي نابود ڪيو ۽ تمام جلد جلد جيسلمير روانو ٿيو. [۱۷٦].

ڦرين جمادي الاول سن ۹۴۹ ھ تي جيسلمير پهتا انهيءَ منزل تي پهچي رهيل ماڻهو پڻ اچي ڪئمپ ۾ رسيا مگر گهڻا ماڻهو زيان ٿي ويا ۽ سون ڪرن جيسلميري نامرد تي ڪول نديءَ جو پاڻي روڪي ڇڏيو، ۽ ڪول جي نگرانيءَ تي پنهنجا ماڻهو ڇڏيا. جنهن بادشاهي لشڪر جو اڄ جون مصيبتون ڪاٽي، رڃن مان لنگهي اچي هن ويران جڳهه تي پهتو آهي، سو پاڻي نہ ملڻ ڪري تڪليف ۾ رهي، ڪن اميرن ۽ سپاهين لڙائي ڪري سون ڪرن جي ماڻهن کي هٽايو ۽ لشڪر ڪول جي ڪپ تي لهي اڃ کان نجات حاصل ڪئي. اتان عمرڪوٽ روانا ٿيا ۽ ڏولاون ۽ پاڻيءَ جي قلت کان پوءِ، نيٺ ۱۰ جمادي الاول سن ۹۴۹ تي عمرڪوٽ ۾ پهتا.

راڻي ٻير سان پنهنجن ساڻهن سان نڪري استقبال ڪري بادشاهي رڪاب بوسيءَ جي دولت حاصل ڪئي، ۽ قلعي جو وچ خالي ڪرايو. ٻادشاهه ڪي ڏينهن عمرڪوٽ جي قلعي جي ٻاهران تشريف فرما رهيو، ۽ آخر ٻاٽيس مڪاني حميده ٻانو بيگم کي قلعي ۾ اندر موڪليائين. جتي بخت جو ستارو بزرگيءَ جي اُفق سان چمڪيو ۽ ٥ رجب سن ٩٤٩هه آڌي رات حضرت ظل الاهي شاهنشاهه جلال الدين محمد اڪبر ٻادشاهه خلد الله ملڪه سلطانه پيدا ٿيو. محمد همايون ٻادشاهه فرزند ارجمند جي ڄمڻ ڪري ڏاڍو خوش ٿيو.

مرزا يادگار ناصر، مرزا شاهه حسن جي وصال وارن واعدن تي اعتماد ڪري، اوائل محرم سن ٩٤٩هه ۾ ٻادشاهه سکوري جي ڪئمپ کان هٽي سکر جي شهر ڏانهن هليو ويو، جو قندار طرف آهي. جيئن ته اهي واعدا ڪوڙا هئا، تنهنڪري انهن مان هڪ ٻه پورو نه ٿيو. مرزا يادگار ناصر ڪجهه توبون ۽ قلعي مار هٿيار، جي ساڻس گڏ هئا سي مرزا شاهه حسن جي قلعي ۾ رهندڙ اميرن ڏانهن موڪلي ڏنا، ۽ ٻادشاهه جي ٻين خيرخواهن سپه سالارن هالي ۽ عمر شاهه کي پڻ قلعي ۾ اندر موڪليو. [١٧٧]

همايون ٻادشاهه جي اُچ ڏانهن روانگيءَ جو ٻڌي مرزا شاهه حسن نهايت تڪڙو ٻکر ۾ آيو، ۽ اميرن سندن استقبال ڪيو. مرزا شاهه حسن ٢٤ محرم سن ٩٤٩هه ۾ اچي ٻکر جي قلعي ۾ لٿو، ۽ سلطان محمود خان کي عتاب هيٺ آڻائين ته تو ڇالاءِ منهنجي اناج جو ذخيرو تلف ڪيو. ملا درويش محمد انبار دارا کي سلطان محمود جي گهر جي سامهون ڦاسي ڏياريائين ۽ هالي ۽ عمر شاهه سپه سالارن جيي سکر جي وچ واري دروازي وٽ ڪل لهرايائين. همايون ٻادشاهه جي رواني ٿيڻ کان پوءِ جيڪي ماڻهو روهڙيءَ ۾ رهيل هئا، سي هيڏانهن هوڏانهن هليا ويا. مرزا شاهه حسن ربيع الاخر جي اوائل ۾ سيوستان ڏانهن ويو ۽ سيوستان ۾ هڪ هفتو منزل ڪري قلعي جي پڪا ڏوٽ جي مرمت ڪرائي،

۽ ٻيو لشڪر اناج سان ڀري ٻيڙين ۾ قلعڙي تي حملي لاءِ تيار ٿيا، ته اوچتو سلطان محمود بکري ۽ ٻيو وڏو لشڪر، جي انهيءَ قلعڙي جي ويجهو اچي ترسيا هئا، خبردار ٿي لنگهڻ، ميندرن ۽ ساڪرن کي پاڻ سان همراه ڪري صبح جو اوچتو اچي مٿن ڪڙڪيا، تردي بيگ خان جنگ ۾ غفلت ڏيکاري، باقي شيخ علي بيگ پنهنجي اولاد سميت ثابت قدم رهي انهيءَ جنگ جي ميدان ۾ قتل ٿي ويو. شيخ علي پٽ تاج الدين لاڏي سان گڏ فتحي عالم ڏٺا ڏانهن روانو ٿيو. تنهن کان سواءِ ٻهادرن جي هڪ ٻي جماعت پڻ انهيءَ جنگ ۾ عالم آخرت ڏانهن سڌاڻي، ۽ شاهه حسن جي ماڻهن مان پڻ ڪي ماڻهو قتل ٿيا. هن واقعي کان بادشاهه جي دل ڏاڍي غمگين ٿي ۽ ڪي ٻيا سبب پڻ پيدا ٿيا. جنهنڪري سنڌ تان دل ڪڍي، قنڌار وڃڻ جو پڪو ارادو ڪيائون.

انهن ڏينهن ۾ ٧ محرم الحرام ٩٥٠هه تي ٻيرم خان پڻ اڪيلو گجرات کان بادشاهه جي خدمت ۾ پهتو ۽ بادشاهه جي قتيل دل تي مرهم رکي، صلح جون ڳالهيون هلايائين. مرزا شاهه حسن هي موقعو غنيمت ڄاڻي راضي ٿي، لک گنيون روڪڙيون ۽ ٻيو سفر جو سامان تيار ڪري ٽي سؤ گهوڙا ۽ ٽي سؤ اٺ خدمت ۾ موڪلي [١٧٩] جون جي سامهون پل تيار ڪرائي. بادشاهه صلح ۽ پل ٻڌائڻ جي تاريخ "صراط المستقيم" مان معلوم ڪئي، جا ٩٥٠ آهي. ارغون، جن جو گذران بادشاهي لشڪر جي سنڌ ۾ ٻه - ٽي سال رهڻ ڪري تنگ ٿي چڪو هو، سي هن صلح ڪري خوشيءَ وچان آسمان تي ٽپا ڏيڻ لڳا. ۽ هي ڳالهه عين مقصد ۽ نعمت غير مترقبه سمجهي قسمين قسمين معذرتن سان گڏ سفر جي ضروريات تيار ڪري موڪليائون. بادشاهه ٧ ربيع الاخر سن ٩٥٠هه تي جون جي ڳوٺ کان پل ٽپي، ۽ لشڪر پڻ ٻن ڏينهن ۾ لنگهي ماهه مذڪور جي ٩ تاريخ قنڌار روانو ٿيو.

## بخشو لانگاهہ جو بکر ۾ اچڻ جو بيان

بخشو لانگاه ملتان جي گرد و نواح ۾ جونپور جي سامهون قلعو اڏائي، ملتان کي ويران ڪري، ساڻهن کي هن قلعي ۾ آڻي وهاريو ۽ عجيب و غريب لشڪر تيار ڪري دل ۾ خراب خيال ڪرڻ لڳو. لانگاه، بلوچ، ناهر ۽ جتي به ڪي فسادي هئا، تہ اهي سڀ اچي وٽس گڏ ٿيا. پوءِ تہ بکر جي فتح ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪري، واقفيت لاءِ هميشه ساٿهو ۽ جاسوس موڪليندو رهيو. نيٺ ڪيس متواتر طريقي سان معلوم ٿيو تہ بکر جو قلعو خالي آهي، مرزا شاهہ حسن ٺٽي ۾ آهي ۽ سندس لشڪر جا سڀ امير اتي وٽي گڏ ٿيا آهن. هن خبر پڌڻ شرط لشڪر سنباهي، ٻيڙين ۾ وهاري وٺي يلغار ڪيائين: پنجاهہ ٻيڙيون پاڻ کان اڳ ۾ مقرر ڪيائين تہ توهان جلدي هلائي اڌ رات قلعي جي آسپاس پهچي، برجن ۽ پٽين تي چڙهي وڃو ۽ هڪ سؤ تبردار ماڻهو قلعي جو دروازو پٽي آمدرفت جو رستو کولين. ١٥ جماد الثاني جمعي جي اڌ رات غوغا پيدا ڪري، بخشو جي ماڻهن قلعي جي پرسان اچي سکر طرف واري اڳئين دروازي کي باهہ ڏيئي شور ڪيو. شهر جا ماڻهو انهيءَ شور و غوغا تي آٿي برجن تي چڙهي [١٨٠] پٿر ۽ تير اُڇلائڻ لڳا. جنهن صورت ۾ سپاهي اتي ٿورا هئا، تنهنڪري سلطان محمود جي والده هڪدم ڏٺوا ۽ تڏا گهڻا گڏ ڪري، گاسليٽ ۾ پسائي باهہ ڏيئي، مٿان ئي مٿان بخشو جي ماڻهن تي اُڇلايا. بخشو جا ماڻهو سندن وچ ۾ باهہ ڪِرڻ ڪري پريشان ٿي، ٻيڙين ڏانهن ڊوڙيا. پويان مير جاني ترخان، حمزه بيگ ۽ قاضي قاضن جي فرزند قاضي عيسيٰ خوب حملا ڪيا، جنهنڪري جيڪي ساٿهو اڳوات آيل هئا، تن مان ڪي باهہ ۾ سڙي ويا، ڪي پاڻيءَ ۾ غرق ٿيا ۽ ڪي ٿورا نڪري پڇي ويا. ٻئي ڏينهن منجهند جي وقت بخشو لانگاهہ بہ نغارا وڄائيندو ظاهر ٿيو، سمجهيائين تہ منهنجي ماڻهن پهچڻ سان قلعو

چوچڪ بيگم کي مرزا ڪامران جي نڪاح ۾ ڏنائون. شاديءَ کان پوءِ مرزا ٽي مهينا ترسي ڪابل موٽيو، ۽ مرزا شاهه حسن هزار سوار مڪمل هٿيار بند مرزا جي خدمت لاءِ مقرر ڪيا، ۽ مرزا جي پڳ-ڏوٽ درست ڪري رخصت فرمائي.

مرزا ڪامران غزنين پهچي، غزنين جو قلعو هٿ ڪري ڪابل جي فتح ڏانهن متوجهه ٿي اوچتو ڪابل جي قلعي ۾ گهڙي آيو. بادشاهه همايون انهيءَ وقت بدخشان ڏانهن تشريف فرما هو، ڇهن مهينن کان پوءِ مرزا شاهه حسن جا سوار موٽي ويا ۽ هوڏانهن بادشاهه بدخشان سان وڏو لشڪر ساڻ ڪري ڪابل ڏانهن متوجهه ٿي اچي ڪابل جو محاصرو ڪيو. مرزا ڪامران محاصري کان تنگ ٿي هندستان ڏانهن ويو، جتي اسلام شاهه افغان سان ملاقات ڪري ڪيس مدد لاءِ عرض ڪيائين، پر اسلام شاهه مرزا جي گرفتار ڪرڻ جي پويان پيو ۽ مرزا ڪامران ڀڄي گهڪرن وٽ آيو. گهڪرن ڪجهه وقت مرزا کي پناهه ڏني، پر نيٺ معلوم ٿين ته مرزا ڪامران جا بادشاهه ڏانهن خراب خيال آهن، سو مرزا کي انڪل سان هٿ ڪري ڪيس انڌو ڪري ڇڏيائون. مرزا ڪامران ٻيو دفعو سن ٩٥٧هه ۾ موٽي بکر آيو. مرزا شاهه حسن ڪجهه وقت مرزا ڪامران کي [١٨٢] شاد ٻيلي جي ڏڪري تي جا بکر کان الهندي طرف درياهه جي وچ ۾ آهي، اتي رهايو ۽ انهيءَ کان پوءِ ٻنوري جو پرڳڻو مرزا جي بورچيخاني جي خرچ لاءِ ۽ فتح باغ سندس رهائش لاءِ مقرر ڪيو.

مرزا ڪامران اتي رهي حج جو ارادو ڪيو ۽ چوچڪ بيگم پڻ مرزا سان گڏ وڃڻ جي گهر ڪئي. مرزا شاهه حسن ڌيءَ کي موڪل ڏيڻ کان نهايت زوردار انڪار ڪيو. نيٺ چوچڪ بيگم پيءُ جي اجازت کان سواءِ نڪري وڃي ٻيڙي ۾ ويٺي، ۽ مرزا ڪامران وٽ اڪيلو وڃڻ چاهيائين. جنهن تي سلطان محمود مهردار ۽ ڪي ٻيا محرم ڪيس موٽائڻ لاءِ پهتا. مرزا شاهه حسن پاڻ به ڌيءَ جي ٻيڙي ۾ اچي زور ۽ زاري ڪئي پر ڪو به فائدو

نہ ٿيو. چوچڪ بيگم پيءُ کي عرض ڪيو تہ بادشاهہ جڏهن اکين وارو هو تڏهن توهان مون کي سنڌ سن حوالي ڪيو هو. اڄ دنيا جا ماڻهو مون کي ڇا چوندا؟ تہ مرزا جي ڌيءُ مڙس جي فرمانبرداريءَ کان انڪار ڪيو ۽ مون کي بدنام ڪندا. مرزا شاهہ حسن کي هي ڳالهہ وڻي ۽ لاچار ٿي کيس چڱي اسباب ۽ سامان سان رخصت ڏنائين. مرزا ڪامران ۽ بيگم، حرمين شريفن پهچڻ کان پوءِ بہ - ٽي سال مڪہ مبارڪ ۾ رهيا. ۽ مرزا ڪامران جي حياتيءَ جو سج، حج جي ڏينهن عرفات ۾ ويهڻ کان پوءِ سج لهڻ کان اڳ لهي ويو، ۽ چوچڪ بيگم مرزا جي فوت ٿيڻ کان پوءِ ستين مهيني هميشہ رهڻ واري جهان ڏانهن انتقال ڪيو. هي واقعا سن ٩٦٤هہ ۾ ٿيا.

## ارغون جي بغاوت ۽ مرزا شاهہ حسن جي فوت ٿيڻ جو بيان

حياتي جي پوئين وقت ۾ جڏهن مرزا شاهہ حسن فالج ۾ مبتلا ٿيو، تڏهن ڪميڻا ۽ اوباش ماڻهو سنڌ سن رازمحرم ۽ خاص خدمتگار بڻيا؛ جنهنڪري ارغون، ترخان ۽ ٻيا سڀ مخلص ماڻهو ملازمت کان محروم ٿي پنهنجين جاين ۾ رهڻ لڳا ۽ اوباش ماڻهو روز بروز ترقي ڪري مغلن سان ظلم ۽ بيحرمتي ڪرڻ لڳا. [١٨٣] سن ٩٦٠ جي اوائل ۾ ٺٽي جي اربابي، عربي گاهي جي حوالي ٿي ۽ رعيت جي ڪاروبار جي نگراني اسماعيل بيٺاري جي حوالي ٿي. جنهن کان ماڻهو مايوس ۽ غمگين ٿيا ۽ ڪيترو عرصو ٺٽي اندر حيرت زدهہ هوندا هئا. هن حد تائين جو عربي گاهي جا پٽ ارغونن ۽ ترخانن سان ظلم ۽ ايذاءَ ڪرڻ لڳا. انهن ڏينهن ۾ هڪ رات هڪ حاملہ ارغون عورت کي لت هڻي سنڌ س ٻار ڪيرائي وڌائون. ارغونن هي حقيقت مرزا شاهہ حسن جي ڪن تي پهچائي پر مرزا ڪوڳهٽو توجهہ ڪونہ ڏنو. جڏهن

وري وري مبالغو ڪيائون، تنهن لاچار مرزا شاهہ حسن، ٺٽي جي شيخ الاسلام شيخ ميرڪ پوراني ڏانهن خط لکيو تہ شريعت موافق واقعي جي تحقيقات ڪري ثابت ٿيڻ ڪان پوءِ جنهن سزا جو حقدار هجي سا جاري ڪري. ۽ مرزا نصرت آباد قلعي جي نگراني پنهنجن زرخريد ۽ اعتماد جوڳن غلامن، شنبي ۽ رفيق جي هٿ ۾ ڏيئي، پاڻ بکر روانو ٿي ويو. پنڌ پورو ڪري، ساڳئي سال جي پهرين ذوالحج تي ٻرلوءَ جي باغ ۾ تشريف آڻي ٣٠ ڏينهن انهن جاين ۾ رهيو. ٧ ماهہ محرم سن ٩٦١هہ تي بکر جي قلعي ۾ آيو، ۽ صبح ڪان ٽپهري تائين ديوانخاني ۾ گذاريائين. جيئن تہ ارغون ۽ ترخان رذيل ماڻهن، جي مرزا جي خدمت لاءِ مخصوص ٿي چڪا هئا، جي تسلط ڪان ملول ٿيا ۽ انهن جي فنا ڪرڻ ڪان سواءِ ٻيو ڪو چارو ڏسڻ ۾ نہ ٿي آين، تنهنڪري سڀ امير، بکر جي حاڪم مير شاهہ محمود بيگ لار، جي جاءِ تي گڏ ٿي ڳالهہ جي چڱائي ۽ برائي اڏو رکي مرزا جي نوڪرن ۽ خاص خيلفن جي شڪايت ڪرڻ لڳا ۽ ڪليو ڪلايو ظاهر ڪيائون تہ اسان کي جلاوطن ٿيڻ گهرجي يا هنن ماڻهن کي دفن ڪرڻ گهرجي بالفعل تہ چڱو ائين ڏو ڏسڻ ۾ اچي تہ جنهن صورت ۾ مرزا شاهہ حسن فالج ۾ گرفتار آهي. سواري جي طاقت ڪانہ اٿس ۽ محفي ۾ [١٨٤] گهمي ٿو ۽ اسان کيس هن قلعي ۾ رکي پنهنجا فرزند خدمت لاءِ وٽس مقرر ڪيا آهن، تنهنڪري جيڪي بہ نامناسب ماڻهو وٽس اچي جمع ٿيا آهن تن سڀني کي قتل ڪري ڇڏيون. مير جاني ترخان جو سڀني ۾ مکيہ ماڻهو هو تنهن چيو تہ مرزا شاهہ حسن هن وقت جبل جي چوٽي جو سج آهي (يعني سندس پويون وقت آهي) پڇاڙيءَ ۾ پاڻ کي بدنام ڪرڻ مناسب نٿو ڏسجي. جيئن هن وقت تائين تحمل ڪندا آيا آهيو، تيئن ٻيو بہ هڪ ٻہ سال تڪليف ۾ گذاريو، ڏسجي تہ غيب جي پردي مان ڇا ٿو ظاهر ٿئي. ايلتائي ديوان ۽ ڪي ٻيا ماڻهو مجلس مان اٿي روانا ٿيا، تہ ديوانخاني جي دروازي تي

وٺي اکثر نوڪرن کي قتل ڪري ۽ ڦٽي مرزا کي اندر نظربند ڪريون، پرهي جيسيتائين پهچن ئي پهچن، تنهن کان اڳ مرزا شاهه حسن ديوانخاني مان نڪري ٻيڙي ۾ ويهي باغ ڏانهن روانو ٿي ويو هو. ۽ ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ ٺٽي هليو ويو. بکر جو حاڪم مير شاهه محمود ارغون دل ۾ سرڪشي جو خيال ڪري بلوچ ۽ ٻڙدا ماڻهو گڏ ڪرڻ لڳو. ايتري ۾ سلطان محمود خان جي والده جا هڪ داناءَ عورت هئي، سندس بغاوت جي احوال کان واقف ٿي مير ملڪ محمد ۽ سندس ڀاءُ مير لطفي اٻاوڙي ۽ ماڇيلي ۾ هئا، تن کي ماڻهو موڪليو، هو هڪدم بکر پهتا ۽ مهر علي ۽ ٻيا مرزا ئي ماڻهو به اچي گڏ ٿيا، جن کي مير شاهه محمود سان گڏ آيل ڪوتوارن ۽ ٻين چيمپ ڪئي ۽ دڙڪا ڏنا. هو ماڻهو موٽي هرهڪ ٽولو جدا جدا رستو وٺي ويا ۽ وڃي مرزا شاهه حسن کي حقيقت حال عرض ڪيائون. مرزا شاهه حسن هڪدم حمزه بيگ، درويش محمد ۽ شير محمد کي بکر موڪليو ۽ مير حميد بن مير محمود ساربان کي هڪ پروانو ڏيئي شاهه محمود ڏانهن موڪليائين، ته اسان توکي ياد ڪيو آهي خط پهچڻ شرط خدمت ۾ حاضر ٿي،[١٨٥] ۽ مير شاهه محمود کي وٺڻ کان سواءِ ٻيو ڪو به چارو نه رهيو. تنهنڪري ميرحميد سان گڏ جي مرزا جي خدمت ۾ روانو ٿيو. ۽ سن جي ڳوٺ وٽ ملازمت جو شرف حاصل ڪري قسمين قسمين نوازشون ڏنائين.

سلطان محمود خان انهن ڏينهن ۾ سيوي ۾ هو ۽ جڏهن کيس شاهه محمود جي سرڪشي جي خبر پهتي تڏهن يلغار ڪري بکر جي قلعي ۾ پهچڻ جو ارادو ڪيائين. چاڪاڻ ته سندس والده ۽ ٻيا رشتدار بکر ۾ هئا. ۽ پاڻ سيوي کان ٻه-ٽي منزلون نڪري گنجابه جي آسپاس پهتو هو ته سندس نوڪر کيس رستي ۾ مليا ۽ کيس سندس والده جو خط ڏنائون. مضمون هي هو ته شاهه محمود دل ۾ خراب خيال آندو هو، پر پاڻ کو ڪم ڪري ئي ڪري تنهن کان اڳ سندس بندوبست ڪيو ويو، ۽ هينئر

مرزا جي خدمت ۾ آهي، توهين هن طرف کان دلجاءِ ڪري پنهنجن ضروري ڪمن ۾ مشغول رهو. سلطان محمود خان اتان موٽڻ جو ارادو ڪيو. جڏهن اميرن کي سلطان محمود خان جي موٽڻ جي ارادي جي خبر پيئي تڏهن وٽس اچي پڇيائون ته، موٽڻ جو سبب ڇا آهي؟ هن پنهنجي والد جو خط کين ڏيکاريو. تنهن تي هنن چيو ته بکر جي حڪومت مبارڪ هجي ۽ اڳتي قدم رکي انهيءَ جي ڳالهه ٻولهه ڪرڻ گهرجي. سلطان محمود خان چيو ته اجازت ۽ گهرائڻ ڪانسواءِ هلڻ جي ڪابه صورت ڪانه ٿي ڏسجي. هنن چيو ته. هڪدم پاڻ کي بکر جي قلعي ۾ پهچائڻ گهرجي. شاه محمود قلعي ۾ اندر هجي ها ته مشڪل هو ڇاڪاڻ ته هو اسان کي قلعي ۾ اندر نه ڇڏي ها. هاڻي پاڻ کي جلدي قلعي ۾ پهچي مرزا شاهه حسن ڏانهن عرضداشت موڪلڻ گهرجي ته هي خبر ٻڌي اٿئون، تنهن لاءِ ڪهڙو حڪم آهي؟

جنهن ڏينهن سلطان محمود خان بکر پهتو، انهي کان ڪجهه ڏينهن اڳ ۾ بکر جي حڪومت جو پروانو مير ملڪ محمد ۽ مير لطفي جي نالي صادر ٿي چڪو هو. [١٨٦] سلطان محمود خان هن فرمان جي پهچڻ کان ڏاڍا وتڪاڙا، حتيٰ ڪ کيس دست ٿي پيا ۽ رت جي دستن جي بيماري ۾ مبتلا ٿي پيو، ۽ جڏهن مير ملڪ محمد ۽ مير لطفي جي حڪومت ۾ پائيوار هئا، پرڳڻا ورهائڻ لڳا، تڏهن سلطان محمود خان غيرت جو تاب نه جهلي، وٽن ٻه ماڻهو موڪليائون ته مان قلعي جي ٻاهران آهيان مون کي مڙيوئي نه وسارجو. هن پيغام ٻڌڻ شرط مير ملڪ محمد پنهنجن پٽن کي چيو ته قلعي جون ڪنجيون سلطان محمود خان جي ماڻهن جي حوالي ڪريو. مير لطفي گهڻوئي چيو ته هلڪڙائي نه ڪرڻ گهرجي ۽ حڪم جو تابعدار رهڻ گهرجي. مير ملڪ محمد داناءُ ماڻهو هو سو مير لطفي جي چوڻ جو پابند نه ٿيو، ۽ ڪنجيون موڪلي ڏنائين.

ماهه محرم الحرام سن ٩٦٢هه جي پهرين تاريخ ٺٽي جي شهر ۾ ارغون ۽ ترخان اميرن اتفاق ڪري مرزا عيسيٰ ترخان جي بيعت ۽ تابعداري ڪئي ۽ مرزا شاهه حسن کان منهن موڙي باغي ٿيا، مرزا شاهه حسن جي مقرب عربي گاهي شنبي ۽ رفيق کي قتل ڪري، مرزا شاهه حسن جي حرم ماهه بيگم کي قيد ڪيائون، ۽ خزاني تي دست درازي ڪري لشڪر کي گهوڙو سون ڏنائون. مرزا شاهه حسن ٺٽي جي حڪومت تي مير شاهه محمود کي مقرر ڪيو هو، پر جيئن ته سندس پهچڻ کان اڳ ۾ ئي ماڻهو مرزا عيسيٰ جا تابع ٿي چڪا هئا ۽ سيني سندس ملازمت ۾ گوڏا کوڙيا هئا، تنهنڪري لاچار مير شاهه محمود به گوڏا کوڙي مرزا عيسيٰ جي ملازمن ۽ تابعدارن جي سلسلي ۾ داخل ٿيو، ۽ اتفاق ۽ اتحاد کي ڇهتي پيو. هن خبر معلوم ٿيڻ تي مرزا شاهه حسن ڏاڍو ڪاوڙيو، ۽ هڪدم سلطان محمود خان ڏانهن ماڻهو موڪليائين ته جيڪي به ارغون ۽ ترخان بکر ۾ هجن تن سيني کي قيد ڪري پاڻ سان وٺي اچي. جنهن تي [١٨٧] مرزا انهن ڏينهن ۾ فالج جي بيماري ۾ گرفتار هو ۽ اڪثر ڪري دماغ کي شراب جي گرميءَ سان گرم رکندو هو، ۽ نشي ۾ چور رهندو هو، تنهنڪري خاصخيلين موقعو ڏسي شرارت ۽ چغلي سان زبان کولي کيس ٻڌايو ته ارغونين نمڪحرامي ڪري، خاصخيلين جي هڪ ٽولي کي، جن پنهنجون چارون خدمتگاري جي شرطن بجا آڻڻ ۾ صرف ڪيون هيون، بغير ڪنهن ڏوهه ۽ قصور جي قتل ڪيو آهي. حڪومت جي انتظام ۽ بندوبست ۽ سياست جي رعايت خاطر حڪم فرمايو ته ڪن نمڪحرامن کي قصاص ۾ قتل ڪيو وڃي. بالفعل فتني ۽ فساد جي پاڙ احمد ولي جو ڪئمپ ۾ موجود آهي تنهن کي قيد ڪيو وڃي ۽ هن عرض اگهائڻ لاءِ ڏاڍي عاجزي ۽ زاري ڪيائون. مرزا شاهه حسن احمد ولي کي قيد ڪري مستي ساربان جي هٿان سيوستان جي قلعي ڏانهن موڪلي ڇڏيو ۽ احمد وليءَ جي عزيز علي حسين ارغون کي قتل ڪري

ساڀاهه ۾ ڀهتا ته ٻنهي طرفن جي لشڪر ۾ ٽڪر ٿيو. ٻه ٽي دفعا لڙائي ۽ مقابلو ٿيو، جنهن ۾ ٻنهي طرفن کان گهڻا ماڻهو برباد ۽ تلف ٿيا. جنهن وقت ٻنهي طرفن ۾ لڙائي جي باهه ڀڙڪي، تنهن وقت مرزا عيسيٰ ترخان سلطان محمود ڏانهن ڳجهي طرح ماڻهو موڪليو ته اسان لاچار هي ملامت جو طوق پنهنجي گردن ۾ وڌو آهي. هينئر اسان جي جنگ ڪرڻ جو مقصد ڇا آهي؟ جنهن ۾ هر روز ڪيترا ماڻهو قتل ٿي رهيا آهن. بهتر ائين ٿيندو ته اسان پاڻ ۾ ملاقات ڪري پنهنجي ڀلائي ۽ برائيءَ تي غور ڪريون. آخر اڌ رات جو ٻنهي پاڻ ۾ ملاقات ڪري هڪ ٻئي سان ريجهه ڪرڻ شروع ڪئي ۽ ڏکي گفتگو کان پوءِ فيصلو ڪيائون ته مرزا شاهه حسن ٺٽورن ڏينهن جو مهمان آهي، تنهنڪري صلح جو رستو وٺڻ گهرجي. هن وقت توهان ۽ اسان کان سواءِ ڪو ٻيو ماڻهو وچ ۾ ڪونه آهي، سو جهڙي نموني ٺهي اچي تنهن نموني سان هن ملڪ جي حڪومت جو فيصلو ڪري انهي کان ٻاهر نه وڃون.

صبح جو هن ملاقات جي خبر مشهور ٿيڻ کان اڳ، امير سلطان ۽ امير ابوالخير سوڍن وغيره ماڻهن جو دنبلو وٺي [١٨٩] پيراز جي گهٽ وٽ وڃي، بيگ محمد ڪڪو ۽ ايلغي ڏيوانا وارن ماڻهن جيڪي چوڪي تي هئا، تن سان سخت لڙائي ڪئي جنهن ۾ مرزا عيسيٰ جي طرف جا گهڻا ماڻهو قتل ٿيا. انهن ماڻهن جا سر جڏهن مرزا شاهه حسن جي نظر مان گذاريائون ته اتفاقا انهن ۾ ڪي مغلن جا سر به هئا، جن جي ڏسڻ سان مرزا جي اکين ۾ پاڻي ڀرجي آيو. اهو حال ڏسي سلطان محمود خان گوڏا کوڙي وڃي اڳيان ويٺو ۽ عرض ڪيائين ته جيڪڏهن ڪو هن طرف جو ماڻهو ٿو ڪسي ته به توهان رئو ٿا، ۽ جيڪڏهن ڪو هن طرف جو ماڻهو ڪسي ٿو ته به رئو ٿا، پوءِ اسان ڇا ڪريون؟ ايتري ۾ شيخ عبدالوهاب ۽ مرزا قاسم بيگ وچ ۾ پئي مرزا عيسيٰ ترخان جي خطائن ۽ تقصيرن جي معافي گهرڻ لڳا. سلطان محمود خان مير شاهه محمود ۽ مير شاهه حسين

تڪدري پڻ موقعو ڏسي عرض ڪيو تہ ارغونن جيڪا مرزائي غلامن جي حق ۾ بي ادبي ڪئي آهي، تنهن ڪان مرزا عيسيٰ شرمندو ۽ پشيمان آهي، جيڪڏهن سندس خطائون معاف فرمائي قيد ڪيل ترخانن کي آزاد فرمائيندا تہ مهرباني جو اميدوار ٿي خدمت ۾ حاضر ٿيندو. مرزا منظور ڪيو، ۽ مرزا عيسيٰ ماهہ بيگم کي مرزا جي خاصخيلين سميت رخصت ڏيئي، سيني کي لشڪر ۾ پهچايو. اهو واقعو ستين سال جي صفر مهيني جي آخر ۾ ٿيو.

ربيع الاول مهيني جي پهرئين تاريخ شيخ عبدالوهاب ۽ مرزا قاسم ترخانين جا گناهہ معاف ڪرائي کين ٺٽي موڪليو، ساڳي مهيني جي ٻي تاريخ مرزا عيسيٰ ترخان ۽ سلطان محمود خان جي ملاقات ٿي ۽ هرهڪ مصحف مجيد تي هٿ رکي انجام اقرار ڪيو تہ هڪٻئي سان نهايت اتفاق ۾ رهي اختلاف ۽ نفاق کان پاسو ڪنداسون ۽ جيستائين مرزا شاهہ حسن زندهہ هوندو تيستائين مطيع ۽ تابعدار رهي هن کان ڀوءِ ڪوبہ جهڳڙو يا سرڪشي نہ ڪنداسون، ۽ جڏهن مرزا شاهہ حسن [١٩٠] پنهنجي طبعي موت سان هن فاني دنيا کان دارالبقا ڏانهن انتقال ڪندو، تہ هن سنڌ جو ملڪ اڌو اڌ تقسيم ٿيندو. لڪي کان ستيون حصو سلطان محمود خان سان تعلق رکندو ۽ لڪي جي، تڪرڪان هن طرف وارو پاسو مرزا عيسيٰ جهليندو. انهي فيصلي جو اعتراف ۽ اقرار ڪري تاڪيد طور هڪ دستاويز لکي ان تي، پنهنجون ۽ ٻين وڏيرن جون مهرون هنيون، هڪٻئي کي دوبارهہ ياڪر پائي الوداع ڪيائون. اهو بہ فيصلو ڪيائون تہ ٻنهي طرفن کان ساڻن جي اچ وڃ رهي، جيئن رنج ۽ جهڳڙو دفع ٿي وڃي.

انهي ڏينهن مرزا قاسم بيگ ٺٽي وڃي، مرزا عيسيٰ ترخان جي پٽ محمد صالح کي هڪ ٽوليءَ سان مرزا شاهہ حسن جي خدمت ۾ وٺي آيو ۽ محمد صالح، مرزا جي اڳيو چڱا تحفا نذر

رکيا؛ هن طرف کان وري شيخ عبدالوهاب ۽ سلطان محمود جي پاڻ امير سلطان کي ٺٽي نيئي، مرزا عيسيٰ سان ملاقات ڪرايائين. مرزا شاهه حسن، مرزا صالح کي گهوڙو ۽ سروپاءِ عنايت ڪري، موٽي وڃڻ جي رخصت ڏني، پڻ ملا ريائي هٿان نقارن جو جوڙو ۽ هڪ قيمتي سروپاءِ مرزا عيسيٰ ڏانهن موڪليائين، ۽ ٻئي ڏينهن مرزا شاهه حسن مير ذوالنون جو اهو جهنڊو، جو سلطان حسين مرزا پائيقرا کيس ڏنو هو، نقارن ۽ تمن طوق (۱) (ڏهه هزاري جهنڊو) سان گڏ سلطان محمود خان کي عنايت ڪيو ۽ پنهنجي مهر پڻ سلطان محمود جي حوالي ڪئي. امير سلطان پڻ انهيءَ ڏينهن ٺٽي کان واپس اچي ڪئمپ سان مليو ۽ ڪئمپ ۽ ٺٽي جا ماڻهو آزاديءَ سان آمد رفت ڪندا رهيا.

شيخ عبدالوهاب کي طب جي علم ۾ پوري مهارت هئي، تنهن مرزا شاهه حسن جي حالات مان معلوم ڪيو ته مرزا جو مرض سختيءَ سان گڏ، وڌندو رهي ٿو. تنهنڪري مناسب آهي ته بالفعل صلح ڪري سيوستان ڏانهن روانو ٿي وڃي، جيئن راڄن جا ماڻهو پنهنجن گهرن ۾ پهچن. سلطان محمود خان هيءَ حقيقت مرزا شاهه حسن کي عرض ڪئي، مرزا پڻ منزل پٽڻ جي اجازت ڏني، جنهن تي انهي ئي صبح جو ڪوچ ڪري روانا ٿيا. [۱۹۱] جنهن ڏينهن ڪوچ ڪيائون، انهيءَ ڏينهن مرزا جي مرض نهايت سختي اختيار ڪئي ۽ گهڙي گهڙي سختي وڌندي رهي. ساڳئي سال جي ٻارهين ربيع الاول جي صبح جو وڃي علي پوٽن جي ڳوٺ ۾ ترسيا، ٻئي ڏينهن ٻارهين تاريخ سومر ڏينهن ٽيهري جي نوبت وقت مرزا شاهه حسن جو روح ”ارجعي الي ربڪ راضية مرضيه“ (راضي ۽ خوش ٿي پنهنجي رب ڏانهن رجوع ٿي) جي

(۱) تمن توغ (تمن — طوغ يا طوق) = ڏهه هزاري جهنڊو.
تمن معنيٰ ڏهه هزار ماڻهو يا اهڙو ضلعو جنهن مان وقت سر ڏهه هزار جنگي جوان ملي سگهن. طوغ معنيٰ جهنڊو. (مترجم)

ندرا ستي بهشت جي باغن ڏانهن پرواز ڪري ويو. شيخ عبدالوهاب ۽ مرزا قاسم جيڪي انهيءَ وقت مرزا جي سيرانديءَ کان حاضر هئا، سي ٻاهر نڪتا. سلطان محمود انهن سان گڏ ٻاڙيءَ ۾ وڃي حادثي جي حقيقت معلوم ڪئي ۽ اکين مان ڳوڙهن جا قطرا وسائڻ لڳو. هڪڙي لحظي کان پوءِ مرزا جو منهن کولي، جزع فزع ۽ روج راڙو ڪري، مرزا جي پير کي چمي ڏيئي، مرزا جي پيرن هيٺان ٽي وينو ۽ چيائين "شيخ! توهان ۽ مرزا قاسم الله تعاليٰ عزوجل وٽ شاهد هججو ته مون پڇاڙيءَ تائين مرزا جي مخالفت نه ڪئي آهي، نمڪحلالي ڏيکاري، هن گهڙي تائين سندن پيرن هيٺان هوس، ۽ مون کان سواءِ ٻئي ڪنهن به امير کي هيءَ سعادت حاصل نه آهي." پوءِ شيخ عبدالوهاب کيس هٿ کان وٺي ماه بيگم وٽ وٺي ويو، ۽ چيائين ته "توهان ۽ سلطان محمود خان پاڻ ۾ فيصلو ڪريو، تيستائين مان وڃي ٿو مرزا جي غسل، تجهيز ۽ تڪفين ڪرڻ لڳان." شيخ عبدالوهاب جي تجهيز ۽ تڪفين کان فارغ ٿيڻ کان پوءِ [سوجهڙي جي نماز وقت] مرزا جو لاش ڏوليءَ ۾ رکي، شريعت پاڪ جي دستور موجب جنازي جي نماز ادا ڪيائون. سلطان محمود خان انهيءَ خزاني مان، جو مرزا سان ساڻ هو، ڪجهه حصو کنيو ۽ ٻيو به جيڪو سامان، جواهرات ۽ هٿيار ٻيڙيءَ ۾ هئا، تنهن مان گهڻي تي متصرف ٿي، ماه بيگم تي زور ڏنائين، ته متان ارغون ترخان توهان جي تعظيم ۽ احترام جي شرطن بجا آڻڻ ۾ ڪا ڪوتاهي ڪن، تنهنڪري توهان بکر هلو ۽ مرزا جو لاش پڻ پاڻ سان گڏ کڻي هلون. ماه بيگم چيو ته مرزا جو لاش [١٩٢] شاهه بيگ وٽ مڪه مبارڪ نيو ويندو، ۽ اهو رستو ٺٽي کان ويجهو آهي ۽ بکر کان پري. بهر صورت ... ماه بيگم راضي نه ٿي.

قصو مختصر ته انهيءَ ڏينهن صبح جو ماه بيگم، شيخ عبدالوهاب، مرزا قاسم ۽ خواجه محمد حسين، مرزا جي لاش کي کڻي وڃڻ لاءِ ذميدار ٿيا ۽ سلطان محمود خان صبح جو ڪوچ

ڪري ٻکر روانو ٿيو.

انهيءَ ڏينهن تي خبر پهتي، ته مرزا عيسيٰ وڏي لشڪر سان سوار ٿي پٽيان پهچي ويو، سلطان محمود خان کي ايترو ويجهو پهتو، جو ٻنهي طرفن کان نغارن جا آواز ٻڌائون. سلطان محمود خان لشڪر جون صفون سينگاري بيهاريون ۽ مرزا عيسيٰ ڏانهن ماڻهو موڪليائين، ته اچڻ جو مطلب ڇا آهي؟ جيڪڏهن لڙائيءَ جو ارادو رکو ٿا ته ٻڌايو ته لڙائيءَ جو ميدان تيار ڪريان. مرزا عيسيٰ جوابي موڪليو ته ارغونين کان ٻڌو هوم ته ماهه بيگم ۽ سلطان محمود خان مرزا جو لاش کڻي وڃي رهيا آهن، تنهنڪري آءٌ انهيءَ لاءِ آيو هوس ته ائين مناسب نه آهي، جو هتان ٻکر کڻي وڃو، ڇو ته مرزا جي ملڪيت آهي. هاڻي معلوم ٿيو آهي ته ماهه بيگم مرزا مرحوم جو جنازو ٺٽي کڻائي ويئي، تنهنڪري توهان دلجاءِ سان ٻکر روانا ٿي وڃو. سلطان محمود خان نهايت تکڙو سيوستان پهتو. هوڏانهن مرزا شاهه مسعود، شاهه حسين تکدري، ميرابوالخير، مير حميد ماربان، خواجه ۽ ٻاقي ٻيا ماڻهو اهو ويچار ڪري ته ٺٽو مرزا عيسيٰ جي تصرف ۾ آيو ۽ ٻکر سلطان محمود جي حوالي ٿيو، هاڻي سيوستان تي اسين ٿا متصرف ٿيون. [سيوهڻ تي قبضو ڪري ويٺا.] سلطان محمود جي ڪيتري ئي زور ڀرڻ جي باوجود قلعو نه ڏنائون ۽ ڪٿين گمان تي قلعو نه کوليائون. لاچار سلطان محمود خان، ميرابوالخير ۽ مير عبدالحميد کي گهرائي ٻکر روانو ٿي ويو.

مرزا عيسيٰ پڻ منزلون ڪندو پٺيان ٿي آيو، سو جڏهن سن جي آسپاس پهچي معلوم ڪيائين، ته هنن ماڻهن قلعو ٻند ڪري سلطان محمود خان کي اندر اچڻ نه ڏنو، تڏهن پنهنجي پٽ محمد صالح ترخان کي وڏي ڪٽڪ سان موڪلي محاصري جو حڪم ڪيائين ۽ پاڻ به پٺيان پهتو. قلعي وارن جي سخت حالت ٿي، نيٺ راقم الحروف جي پڙ ڏاڏي، سيادت پناهه سيد مير ڪلان وچ ۾ پئي صلح ڪرايو. قلعي وارا امان گهري ٻاهر

ڏکتا ۽ سيوستان جو قلعو پڻ مرزا عيسيٰ جي هٿ ۾ آيو. شرمندگيءَ کان اهي ماڻهو رهي نه سگهيا. تنهنڪري حج جي موکل وٺي ٻار ٻچن جي رستي کان گجرات ۾ آيا، ۽ انهيءَ کان پوءِ هندستان پهچي منعم خان جي نوڪري ۾ رهيا. مير حميد پڻ موکل وٺي هندستان هليو ويو.

مرزا شاهه حسن جو لاش جو ٺٽي نيائون، سو پهريائين درياءَ جي ڪناري تي سيد احمد ولي جي حويلي ۾ امانت طور رکيائون، پوءِ مڪلي جي ٽڪريءَ تي هڪ عمارت تيار ڪرائي ٽن مهينن کان پوءِ مرزا عيسيٰ اچي پهرين جاءِ مان ڪڍائي، وچي انهيءَ ۾ دفن ڪرايو ۽ مرزا عيسيٰ ۽ ٻيا سڀ ارغون خواهه ترخان امير، ماتمي لباس پهري مرزا جي تابوت پويان دفن گاهه تائين پاءِ پيادا گڏجي هليا. ٻن سالن کان پوءِ اتان ڪڍائي مڪي مبارڪ ۾ سندس والد شاهه بيگ جي پرسان وڃي دفن ڪيائون، ۽ اتي مڪي شريف ۾ سهڻي عمارت ٺهرايائون، اها عمارت مشهور آهي.

## مرزا شاهه حسن جي ڪجهه احوال جو بيان

مرزا شاهه حسن بن شاهه بيگ بن مير ذوالنون ارغون بهادريءَ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو، ننڍپڻ کان وٺي بيماريءَ جي وقت تائين سيني ميدانن ۾ فتحمند رهيو. لڙاين ۾ چڱا حملا ڏيکاريائين. سندس ولادت سن ٨٩٦ھ ۾ ٿي ۽ ٦٦ سال زنده رهيو. ننڍپڻ کان وٺي علم حاصل ڪرڻ جو شغل رکندو آيو، ۽ علم حاصل ڪرڻ ۽ علم پکيڙڻ جو هميشه شوق رهندو هوس. علم منقول ۾ گهڻي مهارت هوندي هيس، حڪومت جي ڪاروبار هوندي به جيڪو سبق پڙهندو هو، تنهن جي تقرير فارسيءَ ۾ لکي ڇڏيندو هو.

راقم الحروف اٽڪل ڏهه جز مٿئين مرزا جا هٿ اکر، جن ۾ پنهنجن ڪن سبقن جي فارسيءَ ۾ تقرير لکي هئائين. قاضي ڏتو

سيوستاني جي ڪتبخاني ۾ انهيءَ وقت ڏٺا هئا. جڏهن سنڌ ن درس جي حلقي ۾ علم حاصل ڪري رهيو هوس ۽ شايد اڄ تائين آهي ورق قاضي مرحوم جي اولاد جي هٿ ۾ موجود هوندا. مرزا شاهه حسن شعر کي چڱي طرح سمجهندو هو، ۽ ڪڏهن ڪڏهن سنڌس موزون طبع مان ڪي بيت به نڪري ويندا هئا. جنهن ۾ ”سپاهي“ تخلص ڪندو هو. جئن ته راقم الحروف انهن مان ڪي سنڌس دستخط هٿ ڪيا هئا، ۽ هنن سٽن هيٺان لکي ڇڏيا آهن (١) جيڪي به ڪيس ڏيندا هئا، ت ن ۾ شرع شريف ڏانهن رجوع فرمائيندو هو. سيدن، مشائخن ۽ علمائن جو نهايت ادب ۽ احترام ڪندو هو، ۽ سنڌن وظيفن ۽ پگهارن ۾ ڪنهن به قسم جي گهٽتائي نه ڪندو هو. بلڪ سيڪنهن ماڻهو جي سنڌس لياقت موجب رعايت ڪندو هو. بادشاهي جو نظم و نسق جئن جڳائي، تئن رکي زبردستن جا هٿ غريبن تي ظلم ڪرڻ کان بند ڪري ڇڏيا هئائين. ڪنهن به ماڻهوءَ تي ظلم ۽ زبردستيءَ جو روادار نه هو، ملڪي سياست مڪمل نموني تي هلائيندو هو. ٣٤ سال حڪومت جي گاديءَ تي ويٺو. شروعات ۾ قنڌار کان ڪابل وڃي بابر بادشاهه جي ملازمت جو شرف حاصل ڪري، ٻه سال بادشاهه جي ملازمت ۾ رهيو. بادشاهه هميشه سنڌس تعريف ڪندو هو، ۽ چوندو هو ته ”شاهه حسن بيگ نوڪري ۽ ملازمت لاءِ نه، پر حڪومت جا آداب ۽ قواعد سکڻ لاءِ آيو آهي“. پنهنجي حياتيءَ ۾ ٻن زالن سان شادي ڪيائين: هڪڙي ماه بيگم [١٩٠] بنت مرزا محمد مقيم، جو سنڌس سڳو چاچو هو، ۽ انهيءَ مان هڪ ڌيءَ چوچڪ بيگم هيس جا مرزا ڪامران جي نڪاح ۾ هئي، ۽ سنڌس سنڌ ۾ اچڻ کان پوءِ چوچڪ بيگم مرزا ڪامران سان گڏ جي حرمين شريفين ويئي، جتي وفات ڪيائين.

(١) افسوس جو اهي بيت تاريخ معصومي جي ڪنهن به نسخي ۾ موجود ڪونه آهن. (مترجم)

مرزا شاهہ حسن جي بيبي ماهہ بيگم پھر پائين قاسم ڪوڪي جي نڪاح ۾ هئي، جنهن مان پڻ ناهيد بيگم نالي هڪ ڌيءَ هيس، جنهن کي پڻ ڌيئر ۽ پٽ هئا. مٿين ماهہ بيگم مرزا شاهہ حسن جي وفات کان پوءِ مرزا عيسيٰ ترخان جي نڪاح ۾ آئي، ۽ ساڻس گهڻو وقت گذاريائين. مرزا عيسيٰ جي فوت ٿيڻ کان پوءِ مرزا محمد باقي سان مخالفت ڪرڻ ڪري قيد ڪئي ويئي، ۽ قيد ۾ آخرت جي جهان ڏانهن رواني ٿي. مرزا شاهہ حسن جي نڪاح ۾ ٻي زال مير خليفي جي نياڻي محب علي خان جي ڀيڻ گلبرگ بيگم هئي. جڏهين تہ سنڌن وچ ۾ موافقت نہ ٿي ٿنهنڪري ٻن سالن کان پوءِ جدائي واقع ٿي ۽ مٿين بيگم جنت آشياني بادشاهہ جي بيڪاري (شير شاهہ کان شڪست کائڻ کان وٺي دوبارہ هندستان جو تخت هٿ ڪرڻ تائين وارو وقت) کان اڳ هندستان هلي ويئي، جتي گذاري ويئي ۽ سندس حياتي جي گل جا پن اجل جي جهوليءَ ۾ پڪرجي ويا. سندس قبر دهليءَ ۾ آهي. مرزا شاهہ حسن کي مرزا ابوالمنصور نالي هڪ پٽ پڻ هو، جو ٻن سالن جي عمر ۾ گذاري ويو، ۽ مرزا شاهہ حسن جي نسل مان ڪو به ڪونہ رهيو.

## مرزا شاهہ حسن جي ڪن همعصر سيدن، عالمن، مشائخن، فاضلن ۽ شاعرن جو بيان

١- هن عاليشان طبقي جو اڳواڻ عاليجناب مير محمود المعروف بہ شيخ ميرڪ بن مير ابوسعيد پوراني آهي. ڏاڏنگ جي طرف کان سندن نسب جو سلسلو عرب شاهي سيدن سان ملي ٿو، ۽ شيخ ابوسعيد جي والدہ شيخ جلال الدين با يزيد پوراني جي نياڻي هئي. شيخ ميرڪ فضل، سخاوت، زهد ۽ تقويٰ ۾ گهڻن سيدن کان ممتاز ۽ نرالو هو. ڪيئي سال سنڌ ۾ شيخ الاسلامي جي عهدي تي [١٩٦] فائز رهيو، آيو ويو مقامي خواهہ مسافر

سندس احسان جي دستر خوان تان ڀهرووٺند ورهندو هو. اڪثر فاضل ۽ طالب علم سندن سهڻن ڪوشش ڪري، علم ۽ فضل مان وڏو حصو حاصل ڪري، فضيلت ۽ هنرمندي جي ميدان ۾ پاڻ جهڙن کان گوءِ کڻي ويا. شيخ سيني نمونن جا خط عموما ۽ خط نستعليق خصوصا ڏاڍا سٺا لکندو هو. سن ٩٦٤ ھ جي محرم مهيني ۾ عالم بقا ڏانهن انتقال ڪري ويو.

٢- شيخ مير محمد ۽ شيخ عبدالوهاب (١) مير بايزيد ۽ مير ابوالسعيد پوراني (٢) جا فرزند شيخ ميرڪ جا پوٽيا پنهنجي وقت جا سرڪردا ۽ زماني جا اڳواڻ هئا. جناب شيخ عبدالوهاب سهڻين عادتن ۽ وڻندڙ خصلتن سان سينگاريل هو. نهايت خوش طبع ۽ مجلس جو مور هو. شعر نهايت چڱي طرح سمجهندو هو، شريعت جو پابند ۽ نهايت پرهيزگار هو. بادشاهن کي نصيحت ۽ وعظ ڪرڻ جي حتي‌الامڪان ڪوشش ڪندو هو، ظلم ۽ بدعت جي دفع ڪرڻ لاءِ ڏاڍو سعيو ھوندو هوس. شيخ مير محمد ۽ شيخ عبدالوهاب جي وفات جو اتفاق سن ٩٩٠ھ ۾ ٿيو. فقه جي علم ۾ جامع فتاويٰ پوراني جا ٺٽي ۽ بکر ۾ مشهور آهي، سا شيخ عبدالوهاب پوراني جي تصنيف آهي.

٣- شاهه قطب الدين بن شاهه محمود بن شاهه طيب:- خراسان جي عاليشان سيد بزرگن مان آهي. ترڪماني فسادن کان پوءِ سنڌ ۾ تشريف فرما ٿي، بکر جي شهر ۾ رهڻ لڳو. جمعي ڏينهن خلق کي وعظ ۽ ارشاد فرمائي، هدايت جي رستي ڏانهن ترغيب ڏيندو هو. هو صاحب نهايت متقي ۽ شريعت جو

---

(١) نسخي "ح" ۾ "بايزيد بن ابوسعيد" لکيل آهي جو هيٺين بيان موجب صحيح آهي. ڇاڪاڻ تہ شيخ مير محمد ۽ شيخ عبدالوهاب کي شيخ ميرڪ جا پوٽيا چيو ويو آهي. جيڪڏهن انهن مان ڪوبہ مير ابوسعيد جو پٽ هو تہ پوءِ اهو شيخ ميرڪ جو پاءُ ٿيو نہ پوٽيو. (مترجم)

پابند هو. سن ٩٧٧ جي پڇاڙي ۾ عالم جا وداني ڏانهن انتقال فرمائي ويو، ”وعظ“ سندن تاريخ وفات آهي. [١٩٨]

٤- سيد مير ڪلان: ڪربلا جي عظيم القدر ساداتن مان آهي. سندن وڏا انهي مبارڪ سر زمين کان آيل هئا. سيد مير ڪلان جڏهن قندار پهتو تڏهن مير شير قلندر جنهن جون ڪرامتون ۽ مناقب مشهور آهن، جنهن جو ذڪر اڳ ۾ ٿي آيو آهي، جنهن جو مزار قندارڪان ٽي فرسخ (٩ ميل) الهندي طرف اشڪچل ۾ آهي، اتان سندس لنگهڻ ٿيو. سنڌ جي فتح کان پوءِ مير ڪلان قندار کان سنڌ ۾ تشريف فرما ٿي، سيوستان جي پسگردائي ۾ رهجي پيو ۽ گهڻو ڪري قدوت الواصلين مخدوم شهباز قلندر جي مزار پر انوار تي گذاريندو هو. زهد ۽ عبادت ۾ سندس مٽ ڪونه هو، فقيرن ۽ مسڪينن جي ڏاڍي رعايت ڪندو هو، ۽ پنيان گهڻو ئي اولاد ڇڏيائين.

٥- مخدوم محمود فخر پوٽو: عالم رباني هو. سنڌ ۾ علم پکيڙڻ جو سهرو سندس سر تي آهي. ظاهري باطني علم جو صاحب هو. شيخ الاسلام جي صحبت سان سر بلند هو. شيخ الاسلام جي واقعي کان پوءِ پنهنجي اصلي وطن ڏانهن موٽي ڳاهن ۾ رهجي پيو. حضرت خضر عليہ السلام سان ملاقات هوندي هيس، جن جا شاگردن وٽس علم حاصل ڪيو هو، سي سڀ مقصود ۾ ڪامياب ٿي وڃي بلند درجن کي رسيا. هرات کان سنڌ ۾ تشريف فرما ٿيڻ وقت رستي ۾ کانئس ڪرامتون ظاهر ٿيون.

٦- مخدوم بلال: ٽلٽيءَ جي ڳوٺ ۾ رهندو هو، گهڻو ڪري خلق جي ارشاد، نصيحت ۽ وعظ ۾ مشغول رهندو هو. تقوي ۽ زهد ۾ سانس برابر ڪو ڪونه هو. تفسير ۽ حديث جي علم ۾ تمام ماهر هو. . درجن جو مالڪ هو. [١٩٨] سندس سمورن حالات ۽ ڪمالات جي لکڻ جي قلم کي ڪابہ طاقت ڪانہ آهي. چون ٿا تہ هڪ ڀيري ٽلٽي کان سلطان العارفين مخدوم شهباز جي زيارت لاءِ سندس اشاري تي اچي رهيو هو ۽ درياءَ

اعتراف ڪندو هو. گهڻو ڪري هڪڙي سان صحبتون ڪندا هئا ۽ علم ۾ کيس امام جار الله (زمخشري) جي لقب سان ياد ڪندو هو. راقم الحروف پڻ سندن حلقہ درس مان علم پرايو آهي. رحمت الله عليه.

۹- مخدوم رڪن الدين عرف مخدوم متو: مخدوم بلال جي خليفن جي سلسلي ۾ هو. پاڻ ابوبڪر صديق جي اولاد مان هو. سندس بلند پرواز همت هميشه وظيفن، عبادتن ۽ بندگين تي صرف ٿيندي هئي. زهد ۽ تقويٰ جا سالڪ، هدايت ۽ ارشاد جا طالب سندس معتقد هوندا هئا، ۽ سندس سلوڪ تي اعتماد ڪندا هئا. حديث جي علم ۾ پنهنجي وقت جو يگانو هو. شرح اربعين، شرح ڪيداني ۽ ٻيا ڪي رسالا سندس تصنيفات (۱) مان مشهور آهن. هن جي وفات سن ۹۴۹ھ جنت آشياني بادشاهه جي اعين ٻيڪاري (فترات) جي زماني ۾ ٺٽي ۾ ٿي.

۱۰- قاضي قاضن بن قاضي ابو سعيد بن زين الدين بکري: سندس وڏا ٺٽي ۽ سيوستان جي شهرن ۾ رهندا هئا. سندن ٽڙ ڏاڏو قاضي [۲۰۰] ابو الخير، جو فضيلت ۽ حالت جو صاحب هو، سو وڃي بکر ۾ رهيو. قاضي زهد ۽ پرهيزگاريءَ سان سينگاريل هو، ۽ گهڻن ئي بزرگن جي صحبت نصيب ٿي هيس، مڪاشفي جو صاحب هو. هميشه وظيفن ۽ عبادتن ۽ بندگين ۾ مصروف رهندو هو. علم تفسير، حديث ۾ ڏادي واقفيت هيس. گهڻن هنڌن تان علم حاصل ڪيو هئائين. علم فرائض جي جزئيات ۾ ڏادي مهارت هوندي هيس، گهڻو ڪري عبادت گذاريءَ ۾ مشغول رهندو هو.

سندس پيڙهي پيءُ جي طرف کان بن واسطن کان پوءِ

---

(۱) افسوس جو اهي ڪتاب اڄ دستياب ٿي نٿا سگهن.
(مترجم)

قاضن سان ملي ٿي، هن طرح قاضن بن ابو سعيد بن قاضي زين‌الدين بن قاضي قاضن. طرحين طرحين عملي فضيلتن سان سينگاريل هو. قرآن مجيد ۽ فرقان حميد ياد هوندو هوس. قرئت ۽ تجويد جو علم ڄاڻندو هو. حديث، تفسير، اصول، فقه، تصوف ۽ ”آلي علمن (١)“ ۾ ڪافي دخل رکندو هو.

انشاءَ ۾ پنهنجي وقت جو يگانو هو. ابجد جو علم پڻ ڄاڻندو هو. سلوڪ جي رستن ۾ ڏاڍيون رياضتون ڪيل هئس، حرمين شريفين جي زيارت سان مشرف ٿيل هو. سيد محمد جونپوري، جو ميزان مهدي‌ءَ جي لقب سان مشهور آهي، جي مريدن ۽ معتقدن جي سلسلي ۾ داخل هو. انهيءَ ڪري شريعت جا عالم مٿس طعنا ڪندا هئا. شاهه بيگ جي هن فاني دنيا مان گذري وڃڻ کان پوءِ، مرزا شاهه حسن جو منظور نظر ٿي، بکر ۽ ان جي آسپاس جي قضا جا فرائض بجا آڻيندو رهيو. ۽ سندس خدمت ۾ جيڪي شرعي ڪيس ايندا هئا، تن جي فيصلي ڪرڻ ۾ نهايت احتياط، امانت [٢٠١] ۽ دينداري ظاهر ڪندو هو. پڇاڙيءَ ۾ هن جوابداريءَ جي ڪم کان استعفا ڏنائين ۽ عهدو سندس پاءَ قاضي نصرالله جي حوالي ٿيو. قاضي قاضن جي وفات سن ٩٥٨هه ۾ ٿي هئي.

---

(١) آلي علم — آله معنيٰ اوزار يعني اهڙا علم جن جي ذريعي ٻين مقصودي علمن ۾ ڪمال پيدا ڪري سگهجي- جهڙوڪ صرف نحو وغيره.

اسان جي سنڌ جي هڪ بزرگ پنهنجي ڪنهن تصنيف ۾ آلي علم جي تشريح ڪلن جو علم ڪري اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ته قاضي قاضن ڪلن جي علم ۾ ماهر هو. گوياڪ قاضي صاحب هڪ مڪئنڪ انجنير هو. مگر درحقيقت ائين نه آهي پر عالمن جي اصطلاح ۾ آلي علم جي معنيٰ اهائي آهي جا اسان مٿي لکي آهي ۽ مقصد قاضي صاحب جي صرف نحو وغيره علمن ۾ مهارت ڏيکارڻي آهي. والعلم عندالله- (مترجم)

۱۱- مخدوم ميران بن مولانا يعقوب- تيون ڏاڏو (۱) سهڻن صفتن ۽ وڻيلن اخلاقن سان مشهور معروف هو ۽ معقوليَ ۽ منقولي علمن جو جامع هو. سندن خدمت مان گهڻن طالب علمن علم حاصل ڪيو آهي. علمن ۾ ڪافي مهارت حاصل هيس. مرزا شاهه حسن ڪجهه وقت مخدوم جي خدمت شريف ۾ رهي علم پرايو آهي. نئي ۾ عالم آخرت ڏانهن انتقال ڪري ويو. سندس تاريخ "وارث الانبيا" سن ۹۴۹هه آهي.

۱۲- مولانا ضياءَ الدين بن مخدوم صدرالدين راهواني: فضيلتن ۽ ڪمالتن جو جامع ۽ شرعي علمن جي سيني فنن تي حاوي هو. ابتدا ۾ ديني علمن جو درس ڏنائين ۽ پڇاڙيءَ عمر ۾ عبادت ۽ تلاوت جي ڪنڊ ۾ گوشه نشين ٿي، خلق وٽ آمدرفت جو دروازو بند ڪري ويهي رهيو.

۱۳- قاضي عبدالله بن قاضي ابراهيم: هڪ وڏو عالم ۽ پرهيزگار هو ۽ مخدوم عبدالعزيز ابهري هروي کان فضائل ۽ ڪمالات پرايائين. طبيعت سندس تمام تيز هئي ۽ پورو متقي ۽ پرهيزگار هو. ابتدا ۾ پنهنجي پراڻي وطن دربيلي ۾ رهندو هو. جڏهن شاهه بيگ سنڌ فتح ڪئي تڏهن ڪجهه وقت باغبان ۽ راوٽ ۾ پڻ اچي رهيو هو. سن ۹۳۴هه ۾ سنڌ کان گجرات ۽ اتان پوءِ وڃي مديني منوره ۾ رهيو [۲۰۲] ۽ فيتڻ اتي گذاري ويو. سندن ٽي سچا خليفا هرهڪ شيخ صالح، شيخ رحمت الله (۲) ۽ شيخ حميد پوئتي رهيا. شيخ رحمت الله پنهنجي زماني ۾ بي مثال ۽ وقت جو يگانو هو. حج جي احڪامن ۾ ٽي رسالا تصنيف

(۱) هت عبارت ۾ اڪو لفظ ڇڏيل آهي- نسخه "د" ۽ "ف" ۾ هتي خال ڇڏيل آهي. (مترجم)

(۲) شيخ رحمت الله ۽ شيخ حميد ٻئي قاضي عبدالله جا فرزند هئا. هنن پڻ پنهنجي والد اجي تقليد ڪري، سجي عمر حرمين شريفين ۾ گذاري ۽ دين جي علم جي خدمت ڪيائون. "تحفته الڪرام ص ۱۴۲" (مترجم)

ڪيائين. هن وقت اهي رسالا معمول آهن. (۱) هو ارض مقدس ۾ دفن ٿيل آهي. شيخ حميد ڪمال ۽ فضيلت جي زيور سان سينگاريل آهي. ۽ عقلي ۽ نقلي علمن ۾ ڏاڍي مهارت اٿس. تفسير ۽ حديث، خصوصا حديث ۾ گهڻي پهچ رکي ٿو. جڏهين مظفر بن سلطان محمود گجراتي ظل الاهي (اڪبر) جي امير شهاب خان کي شڪست ڏيئي ڪانئس احمد آباد کسي ورتي هئي. ۽ نواب خانخانان عاليقدر اميرن جي هڪ ٽوليءَ سان اچي مظفر کي پوڄائي اها ولايت وري، شاهي حڪومت جي دوستن جي هٿ ڏيئي آندي تڏهن ڪاتب پڻ مقرر ٿيل ماڻهن مان هڪڙو هو. انهيءَ طرف جي فتح ڪرڻ کان پوءِ سندن خدمت جو شرف حاصل ڪري مشڪوات شريف اول کان آخر تائين ٻين حديث جي ڪتابن سميت سندن خدمت ۾ پڙهي اجازت حاصل ڪئي ڏيم، مٿيون شيخ ڪامياب نواب خان اعظم جنهن جو نالو عزيز ڪوڪه هو، تنهن سان گڏجي حرمين شريفين جي زيارت جي سعادت حاصل ڪئي ۽ مڪي شريف ۾ رهي پيو. اتي حديث جي درس ۾ مشغول آهي ۽ مڪي جي عالمن ۾ حديث جو اڳواڻ اڄڪلهه پاڻ آهي.

۱۴- قاضي شيخ محمد اوچوي: پنهنجي وقت جي مشهور عالمن مان هو. آچ ۽ ملتان جي فتنن کان پوءِ ٻکر کي وطن بنايائين، ٿوري وقت کان پوءِ نٽي جي قضا جو عهدو سندس حوالي ٿيو. بيشڪ ديني علم ۾ ڏاڍو ماهر هو. [۲۰۳] عربي چڱيءَ طرح ڄاڻندو هو، ڪيس فيصل ڪرڻ ۾ احتياط ڪندو

(۱) انهن رسالن مان هڪ "المنسڪ المتوسط" جي نالي سان اڄ تائين عربستان ۾ رائج آهي، ۽ ملا علي قاري جهڙي وقت جي علامه انهيءَ جو شرح لکيو آهي. ڪتاب شرح سميت راقم الحروف وٽ موجود آهي، بيشڪ هڪ عجيب ڪتاب آهي جنهن ۾ نهايت سهڻي عبارت ۾ حج جي احڪامن جو درياءَ ڪوزي ۾ بند ڪيو ويو آهي. (مترجم)

هو. مرزا عيسيٰ ترخان جي حڪومت جي ابتدا ۾ تقدير جي هٿ
سندس حياتيءَ جو دفتر ويڙهي ڇڏيو.

١٥- مولانا مصلح الدين لاري: نهايت وڏو عالم ۽ عربي علمن کي چڱيءَ طرح ڄاڻندو هو. ڪا مدت مرزا شاهه حسن کي پڙهائيندو رهيو. سن ٩٥١هه ۾ موڪلائي حج جي اراديءَ سان مڪه معظمه ڏانهن رواني ٿيو. شرح شمائل نبوي، تفسير بيضاوي جو حاشيو، منطق جو فارسي شرح ۽ ٻيا رسالا (١) سندس تصنيف ڪيل آهن.

١٦- شيخ عبدالله متقي بن مولانا سعد سنڌي در ٻيلوي: درسي علم پڙهيل ۽ تفسير ۽ حديث جي علمن ۾ پنهنجي وقت ۾ بينظير هو. سن ٩٤٧هه ۾ سنڌ کان گجرات ويو ۽ قاضي عبدالله، عليه الرحمت جي صحبت سان سرفراز ٿيو ۽ قاضي قاضن جي صحبت ۾ مدينه طيبه ۾ وقت ڪاٽيندو رهيو، ۽ سڀني علمن ۾ چڱيون تصنيفون ۽ رسالا اٿس.

١٧- مولانا يونس سمرقندي: علم ۽ عرفان وارن جو پيشوا ۽ وقت جي عالمن جو اڳواڻ هو. مرزا شاهه حسن جي حڪومت وارن ڏينهن ۾ ماوراءالنهر کان سنڌ ۾ تشريف آندائين. ڪجهه وقت مرزا شاهه حسن کي شرح مواقف ۽ ٻين علمن پاڙهڻ ۾ مشغول رهيو. سندس وفات سن ٩٥١هه ۾ ٿي.

١٨- سيد تاج الدين جو بيان- هي بکر جي صحيح النسب سيدن مان آهي. نقابت جي عهدي (سيدن جي پڳداري) تي فائز هو، ۽ هي واجب التعظيم نقيب ظاهري خواهه معنوي سفارت جي اسباب جمع ٿيڻ ڪري سڀني سيدن کان ممتاز هو. هينئر [٢٠٤] بہ بکر جي سيدن جي نقابت انهيءَ بزرگ سيدن جي اولاد سڳوريءَ سان تعلق رکي ٿي. بکر ۾ سندس گهڻي اولاد موجود آهي.

---

(١) افسوس جو انهن ڪتابن مان اڄ ڪوبہ ڪتاب يا رسالو اسان جي هٿ ۾ ڪونهي. (مترجم)

١٩- سيد حيدر: سن جو رهندڙ، ٻارهن سالن جي ڄمار ۾ مولانا عمر هليه ۽ مخدوم بلال جي صحبت ۾ رهي سندن تربيت جي نظر حاصل ڪري، وڏي مرتبي کي پهتو. ڪانئس ڪرامتون ظاهر ٿينديون هيون. سن ٩٣٧هه ۾ عالم عقبيٰ ڏانهن روانو ٿيو.

٢٠- مخدوم يوسف طيونه (١): پنهنجي وقت جي زاهدن مان هو. قرئت جي علم ۾ پوري مهارت رکندڙ ۽ نهايت رياضت ڪندڙ هو. سندس ڪرامتون مشهور آهن. سن ٩٣٨هه ۾ عالم بقا ڏانهن انتقال ڪري ويو.

٢١- مخدوم عربي هاله ڪنڊي: حال ۽ مقامات جو صاحب هو.

٢٢- مولانا ابوبڪر بن دائود بريد: سلوڪ جي رستي ۾ سندس مٽ ڪو ڪونه هو. سخت رياضتون ڪري بلند مرتبي کي پهتو هو. ارشاد وارن جي هڪ جماعت سندن صحبت ۾ رهي حال جا صاحب ٿيا. جن مان مخدوم نوح پڻ هڪڙو هو. رحمة الله عليه رحمة واسعة.

٢٣- شاهه جهانگير هاشمي: شاهه طيب هرويءَ جي اولاد مان بليغ ۽ شيرين شاعر هو. مرزا شاهه حسن جي حڪومت جي اوائل ۾ خراسان کان اچي سنڌ ۾ رهيو. شعر جي فن ۾ پنهنجي وقت ۾ بينظير هو. تحفة الاحرار جي جواب ۾ مظهرالاثار سندس طبع جو نتيجو آهي. ديوان هاشمي (٢) پڻ اٿس. سن ٩٤٦هه جي وچ ڌاري ڪيچ ۽ مڪران رستي [٢٠٥] کان حجاز جي سفر جو ارادو ڪيائين، ۽ رستي ۾ ڦورن جي هٿان شهادت جو شربت پيتائين.

٢٤- شاهه حسين تڪدري: مرزا شاهه حسن جي اميرن ۾ داخل هو. طبع جي تيزي، ذهن جي صفائي، سهڻن اخلاقن ۽ سٺن

(١) شايد "تنيو". (مترجم)

(٢) افسوس جو مظهرالاثار يا ديوان هاشمي اڄ ڪالهه ناياب آهن. (مترجم)

اد بن ۾ پنهنجي زماني ۾ فاضلن جو سردار هو، شعر ۽ تاريخ جي فن ۾ ڏاڍي مهارت هيس. روضة السلاطين (۱) سندس تصنيفات مان آهي.

۲۵- مير شاهه مسعود صدر: مرزا شاهه حسن جي حڪومت واري زماني ۾ خوش طبع طالب علم هو. ڪڏهن ڪڏهن شعر پڻ چوندو هو.

۲۶- مولانا فخري هروي: خوش طبع ۽ اڪابر هو. شعر پڻ چوندو هو. صنايع ۽ بدائع عروض ۽ قافيه بابت ڪجهه تصنيفون (۲) اٿس.

۲۷- حيدر ڪلوج: مشهور شاعر ۽ شعر جي ديوان (۳) جو مالڪ آهي. هي مطلع سندس آهي.

دلا مجنون صفت خود را خلاص از قيد عالم ڪن
ره صحرائي محنت گير ورو در وادئي غم ڪن

[دنيا جي قيد مان مجنون جيئن آزاد ٿي اي دل رکي رخ وادي غم ۾ تون منجهه صحرائي محنت هل]

۲۸- مولانا مير محمد زرگر.

۲۹- ملا جاني بندري.

۳۰- ملا ظهوري ٺٽي خوش بيان شاعر هئا.

## مرزا عيسيٰ ترخان جي شروعاتي احوال جو بيان

مرزا محمد عيسيٰ بن مير عبدالعلي ترخان ننڍي پڻ کان شاهه بيگ جو پاليل هو. وڏن اميرن جي لسٽ ۾ داخل هو.

(۱) اڄ ڪالهه عنقا وانگيان روضة السلاطين جو فقط نالو باقي آهي. (مترجم)

(۲) پر ڪابه تصنيف ملي نه ٿي سگهي. (مترجم)

(۳) هن وقت اهو ديوان اڻ لڀ آهي. افسوس! (مترجم)

جڏهن آمر آمرائي ٺٽي ڏانهن رخ ڪيو هو ۽ مرزا شاه حسن جا جيڪي امير ٺٽي ۾ رهيل هئا [٢٠٦] تن شاه حسن ڏانهن ملتان ماڻهو موڪلي حقيقت حال عرض رکي هئي. تڏهن ملتان جي لشڪر ۾ مرزا عيسيٰ ئي هو جو جرائت ۽ مردانگي ڏيکاري، انهن ماڻهن جي رفع دفع لاءِ استدعا ڪري، يلغار ڪندو ملتان کان ٺٽي پهتو هو ۽ خوب جنگ ڪري سندن لشڪر کي چڙ وچڙ ڪري گهڻن کي قتل ڪيو هئائين. مرزا شاه حسن جي اتي پهچڻ کان پوءِ آمر آمرائي چاليهه هزار ماڻهن سان لڙائيءَ جو ميدان سينگاريو هو، جن مان ڏهه هزار ماڻهو انهيءَ ميدان ۾ ڪم آيا هئا. مرزا شاه حسن جي فوت ٿيڻ کان پوءِ مهيني جمادي الاول سن ٩٦٢ هه جي اوائل ۾ مرزا عيسيٰ حڪومت جي گاديءَ تي ويٺو ۽ ارغونن ۽ ترخانن بيعت ڪري [سڀ ڪاروباري] ٻڌچوڙ جي واڳ انهيءَ ناموارن اميرن جي سردار جي هٿ ۾ ڏني. مرزا عيسيٰ ترخان ۾ گهڻيون ئي سهڻيون صفتون هيون: هميشه سپاهين ۽ رعيت سان نرميءَ جي هلت هلي، سيڪنهن ماڻهوءَ سان سندس لائق رعايت ڪندو هو.

هڪ سال جي عرصي گذرڻ کان پوءِ، ارغونن جي ترغيب ۽ لالچائڻ تي سلطان محمود خان سان مخالفت ڪيائين ۽ وڏو ڪٽڪ وٺي، مهيني ربيع الثاني سن ٩٦٣ هه جي شروعات ۾ ٻکر جي حدن ۾ لنگهي، ٻکر جي سامهون منزل ڪري، پندرهن ڏينهن لڙائي جاري رکيائين. سلطان محمود خان قلعي ۾ بند ٿي ويٺو، هڪ ٻه دفعو هڪبئي سان لڙائي به ٿي. اِيتري ۾ فرنگين جو ٽولو، جن کي مرزا عيسيٰ گوا مان گهرايو هو، تن اچي ٺٽي کي ڦريو، ۽ شهر کي باهه ڏيئي، ماڻهن کي قيد ڪري وٺي ويا. جنهن وقت ٺٽي کي ڦرڻ تي چاهيائون، تنهن کان هڪ ڏينهن اڳ ۾ درياءَ جي مٿاڇري کي باهه لڳي ويئي. هن خبر ٻڌڻ شرط مرزا عيسيٰ تمام جلد موٽي ويو. [٢٠٧] سلطان محمود خان تعاقب ڪري سيوستان تائين پهچي، انهيءَ ملڪ جو ربيع جو

فصل اڪثر تباهہ ۽ برباد ڪري ڇڏيو. اتي سيادت پناهہ سيد سير ڪلان وچ ۾ پئي صلح ڪرايو ۽ ڏئين سر عهد نامو ڪري سلطان محمود خان بکر ڏانهن موٽي ويو.

سن ٩٦٧هہ جي ابتدا ۾ مرزا عيسيٰ ترخان جي پٽن مرزا محمد باقي ۽ مرزا محمد صالح جي وچ ۾ تڪرار ٿيو. مرزا عيسيٰ ترخان مرزا محمد صالح ترخان جو طرف ورتو. مرزا محمد باقي لڙائيءَ ۾ شڪست کائي سوڍن جي رهائش گاهہ ڍنگي ڏانهن هليو ويو، ۽ سانس جيڪي ارغون ہدل هئا سي پڻ سندس سنگت ۾ عمرڪوٽ ويا. مرزا محمد باقي جيسلمير جي رستي کان بکر اچي نڪتو ۽ سلطان محمود خان جي ملاقات جو شرف حاصل ڪيو. مٿئين خان پڻ ڪيس مهربانيءَ جي ڀاڪر ۾ ورتي، مٿس نوازشون ڪيون ۽ هڪ سال سکر جي شهر ۾ رهائي، سندس واجبي نگراني ۽ رعايت ڪري انسانيت جا شرط بجا آندا. مرزا عيسيٰ، محمد صالح ترخان جي دلجوئي خاطر، مرزا محمد باقيءَ جي ٻارن کي پڻ ٺٽي مان ڪڍي بکر موڪليو. مرزا محمد باقي هندستان وڃڻ جي اگرچ ڏاڍي ڪوشش ڪئي، پر سلطان محمود خان انهيءَ خيال کان تہ متان هندستان کان ڪو لشڪر هيڏانهن آڻي- ۽ جڏهن تہ انهن جو لنگهہ بکر کان ٿي ٿيڻو آهي، جنهنڪري ملڪ جي نظام ۾ خلل پوندو، کيس هندستان وڃڻ کان روڪيندو آيو.

سن ٩٧٠هہ ۾ مرزا صالح ترخان، جو چوٽيءَ جو بهادر هو، ۽ ڪيترين لڙاين ۽ مقابلن ۾ بهادري ۽ همت جا جوهر ڏيکاري فتحون ڪري چڪو هو، ۽ مرزا ڪامران جا اڪثر ڪوڪا، جهڙوڪ مزيد ڪوڪ بن مراد ڪوڪ وغيره سندس نوڪريءَ ۾ هئا، تنهن مريد نالي هڪ بلوچ جنهنجي پيءُ کي ڪنو هڻائين، جي هٿان شهادت جو شربت پيتو. هي مطلع سندس چيل آهي: [٢٠٨]

ٻران عزم ڪه در ملڪ جنون از سر قدم مانم،
متاع هوش و دانش را ٻبازار عدم مانم.
[ارادو اٿم ته مان ملڪ جنون ۾ سر قدم ڪريان،
عقل ۽ هوش جو سامان ٻبازار عدم ڏريان]

اتي سلطان محمود خان مرزا محمد باقي جي خطائن معاف ڪرڻ جي درخواست ڪئي. ۽ مرزا عيسيٰ پڻ راضي ٿي، شيخ عبدالوهاب پوراني ۽ پنهنجي پاٽيجي مير يار محمد خان کي، قاصد طور، سلطان محمود خان ڏانهن موڪلي، شڪرگذاري ۽ احسانمندي جو اظهار ڪري، پنهنجي پٽ جي ملڻ جي گهر ڪئي. سلطان محمود خان بادشاهي آدابن مطابق سفر جو سامان تيار ڪري، مرزا محمد باقيءَ کي ڏني موڪليو. ۽ هن وچي پنهنجي پيءُ بزرگوار سان ملاقات ڪئي. مرزا عيسيٰ سيوستان سند س جاگير مقرر ڪري کيس رخصت ڏني.

سيوستان پهچڻ کان پوءِ ارغونن مرزا عيسيٰ سان بيوفائي ۽ سرڪشي ڪري مخالفت ۽ لڙائيءَ جي ميدان ۾ قدم رکيو. نيٺ جڏهن ارغون، صلح جو نغارو وڄائي درياهه لنگهي رهيا هئا، تڏهن مرزا عيسيٰ جي ماڻهن اوچتو آتشبازي ڇوڙي، جنهنڪري هنن جا گهڻا ماڻهو تلف ٿيا، ۽ ارغون شڪست کائي، پريشاني ۽ بري حال ۾ بکر آيا، ۽ سلطان محمود خان جي خدمت ۾ حاضر ٿي، حقيقت حال ٻڌائون. پهريائين سلطان محمود خان انهن ماڻهن کي قيد ڪيو. پر نيٺ پنهنجي والده جي صلاح سان قيد مان ڪڍي دلداري ڏيئي، انهن سان هرهڪ کي گهوڙو ۽ سروپاءِ عنايت ڪري، پنهنجا ڳپل نوڪر ساڻ ڏيئي، سيوستان ڏانهن روانو ڪيائين. سلطان محمود خان جي ماڻهن، ارغونن سان ملي سيوستان جي قلعي جو محاصرو ڪيو. هڪ ٻه دفعو قلعي تي چڙهيا به، پر ڪجهه ڪري نه سگهيا. آخر جڏهن پاڻيءَ جي اٽل آئي، تڏهن مرزا عيسيٰ وڏو لشڪر وٺي اچي هنن ماڻهن کي هڪالي ڪڍيو. [٢٠٩] رفيان ۾ ٻنهي لشڪرن جي وچ ۾ لڙائيءَ جي باهه ٻرڪي،

۽ سلطان محمود جا چڱا ماڻهو قتل ٿيا. مرزا عيسيٰ ترخان، در ٻيلي ڳوٺ جي سامهون منزل ڪري لڙائيءَ جا شرط ٻجا آندا . ۽ سلطان محمود خان پڻ پنهنجا امير ۽ ماڻهو روانا ڪيا، جن پڻ در ٻيلي جي ڳوٺ ۾ قلعو ٺاهي، لڙائيءَ جون رسمون ٻجاءِ آند يون. نيٺ شيخ عبدالوهاب ۽ ماهه بيگم جي دانشمندي ڪري صلح ٿيو. مرزا عيسيٰ ٺٽي موٽي ويو، ۽ سلطان محمود خان جا ماڻهو بکر موٽي آيا.

سن ٩٧٤هه ۾ مرزا عيسيٰ طبعي موت سان رحلت فرمائي ويو. انتقال وقت ارادو ڪيائين ته پنهنجي ننڍي پٽ جان ٻاٻا ترخان کي وليعهد ڪري. پر، ماهه بيگم ڪوشش ڪئي ته جنهن صورت ۾ محمد باقي وڏو پٽ آهي، تنهنڪري آهو وليعهد ٿئي. مرزا عيسيٰ اهو ڏکيو سمجهي معافي گهري، ۽ چيائين ته هو ظالم آهي تنهنڪري خلق ۽ لشڪر کي ڏاڍو آزار ۽ نقصان رسائيندو. تون پڻ انهيءَ جي هٿان هلاڪ ٿيند ينءَ. آخر ائين ئي ٿيو، جيئن سندس واتان نڪتو. مرزا عيسيٰ جي فوت ٿيڻ جي خبر کي ڏينهن ته ملڪي مصلحت سبب ڳجهي رکيائون، جيستائين مرزا محمد باقي سيوهڻ کان ٺٽي پهتو. انهيءَ ڏينهن صبح جو مرزا عيسيٰ کي مقام ۾ نيئي آنهيءَ مقبري ۾ دفن ڪيائون جو سندس لاءِ ٺاهيو هئائون.

## مرزا محمد باقي جو پنهنجي پيءُ جي موروثي سلطنت تي ويهڻ جو بيان

مرزا محمد باقي حڪومت جي گاديءَ تي وهڻ سان اختيار جي واڳ ارغوني اميرن جهڙوڪ مرزا قاسم، مير ڪوچڪ وغيره جي هٿ ۾ ڇڏي ڏني. ارغوني جيئن ته نهايت بيباڪ هئا ۽ بيپرواهي ڏاڍي ٿي ڪيائون، ۽ جيئن ته حڪومت جي ابتدا هئي ۽ هن جي سياست ۽ قهر اڃا ذليل ڪونه هون ۽ هن جي رعب

۽ خوف سندن دلين ۾ جاءِ نه ڪئي هئي، [٢١٠] ۽ زباني نصيحت ۽ ڇينڀ سان نامناسب ڪمن کان باز نه ٿي آيا، تنهنڪري ملڪ جو سدارو ۽ انتظام سندن بربادي ۾ ڏسي، هن جي ڪاوڙ ۽ سياست جي باهه ڀڙڪو ڪاڍو، ۽ سندن بربادي ۽ ٻاڙون پٽڻ جي پويان پئي، سندن ماڻهن جي قتل ۽ مال ڦرڻ جو عام حڪم جاري ڪيائين، اهو پڻ حڪم ڪيائين ته سنڌي ۽ مير بحر ماڻهو سندن ٻار ٻچا لٽي، جيئن وڻين تيئن ڪن. باقي ٻچيل ارغون جلاوطن ٿي اچي ٻکر پهتا.

مرزا عيسيٰ جي فوت ٿيڻ کان پوءِ محمد باقيءَ جي تخت نشينيءَ جي اوائل ۾ ناهيد بيگم پنهنجي ماءُ جي ملاقات لاءِ هندستان کان آئي. ۽ سلطان محمود پڻ ارغوني اميرن جي چرچ ۽ ترغيب تي محمد باقي سان جنگ ڪرڻ لاءِ روانو ٿيو، ۽ نصرپور جي قلعي وٽ پهچي انهيءَ قلعي کي گهيرو ڪيائين. ايتري ۾ خبر پهتي ته حضرت بادشاه شيخ فريد جي پٽڻ ۾ پهتو آهي ۽ ملتان جي مشائخن جي زيارت جو ارادو اٿس. اها خبر ٻڌي سلطان محمود خان خيال رکي پنهنجون ٻيڙيون تيار ڪري منزل پٺي موٽي آيو.

مرزا باقيءَ جو ڀاءُ مرزا جان بابا ۽ سندس نياڻو مرزا شادمان، جو وقت جي ٻهادرن مان هڪ هو ۽ پيءُ جي طرف کان سندس نسب مير ذوالنون جي ڀاءُ سلطان عليءَ سان ٿي مليو، پڻ بغاوت جو جهنڊو بلند ڪري ٻکر پهتا. سلطان محمود خان مهربانيءَ سان پيش اچي انهن ماڻهن سان هرهڪ کي روڪڙ، جنس، سروپاءِ ۽ گهوڙو انعام ڏيئي هرهڪ لاءِ جاگير مقرر ڪئي. هنن ماڻهن جڏهن مدد جي درخواست ڪئي ته سندن عرض قبول ڪري، پنهنجا اڪثر سٺا ماڻهو ساڻن گڏي ڏنائين. هو جڏهن ٺٽي جي آسپاس پهچي، مرزا محمد باقيءَ جي ڪئمپ جي سامهون ڪاهي هٽي ويٺا ۽ ارغوني اميرن مخالفت ڪري مرزا جان بابا کي

پلائي وڃو، تڏهن مرزا جان بابا سميجن ماڻهن جو هڪ ڊنبلو ساڻ ڪري، هنن ماڻهن کان ڏار تي ويو ۽ پاڻيءَ جي اٿل سبان سلطان محمود خان جا ماڻهو طاقت نه ساري موٽي ويا. [۲۱۱]

سن ۹۷٦ھ ۾ ميرزا محمد باقي ترخان پنهنجي پاڪدامن نياڻيءَ جو سنگ حضرت ظل الاهي شهنشاهه جي بيگمات جي لڙيءَ ۾ آڻڻ جو انتظام ڪري، ماهه بيگم ۽ ناهيد بيگم سان گڏي موڪلي ڏنو. پڻ بادشاهي ڪارخاني جي لائق هر قسم جون شيون ۽ سوکڙيون گهڻيون تيار ڪري روانيون ڪيائين. ۽ هيءَ خدمت يادگار مسڪين خان ترخان جي ذمي رکيائين. هي ماڻهو جڏهن لڪ علوي (لڪي) وٽ پهتا تڏهن مرزا جان بابا پڻ اچي ساڻن مليو. هنن ماڻهن جي موڪلڻ کان اڳ مرزا محمد باقي ناهيد بيگم سان سنگابندي ڳنڍي سندس نياڻي رايجه بيگم، جا ڀڙيائين مرزا نجات خان جي نڪاح ۾ هئي ۽ پوءِ هڪبئي کان جدا ٿيا هئا، پنهنجي نڪاح ۾ آندي ۽ سندن وچ ۾ چڱي محبت پيدا ٿي ۽ مرزا جي دل کي ناهيد بيگم جي طرفان تسلي ٿي هئي. آخر جان بابا ترخان، سميجا، سوڍا وغيره راڇن جا ماڻهو گڏ ڪري مرزا محمدباقيءَ تي راتاهو ڏنو ۽ مرزا محمد باقي ٻيڙيءَ جي پاڇل کان درياهه ۾ ٽپو ڏنو ۽ اتان وڃي هڪ ڊونڊيءَ ۾ چڙهيو. سميجن ٻيڙيءَ ۾ چڙهي اچي رايجه بيگم کي قتل ڪري ڇڏيو.

هن واقعي کان هڪ سال پوءِ ناهيد بيگم هندستان وڃڻ جو ارادو ڪيو، مرزا محمد باقي ماهه بيگم ۽ ناهيد بيگم کي پنهنجي نياڻيءَ سان گڏ يادگار مسڪين جي اهتمام هيٺ هندوستان روانو ڪيو. يادگار مسڪين ۽ مرزا جان بابا هڪبئي سان مليا، بيگمن کي [پاڻ سان] متفق ڪيو ته توهان ڇالاءِ سنڌ مان نڪري وڃو. ۽ مرزا محمد باقي ملڪ جي حڪومت جو مستقل مالڪ بنجي ويهي؟ [سو ڇا ڪيائون جو] ڏاجي ۽ سوکڙين واريون شيون کولي سپاهه ۽ ماڻهن ۾ تقسيم ڪيائون ۽ مرزا محمد باقيءَ سان لڙائي ڪرڻ لاءِ تيار ٿيا. قصو ڪوتاهه ماهه بيگم هاڻيءَ تي،

چڙهي لڙائيءَ جو جهنڊو بلند ڪيو ۽ جنگ جي ميدان ۾ مقابلي جون صفون سينگاريائين. اتفاقاً ٿوري [٢١٢] وقت ۾ مرزا محمد باقي جي فتح ٿي ۽ ماهه بيگم جو لشڪر ڀڄي ويو. مرزا جان بابا ۽ يادگار مسڪين، ڀڄڻ ئي حملي ۾، ڪڪرالي (١) ڏانهن ڀڄي ويا، جو سمنڊ جي ڪناري تي چام ڏيسر (٢) جي رهڻ جو هنڌ آهي. ماهه بيگم گرفتار ٿي ۽ ناهيد بيگم ڪن ڳاڻ ڳٽين ماڻهن سان بکر نڪري ويئي.

مرزا محمد باقي هن فتح کان پوءِ ٺٽي موٽي اچي ماهه بيگم کي عتاب خطاب ڪيو. ايتري ۾ سلطان محمود خان به وڏو لشڪر ساڻ ڪري ٺٽي پهتو. هوڏانهن مرزا محمد باقي ٺٽي جي وڏي بزرگ ميان سيد علي ٺٽويءَ کي وچ ۾ آڻي، مرزا جان بابا ۽ يادگار مسڪين کي صلح سان هٿ ڪري قتل ڪرائي ڇڏيو، ۽ ماهه بيگم پڻ جيل جي ڪوٺيءَ مان سامان ٻڌي، وڃي قبر جي ڪوٺيءَ ۾ آرامي ٿي.

سلطان محمود خان به انهيءَ وقت پنهنجو لشڪر گڏ ڪري ٺٽي روانو ٿيو، ۽ ٺٽي جي سامهون اچي ڪئمپ هڻي ويٺو. مرزا محمد باقي جيئن ته پنهنجا هٿ ۽ ٻانهون اڳي ئي وڍي ڇڏيا هئا، تنهنڪري مقابلي جي طاقت ڪانه هيس ۽ جهازن جو آرماڙ ٺاهي شهر ۽ سلطان محمود خان جي ڪئمپ جي وچ ۾ جيڪو درياهه ٿي وهيو، تنهن ۾ چڪر لڳائي شهر جي حفاظت ٿي ڪيائين. انهيءَ عرصي ۾ سلطان محمود خان جي ماڻهن ٻه ٽي دفعا لڙائي ڪئي، جنهن ۾ مرزا عيسيٰ جو نياڻو فقير محمد ترخان ۽ سلطان محمد ترخان قتل ٿي ويا. هيڏانهن سلطان محمود خان پير آروت لٽل

(١) اصل ۾ "ڪڪرارهه" آهي جو غلط آهي. صحيح "ڪڪراله" آهي جئن حاشيه ۾ "ح. ف. م" جي حوالي سان لکيل آهي. (مترجم)

(٢) اصل ۾ "چام مهر" آهي جو غلط آهي صحيح "چام ڏيسر" آهي جئن حاشي ۾ تحفته الڪرام جي حوالي سان لکيل آهي. (مترجم)

هو، تہ هوڏانهن خبر آئي تہ ترسون محمد خان جي پٽرن آچ جي قلعي کي گهيرو ڪري، اهو پنهنجي هٿ ڪيو آهي. سلطان محمود خان وڏيڪ ترسڻ مصلحت نہ ڏسي بکر موٽي آيو ۽ مرزا محمد باقي ٻئي سال ٿئي تي بالاستقلال حڪومت ڪئي. [٢١٣]

سن ٩٧٨هہ ٻيو دفعو ڏاجي ۽ سوکڙين جي سامان تيار ڪري پنهنجي نياڻي شيخ عبدالغفور بن شيخ عبدالوهاب ۽ ملا تردي جي هٿان خلائق پناهہ جي درگاهہ ۾ موڪليائين مگر قبوليت جي شرف کان محروم رهي واپس ٿئي آنداڻون.

مرزا محمد باقي پنهنجي حياتيءَ جي پوين سالن ۾ وري ارغونن جي تربيت ڪري ڪين پنهنجي مهرباني جي ڇاڇي ۾ جاءِ ڏني، جنهنڪري جيڪي ارغون ملڪن ۽ شهرن ۾ ٽڙي پکڙي ويا هئا سي سڀ اچي گڏ ٿيا، حال آهر سيني ڏانهن توجهہ ڪري گذران [جو وجهہ] ۽ جاگير مقرر ڪيائين.

سن ٩٩٢هہ ۾ سلطان خواجہ جو پاءُ شاهہ خواجہ حج کان موٽندي هرمز جي رستي کان ٺٽي پهچي، شيخ عبدالرحمان ولد شيخ ميرڪ جي گهر ۾ اچي لٿو. ۽ ميرڪ عبدالرحمان کان جيترو ٿي سگهيو، اوترو شاهہ خواجہ جي مهماني ۾ تڪلف ۽ مبالغو ڪيائين، جنهنڪري شاهہ خواجہ درگاهہ خلائق پناهہ ۾ پهچڻ کان پوءِ مهربانين ۽ خصوصيتن ڀريل خط مٿئين ميرڪ ڏانهن موڪليا. اهائي ڳالهہ انهي بزرگ زادي جي شهادت جو باعث ٿي. سن ٩٩٣هہ ۾ مرزا محمد باقي چريو ٿي پنهنجي کهڻ جو ارادو ڪري پاڻ کي ترار ۽ خنجر سان قتي، ساهہ ساهن جي مالڪ جي حوالي ڪيو.

سندس مرڻ ڪري ٺٽي جي ملڪ ۾ قرار ۽ آرام پيدا ٿيو. سيني اميرن ۽ مکيہ ماڻهن متفق ٿي حڪومت لاءِ مرزا جاني بيگ کي چونڊي، سڀني پٽن جي هوندي بہ سندس بيعت ڪئي. هو جوانيءَ جي زماني ۾ فتحمند طالع جي طاقت سان حڪومت جي گاديءَ تي ويٺو، جيڪا دولت ۽ جواهر سندس وڏن سالها سال

گڏ ڪيا هئا، سي نيسان جي ڪڪر وانگيان عام رعيت ۽ مخلوقات جي مٿان گھوريائين. سنڌس حڪومت جي سايي ۾ ماڻهو نهايت آرام ۽ دل جمعيءَ سان رهيا، ۽ لشڪري جا ماڻهو، سپاهه، رعيت، خواهه اڳواڻ، جن مرزا محمد باقي جي حڪومت [٢١٤] واري وقت ۾ هڪ رات به آرام سان ننڊ نه ڪئي هئي، سي هن جوان بخت جي بادشاهي ۾ آمن جي پڙاڏين تي سمهڻ لڳا.

## مرزا عيسيٰ ۽ مرزا محمد باقي ترخان جي وقت جي فاضلن جو بيان

ميرڪ عبدالباقي ۽ ميرڪ عبدالرحمان عرف "مير ڪان" مرحوم شيخ ميرڪ پوراني جا فرزند، فضائل ۽ ڪمالات جو مجموعو هئا. علمن جي فنن، هنرمندي ۽ ڪاريگريءَ ۾ وقت جا يگانا ۽ زماني ۾ بي مثال هئا. طبيعت جي سنجيدگي ۽ ذهن جي لطافت ۾ بينظير، ۽ انسانيت ۽ سخا ۾ سندن جواب ڪونه هو. ٿوري پيدائش جي باوجود به آيو ويو، شهري توڙي مسافر، سندن احسان جي دسترخوان تان بهره انداز ٿيندو ٿي رهيو. سندن گھر ۾ طعام تمام عمدا تيار ڪندا هئا، خصوصا "سيون" ۽ انهن سين ۾ اهڙي چاشني پيدا ڪندا هئا، جو اهڙي لذت واريون سيون ڪنهن کي ياد نه هونديون، ۽ مرڪبات ۽ مربا پڻ، گھڻا ۽ تمام سٺا ٺاهيندا هئا. راقم الحروف کي پڻ انهي جو تجربو آهي. ميرڪ وڏو، تصوف خصوصا "فصوص (١)" جي چاشڻ ۾

(١) "فصوص" يعني "فصوص الحڪم" جو شيخ محي الدين ابن عربي جو تصوف جي علم ۾ لڪيل ڪتاب آهي ۽ جنهن صورت ۾ هن ڪتاب ۾ ڪيئي مسئلا رڳو اشارن ۽ اصطلاحي عبارتن ۾ بيان ٿيل آهن، تنهنڪري هيءُ ڪتاب علم تصوف ۾ ڏکئي ۾ ڏکيو ڪتاب سمجهيو ويندو آهي. (مترجم)

پنهنجو مٽ پاڻ هو ۽ ميرڪ ننڍي کي سڀني علمن ۾ مهارت هئي. خصوصاً هيئت ۽ فلسفه جي علم ۾. جيئن ته مولانا عبدالخالق گيلانيءَ جو ملا مرزا جاني ۽ شاهه فتح الله جو مدمقابل هو، سو جڏهن اتان لنگهيو ۽ ساڻن بحث مباحثه جو موقعو مليس، تڏهن کي شبها ۽ پيچيدگيون جي ملا عبدالخالق وٽ رهيل هيون سي، هن پنهنجي طبيعت جي زور سان حل ڪيا. تحرير اقليدس (جاميٽري) جي شڪلين ۾ ڪيتريون شڪليون پنهنجون مرتب ڪيون اٿس (١)، جي سڀن وٽ پسند آهن. شعر ۾ به ڪافي دخل هوس. ميرڪ عبدالباقي جي وفات سن ٩٨٣هه ۾ ٿي هئي، ۽ ميرڪ عبدالرحمان جي شهادت سن ٩٩١هه ۾ عيدالفطر جي ڏينهن واقع ٿي.

٢- ميان سيد علي جو بيان: شيراز جي انجوي سيدن مان آهي سندس وڏا [٢١٥] انهيءَ ملڪ کان اچي سنڌ ۾ رهيا. ۽ ميان سيد علي نهايت علم، زهد ۽ سخاوت جو مالڪ هو (٢) هر سال ربيع الاول مهيني جي شروعات ۾ ٻارهن ڏينهن سيد المرسلين صلي الله عليه و سلم جي روح پر فتوح جي نيت فقيرن ۽ مسڪينن کي ڏاڍا طعام ڏيندو هو. ۽ مڪلي جي پيرن جي

(١) هن وقت انهن شڪلين جو ڪوبه پتو ڪونهي. (مترجم)

(٢) هتي نسخه "ح" ۾ هيترو زياده آهي: جئن ته اڪثر فاضل ۽ مسافر سندن احسان جي دسترخوان تان پورو نصيب حاصل ڪن ٿا. سندن گذران لاءِ جيڪو تڪر خاص ٿيل هو، انهيءَ جو اڌ هر سال جدا ڪري، فضيلت وارن ۽ حرمين شريفين جي زيارت لاءِ ويندڙن کي ڏيندو هو. هر موسم ۾ انهي موسم جا ميوا تقسيم ڪري حقدارن کي پهچائيندو هو. جناب مير سيدعلي ٻارهن حج ڪيا هئا ۽ سندس پيشانيءَ ۾ بزرگيءَ جون نشانيون ظاهر هيون. "حاشيه ع- م" (مترجم)

۾ ٺٽي جي سفر جو پڪو ارادو ڪري مخدومي شيخ ميرڪ جي خدمت کان مشرف ٿي، ڪي سال سندن منزل ۾ سڪونت اختيار ڪري، علم جي تعليم ۾ مشغول رهيو. ٺٽي جي اڪثر فـاضلن سندن شاگرديءَ جو شرف حاصل ڪيو، ۽ ٿوري وقت ۾ علمي مطلبن ۾ ڪامياب ٿي پنهنجن همعصرن کان گوءِ کٽي ويا. سن ...... (١) جي آخر ۾ دکن ڏانهن توجهه ڪري اتي جي نامي گرامي بزرگن مان شمار ٿيڻ لڳو ۽ اتي ئي آخرت جي سفر تـي روانو ٿيو.

سندس رشيد شاگردن مان قاضي محمود ٺـٽـي ۾ مـوجـود آهي. قاضي صاحب موصوف جي ڪهڙي تعريف ڪجي، ڇاڪاڻ جو سندس علم ۽ فضل جو رتبو تعريف کان بيپراهه آهي.

٦ـ مولانا يوسف جـو بيان: نهايت دينـدار ۽ پرهيزگـار آهي، ۽ شرعي علمن ۾ سندس مٽ ڪونهه آهي.

٧ـ مخدوم فضل الله جو بيان:ـ عـلـم جي سيني فنن، عمل ۽ تقويٰ جي زيورن سان سينگاريل هو. هميشه دينـي تعليم جو شغل هوندو هوس، سندس وفات سن ......(٢) ۾ ٿي.[٢١٧]

٨ـ قاضي شيخ احمد ۽ قـاضي ڪاشانـيءَ جـو بيان: هـو سندن ڪماليت جـي ظاهر ڪرڻ کان بـي نياز آهن.

## سلطان محمود خان جو احوال، سندس ابتدا کان وٺي هميشه رهندڙ جهان ڏانهن انتقال تائين

سلطان محمود خان بن ميرَ فاضل بن عادل بن احمد خواجه اصفهاني نسل مان هو. سندس وڏا خراسان ۾ رهندڙ هئا ۽ سندس بنياد

(١) هن جاءِ تي سيني نسخن ۾ خال آهي. (مترجم)

(٢) هتي ڪنهن به نسخي ۾ سن لکيل ڪونهه آهي. البت نسخي "ح" ۾ هتي "مذڪور" لفظ آهي جو پڻ ڪو به فائدو نٿو ڏئي. (مترجم)

خدمت قبول ڪئي ۽ يارهن مهنا ستر ماڻهن سان قلعو بچائيندو رهيو، ۽ مخالفن جي انبوهه کان ڪوبه انديشو دل ۾ نه آڻي، نهايت جرات ۽ مردانگيءَ سان شاهه بيگ جي سنڌ ڏانهن موٽڻ تائين قلعي جي حفاظت ڪندو رهيو. ڪيترا دفعا ڳاڙهو ڳٽين ماڻهن سان ٻاهر نڪري، ڌاريجن ۽ سوڍن ماڻهن سان لڙائي ڪري سيني ميدانن ۾ فتحمند رهيو.

سن ٩٢٧هه ۾ جڏهن شاهه بيگ آخرت جي سفر تي روانو ٿي ويو ۽ مرزا شاهه حسن موروثي ملڪ جو مالڪ ٿيو تڏهن به سلطان محمود خان، آمر آمراڻيءَ جي جنگ ۾ نهايت بهادري ۽ مردانگي ڏيکاري، خوب تراريون وهايون، ۽ اڄ، دلاور جي قلعي ۽ ملتان جي گرد و نواح ۾ پهلواني ۽ شير مردي ڏيکاري نمايان ڪم ڪيائين.

سن ٩٤٤هه ۾ پنهنجن ماڻهن جي هڪ فوج وٺي ساتلمير جي قلعي تي حملي ڪرڻ لاءِ روانو ٿيو، ۽ انهن ماڻهن کي لٽڻ ۽ قيد ڪرڻ کان پوءِ اچي رستي ۾ منزل ڪيائين. اهي ماڻهو اوچتو راتاهو ڏيئي، پنهنجا ماڻهو ڇڏائي، لڙائي ڪرڻ لڳا. سلطان محمود خان ننڊ مان اٿي پيادو ٻاهر نڪتو ۽ سنڌس دستار مٿي تان ڪري پيئي. جيئن ته سنڌس پڳ ڪاڍي پيئي هئي تنهنڪري پڳ جو هڪ پلؤ سلطان محمود خان جي هٿ ۾، ۽ ٻيو پلؤ سوڍن جي سردار ڪمال (١) جي هٿ لڳو. سلطان محمود خان پڳ مٿي تي ويڙهيندو [٢١٩] انهيءَ ڏانهن ٿي ويو ۽ جيڪي ور زمين تي پيل هئا سي ڪٺندو ٿي ويو. جڏهن وجي ويجهو ٿيو تڏهن جئن ته سلطان محمود کي هٿيار هٿ ۾ ڪونه هو [سو ڇا ڪيائين جو] واريءَ جي لپ ڪٺي هن جي اکين ۾ هنيائين. هو ٻنهي هٿن سان اکيون مهٽڻ لڳو، ۽ سلطان محمود پڳ مٿي تي ويڙهي نڪري ويو. ڪاتب الحروف سلطان محمود کان ٻڌو ته ڪيس نفيرچي

(١) اصل ۾ جڪمال آهي پر نسخي ر ۾ ڪمال آهي. اسان انهيءَ کي صحيح سمجهي ترجمي ۾ داخل ڪيو آهي. (مترجم)

ملي ويو، جنهن کي نفير وڄائڻ جو حڪم ڪيائين. جنهن تي ڪي سپاهي اچي وٽس گڏ ٿيا. حسن علي ٻوراني پنهنجو گهوڙو سلطان محمود کي ڏنو، ۽ هن پاڻ کي وري تيار ڪري انهن ماڻهن تي اهڙو حملو ڪيو جو ڪافرن جا ڪيترا ماڻهو قتل ٿيا ۽ جيڪو مال ۽ قيدي ڦريائين آندا هئائين، سي ٻيءَ جماعت سان گڏ وري هٿ ڪيائين.

گجرات ۽ ڪنگهار واري لڙائيءَ ۾ نهايت بهادري ۽ دليري بجا آندائين. بلڪ ڪنهن به ميدان ۾ پنهنجي طرفان گهٽتائيءَ تي راضي نه ٿيندو هو. پر جڏهن بادشاهه جنت آشياني، سنڌ ۾ تشريف فرما ٿيو هو، تڏهن به مردانگيءَ سان ثابت قدم رهي، بکر جي قلعي داريءَ ۾ سڄاڳيءَ ۽ هوشياريءَ جو حق بجا آندائين. نيٺ روهڙيءَ جي ڪوٽ ٻاهران بادشاهي لشڪر مان اسن تيمور سلطان ۽ شيخ علي بيگ جلائر سان جيڪو مقابلو ٿيو تنهن ۾ به شاندار حملا ۽ بهادري ڏيکاريائين، ۽ شيخ علي بيگ سندس هٿان قتل ٿيو.

سن ٩٥٠ هه ۾ جڏهن مرزا شاهه حسن سيوهيءَ جي حڪومت مٺين خان جي حوالي ڪئي، ته اتي بلوچن جا ڪيترا قلعا جي سالن کان سندن هٿ ۾ هئا، فتح ڪيائين ۽ جبل جي باغين ۽ سرڪشن کي گوشمالي ڏيئي، پنهنجو فرمانبردار بنايائين.

سن ٩٦١ هه ۾ جڏهن ارغون ۽ ترخان، مرزا شاهه حسن سان مخالفت ۽ جهڳڙو ڪرڻ لڳا، تڏهن به پاڻ پنهنجي لشڪر سميت [٢٢٠] سيوهيءَ کان اچي انهن ماڻهن جي مقابلي ۾ خوب حملا ڪري، انهن ماڻهن کي زيردست ڪيائين، ۽ جڏهن مرزا شاهه حسن اڌ رنگ جي بيماريءَ ۾ گرفتار ٿي هلڻ کان چڪي ويو هو، بلڪ ڳالهائڻ کان سواءِ سندس قوتن ۾ ڪابه حرڪت نه رهي هئي، تڏهن مرزا عيسيٰ سان ٺهراءُ ڪري پاڻ ۾ عهدنامو ڪيائون. مرزا شاهه حسن جي فوت ٿيڻ کان پوءِ سن ٩٦٢ هه ۾

بکر ۽ ماڙيلي ۽ انهن جي سيني تعلقن جي حڪومت سندس تصرف ۾ آئي. ساڳئي سال جي ربيع الثاني مهيني ۾ بکر ۾ آيو ۽ مرزا جي تعزيت جون رسمون پوريون ڪري، حڪومت ۽ بادشاهيءَ جي گادي تي ويٺو. بکر جي پسگردائي، جا بلوچن، سمن وغيره جي ظلم کان ويران ٿي ويئي هئي، سا ٿوري وقت ۾ آباد ٿي. سلطان محمود خان فساد ڪن سرڪشن جو اهڙو ته بند وبست ڪري انهن جي بنياد پٽي ڇڏيو، جو سندس حياتيءَ جي پڇاڙيءَ تائين اهي ماڻهو تابعدار ۽ فرمانبردار رهيا.

سن ٩٦٣ هه ۾ جڏهن بهادر خان، قباد خان، يعقوب بيگ، شاهه ترد ي بيگ، مظفر خان ۽ ترسون محمد خان قندار کان بکر ۾ آيا، ته سلطان محمود خان نهايت انسانيت سان پيش اچي، امداد ۽ اعانت ڪري، هن جماعت جي ضروريات جو انتظام ڪري کين هندستان روانو ڪيو. ساڳئي سال جي پڇاڙيءَ ۾ شاهه ابوالمعالي کي قيد ڪري بکر آندائون، ۽ ست مهينا قيد ۾ رهيو. جڏهن بادشاهه سلامت جو حڪم سندس ڇڏڻ بابت صادر ٿيو ته ملتان جي رستي درگاهه ڏانهن موڪليائين.

سن ٩٦٤ هه جي شروع ۾ مرزا عيسيٰ ترخان، ارغونن جي پلاڻڻ تي وڏو لشڪر ساڻ ڪري بکر آيو، ۽ پنڌرهن ڏينهن، مسڪين ترخان جي تخت جي سامهون ويهي لڙائي جاري رکيائين. هن عرصي ۾ هڪ دفعو صفن جي لڙائي به ٿي. [٢٢١] جيئن ته سلطان محمود خان کي مرزا شاهه حسن جي اميرن کان جيڪي سندس ملازمت ۾ هئا، بدگمان ڪيائون ته مرزا عيسيٰ انهن ماڻهن جي گهرائڻ تي آيو آهي، ۽ ماهه بيگم پڻ هن باري ۾ ڪجهه لکيو هو، تنهنڪري پاڻ قلعي کان ٻاهر کين نڪتو. انهيءَ جنگ ۾ مرزا عيسيٰ جو جيڪو به ماڻهو، سلطان محمود جي هٿ چڙهيو، تنهن کي قتل ڪرائي ڇڏيائين، ۽ سلطان محمود جو جيڪو به ماڻهو مرزا عيسيٰ جي ور چڙهيو، تنهن کي هن ڇڏي ڏنو. جنگ پوري ٿيڻ کان پوءِ مرزا عيسيٰ، مير مقصود قبق کي

ايلچي ڪري موڪليو ۽ سلطان محمود خان جي والده کي لکيائين ته سلطان محمود خان سون کي اچي ڏسي ته ڪدورت دور ڪري موٽي وڃان، مگر سلطان محمود خان سختي ڏيکاري، شوخيءَ جهڙيون ڳالهيون لکي شاه قطب الدين جي نائيءَ مير حاج هٿان مرزا عيسيٰ ڏانهن ڏياري موڪليون. انهيءَ وقت جي مطلق العنان وڪيل ملا محب عليءَ جي چغليءَ تي مير لطفي، درويش محمد پٽ سوڍو، شير محمد پٽ سوڍو، احمد غزنوي پٽ سوڍو ۽ ملا منشي قتل ٿيا، ۽ انهن ئي ڏينهن ۾ فرنگين جي جماعت، جن کي مرزا عيسيٰ مدد لاءِ گهرايو هو، ٺٽي ۾ پهچي جمعي ڏينهن، جنهن وقت ننڍا وڏا ماڻهو جامع مسجد ۾ حاضر ٿيل هئا، مسجد جي چوڌاري ۽ شهر جي اڪثر گهٽين ۾ دوا هاري چڻني پاسن کان شهر کي باهه ڏني. اڪثر ماڻهو جيڪي مسجد ۾ هئا، سي قتل ٿي ويا ۽ ڪيترا شهر جا ماڻهو سڙي ويا ۽ هنن سڄي شهر کي ڦريو ۽ برباد ڪيو. هن خبر ٻڌڻ تي مرزا عيسيٰ غصي ۾ اچي موٽي ويو. هڪ هفتي کان پوءِ سلطان محمود خان بکر مان لشڪر وٺي ٻاهر نڪري سندس پٺيان پيو، ۽ سيوستان تائين پهچي، درياءَ جي ٻنهي ڪنارن جو ربيع جو فصل لتاڙي ناس ڪيائين. سيوستان جي چوڌاري وارن ٻاغن کي به پٽڻ چاهيائين ٿي، پر ڪاتب الحروف جي ڏاڏي سيادت پناه سيد مير ڪلان جي سفارش تي انهيءَ ارادي کان باز آيو. ساڳئي وقت مرزا عيسيٰ جي طرفان شيخ الاسلام عبدالوهاب پوراني ايلچي ٿي آيو [٢٢٢] ۽ دربيلي جي آسپاس اچي سلطان محمود سان ملاقات ڪري صلح ۽ اتفاق جا بنياد محڪم ڪري، نئين سر عهد ۽ پيمان مضبوط ڪري ٺهون دستاويز لکي، مهر هڻي حوالي ڪيائين ته اڄ کان پوءِ وري وعدي خلافي نه ٿيندي.

ستئين سال جي آخر ۾ بيرم خان جي ماڻهن خواجه معظم کي آڻي بکر پهچايو، ۽ ڇهن مهينن کان پوءِ ڪيس گجرات وڃڻ

جي موڪل ملي.

۽ انهيءَ سال ۾ شاهه محمد خان قنڌاري، قنڌار سلطان حسين مرزا بن بهرام مرزا جي حوالي ڪري پاڻ هندستان، روانو ٿيو.

سن ٩٦٥ هه ۾ خان جهان جو پيءُ ولي بيگ بکر ۾ آيو ۽ سلطان محمود خان ساڻس خصوصيت جو رستو رکي، ڏاڍي خوشي، ۽ دوستيءَ جي روش ورتي.

انهيءَ سال ۾ خانخانان بيرم خان جي عزيزياڻي گوهر تاج خانم بنت شاهه تردي بيگ، ولي بيگ جي ڪوشش سان سلطان، محمود خان جي نڪاح ۾ آئي، ۽ عجيب طريقو رتي شهر ۽ بازار ۾ هڪ دستور سان قبا تيار ڪرايائون، ۽ متعدد مجلسون ڪري، قسمين قسمين حظ حاصل ڪيائون.

انهيءَ سال ۾ ظل الاهي شهنشاهه طهماسپ جي طرفان، خانيءَ جي خطاب، علم، نقاري، ڏهه هزاري جهنڊي ۽ سروپاءَ جي نوازش سان ممتاز ۽ سرفراز ٿيو.

سن ٩٦٥ هه ۾ ملا محب علي درگاهه عالم پناهه ۾ ايلچي، ٿي ويو، ۽ بلوچن جي انتقال ڪري وڃڻ سبب آچ، ججو واهڻ ۽ پٽي واهڻ، سلطان محمود جي جاگير مقرر ٿيا.

جيئن ته سلطان محمود خان جي ماڻهن ۽ خان ناهر جي وچ ۾ مال جي ادائگيءَ [٢٢٣] ۽ ڏيتي ليتيءَ تان تڪرار ٿي پيو، تنهنڪري سلطان محمود خان سن ٩٦٦ هه ۾ خان ناهر جي سيکت ۽ تنبيهه لاءِ سيتپور روانو ٿيو، ۽ سيتپور جي قلعي کي ٻه مهينا گهيرو ڪيائين، جنهن ۾ ناهر خان جا گهڻا ماڻهو قتل ٿيا. جڏهن، قلعي وارا عاجز ٿيا، تڏهن سيادت پناهه خواجه ڪلان، مسڪين، مردودي، فضائل دستگاهه مولانا عبدالله مفتي ۽ مير يار محمد، صدر جي سفارش تي ناهر خان گچيءَ ۾ ترار لڙڪائي، قلعي جي، فصيل تي چڙهي، عاجزي ۽ نيزاري ظاهر ڪئي، ۽ چار لک، لاري ڏيڻ سان ڪڏ تقصير جي معافي گهرڻائين، ۽ خان مذڪور

جي موڪل ملي.

۽ انهيءَ سال ۾ شاهه محمد خان قنڌاري، قنڌار سلطان حسين مرزا بن بهرام مرزا جي حوالي ڪري پاڻ هندستان، روانو ٿيو.

سن ٩٦٥ ھ ۾ خان جهان جو پيءُ ولي بيگ بکر ۾ آيو ۽ سلطان محمود خان ساڻس خصوصيت جو رستو رکي، ڏاڍي خوشي، ۽ دوستيءَ جي روش ورتي.

انهيءَ سال ۾ خانخانان بيرم خان جي عزيزياڻي گوهر تاج خانم بنت شاهه تردي بيگ، ولي بيگ جي ڪوشش سان سلطان، محمود خان جي نڪاح ۾ آئي، ۽ عجيب طريقو رٿي شهر ۽ بازار ۾ هڪ دستور سان قبا تيار ڪرايائون، ۽ متعدد مجلسون ڪري، قسمين قسمين حظ حاصل ڪيائون.

انهيءَ سال ۾ ظل الاهي شهنشاهه طهماسپ جي طرفان، خانيءَ جي خطاب، عَلم، نقاري، ڏهه هزاري جهنڊي ۽ سروپاءَ جي نوازش سان ممتاز ۽ سرفراز ٿيو.

سن ٩٦٥ ھ ۾ ملا محب علي درگاهه عالم پناهه ۾ ايلچي، ٿي ويو، ۽ بلوچن جي انتقال ڪري وڃڻ سبب آچ، ججو واهڻ ۽ پٽي واهڻ، سلطان محمود جي جاگير مقرر ٿيا.

جيئن ته سلطان محمود خان جي ماڻهن ۽ خان ناهر جي وچ ۾ مال جي ادائگيءَ [٢٢٣] ۽ ڏيتي ليتيءَ تان تڪرار ٿي پيو، تنهنڪري سلطان محمود خان سن ٩٦٦ ھ ۾ خان ناهر جي سيکت ۽ تنبيهه لاءِ سيتپور روانو ٿيو، ۽ سيتپور جي قلعي کي ڇهه مهينا گهيرو ڪيائين، جنهن ۾ ناهر خان جا گهڻا ماڻهو قتل ٿيا. جڏهن، قلعي وارا عاجز ٿيا، تڏهن سيادت پناهه خواجه ڪلان، مسڪين، مردودي، فضائل دستگاهه مولانا عبدالله مفتي ۽ مير يار محمد صدر جي سفارش تي ناهر خان ڪڇيءَ ۾ ترار لڙڪائي، قلعي جي، فصيل تي چڙهي، عاجزي ۽ نيزاري ظاهر ڪئي، ۽ چار لک، لاري ڏيڻ سان گڏ تقصير جي معافي گهريائين، ۽ خان مذڪور

نوازشون ۽ بادشاهي انعام ڪئي آيو. سلطان محمود خان استقبال ڪري انهن مهربانين سان مشرف ٿيو ۽ حق بردي بيگ کي هڪ سال پاڻ وٽ رکي ٻئي سال عمدا تحفا مهيا ڪري، سيد ابوالمڪارم سان گڏ عراق موڪليائين. شاهه طهماسپ وري ٻيو دفعو حق بردي بيگ کي مير ابوالمڪارم سان گڏ ڏياري موڪليو ۽ سلطان محمود خان کي ”خان خاني“ جي خطاب ۽ طرحين طرحين نوازشن ۽ مهربانين سان نوازيو.

٩٧٠ھ ۾ مرزا محمد صالح هڪ بلوچ هٿان زخم کائي شهد ٿيو، تنهنڪري انهيءَ سال مولانا عبدالله مفتيءَ ۽ مير عبدالمجيد کي مرزا صالح جي تعزيت واسطي مرزا عيسيٰ خان ڏانهن موڪلي، انهيءَ سان گڏ مرزا محمد باقيءَ جي گناهه معاف ڪرڻ لاءِ پڻ استدعا ڪيائين. مرزا عيسيٰ اهو عرض قبول ڪري شيخ عبدالوهاب ۽ مير يارمحمد ترخان کي سلطان محمود خان ڏانهن موڪلي، ڏاڍي نرمي اختيار ڪئي. موٽندي مولانا عبدالله آخرت جو سفر اختيار ڪيو. هنن ٻيارن جي بکر ۾ پهچڻ کان پوءِ سلطان محمود خان، مرزا محمد باقيءَ کي تمام عزت ۽ اڪرام سان روانو ڪيو.

٩٧٣ھ ۾ ارغون، مرزا عيسيٰ جا مخالف ٿي پيا. اٽڪل هڪ مهني مخالفت ۽ فساد ڪندا رهيا. نيٺ وڏيرن ۽ مکين، ماڻهن انهيءَ فتني کي ٽاري فساد جو غبار وهاريو، ۽ فيصلو ٿيو ته ڪي پرڳڻا ارغونن جي هٿ ۾ رهندا. دورياءَ ٽپندي مرزا محمد باقي آتش بازي ڇوڙي، جنهن ۾ انهن جا ڪيترا ماڻهو تلف ٿيا [٢٢٥] ۽ گهڻا جلاوطن ٿي، ڪيبڪ، عوض، شاهه منصور، تيمور ۽ مراد حسين سان گڏ بکر آيا. پهريائين ته اچڻ سان سلطان محمود خان هنن سڀني کي گرفتار ڪيو. آخر پنهنجي والده جي صلاح سان قيمتي پوشاڪون، عراقي گهوڙا ڏيئي، مهربانين ۽ نوازشن سان پيش آيو، ۽ انهن ماڻهن جي عرض تي پنهنجا ماڻهو ساڻن گڏ ڏنائين، جن وڃي سيوستان جي قلعي جو محاصرو ڪيو.

اٽڪل چار پنج مهنا ويٺا، پر ڪجهه نه ڪيائون. جڏهن پاڻيءَ جي اٿل آئي تڏهن مرزا عيسيٰ هڪ وڏي لشڪر سان اچي انهن کي ترڙي ڪڍيو. رفيان ڳوٺ جي سامهون ٻنهي ڌرين ۾ لڙائي ٿي، جنهن ۾ شڪست کائي سلطان محمود خان جا چڱا چڱا ماڻهو قتل ٿيا. مرزا عيسيٰ، درٻيلي جي سامهون ڪاهي هٺي ويٺو، ۽ ٻنهي طرفن ۾ خط و ڪتابت جاري ٿي ۽ هڪٻئي ڏانهن ڏک ڏوراڀي جا خط پٽ لکي نيٺ صلح جو فيصلو ڪيائون ۽ مرزا عيسيٰ جي دارفنا کان داربقا ڏانهن انتقال ڪرڻ ۽ مرزا محمد باقيءَ جو حڪومت جي گاديءَ تي ويهڻ پنهنجي جاءِ تي مذڪور ٿيو آهي.

## مٿئين ذڪر ڪيل حقيقتن جو تفصيل

## ناهيد بيگم جو پنهنجي والده جي ملاقات لاءِ اچڻ

هن کان اڳ ٿورو مذڪور ٿيو هو ته ماهه بيگم حضرت فردوس مڪاني بابر بادشاهه جي لشڪر جي هٿ چڙهي هئي، ۽ ڪيس ناهيد بيگم اتي ڇاڻي هئي. ماهه بيگم انهيءَ کي ڇڏي ڪابل کان پيچي قندار آئي. هميشہ جڏهن حضرت ظل الاهي، خلافت پناهي، جلال الدين اڪبر بادشاهه غازي، هندستان فتح ڪيو تڏهن ناهيد بيگم کي ٺٽي اچي پنهنجي ماءُ سان ملاقات ڪرڻ جو خيال پيدا ٿيو. حضور سان اجازت حاصل ڪري، ٺٽي اچي ماهه بيگم سان ملاقات ڪيائين. ۽ مرزا محمد باقيءَ سان پنهنجي ڌيءَ جو سنگ پڻ ڪيائين. سنديس اها ڌيءَ محمد باقيءَ جي پياءُ جان بابا جي راڻاهي واري جنگ ۾ مارجي ويئي، ۽ محمد باقي پنهنجي [٢٢٦] نياڻي ناهيد بيگم سان گڏي، درگاهه موليٰ ڏانهن موڪلي. ايتري ۾ ارغون باغي ٿي، ناهيد بيگم سان شامل ٿي، موٽي ٺٽي پهچي، محمد باقيءَ سان جنگ ڪري، شڪست کائي ٻکر آيا. محمد باقي، ماهه بيگم کي ڪوٺيءَ ۾ قيد ڪري سندس ان پاڻي بند ڪري ڇڏيو، جا نيٺ ان حالت ۾ دنيا کان گذاري ويئي.

سلطان محمود خان ناهيد بيگم کي چيو ته جيڪڏهن

منهنجي نالي فرمان آڻيندا ته مان توهان سان هلي، محمد باقيءَ
کان توهان جو انتقام وٺندس. ناهيد بيگم جڏهن درگاهه مولي
۾ پهتي تڏهن احوال ٻڌائي، سلطان محمود خان نالي پروانو
حاصل ڪري، ڪا ٻي مدد حاصل ڪرڻ کان سواءِ سلطان محمود
خان جي قول تي اعتبار ڪري، بکر رواني ٿي، ۽ محب علي خان
۽ مجاهد خان کي به عرض ڪيائين ته توهان پڻ ساڻ هجو.
حضرت ٻادشاهه سندن جاگير، ملتان جي آسپاس وارا ڳوٺ فتحپور
۽ ڪهرور، مقرر فرمائي، موڪل ڏني. ارغوني جماعت
جيڪا محمد باقيءَ کان پڇي سلطان محمود وٽ آئي هئي ۽ سلطان
محمود خان انهن کان بدگمان ٿي، ڪين بکر مان پيرين پياد و
ڪڍي هندستان جي موڪل ڏني هئي، سي ماڻهو محب علي خان،
مجاهد علي خان ۽ ناهيد بيگم سان رستي ۾ مليا. هنن کي جيئن
ته ٺٽي جو ارادو هو تنهنڪري هنن ٻن ٽن سون ارغونن کي
دلاسو ڏيئي پاڻ سان همراهه ڪيائون. هي خبر سلطان محمود
خان کي پهتي، ته جنهن صورت ۾ پاڻ هن جماعت کي ڪڍي
ڇڏيو هئائين، تنهنڪري اها خبر ٻڌي ڪاوڙيو. ايتري ۾
محب علي خان، مجاهد خان ۽ ناهيد بيگم جا خط پهتا ته اسان
توهان جي واعدي تي اچي رهيا آهيون، ۽ اٻاوڙي ۾ پهتا آهيون،
جو بکر کان چاليهن ڪوهن جي پنڌ تي آهي. سلطان محمود خان
ڪاوڙيو ۽ جواب ۾ سخت خط لکيائين. سلطان محمود خان جا
خط جيڪي محب علي خان، مجاهد خان ۽ ناهيد بيگم جي نالي
هئا، سي مطالع ڪري هنن کي ڏاڍو تعجب ٿيو ته اسان سلطان
محمود خان جي دليريءَ تي اعتبار ڪري حضرت شهنشاهه کان
مدد جي اجازت به ڪان ورتي ۽ هو پاڻ [۲۲۷] اسان سان هن
طرح پيش ٿو اچي. ساڻن جيڪي ماڻهو هئا تن کي ۽ ارغونن کي
گهرائي صلاح ڪيائون ته ڇا ڪرڻ گهرجي، ۽ سيني جي راءِ
ڪهرور موٽي وڃڻ ۽ حضرت جي خدمت ۾ عرضداشت موڪلي
ڪمڪ طلب ڪرڻ تي بيٺي. انهن ڏينهن ۾ قلچ بهادر اوزبڪ

ولايت کان آيو هو، انهيءَ کي به پنهنجو همراهه ڪيو هئائون. تنهن کان پڻ صلاح پڇيائون. هن چيو ته مان مسافر آهيان، جيڪا توهان جي صلاح ٿيندي مان تابع آهيان. مگر جڏهن وري زور ڏنائون تڏهن چيائين ته جيڪڏهن مون کان ٿا پڇو ته مان آهيان سپاهي، مون سان هڪ ٽولو همراهه ڪري ڏيو ته وڃي سلطان محمود خان جي لشڪر سان هڪڙي جنگ ڪريان، جڏهن مان ڪسي وڃان ته پوءِ توهان مونٽي وڃجو، جيڪڏهن فتح ٿئي ته پوءِ مقصد حاصل آهي. مجاهد خان به جنهن صورت ۾ مردانو مرد هو، تنهنڪري چيائين ته تمام چڱي ڳالهه، ٿا ڪريو، پڇريائين مان اتفاق ڪريان ٿو، ۽ اڳتي وڏان ٿو. اهڙيءَ طرح ارغوني جماعت مان پنجويهن ماڻهن هي فيصلو ڪيو ته اسان اڳتي وڌنداسون. اهڙيءَ طرح ٽيهن ماڻهن جو ٽولو جن لڙائي ڪرڻ جو اقرار ڪيو هو، سي مقدمه ٿيا، ۽ باقي رهيل هڪ سؤ ويهه ماڻهو پٺيان ٿيا ۽ اهو ئي فيصلو ڪري اباوڙي کان منزل پٽي ماٿيلي روانا ٿيا. سلطان محمود جو اٽڪل ٻه هزار لشڪر جو ماٿيلي جي قلعي ۾ سلطان محمود خان جي غلام مبارڪ خان سان هو، سو نڪري لڙائي لاءِ تيار ٿيو. هوڏانهن مجاهد خان انهي فيصلي موجب ٽيهن ماڻهن سان اچي سامهون ٿيو. مجاهد خان ۽ قلچ بهادر اڳواڻ ٿي ڪاهه ڪئي ۽ خوب مقابلو ڪيائون. آخر الله تعاليٰ کين فتح ڏني ۽ مبارڪ خان پڇي لشڪر سوڌو ماٿيلي جي قلعي ۾ آيو. مجاهد خان انهن ئي ٽورن ماڻهن سان فتح ڪئي ۽ ٻي جماعت تائين نوبت ڪانه پهتي. [آيت سڳوري] ”ڪم من فئة قليلة غلبت فئة ڪثيرة باذن الله“ جي مصداق هتي پوريءَ طرح ظاهر آهي. مبارڪ خان ماٿيلي جي قلعي ۾ قلعي بند ٿي [٢٢٨] سلطان محمود جي خدمت ۾ حقيقت حال عرض ڪئي. سلطان محمود خان ماٿيلي وارن جي مدد لاءِ ٻه ٽي هزار سوار زين العابدين سلطان سان گڏي موڪليا. جڏهن زين العابدين، لنجواريءَ ۾ پهتو، جو بکر کان ١٨ ڪوهه پري آهي، ته مجاهد خان کي خبر پهتي، ايتري ۾ سلطان

محمود خان جو هڪ عزيز ابوالخير گور، جو ڏاڍو همت وارو هو، ملتان کان اچي مجاهد خان سان مليو. جنهن کيس ڏيڍ سؤ سوارن سان زين العابدين سلطان جي جنگ لاءِ موڪليو. جنهن زين العابدين سلطان لنجواريءَ سان منزل پنڌ تي گهري، ته ابوالخير جي اچڻ جي خبر پهتي. هن پنهنجو خاص عملو لنجواريءَ جي قلعي ۾ ڇڏي ابوالخير جي لڙائي لاءِ هڪ ڪوهه اڳتي وڌي آيو، ۽ سندن وچ ۾ لڙائي ٿي، پر ابوالخير جي حملي ڪرڻ شرط زين العابدين سلطان جا ماڻهو ڀڄي ويا ۽ زين العابدين هڪ ٽوليءَ سان ڪجهه وقت بيهي لڙائي ڪئي. انهيءَ وقت سلطان محمود خان جو هڪ عزيز حيدر نالي خوب حملا ڪري ڪسي ويو. زين العابدين سلطان ڏٺو ته ساڄو کاٻو ۽ وچ جا گهڻا ماڻهو ڀڄي ويا آهن ۽ ساڻس گهڻ ڪري ڪونه رهيو، سو ڦري لنجواريءَ آيو، ۽ مجاهد خان جا ماڻهو عجيب فتح ڪري مرزا مجاهد خان وٽ آيا. هن شڪست کان ماٿيلي جي قلعي ۾ قلعي بند ٿيل ماڻهن جون دليون ٽٽي پيئون، ۽ پهرين صفر ۹۸۰هه ۾ مبارڪ خان پناهه گهري، قلعي مان نڪتو ۽ مجاهد خان قلعي ۾ اچي ماٿيلي پرڳڻي تي متصرف ٿيو.

متئين مهني جي ويهين تاريخ جناب نواب اعتماد خان، جو حضرت شهنشاهه جي طرفان سلطان محمود خان جي نياڻي وٺي اچڻ لاءِ مقرر ٿيو هو، بکر پهتو ۽ قيمتي بادشاهي سروپاءِ، ترار جو جڙاءِ دار پٽو، لغام ۽ هني سميت گهوڙو ۽ چار هاٿي پاڻ سان آندائين. سلطان محمود خان ڏاجي ۽ بادشاهه جي ڊولِ جهڙين

[۲۲۹] شين جي تياريءَ ڪي لڳي، قسمين قسمين قيمتي ڪپڙا، طرحين طرحين جواهر، سون ۽ هٿيار مهيا ڪري خوب تياري ڪئي، ۽ جشن ۽ خوشيءَ جو بند و بست رکي عام مجلس ڪري تمام گهڻو کاڌو پيتو، خلق کي کارايو ۽ پندرهن ڏينهن تائين دسترخوان ڪليل رکيائين. هر روز پنج سؤ ڊور بورچيخاني ۾ ڪم ايندا هئا. جنهن ڏينهن نڪاح جي مجلس ٿي، تنهن ڏينهن علماءِ، مشائخ ۽

وڏا ماڻهو گڏ ٿيا. هر هڪ کي مناسب تحفو پيش ڪيائين، ۽ خانسامان گهڻيون ئي لذيذ شيون تيار ڪري ديوانخاني جي صحن ۾ تقسيم ڪيون. اعتماد خان کي ٽيهه هزار روپين جو نقد ۽ جنس انعام ڏنائين. پنڌ رهين رجب سال هلند ڙ ۾ حرم محترم کي زين العابدين سلطان، نوروز خان ۽ ٻين اعتماد جوڳن ماڻهن ۾ عصمت پناهه پرده نشين عورتن سان گڏ، جيسلمير جي رستي کان روانو ڪيائين.

هي ماڻهو جيسلمير ۾ جڏهن پهتا ته انهن ڏينهن ۾ حضرت ظل الله، ناگور جي شهر ۾ تشريف فرما ٿي شڪار ۾ مشغول هو، ۽ مير محمد خان اتڪ، کي سروهي جي فتح لاءِ موڪلي خبرن جو انتظار ڪري رهيو هو. اوچتو هڪ راجپوت ايلچيءَ جي ويس ۾ مير محمد خان کي خنجر هڻي ڦٽي وڌو، جنهنڪري حضرت بادشاهه جلدي انهيءَ پاسي واڳون ورائي منزلون ڪندو گجرات جي فتح لاءِ روانو ٿيو.

هنن ماڻهن جي موڪلڻ کان پوءِ سلطان محمود خان، مبارڪ خان، جنهن جي حوالي ملڪ ۽ دولت جي ٻڌ ڇوڙ ۽ انتظام جون سموريون واڳون ڪري ڇڏيون هيائين، ان تي پورو اعتماد رکي ڪيس ڏيڍ هزار پوريءَ طرح هٿيار بند ۽ بهادر سوارن جو لشڪر ساڻ ڏيئي الور ۾ مقرر ڪيو ته جيئن آتي رهي مخالفت کي رفع دفع ڪري. پر جنهن صورت ۾ الله پاڪ جو ارادو سلطان محمود جي حڪومت جي ساڙيءَ ڍاهڻ سان تعلق رکي چڪو هو، تنهنڪري اهو لشڪر مخالفن سان متفق ٿي مخالف مقابلو ڪرڻ لڳو. [٢٣٠]

## تفرقو، پريشانيءَ ۽ سلطان محمود خان جي هن فاني دنيا مان جاوداني جهان ڏانهن لڏي وڃڻ جو بيان

هن پُر ملال جهان جو بقا ائين جلد زائل ٿيڻ وارو آهي، جيئن سڄ جي ڪمال ۽ عزت ۽ مرتبي جو سڄ جهرڻ جي آس وانگيان

بي بقا آهي. جڏهن الله تعاليٰ جي گهر ڪنهن حاڪم جي حڪومت جي فنا ٿيڻ سان تعلق وٺندي آهي تڏهن وڏي لشڪرسان سندس جٿاءَ هرگز نه ٿيندو آهي، ۽ جڏهن مالڪ الملڪ لايزال جو ارادو ڪنهن امير جي لشڪر کي ڇڙوڇڙ ڪرڻ جو هوندو ته باوجود صحيح عقلي تدبير جي به اهو بيهي نه سگهندو.

اذا ما ارادا لله تغيير دولته * فان قضاءَ الحق لا يدافع
فکيف بقاءَ الملک من دون حکمه * ولا ينفع التدبير والحکم قاطع.

[ڪنهن به دولت جو مٽائڻ ٿو جڏهن چاهي خدا،
پوءِ نه هلندو ڪوبه حيلو حق جي تقدير سان.
پوءِ خدا جي حڪم ريءَ ڪيئن ملڪ کي رهندو جٿاءَ،
جڏهن قاطع حڪم ٿو ٽاريو نه ٽٽي تدبير سان.]

هن جو مثال هيءَ آهي ته جڏهن بادشاهه قدير جي تقدير سلطان محمود خان جي دولت ۽ زندگانيءَ جي ڊهڻ سان متعلق ٿي، تڏهن گهڻا اسباب ۽ ماڻهن هوندي ... (۱)

زين العابدين سلطان ۽ نوروز خان کي، جي ملڪ جي ٽيڪ هئا، پنهنجي نياڻيءَ سان گڏي، درگاهه عالم پناهه ڏانهن رواني ڪرڻ کان پوءِ، پنهنجي حڪومت جي واڳ، مبارڪ خان ۽ سندس پٽ بيگ اوغليءَ جي هٿ ۾ ڏنائين. مبارڪ خان جي زال جا داناءَ عورت هئي سا به انهيءَ سفر ۾ خان جي نياڻيءَ سان همرڪاب هئي. بيگ اوغلي هميشه شراب ۾ مشغول هوندو هو، سو ڪن اوباش ماڻهن وٽس اچي ڪيس گمراهه ڪيو، ته سلطان محمود خان ٻڍو ٿي ويو آهي، جيڪڏهن اهو نه هجي ته ضرور توهان ئي ملڪ ۽ مال جا مالڪ ٿي وڃو. مطلب ته هن نمڪ حرام ٿي، پنهنجي مالڪ جي قتل ڪرائڻ جو ارادو دل ۾ ڌري سلطان محمود خان جي ڪن نوڪرن کي پاڻ سان متفق ڪيو.

هن ڳالهه کي جڏهن ڪجهه ڏينهن گذريا ته هيءَ خبر مشهور ٿيڻ لڳي. سلطان محمود خان جي تمغاچيءَ نالي هڪ هندو

(۱) هتي سيني نسخن ۾ خال آهي. (مترجم)

ملازم بيگ اوغليءَ جي خيانت ۽ دست درازيءَ [٢٣١] جو احوال سندس حضور ۾ عرض ڪيو. بيگ اوغليءَ پڻ هيءَ خبر پڌي. شام جي نماز وقت خواجه خضر جي دروازي کان، جو سندس نگرانيءَ هيٺ هو، پنهنجي زال ۽ پٽ وٺي ٻاهر نڪري، راتو واهه وچي الور ۾ مبارڪ خان سان گڏيو. ڪيس اٿين ٻڌايائين ته سلطان محمود خان تنهنجي ۽ منهنجي ڪُهڻ جو ارادو ڪيو آهي. مون کي خبر پيئي سو مان نڪري آيس، تنهنڪري پنهنجي آزاديءَ جو فڪر ڪرڻ گهرجي. اها رات هيءَ بد بخت سپاهين جا دفعا گهرائي، سلطان محمود خان جي مخالفت جي ترغيب ڏيندو رهيو. مبارڪ خان جو ارادو هو ته پاڻ ٻار ٻچن سوڌو ناگور پهچي، اتان حضرت شهنشاهه جي ملازمت ۾ حاضر ٿئي. مگر ڪن ماڻهن کيس برغلايو ته ماڻهو سڀ توهان سان متفق آهن، تنهنڪري توهان کي هتان سوار ٿي، بکر وڃي حڪومت جون واڳون هٿ ۾ وٺڻ گهرجن. انهيءَ ڏي صبح جو مبارڪ خان دماما وڄائيندو روهڙيءَ ۾ اچي لشڪر جون صفون سينگاري، قلعي جي سامهون ٿي بيٺو. سلطان محمود خان، مبارڪ خان ڏانهن پروانو لکيو ته توکي ۾، سؤ ڪارن ليرن ۾ خريد ڪري هن درجي تي پهچايم ۽ هاڻي نمڪ حرام ٿو ٿين؟ بهتر آهي ته پنهنجي تقصير کان معافي وٺي حرمين شريفين جو رستو وٺي وڃ. بيگ اوغليءَ نامناسب جواب لکي موڪليو، پر ٿوريءَ گهڙيءَ کان پوءِ سلطان محمود خان جا ملازم کانئس جدا ٿي درياءَ جو ڪنارو وٺي قلعي ڏانهن هلڻ لڳا، ۽ هو پاڻ پريشان ٿي گجرات جو ارادو ڪري الور ويو ۽ ڪجهه لشڪر ساڻس گڏ الور هليو.

تاريخ ٢٢ رجب سن ٩٨٠ هجريءَ ۾ بيگ اوغلي ڪي ماڻهو ساڻ ڪري محب عليءَ خان ۽ مجاهد خان وٽ وڃي سلطان محمود خان جي مخالفت ۽ سندن موافقت ظاهر ڪئي. مجاهد خان انهيءَ صبح جو سوار ٿي پنهنجا ماڻهو ساڻ ڪري روهڙيءَ روانو ٿيو. هو ڏانهن مبارڪ خان سندس استقبال لاءِ نڪتو. ٻنهي لشڪرن

ايلچيءَ خواجه محمد رحيم سلطان سان ٻکر آئي هئي، سا پڻ قلعي کان نڪري سامهون ٿي. سلطان محمود خان پنهنجي پاڻ امير سلطان جي برج تي چڙهي ويٺو، جو اپرندي طرف هو. مجاهد خان سپاهين جو هڪ ٽولو وٺي صف جي وچ تي ڪاهيو، ۽ لڙائي ڇڙي. ٻکر جي لشڪر کي سردار ڪونه هو، ۽ ٻکر جي ڪيترن جوانن پڻ همت ڪري اتي پهچي خوب حملا ڪيا. پر جيئن ته ٻخت ساٿي نه هو، تنهنڪري نيٺ شڪست کائي ڀڳا، ۽ ڪيترا ماڻهو جنگ جي ميدان ۾ قتل ٿيا. سلطان محمود خان هي جنگ ڏسڻ کان پوءِ قلعي بند ٿي ويهڻ جو فيصلو ڪري، قلعي جي اوزارن ۽ هٿيارن سان جنگ ڪرڻ لڳو. جڏهن قلعي بند ٿيءَ کي گهڻو وقت گذريو، تڏهن ماڻهن ۾ بيماري پکڙي ۽ اڪثر ماڻهو بستري داخل ٿيا ۽ عدم جو رستو وٺي روانا ٿيا. پوءِ جڏهن قلعي ۾ گندگي ۽ سخت بيماري پيدا ٿي، تڏهن وقت جي مصلحت خاطر ڪن ماڻهن کي ٻاهر وڃڻ جي اجازت ڏنائون. کاڌي ۽ ضروري شين جي پڻ عجيب تنگي پيدا ٿي، ۽ حالت هن حد کي پهتي، جو گوشت ۽ گيهه جو سير ٻن روپئين ۽ سڄيءَ جو سير ٽيهن ٽڪن کي وڃي پهتو. ٻئي طرف مبارڪ خان، بيگ اوغلي ۽ مناج خان، جي فساد جي جڙ هئا، سي محب علي خان جي نوڪرن هٿان نهايت بري نموني برباد ٿيا.

سلطان محمود خان جا ماڻهو جڏهن اجمير ۾ حضرت جي خدمت ۾ حاضر ٿيا، ۽ حرم وارن سميت تحفا پيش ڪيائون، تڏهن اهي حضور کي ڏاڍا پسند آيا، ۽ قبول پيا. ۽ ٻکر جي حڪومت جو فرمان سلطان محمود جي نالي مير جي تواچيءَ هٿان جاري ڪري موڪليائون. محب علي خان ۽ مجاهد خان فرمان عاليشان کان انحرافي ڪري حڪم جي ابتڙ عمل ڪيو، ۽ مير جي تواچي پڻ قلعي ۾ بند رهيو.

رجب سن ٩٨٠ هجريءَ جي ابتدا کان وٺي رمضان ٩٨٢ ھ تائين سلطان محمود خان، جلندر جي بيماريءَ ۾ مبتلا رهيو، ۽

کو علاج معالجو ڪارگر نہ ٿيو. لاچار موت قبول ڪري، [٢٣٤]عالمپناھہ جي دربار ۾ عرضداشت موڪلي، ڪنهن گماشتي موڪلڻ لاءِ استدعا ڪيائين تہ قلعو انهيءَ جي حوالي ڪري.

قلعي جي مالڪ ۽ قلعي وارن جي حالت تمام تنگ ٿي، تہ انهن ڏينهن ۾ مير ابوالخير جنهن جي گهر ۾ سلطان محمود جي همشيرہ هئي، ٿيهن سوارن سان سيتپور جي رستي کان گنجابي ويو ۽ وڃي ڪجهہ ٿورو گهڻو سامان هٿ ڪيائين. مجاهد خان، هن جي اچڻ کان گهٽتيءَ ۾ پئجي، بکر جي مهم کان هن جو ٽارڻ زياد ہ ضروري سمجهي، محب علي خان کي قلعي جي چوڌاري ڇڏي، پاڻ هن ڏانهن متوجهہ ٿيو. مجاهد خان جي ماءُ صايہ بيگم ظلم شروع ڪري ڏنو. جيڪو بہ بيمار قلعي کان ٻاهر ٿي نڪتو، تنهنجو پيٽ ڦاڙي سون جي تلاش ٿي ڪيائين. قلعي وارن جڏهن هي حال ڏٺو، تڏهن قلعي اندر مرڻ بهتر ڄاڻي صبر ڪري ويهي رهيا. سلطان محمود جو مرض جيئن تہ روز بروز وڌندو ٿي ويو، تنهنڪري ڪيس ڪنهن طبيب چيو تہ هن پريشانيءَ جي حالت ۾ شراب مفيد آهي، سو انگوري شراب هٿ ڪرڻ گهرجي. عالمن ۽ بزرگن کي سڏي چيائين تہ چاليهہ سال ٿيا آهن، جو مون شراب کان توبهہ ڪئي آهي، دينئر پڻ دي ڪم نہ ڪرڻ بهتر ٿو ڄاڻان. جڏهن مرض سخت ٿي ويو، هٿ پير سُڄي ويا ۽ سوڄ دل جي سري تائين وڃي پهتي، تڏهن ٨ صفر ٩٨٢ ھہ، تي چنچر ڏينهن منجهند جو هن عالم فانيءَ کان جهان جاودانيءَ ڏانهن رحلت ڪري ويو.

هيءَ خبر محب علي خان ٻڌي، لشڪر گڏ ڪري، ٻيڙين ۾ سوار ٿي، قلعي جي چوڌاري آيو. قلعي وارن مرسي ڪري خوب جنگ ڪري کيس هٽائي ڪڍيو. اميرن، سيدن، عالمن، مشائخن ۽ وڏيرن هن ڳالهہ جو قسم کنيو تہ قلعو محب علي خان ۽ مجاهد خان کي نہ ڏيندا ۽ درگاهہ مان جيڪو بہ [٢٣٥] ماڻهو ايندو تنهنجي حوالي ڪندا. جڏهن هن ڳالهہ تي اتفاق ٿيو، تڏهن خزاني مان

سپاهين کي پگهارون ڏيئي قلعي جي حفاظت ۾ سر ڏڙ جي بازي لڳايائون. جيستائين ٻارهين جمادي الاول ٩٨٢ ھ سومر ڏينهن گيسو خان بکر ۾ آيو. جڏهن هو قلعي کان ڏهن ڪوهن تي پهتو، ته محب علي خان غراب ۽ ٻيڙيون موڪليون ته ڪيس اوڏانهن وڃڻ کان روڪي، روهڙيءَ وٽي اچڻ ۽ ملاقات ڪان پوءِ جهڙو اتفاق ٿئي ... (١) گيسو خان قلعي جي اميرن ڏانهن ماڻهو موڪليو، جن درياهه جون ٻيڙيون سينگاري استقبال تي موڪليون، ۽ هو جنگ ڪندو شهر ۾ آيو. ۽ جڏهن گيسو خان قلعي ۾ آيو تڏهن شهر بکر جي ماڻهن جي چهري تي روز بروز تازگيءَ جا نشان ظاهر ٿيندا ويا. هوڏانهن مجاهد خان گنجابي جو قلعو صلح سان هٿ ڪري، ڪن فدائين جي چرچ تي مير ابوالخير کي قتل ڪرائي ڇڏيو هو. ايتري ۾ گيسو خان جي بکر جي قلعي ۾ اچڻ جي خبر ٻڌائين ۽ ڏڪڙو ڏڪڙو واپس وريو. باقي احوال چوٿين حصي ۾ پنهنجيءَ جاءِ تي مذڪور ٿيندو. انشاءَ الله تعاليٰ.

## بکر جي حاڪم سلطان محمود خان جي صفتن جو ٿورو بيان

سلطان محمود خان مختلف صفتن جو جامع هو. پورو بهادر ۽ ڏاڍو سخي هو. ننڍپڻ کان وٺي انتقال جي ڏينهن تائين دولت ۽ فراغت ۾ گذاري، سخاوت جو حق بجا آڻيندو رهيو. سندس همت مشهور آهي. سندس مزاج تي تڪائيءَ جو غلبو هو، جڏهن ڪاوڙبو هو ته پاڻ کي ضابطي ۾ نه رکي سگهندو هو. خونريزيءَ کان ڪوبه ملاحظو نه ڪندو هو، بلڪ ڏوري وهم ۽ بدگمانيءَ تي ماڻهن جو گهر ٻار برباد ڪري ڇڏيندو هو. پاڻ اگرچ ظلم ڪندو هو پر ٻين جي ظلم جو روادار نه هوندو هو. سپاهي، اما خواه رعيت سندس حڪومت جي عرصي ۾ آسودا هئا. قرآن شريف

(١) هتي اصل متن ۾ خال آهي. (مترجم)

جا هڪ هزار هڪ ختما پورا ڪيا هئائين. بکر شهر ڪي سهڻي ڍزائين تي انتظام سان سينگار يائين. هن بختاور جي ولادت [۲۳٦] ۸۹۸ هجريءَ ۾ ٿي هئي، ۽ ۸۴ سالن جي عمر ۾ رحلت فرمايائين. راقم الحروف سندس تاريخ "در بهشت آسود" ۹۸۲ ھ لڌي آهي. هن کي جذبي جي اهڙي ته حالت پيدا ٿي هئي، جوانهيءَ حالت ۾ اڪثر وقتن تي مرزا شاهه حسن جي حڪم سان سندس پيرن ۾ زنجير وجهي ڇڏيندا هئا ۽ هو پاڻ کي، انهن زنجيرن سوڌو، مرزا شاهه حسن جي ديوانخاني واري برج جي سامهون، جتان خطرناڪ ڪُن آهي، پاڻي جي اٿل ۾ ڪُني ڦٽو ڪندو هو، ۽ درياهه جي ٻئي ڪپ کان پيگل ٽڪريءَ جي سامهون پاڻيءَ مان نڪري ايندو هو. هيءَ ڳالهه ماڻهن جي ڏٺل هئي.

## سلطان محمود خان سان حڪومت واري عرصي ۾ همعصر عالمن ۽ سيدن جو ذڪر

۱- شاهه قطب الدين محمدابن شاهه محمود بن شاهه طيب هروي جو بيان: گهڻو وقت شيخ الاسلاميءَ جي سڳوري عهدي تي فائز رهيو. هن سڳوري جو ذڪر مرزا شاهه حسن جي معاصر بزرگن ۾ ٿي چڪو آهي.

۲- مير سيد صفائي بن سيد مرتضيٰ الحسيني الترمذي: نقابت ۽ ڪثرت ذوق جي صفت سان موصوف هو، ۽ سخا ۽ احسان جي گهڻائيءَ ۾ مشهور. هميشه عالمن فاضلن سان محبت رکندو هو ۽ مسافرن خواه پاڙيسري سندس احسان جي دسترخوان مان فاعدو وٺندا رهندا هئا، ۽ هميشه "التعظيم لامرالله و الشفقة عليٰ خلق الله" جي مقتضا موجب عمل ڪري محتاجن ۽ زيردستن جي امداد ۾ خداڪارڻ گهڻي ڪوشش ڪندو هو. شاهه قطب الدين جي فوت ٿيڻ کان پوءِ شيخ الاسلاميءَ جي عهدي تي فائز ٿيو ۽ ڪيترا سال مستقل طور گذاري، ذيقعده ۹۹۱ ھ ۾ عالم آخرت ڏانهن روانو ٿيو.

شاه قرشي (١) سيد صفائي کافراحت فلک لوائے نورش
تا گاه ازين جهان فاني، افتاد به آن جهان عبورش،
تاريخ چو جستمش زنامي، گفتا "پرنور باد گورش" [٢٣٧]
[شاه قرشي صفائي سيد رسيو فلڪ تي جنهن سندو نور،
ناگه چڏيائين جهان فاني، ويو ٻئي جهان ڏي ٿيندي مسرور،
نامي کان پڇيسون جڏهن تاريخ، چيائين نور هجي سندس گور.]

جامع مسجد جا سندن جڳهه، جي پرسان واقع آهي سا انهيءَ احسان جي ڪاڻ جي نيشاني آهي.

٣- شيخ مير غورساني جو بيان: شيخ رڪن الدين علاؤالدوله سمناني جي اولاد مان هو ۽ شيخ عبدالوهاب پورانيءَ جي همشيره، شيخ جي نڪاح ۾ آيل هئي. نهايت خوش طبع ۽ لطيف گو هوندو هو، ۽ موسيقي جي علم جي ڏاڍي واقفيت هيس. سلطان محمود خان جي حڪومت جي اوائل ۾، هو ٺٽي کان بکر ۾ آيو. ٻه سال گذاري هندستان وڃڻ جو ارادو ڪيائين. سن ٩٨٠ ھ جي اخير ۾ هندستان ۾ گذاري ويو.

٤- مولانا عبدالله مفتيءَ جو ذڪر: اصل ۾ ملتاني هو، ملتان جي واقعي کان پوءِ بکر آيو. ديني ۽ يقيني علمن جي سيکارڻ جي مشغولي رکندو هو. حقيقت ۾ مولانا عقلي علمن ۾ وڏي قابليت جو مالڪ هو. مولانا جي طبع جي تيزي ۽ ذهن جي نزاڪت تمام بلند هئي، ۽ سهڻي صورت ڏانهن شوق جي ڪشش ۽ اندر جي شورش پڻ رکندو هو. بزرگن جي مزارن جي زيارت تي هميشه ويندو هو. سن ٩٧٠ ھ ۾ طبعي موت وگهي گذاري ويو.

---

(١) اصل متن ۾ لفظ قريشي آهي جو مصرع کي وزن مان ڪڍي ٿو ڇڏي. خود سيد صفائي جي تربت تي به قرشي "ي" کان سواءِ آهي. عرب پڻ قريش ڏانهن نسبت ڪرڻ وقت قرش چوندا آهن. (مترجم)

٥- قاضي دائود جو بيان: اصل فتحپور جو هو، جا سيوي‌ءَ
جي پسگردائي‌ءَ ۾ آهي. سلطان محمود خان جي حڪومت جي اوائل ۾
بکر شهر جي قضا جو عهدو قبول ڪري، شرعي مقدمن جا فيصلا
ڪندو هو. في‌الحقيقت هو صاحب پنهنجي زماني جو يگانو هو.
نهايت ديانتداري، امانت، پرهيزگاري ۽ درويشي‌ءَ جو مالڪ هو.
ڪنهن ڏر ڏانهن لاڙو يا چشم پوشي ڪانه ڏيکاريائين. شريعت
۽ تقويٰ جو نهايت پابند هو. شوال سن ٩٨١ هه ۾ بکر جي ميدان
۾ وفات فرمايائين. (١)

٦- مير محمود پوراني‌ءَ جو بيان: بلند اقبال سيدن مان
هو. پهريائين هرمز جي رستي کان ٺٽي پهچي، شيخ بايزيد پوراني‌ءَ
جي پاڪدامن نياڻي‌ءَ [٢٣٨] سان شادي ڪيائين. پوءِ بکر اچي
سڪونت اختيار ڪيائين. نهايت زهد ۽ تقويٰ جو مالڪ هو.
هميشه گوشه نشين رهندو هو، ۽ ماڻهن سان آمد رفت ڪانه هوندي
هيس. ڪڏهن ڪڏهن عيدن جي ڏينهن ۾ وڏين مجلسن ۾
سلطان محمود خان جي اميرن جي ملاقات لاءِ ايندو هو. سن
٩٧٧ هه جي اوائل ۾ دارالفنا کان دارالبقا ڏانهن روانو ٿيو.

٧- مير ابوالمڪارم ولد مير غياث‌الدين محمد سبزواري
جو ذڪر: مرزا شاهه حسن ۽ سلطان محمود خان جي اميرن جي
سلسلي ۾ داخل هو. سلطان محمود خان هن کي عراق جي بادشاهه،
شاهه طهماسپ ڏانهن ايلچي ڪري موڪليو هو، ۽ شاهه کان
"سلطاني" جو خطاب عطا ٿيو هوس. نهايت خوش طبع، علمي
ڪمالات سان سينگاريل هو. طبع موزون هيس.

٨- مير يونس محمد ارغون جو بيان: ابتدا ۾ جنت
آشياني محمد همايون بادشاهه ۽ محمد زمان مرزا جي ملازمت ۾
هو. انهي‌ءَ کان پوءِ مرزا شاهه حسن ۽ سلطان محمود خان جي
اميرن جي لڙهي‌ءَ ۾ پوئجي ويو. ترڪي ۽ فارسي شعر چڱو

(١) لفظي ترجمو: سندس حياتي‌ءَ جي دستاويز تي موت
جي مهر لڳائي ويئي. (مترجم)

چوندو هو. آخر عمر ۾ قناعت ۽ گوشي نشيني اختيار ڪيائين. سن ۹۸۵ هه ۾ عالم فانيءَ کي الوداع ڪيائين. وفات کان ٻه ڏينهن اڳ پنهنجي وفات جي تاريخ لڌائين، ته:

"رستم از قيد اين و آن اي دل".

۹- ذڪر مولانا يار محمد عرف مولانا ياري: مولانا هرات جو هو. نهايت خوشطبع ۽ بلاغت ۾ نهايت ڪمال کي پهتل هو. انشاءَ جي فن ۾ پنهنجي وقت جو بينظير هو. شعر سٺو چوندو هو. سندس شعرن مان هڪڙو هي آهي:

"گجرات خوش د ياري اما بشرط ياري،
بي يار چون توان بود در اين چنين دياري".
[گجرات ملڪ سٺو پر شرط آهه هجي يار،
بي يار آهه مشڪل گهارڻ گهڙي انهيءَ پار.]

سلطان محمود خان کيس ايلچي بنائي درگاهه معليٰ ۾ موڪليو، پر جڏهن [۲۳۹] ڪم نه ڪري سگهيو تڏهن اتان موٽي سيتپور ۾ سڪونت ڪيائين، ۽ اتي ئي فوت ٿيو.

۱۰- ذڪر مخدوم قاضي عثمان دربيلي: نقلي ۽ رواجي علمن جي سيني قسمن ۾ پوري مهارت هيس. هميشه علمن جي پاڙهڻ ۽ فائدي ڏيڻ ۾ مشغول رهندو هو. سهڻن اخلاقن ۽ وڏيل صفتن سان موصوف هو. علم جي ڪمال ۾ وڏيءَ عمر هوندي به، منجهس تواضع ۽ ڪسرنفسي جو گڻ هو. دنياوي ڳالهين سان قطع تعلق جهڙو کيس حاصل هو، تهڙو سندس هم عصرن مان ڪنهن ۾ ڏسڻ ۾ نٿي آيو. في الواقع تعلق "ترڪ ما في ايدي الناس" تي عمل ڪري ڪنهن به ماڻهو کان ڏورو يا گهڻو نذر خواهه بخشش قطعا قبول نه ڪندو هو. فاضلن ۽ طالبن جي جماعت هميشه وٽس رهندي هئي، جن جي مهماني جو انتظام جيئن جڳائي، تيئن ڪندو هو. مخدوم جي وفات ۱۰۰۲ هه ۾ ٿي.

۱۱- مخدوم عباس هڪورچائي جو بيان: مخدوم صاحب اصل پاٽ جو وينل هو. ۹۴۷ هه جي اوائل ۾ هڱورچن ۾ تشريف

فرمائي اچي رهيو. علم تفسير، حديث، فقه ۽ ٻين علمن ۾ ڪمال مهارت هيس. مسئلن جي تحقيق ۽ تدقيق تمام پوري ۽ ڪامل نموني ۾ ڪندو هو. زهد ۽ تقويٰ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. رات ۽ ڏينهن جي هر وقت ۾ قسمين قسمين عبادتن ۾ مشغول رهندو هو. حديث جي پڙهڻ وقت نياز ۽ نئڙت ڪندو هو. قال رسول الله صلي الله عليه وسلم چوڻ وقت بي اختيار ٿي ويندو هو، ۽ سندس اکين مان ڳوڙها وسندا هئا. [۲۴۰] جنهنڪري ٻڌندڙ کي حديثن جي ٻڌڻ جي طاقت نه رهندي هئي. مولانا بلند مرتبي جو مالڪ هو. ۱۴ شعبان ۹۹۸ هه ۾ عالم آخرت ڏانهن روانو ٿيو. سندس عمر ۹۶ ورهيه هئي.

۱۲- مولانا ابراهيم ولد مولانا جمال الدين مفتيءَ جو ذڪر: نهايت زاهد، عابد ۽ گوشه نشين هو. فقه جي علم ۾ سندس مٽ ڪونه هو. اڪثر فتويٰ پڇندڙ پنهنجن دستاويزن کي سندس فتويٰ لکڻ سان زينت ڏيکاريندا هئا. مولانا نهايت تقويٰ ۽ پرهيزگاريءَ سان موصوف هو. ۽ ۹۸ ورهين جي ڄمار ۾ عالم عقبيٰ ڏانهن رحلت ڪري ويو.

۱۳ - مولانا قاسم ديوان جو ذڪر: ابتدا ۾ مخدوم ميران جي خدمت ۾ رهي علم جي تحصيل ڪري، مطول پڙهي، ولايت روانو ٿيو ۽ مولانا محمود سرخ جي مدرسي ۾ پهچي، سندس خدمت ۾ رهي معقول ۽ منقول علم پڙهي سنڌ ۾ آيو. ڪيترو وقت درس ڏيڻ ۾ مشغول رهيو. سلطان محمود جنهن وقت سيوهڻ جي حڪومت تي مقرر ٿيو هو ته مولانا کي گڏ هلڻ جي تڪليف ڏيئي مولانا جي خدمت ۾ قرآن شريف ۽ ڪي ٻيا ڪتاب پڻ پڙهيائين. مولانا بکر ۾ علمن جي اشاعت ۾ مشغول رهيو. مولانا قاسم جي وفات ۹۷۷ هه ۾ ٿي.

## سلطان محمود خان جي حڪومت پوري ٿيڻ کان پوءِ سنڌ ملڪ جو درگاهه جي غلامن جي تصرف هيٺ اچڻ، ۽ انهن حاڪمن جو بيان، جي وقت بوقت بکر جي حڪومت تي مقرر ٿيندا آيا

مٿي لکي آيا آهيون ته ڪيسو خان ١٢ جمادي الاول سن ٩٨٢ هه ۾ بکر ۾ آيو، ۽ فرمان عاليشان جاري ٿيو ته بکر جو ملڪ اڌو اڌ ڪري، محب علي خان ۽ مجاهد خان کي ڏيئي، لٺي جي فتح ڏانهن رخ ڪري، محمد باقي ترخان کي هٿ ڪيو وڃي. انهيءَ وقت مجاهد خان گنجابي ملڪ ۾ هو. جڏهن گيسو خان جي بکر جي قلعي ۾ اچڻ جي خبر ٻڌائين ته تمام تڪڙو بکر روانو ٿيو. مجاهد خان جي پهچڻ کان اڳ ۾ گيسوخان سکر شهر جي خالي ڪرائڻ جو ارادو ڪيو، پر مجاهد خان جي ماڻهن مجاهد خان جي اچڻ تائين [ائين ڪرڻ] موقوف رکيو، جا ڳالهه گيسو خان قبول نه ڪري، سکر ڏانهن لشڪر موڪليو. مجاهد خان جي وڪيل، وڪيل خان انهيءَ پٽ جي آڙ ورتي لڙائي ڪئي، جا سکر جي چوڌاري ڪنڌين هئائون، ۽ ٻنهي طرفان کي ماڻهو قتل ۽ گهڻا ماڻهو زخمي ٿيا. هن واقعي کان ٽي ڏينهن پوءِ مجاهد خان اچي پنهنجا ماڻهو روهڙيءَ وٺي ويو، ۽ سکر جو سڄو پاسو گيسو خان جي هٿ هيٺ ڇڏيائين. اگرچ روهڙيءَ جو طرف ۽ بکر جو پرڳڻو محب علي خان ۽ مجاهد خان جي تصرف هيٺ هو ته به جيڪي ماڻهو گڏ ٿيا هئا، سي دلشڪستا ٿي پيا.

ايتري ۾ کي ارغون پڇي بکر آيا، جن کي گيسو خان شاهه بابا ولد جان بابا ترخان جي چرچ تي، قتل ڪرائي ڇڏيو. گيسو خان [٢٤٢] تندمزاج ۽ شوخ طبع ماڻهو هو. هڪ ڏينهن يحييٰ تواجي تي عام مجلس ۾ سختي ڪري سنڌ مس پيرن ۾ بيڙيون

وڏائين. ٻن مهينن کان پوءِ جڏهن مجاهد خان محب علي خان کي عيال ۽ اطفال جي سنڀال لاءِ پوئتي ڇڏي ٺٽي فتح ڪرڻ ڏانهن متوجهه ٿيو ۽ راڻيپور ۾ لشڪر تيار ڪرڻ لاءِ ڪجهه ڏينهن ترسيو ته گيسو خان بکر وارن جي ڇورڻ تي روهڙيءَ تي حملو ڪرڻ جو خيال رکي، جمع ڏينهن ٢٠ رمضان سن ٩٨٢هه ۾، پنهنجو لشڪر ٻه حصا ڪري، ٻاڻيءَ سان لنگهايو: هڪ حصو شهر جي باغ جي سامهون روهڙيءَ ڏانهن متوجهه ٿيو ته ٻيو حصو وري ٻيڙين ۽ غرابن ۾ ويهي، جنگ ۽ آتشبازيءَ لاءِ تيار ٿي، خواجه خضر جي آستاني جي سامهون اچي لنگهيو. محب علي خان جا ماڻهو، سوار ٿي عيدگاهه جي طرف ڏانهن نڪتا، ته اوچتو درياءَ وارن ماڻهن غرابن سان نڪري مجاهد خان جي ٻيڙين کي باهه ڏني. جڏهن باهه جا شعلا بلند ٿيا تڏهن اهي سوار جي ٻاهر نڪتا هئا، سي ڦري پنهنجن گهرن ڏانهن روانا ٿيا. ايتري ۾ گيسو خان جي سوارن اڳتي وڌي آتشبازيءَ جون ديون شهر ۾ اڇليون، ۽ هر جڳهه باهه ڀڙڪڻ لڳي. محب علي خان سوار ٿي ڀڄي ويو ۽ بکر جو لشڪر روهڙيءَ جي چئن طرفن کان داخل ٿي، ڦر لٽ ڪري ٿيهريءَ تائين شهر کي برباد ڪري محب علي خان جو علم ۽ نقارو هٿ ڪري قلعي ۾ ڪٽي ويو. مجاهد خان هن خبر پهچڻ تي يلغار ڪري روهڙيءَ آيو. ارمان ۽ افسوس ڏاڍو ٿيس پر بادشاهي ملاحظو ڪري گيسو خان کي هٿ نه لاتائين ۽ گيسو خان بکر جي قلعي ۾ بي اعتدالي شروع ڪري ڏني. عالم پناهه جي درگاهه ۾ سنڌ س ٿورو احوال پهتو، تنهنڪري ملڪ جي نگراني نواب ترسون محمد خان جي حوالي ٿي. محرم سن ٩٨٣هه جي اوائل ۾، محمد طاهر خان ولد شاهه محمد سيف الملوڪ، محمد قاسم خان ۽ مرزا محمد سلطان، روهڙيءَ جي شهر ۾ منزل ڪري، بکر جي جاگير متعلق فرمان عاليشان جو نقل گيسو خان ڏانهن بکر موڪليو. ڀهريائين [٢٤٣] ته انڪار ڪرڻ لڳو ۽ انهن ماڻهن کي بيڪار رکيائين، پر جڏهن وچ ۾

ڳالھ ٻولھ ھلي، تڏھن گيسو خان سيادت پناھ سيد صفائيءَ ۽ بکر جي سيني مخدومن کي طاھر خان، قاسم خان ۽ مرزا محمد خان کي نصيحت ڪرڻ لاءِ موڪليو. خانن ته مخدومن کي خدا ڪان ڏي گھريو، سو سيني کي ڀاڻ وٽ رھايائون ته حقيقت حال جيئن آھي تيئن ياداشت جي صورت ۾ تيار ڪري عالم پناھ جي درگاھ ۾ موڪلين. ڀھريائين تہ مخدومن انڪار ڪيو ۽ معافي گھري ته اسين ياداشت تڏھن لکنداسون، جڏھن ٻئي ڌريون حاضر ھونديون. تنھن تي خانن فرمايو تہ گيسو خان جا وڪيل حاضر آھن، انھن جي روبرو صرف سچا واقعا لکو، وڌيڪ ٻي ڪابہ تڪليف ڪانہ ڏيون. جڏھن مخدوم معاملي ۾ شروع ٿيا ۽ گيسو خان ڏٺو تہ ڪم خراب ٿو ٿئي ۽ ھي ياداشت بربادي ءَ جو باعث ٿيندي ۽ تنھنڪري مجبور ٿي ماڻھو موڪليائين تہ آءٌ قلعو ڏيان ٿو، اوھان ياداشت نہ موڪليو. خانن جوائي موڪليو تہ اسان ياداشت لکائي رکون ٿا، جيڪڏھن تون قلعو نہ ڏيندين تہ پوءِ مھرون ھڻائي حضور ۾ موڪليندا سون. گيسو خان مجبور ٿي مٿين خانن کي قلعي ۾ آندو.

شاھي حڪم صادر ٿيل ھو تہ گيسو خان، ترسون خان جي پائرن ۽ ٻين سيدن ۽ بزرگن سان گڏ سلطان محمود خان جي خزاني ۽ ڪارخاني جي سيني جڳھن جو تحقيق ڪري، ھنن سيني ماڻھن جي مھر سان مفصل ڪاغذ تيار ڪرائي درگاھ ۾ موڪلي. حڪم موجب خزاني جو تحقيق ڪيو ويو. سلطان محمود خان جي حرمسراءِ جا ماڻھو پڻ حڪم موجب درگاھہ ڏانھن تيار ٿيا. خان جھان جي ھمشيرھ جا سلطان محمود خان جي پٽ راڻي ھئي سا حڪم موجب لاھور رواني ٿي. ايتري ۾ خواجہ سراءِ، راءِ سنگ درباري ۽ منشي ٻنوليداس بہ خزاني جي تحقيق ۽ سلطان جي حرمن جي رواني ڪرڻ لاءِ آيا. روھڙي ۾ ٻيھر خزاني جي ڇڪاس ڪري، ساڳئي سال جي ڀھرين رجب تي ناگور جي رستي ڪان روانا ٿيا. [٢٤٤]

ترسون خان جي دربار مان رخصت وٺڻ وقت ڪنهن وزير عرض ڪيو ته سيف الملوڪ جي اولاد سرحد جي لائق نه آهي، تنهنڪري حضور عاليءَ بکر جي بدران آگري جي حڪومت ترسون خان جي حوالي ڪري، بنواليداس جي نالي عارضي آرڊر ڪيو ته هو بکر سرڪار جو خزانچي ٿي مال ۽ معاملي جو انتظام ڪري. تنهن کان پوءِ حضور پنهنجي اعتماد جي بناءَ تي مير سيد محمد امروهه، مير عدل کي هزاري منصب سان سرفراز ڪري، بکر جي حڪومت سندس حوالي ڪئي. هو جنهن صورت ۾ سيد ۽ عالم هو، تنهنڪري بکر جي امامن جي صدارت جو حڪم به سندن نالي جاري ٿيو ته هرهڪ لاءِ سندس لياقت آهر مدد معاش مقرر ڪري. هو ساڳئي سال جي ١١ رمضان شريف تي بکر ۾ تشريف فرما ٿيو، ۽ مخدومن ۽ بزرگن سان، نهايت عزت ۽ اڪرام سان پيش اچي، اٽڪل پنجاهه هزار ايڪڙ زمين سيدن، عالمن، مشائخن، سردارن ۽ ٻين باشندن کي، هر هڪ جي حال آهر عطا ڪيائين. سندس حڪومت جي زماني، ۾ مخدوم ڏاڍا فارغ البال هئا. پڻ پنهنجي حڪومت جي اوائل، ۾ سيوهڻ ڏانهن لشڪر روانو ڪيائين. ڪاڪڙي پرڳڻي جا منگٽيجا (١) ماڻهو انحرافي ڪري مير عدل جي ماڻهن سان بري، طرح پيش آيا [سبب ڇا هو ته] سيد محمد مير عدل رعيت سان، دستور العمل ۾ سختي اختيار ڪئي ۽ داڻ بنديءَ (٢) جي دستور موجب بغير ڪنهن فرق جي هر هڪ ايڪڙ تي پنج من محصول مقرر ڪري، ماڻهن جي پوکن تي ڪاراوا مقرر ڪيائين.

(١) هتي اصل ۾ منگڇه آهي. نسخي "م" ۾ مگٽيجه آهي جو وڌيڪ صحيح آهي ڇاڪاڻ ته اتيءَ علائقي ۾ مگٽيجا ذات، جا ماڻهو اڃا تائين موجود آهن.

(٢) اصل ۾ لفظ کن ڪوت آهي پر نسخي "ر" هتي دانه بندي لکيل آهي تنهنڪري ترجمي ۾ داڻ بندي لکيو ويو.

(مترجم)

جن رعيت تي تمام سختي ڪئي. غرض ته مير عدل جا ماڻهو گنبٽ ۽ پچراه جي وچ واري قلعي ۾ اچي رهيا. منگڻيجن بغاوت ڪري وصول ڪند ڙن تي تير وسايا، جنهنڪري مير عدل جا چڱا ماڻهو شهيد ٿيا، ۽ هنن بد بختن سيني مومنن خواه ڪافرن کي قلعي اندر جيڪو ڪوه، هو تنهن ۾ وجهي، مٿيءَ سان پوري ڇڏيو. مير عدل هن واقع کان ڪاوڙجي پنهنجن ماڻهن کي سيويءَ کان گهرايو، [٢٤٥] جي ڪاڪڙيءَ وارن کان انتقام وٺڻ لاءِ روانا ٿيا ۽ ٿوري ئي توجهه سان منگڻيجا جلاوطن ٿي وڃي ويا. آخر ٿوري وقت کان پوءِ مير عدل جو فرزند سيد ابوالفضل جو لشڪر جو سردار هو، انهن جي پٺ ڇڏي بکر جي قلعي ۾ موٽي آيو. ٿوري وقت کان پوءِ مير عدل سير ڇوڙائي، ۽ گهٽي رت نڪرڻ ڪري ضعيف ٿي پيو، ۽ اٺين شعبان سن ٩٨٤هه ۾ الله پاڪ جي رحمت جي پاڙي ۾ وڃي آرامي ٿيو. سندس فوت ٿيڻ کان پوءِ حضرت شهنشاه، ظل الله بکر جي حڪومت پيءُ جي دستور موجب سيد ابوالفضل جي حوالي ڪئي، جنهن ٻئي سال ڪاڪڙيءَ جي اڳوانن کي قيد ڪرائي هڪ ٻن ماڻهن کي هاٿيءَ جي پيرن هيٺان چيٿاڙائي مارايو.

تاريخ ٢ ذوالقعد سن ٩٨٥هه ۾، درگاه جو هڪ معتمد، اعتماد خان خواجه سراءِ بکر جي حڪومت لاءِ آيو، ۽ هو جيئن ته تند مزاج هو تنهنڪري سپاهين، رعيت خواه، امامن سان سٺو سلوڪ نه ڪيائين. ڪي مخدوم ڪانئس ناراض ٿي عالم پناه جي درگاه ڏانهن متوجه ٿيا. اگرچ هن ماڻهو موڪلي معافي گهري، مگر مخدومن کي تسلي نه ٿي ۽ سفر جو پڪو ارادو ڪيائون. جڏهن حضرت ظل الاهي جي درگاه ۾ پهچي انهيءَ بد بخت جي شڪايت بيان ڪيائون، ته حضرت جي زبان مان نڪتو ته جئن ته هن ههڙن بزرگن کي رنجايو آهي، سو ضرور ڪسي ويندو، ۽ جيئن ظل الاهيءَ جي زبان الهام بيان مان نڪتو تيئن ٿيو. اهو حادثو هن طرح ٿيو، ته هو هميشه نوڪ ۽ مسخري جو شيوو

اختيار ڪري چڱن ماڻهن کي بہ غليظ ۽ رڪيڪ الفاظ چوندو هو ۽ ماڻهن جي توهين ڪندو هو. انهيءَ ڪري سپاهين جي هڪ ٽولي اتفاق ڪري، تاريخ ۱۰ ربيع الاول سن ۹۸٦هه جي ڏينهن، کيس ديوانخاني ۾ شهيد ڪيو.

اعتماد خان کان پوءِ حضور، بکر جو ملڪ مشترڪ طور مسند عالي فتح خان مهارت ۽ راجا ٽوڏرمل جي عزيز مسند عالي راجا پرمانند جي جاگير مقرر فرمايو، [۲۳٦] ۽ مٿئين سال جي رجب مهيني ۾ اهي ٻئي مسند عالي بکر ۾ اچي ساڻن تعلق رکندڙ جاين تي متصرف ٿيا. ٻن سالن کان پوءِ، پرمانند حڪم موجب دربار جي چوڪيءَ واسطي عالم پناهه جي درگاهه ڏانهن ٿي ويو، ۽ ڏاريجا ماڻهو سندس پاءُ ماڌو داس سان مخالف ٿي وڃي الور جي قلعي ۾ قلعي بند ٿي ويٺا، ۽ ٻہ ٽي دفعا جنگ ٿي جنهن ۾ ٻنهي طرفن جا ماڻهو قتل ٿيا. آخر اوباش ماڻهن حملو ڪيو، جنهن تي مسند عالي فتح خان پنهنجا ماڻهو فساد ڀڃ کي دفع ڪرڻ لاءِ موڪليا، ۽ اهي ماڻهو شڪست کائي ڇڙو ڇڙ ٿي ويا. انهن ڏينهن ۾ فتح خان درگاهه ڏانهن روانو ٿيو، ۽ جڏهن حضرت جي حاضريءَ جو شرف حاصل ڪيائين، تڏهن سندس عهد و وڏائي، پرمانند جي جاگير (پڻ) ڦيرائي سندس پڳهار ڪيائون. فتح خان نهايت سادهه دل ۽ زردوست ماڻهو هو. مٺي زبان ڏاڍي ڪم آڻيندو هو ۽ ماڻهن سان سلوڪ ۽ گذران چڱو ڪيو هئائين. سمانہ جي پسگردائيءَ جي زميندارن مان هڪڙو ناتجربيڪار ۽ اڻ آزمودگار ماڻهو شهاب خان نالي سندس وڪيل هوندو هو، هو، فريد دهر جي چرچ تي، خان ناهر جي ماڻهن سان گڏيجي، لشڪر وٺي، ڪن ڪوٽ (۱) جي قلعي تي ويو، جو ابراهيم خان ناهر جي قبضي ۾ هو. وڏي جنگ ٿي جنهن ۾ فتح خان جا چڱا ماڻهو ڪسجي ويا. شهاب خان پڻ انهيءَ جنگ ۾ پائرن سان گڏ ڪم آيو. هي خبرون درگاهه جي ڪچهريءَ وارن جي ڪن پيون

---

(۱) شايد ڪنڌڪوٽ. (مترجم)

تہ انهن ئي ڏينهن ۾ سند س جاگير مٿائي نواب محمد صادق خان جي تنخواه ۾ مقرر فرمايائون ، ۽ حضور ، نواب محمد صادق خان کي، بکر جو ملڪ تنخواه ۾ جاگير ڏيئي، کيس لٽي فتح ڪرڻ جي خدمت جو حڪم ڪيو.

مٿيون نواب اڳاري ڏينهن ١٢ ربيع الاول سن ٩٩٤هه ۾ بکر آيو. مخدومن ۽ بزرگن سندس استقبال ڪيو. سيني جي عزت ۽ تعظيم بجا آندائين. ٿورو وقت بکر ۾ رهي بکر جي معاملن کي صاف ڪري ، ساڳئي سال جي ذوالحج مهيني ۾ ، سيوستان روانو ٿيو. خان مذڪور جي وڃڻ کان اڳ ۾ سندس ماڻهن، [٢٤٧] هڪ ٻہ دفعا پاٽ وڃي، مرزا جاني بيگ جي ماڻهن سان لڙائي ڪئي ، ۽ مرزا جاني بيگ جا چڱا ماڻهو ، جهڙوڪ سلطان محمود خان برندق ، ڪوچڪ بن سبحان قلي ۽ عبدالله ڪانجرج، انهيءَ جنگ ۾ مارجي ويا . دستم جو ڀيءُ رستم گرفتار ٿيو ، ۽ محمد صادق خان جي طرف جي فتح ٿي . جڏهن هو پاڻ روانو ٿيو ، تڏهن مرزا جي لشڪر جي سردار سبحان قليءَ، ارغون درياءَ جي ڪناري تي ، قلعو ٺاهي، لڙائيءَ جو سامان ۽ هٿيار سينگاري ، غراب ۽ ٻيڙيون گهڻيون ئي قلعي جي هيٺان گڏ ڪري بيهاريون . جڏهن محمد صادق خان جو لشڪر اتي پهتو ، تڏهن هو غرابن ۾ جنگ لاءِ نڪتو. انهيءَ دفعي پڻ ارغونَ لشڪر شڪست کاڌي . سبحان قلي جيئرو هٿ آيو. گهڻي جماعت قتل ٿي ۽ ڦٽي . ٻارهن غراب پڻ هٿ آيا .

محمد صادق خان هنن فتحن کان خوش ٿي سيوستان جو محاصرو ڪيو. گهيري کي جڏهن ڪافي وقت گذريو ، تڏهن هڪ وڏي سرنگهہ هنيائون ، جنهنڪري قلعي جو اڳيون دروازو ۽ فصيل آڏامي ويئي . محمد صادق خان حڪم ڪيو هو تہ منهنجي اجازت کان سواءِ ڪو بہ ماڻهو قلعي ۾ اندر نہ وڃي . جڏهن دونهون ۽ بخار بند ٿيو تہ قلعي وارن هٿون هٿ ٻي پيت ڪئي ، توبون ۽ گولا ڇوڙڻ شروع ڪيا، ۽ جيڪي ماڻهو قوت بازو سان

ڇت ۽ دروازن جي دالان تي چڙهي ويا هئا، سي سڀ زمين تي ڪري پيا، پر انهن کي ڪوبه نقصان ڪونه پهتو. ايتري ۾ مرزا جاني بيگ به خشڪيءَ ۽ درياءَ جو لشڪر وٺي، سهراڻ جي سامهون آيو، جو سيوهڻ کان ڇهه ڪوهه آهي. محمد صادق خان محاصرو ڇڏي، مرزا جاني بيگ جي جنگ ڏانهن توجهه ڪيو، ۽ جڏهن لڪيءَ واري جبل جي سامهون پهتا ته مرزا جاني بيگ محمد صادق خان جي ڪئمپ جي سامهون غراب آڏي توبون ۽ گولا ڇوڙيا. ٿورن ڏينهن کان پوءِ جڏهن اجا هڪٻئي جي سامهون تي لڙائيءَ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا [ته انهيءَ وچ ۾] بادشاهي فرمان پهتو ته مرزا جاني بيگ [٢٤٨] لائق تحفا درگاهه ۾ موڪلي عاجزي، اخلاص ۽ نياز ظاهر ڪيو آهي. محمد صادق خان موٽي بکر آيو ۽ ٿوري وقت کان پوءِ، جهان پناهه جي درگاهه ڏانهن راهي ٿيو.

انهيءَ کان هڪ سال پوءِ جاگير ۾ ڦيرو آيو، ۽ جيڪي به سال بکر جي جاگير جو تعلق مذڪورين خان سان هو تن ٻنهي سالن جي خريف ۾ پوکن تي ماڪڙ جي مصيبت آئي، جنهن کان بکر ۾ ڏڪار ۽ مهانگائي اچي ويئي. اڪثر ماڻهو ملڪ ڇڏي هيڏي هوڏي هليا ويا، ۽ سميجن ۽ بلوچن ماڻهن درياءَ جي ٻنهي ڪنارن کي لٽي، ڪابه آبادي نه ڇڏي.

ربيع الثاني سن ٩٩٦هه ۾ جاگير، نواب اسماعيل قلي خان ڏانهن منتقل ٿي ۽ سندس پٽ رحمان قلي بيگ بکر ۾ آيو. هو جنهن ته هڪ بختاور امير زادو هو، تنهنڪري بکر جي ماڻهن سان نهايت شفقت سان پيش آيو. قلعي وارن کي چڱو قوت گذران ۽ مهربانيون عطا ڪيائين، ۽ بکر جي ويراني سندس ڪوشش جي برڪت سان آباد ٿيڻ لڳي. جڏهن اسماعيل قلي خان ملتان ڇڏي درگاهه ڏانهن ويو ته سندس جاگير ۾ تغير ٿيو ۽ اها شيرويه سلطان جي حوالي ٿي.

محرم الحرام سن ٩٩٧هه جي اول ۾ شيرويه سلطان بکر ۾

آيو. هو پاڻ شرابي هو، تنهنڪري پنهنجو ڪاروبار زرخريد غلامن جي حوالي ڪري، رات ڏينهن فسق و فجور ۽ لهو لعب ۾ مشغول رهندو هو. هو پاڻ مجلس ۾ تمام گهٽ ويندو هو ۽ سندس مجلس ۾ ڪڏهن ڪنهن کي اجازت ملندي هئي. اڪثر فقيرن جا وظيفا ۽ پگهار معطل رهيا. هو هڪ دفعي مال ۽ معاملي جي انتظام لاءِ ٻاهر نڪتو، ۽ ٿورو وقت هڪڙي دڪان ۾ منزل ڪري مال ۽ ڏيتي ليتي وصول ڪيائين. پنهنجي پٽ محمد حسن کي سيوي ۽ هٿ ڪرڻ لاءِ موڪليائين. پٺاڻن لشڪر گڏ ڪري جنگ ڪئي. شيرويه جي پٽ جي مقدمي ۾ بڙدي بلوچ هئا، جي ڀڄي ڀڄڻ نئين حملي ۾ پاسو ڪري ويا، ۽ هنن ماڻهن بنا ڪنهن ملاحظي جي وچ تي حملو ڪيو. [۲۴۹] ڪيترا ماڻهو قتل ٿي ويا ۽ وڏو انداز گرفتار ٿيو. نيٺ شڪست کائي پوئتي موٽيا. جنهن صورت ۾ گرم هوا جا ڏينهن هئا تنهنڪري ڪيترا ته رڃ ۽ اُڃ وگهي مري ويا ۽ جيڪي موٽي آيا، سي به ڪيتري وقت کان پوءِ اصلوڪي حالت ۾ آيا.

جڏهن هن جي ظلم جي برائي حد کي پهتي، ته اوچتو سندس بدلي جي خوشخبري عالم الغيب طرفان بکر جي ماڻهن کي پهتي. ماڻهو انهيءَ شرير جي شر کان آزاد ٿي امن ۾ آيا. بکر جو ملڪ ٻيو دفعو نواب محمد صادق جي جاگير ۾ منتقل ٿيو. تاريخ ۱۲ ربيع الاول سن ۹۹۸هه ۾ نواب محمد صادق خان جي پٽ مرزا محمد زاهد بکر ۾ تشريف فرما ٿي، امامن ۽ رعيت سان چڱو سلوڪ ڪيو ۽ ظلم جي قتيلن جي دلين تي عدل جو مرهم رکيائين. مرزا زاهد نهايت سهڻو ۽ خوش اخلاق هو ۽ عالمن ۽ فاضلن سان اڪثر صحبت رکندو هو، ۽ محمد صادق خان جي سند مطابق سيني جا وظيفا ۽ پگهارون جاري ڪري، ظالمن جي ايذاءَ جو هٿ مظلومن کان روڪيائين. محمد صادق خان جو وڪيل خواجه محمد معصوم پڻ سهڻين صفتن سان سينگاريل هو، ۽ ننڍي خواهه وڏي معاملي ۾ اونهو ويندو هو. بکر جا ماڻهو

دلجاءِ ڪري کيتي ۽ آباديءَ کي لڳي ويا. انهيءَ سال جي ربيع ۾ اوچتو آفت سماوي پهتي ۽ ايڏي لحاظ هوندي به، رعيت جي مٿان اونداها ڏينهن آيا ۽ ٿورڙي وقت ۾ پيدائش ناياب ٿي، ٻيو دفعو ڏڪر، مهانگ ۽ تنگي ظاهر ٿي.

ايتري ۾ بادشاه، جي غيرت واري رڳ جنبش ۾ آئي، ڇاڪاڻ ته جڏهن بادشاهي بخت جي هماءَ لاهور جي تختگاه، تي پنهنجي منزل جو پاڇو وڌو، تڏهن مرزا جاني بيگ مرزا شاه حسن جي دستور جي پيروي ڪري اطاعت جا فرض بجا نه آندا، بلڪ خود مختياريءَ جو دم هڻڻ لڳو. تنهنڪري نواب خان خانان کي ٺٽي جي فتح ۽ بلوچن جي بندوبست لاءِ مقرر ڪيائون، جنهن ساڳي سال جي ٢٢ شوال خريف جي وچ ڌاري بکر ۾ [٢٠٠] قدم رکي، ڪاروبار ۽ ضروري امور سنڀاليا. انهي ئي ڏينهن ۾ تاريخ جي جوڙيندڙ فقير به، گجرات کان اچي ملازمت جو شرف حاصل ڪيو، ۽ سهڻي اتفاق سان والده به ڪجهه تحفو موڪليو هو سو به، سندن نظر انور هيٺ آندم. حضرت ڪمال توجه، ۽ مهربانيءَ کان پڇيو ته توهان کي والده کان جدا ٿئي گهڻا سال ٿيا آهن. عرض ڪيم ته اٽڪل ويهه، سال ٿي ويا هوندا. تنهن ڪان پوءِ عنايت فرمائي [هن بندي لاءِ] حڪم ڪيائون ته پنهنجي والده جي خدمت ۾ حاضر ٿي وري درگاه جي ملازمت ۾ موٽي اچي ۽ بخشي سندس جاگير کي ڪنهن ٻئي پرڳڻي سان تبديل ڪن. (١) اتي محمد صادق خان واهر ڪري چيو ته جنهن صورت ۾ بکر ٿو وڃي تنهن صورت ۾ جيڪڏهن سندس جاگيرون به، انهيءَ پاسي ڏانهن مقرر ٿينديون ته چڱو

---

(١) هيءَ عبارت اصل ۾ هن طرح آهي "و جاگير اورا بخشيان تنخواه نمايند" جو منجهيل آهي. نسخي "ح" ۾ "بمحال ديگر" زائد آهي جو ڪنهن حد تائين عبارت جي مونجهه کي دور ڪري ٿو. تنهنڪري ترجمي ۾ انهيءَ کي نظر ۾ رکيو ويو آهي.

ٿيندو. حضرت فرمايو ته بکر خان خانان جي جاگير مقرر ٿي چڪو آهي. نواب خان خانان حاضر هو تنهن عرض ڪيو ته جيڪڏهن حضرت ڪين بکر جي سرڪار مان جاگير عنايت ڪندو ته ٻانهي کي قبول آهي ۽ ٻانهي کي انهيءَ جي عوض ڪنهن ٻيءَ جاءِ تان عنايت ٿئي. جنهن تي حضرت حڪم فرمايو ته سندن جاگير بکر جي سرڪار مان ڏني وڃي. حڪم موجب بخشين، دريلو، ڪاڪڙي ۽ چانڊوڪي بنده لاءِ جاگير طور مقرر ڪيو. جاگير مقرر ٿيڻ کان پوءِ حضرت نهايت بنده پروري فرمائي، ٻيڙيءَ تي تشريف فرما ٿيو ۽ پنهنجي خاص پوستين سان سرفراز ڪري رخصت ڪيائون ۽ پنهنجي زبان الهام بيان سان فرمايائون ع. ”بنشين و سفر کن کہ بغايت خوب است“. مطلب ته تاريخ ١٤ صفر سن ٩٩٩هه تي بکر پهتس ۽ نواب خان‌خانان پڻ بکر تشريف فرما ٿيو. جنهن صورت ۾ هوا گرم ۽ پاڻيءَ جي اٿل هئي، تنهنڪري کي ڏينهن بکر ۾ ترسيو ۽ لڏي نڪرڻ سان مؤلف کي بهادرخان، ملا محمود ۽ ٻين سان گڏي رخصت ڏنائون.

جڏهن سيوهڻ ۾ پهتاسون ته نواب خان خانان پڻ پويان تشريف [٢٠١] فرمائي اچي رسيو. سيوهڻ جا ساڻهو قلعي ۾ تي ويٺا. نواب اميرن جي جماعت سان صلاح ڪئي ته ڇا ڪرڻ گهرجي؟ جاني بيگ جي سر تي لٽي وڃڻ يا ڦريائين سيوهڻ جي مهم پوري ڪري، پوءِ اڳتي وڌون. سڀني يڪراءِ ٿي فيصلو ڪيو ته سيوهڻ رستي تي آهي، اسان جي ماڻهن ۽ ٻيڙين جو لنگهه اتان آهي، تنهنڪري بهتر ٿيندو ته سيوهڻ فتح ڪري پوءِ اڳتي وڌون. اهو فيصلو ڪري درياءَ ٽپي، سيوهڻ جي چوڌاري مورچا تقسيم ڪري، سرنگهه ڏاهڻ کي لڳي ويا. ايتري ۾ معلوم ٿيو ته نواب جاني بيگ وڏو ڪٽڪ وٺيو لٽي ڪان جنگ لاءِ اچي رهيو آهي. هيءَ خبر ٻڌڻ سان گهيرو ڇڏي جاني بيگ ڏانهن متوجهه ٿيا. جاني بيگ هيءَ خبر ٻڌي نصرپور جي مٿان درياءَ جي ڪناري تي بوهريءَ جي ڪوٽ ۾ قلعو بنائي محڪم ٿي ويٺو.

جڏهن گهيري کي گهڻا ڏينهن گذري ويا ۽ خانخانان ۽ اميرن ڏٺو ته ڪجهه ڪري نٿو سگهجي، تڏهن هڪ رات چئني طرفن کان قلعي تي حملو ڪيائون. پر جڏهن ته قلعو مضبوط هو تنهنڪري ڪو به فائدو نه ٿيو. هن کان پوءِ صلاح ڪيائون ته اسان کي لئي ملڪ ۾ پکڙجي وڃڻ گهرجي. ڪي سيوهڻ وڃون، ته ڪي لئي، ته ڪي بدين، ڪي فتح باغ ۽ ڪي جون ڏانهن. شاهه بيگ خان، شاهه گر قلعي تي وڃي، جو شاهه قاسم خان ارغون ٺاهيو آهي. [انهيءَ صلاح موجب] نواب خانخانان لئي روانو ٿيو ۽ ٻيا فتح باغ، بدين ۽ جون ڏانهن ويا. شاهه بيگ وڃي شاهه گر قلعي کي گهيرو ڪيو، ۽ خانخانان جي ملازمن سيد بهاؤالدين، بختيار بيگ، هن ڪتاب جي مؤلف، حسنعلي عرب، جان بيگ ۽ مقصود بيگ آقا سيوهڻ وڃي، سيوهڻ کي گهيرو ڪيو. جڏهن قلعي وارن جو حال تنگ ٿيو، تڏهن قلعي وارن جا خط جاني بيگ ڏانهن ويا ته "جيڪڏهن اسان وٽ پهتا ته واهه، واهه، نه ته قلعو هٿان ويو." جاني بيگ ڏٺو ته قلعو هٿان وڃي ٿو، سو هڪدم سيوهڻ ڏانهن متوجهه ٿيو. جڏهن ويهن ڪوهن تي پهتو تڏهن اسان پاڻ ۾ صلاح ڪئي ته ڇا ڪرڻ گهرجي. سيني جي راءِ ٿي ته جنگ ڪرڻ گهرجي، سو قلعي جو گهيرو ڇڏي جاني بيگ ڏي روانا ٿياسين. خانخانان، جاني بيگ جي هن لشڪر ڏانهن وڃڻ جي خبر ٻڌي، پنهنجا ڪي امير جهڙوڪ محمد خان، نيازي، بهادر خان ۽ سندس ملازم ميان دولت خان کي سندن، مدد لاءِ موڪليو. لڪيءَ کي ويجهو پهتا هئاسون ته هيءَ جماعت، پڻ اچي ملي. هي ٻئي لشڪر گڏجي هڪ هزار ٻه سؤ سوار ٿيا. جاني بيگ جبل جي طرف [۲۰٤] کان ڏهه هزار سوار، ڪيئي، پيادا، تير انداز ۽ درياءَ جي طرف کان غراب ۽ توبخانو ساڻ، وٺي تيار ٿي آيو. جڏهن ڇهن ڪوهن تي پهتو ته خانخانان جي ماڻهن صلاح ڪئي ته جيڪڏهن اسان هت ويهي رهنداسون ته هو، اسان سان چئني طرفن کان جنگ ڪندو. پاڻ سامهون تير اندازن

[٢٠٥] ڪاهيءَ سان لڳا. جاني بيگ حاضر ٿي صلح لاءِ آماده ٿيو. سندس عرض جي هيءَ صورت هئي: ”مان ٽيهه غراب ۽ سيوهڻ جو قلعو اوهان کي ڏيان ٿو، پاڻ لنڌي ۾ پهچڻ کان پوءِ اچي توهان سان ملاقات ڪندس.“ خانخانان اميرن کان صلاح پڇي، ته سڀني يڪراءِ ٿي چيو ته اسان ڪم اچي اڄ صبح تي پهچايو آهي، هاڻي جڏهن

معلوم هئڻ گهرجي ته توهان جي ايلچيءَ کي رخصت ڏيڻ وقت لکيو هوسون ته جڏهن ... جو شهر هن وقت شهنشاهي شان شوڪت ... جي تنبن جو خيمه گاهه ٿي چڪو آهي تڏهن انهيءَ ويجهڙائي ۾ توهان جو رهڻ ۽ ... نامبارڪ آهي. (توهان کي) درگاهه معليٰ ڏانهن متوجهه ٿيڻ گهرجي. توهان هي رحيماڻو ۽ مشفقاڻو سخن قبوليت جي ڪن سان نه ٻڌو، ۽ دستور موجب غرور، سرڪشي ۽ تڪبر ڪندا رهيا. نيٺ محاصري ۽ لڙائيءَ کان پوءِ توهان ٻيو دفعو شيخ عبدالڪريم کي موڪليو. جنهن ته اسلام جي صورت توهان جو (ظاهري) لباس هو، تنهنڪري وري به (پنهنجي) فطري شفقت، نوازش ۽ مروت ڪم آڻي (فقط) سياهوان (سيوهڻ) ڏيڻ تي اڪتفا ڪئي ويئي، پر انهيءَ مان به فائدو نه ٿيو. آخر خشڪي توڙي درياءَ ۾ توهان کي پهتو، جيڪي پهتو ۽ توهان تي گذريو جيڪي گذريو ۽ توهان پاڻ کي درياءَ توڙي خشڪيءَ ۾ آزمائي ڏٺو. هاڻي جڏهن وري مولانا ميرعليءَ کي موڪلي عاجزي، پريشاني، اطاعت ۽ بندگيءَ جو اظهار ۽ سياهوان (سيوهڻ) ڏيڻ قبول ڪيو اٿوَ تڏهن توهان جي ڏنگائيءَ ۽ ڪوڙ معلوم هوندي به سياهوان (سيوهڻ) ۽ غرابن ڏيڻ تي صلح ڪيوسون، ۽ درگاهه معليٰ ڏانهن روانو ٿيڻ جي توهان کي مهلت ڏنيسون ... مٿيون ۽ هن جي ڪيل نهايت زاري ... تقي الدين محمد ۽ مرزا علي بهادر کي انهيءَ جي مقرر ۽ مضبوط ڪرڻ لاءِ موڪليوسون ... توهان جي بيوفائي، ڪوڙ ۽ لڳي ڏسي پنهنجي جند ڇڏائڻ لاءِ ... جنهن کي ڪو به عقلمند قبول نه ڪندو، وچ ۾ آڻي توهان جي ٻن ڏينهن جي همنشينيءَ

سنڌ ۾ حالت تنگ ٿي آهي، تڏهن صلح ڪرڻ نه گهرجي ۽ اهو به احتمال آهي، ته متان پهچڻ تي اجاني بيگ جي راءِ ڦري وڃي. خانخانان چيو ته ”جيڪڏهن اسان قلعي کي چنبڙي پونداسون ته هڪ ته ٻنهي طرفن کان ماڻهو قتل ٿيندا ٿا رهن ۽ ٻيو ته هنن جو اهل عيال ڀاڄين جي هٿ چڙهندو ۽ انهيءَ ۾ هن

مان جيڪا غداري، ٿيڪي ۽ مڪر سکيو هئائون، سو توهان جي معاملي ۾ صرف ڪري آيا ۽ توهان جو عقل، فڪر ۽ راءِ جيڪا هن طرف کي معلوم هئي، تنهن جي تصديق ٿي. هاڻي ڪلام جو نتيجو ۽ سخن جو خلاصو هي آهي، ته جيڪڏهن درگاهه آسمان جاهه جي بندگي، اطاعت، اخلاص ۽ خيرخواهيءَ (جي وعدي ۾) سچا آهيو ته مرزا جاني بيگ عذرگذاري، ۽ معافي وٺڻ لاءِ گنهگار وانگيان ترار ۽ ٻٽي گردن ۾ وجهي اچي حاضر ٿئي. شهنشاهه جي درگاهه جهان پناهه جي هن مريد کي، جنهن پاڻ کي انهيءَ عاليشان آستان جو خالص ارادتمند ۽ خيرخواهه بنائي ڇڏيو آهي، ڏسي چائنٽ چمڻ واسطي درگاهه معليٰ ڏانهن روانو ٿئي، ۽ وڃي سروت سان پنهنجا مشڪلات پيش ڪري، (بس) اها ڳالهه آهي. توهان کي هن کان سواءِ ڪو ٻيو خيال ڪرڻ ٿڏي لوهه ڪٽڻ ۽ سنڌاڻ ...... ٿيڻ جي برابر آهي. اچا توبهه جو دروازو کليل آهي. ڪيس (جاني بيگ کي) پاڻ تي، پنهنجي اولاد تي ۽ مسلمانن تي رحم ڪرڻ گهرجي ۽ جهالت نه ڪري. هيءَ روش جيڪا اختيار ڪئي اٿس، تنهن جي بري انجام ڏسي ويچار ڪري. ٻيءَ صورت ۾ قتل، ڦرلٽ، قيد، پردهه دري (جي مصيبت) جيڪا ڪيس يا ٻين کي پهچندي، تنهنجو وبال مٿس ئي رهندو.

هن کان پوءِ توهان جي طرفان جيڪا به بندگي يا خيرخواهي ظاهر ڪئي ويندي سا اعتبار ۾ نه ايندي. ٻي ڳالهه هيءَ ته (اڄ کان پوءِ) ڪوبه خط يا پيغام نه موڪليو، ڇاڪاڻ ته نه ٻڌو ويندو. اتمام حجت لاءِ وري ورِي خط ۽ پيغام موڪليا

جي بي عزتي ٿيندي، تنهنڪري اسان صلح ڏنا ڪريون ۽ پاڻ جهڙو پنج هزاري درجو (ڪيس) حضرت جي خدمت سان وٺي ڏينداسون.“ بي شڪ، سندس رايو صحيح هو. جاني بيگ جي ايلچين اچي قول قرار ڪري، غراب آڻي حوالي ڪيا. سيوهڻ ڏانهن پڻ قلعي ڏيڻ لاءِ ماڻهو موڪليائين، ۽ پاڻ ٺٽي روانو ٿيو.

---

ويا آهن. اڄ کان پوءِ هيءُ رستو بند رهندو، ۽ جيڪو ماڻهو موڪليو ويندو سو ڪيترو به ڪٿي ...... پيش ڪري ته به ڪيس ڪٺو ويندو. مصيبت جو زنجير ڏکهو ٿي بد بختن جي گردن ۾ زياده محڪم ٿيندو ٿو وڃي. خبردار! مصيبت جو شور اچي رهيو آهي. جهالت ۽ دوستاڻي نصيحت نه ٻڌڻ جو نتيجو اجهو اهو آهي، جو ڏسي رهيا آهيو. الحمد لله جو پوريءَ طرح اتمام حجت جو ٿي، ذمه آزاد ٿيو. هاڻي جيڪي به ٿيندو تنهن کان الله تعاليٰ خواهه ماڻهن وٽ معذور آهيون ۽ سمورو وبال جاهلن جي ڪنڌ تي رهندو.

شال الله تعاليٰ پنهنجي سيني ٻانهن کي ڪوته انديشن جي صحبت، دوست نما دشمنن جي سنگت ۽ ناعاقبت انديشيءَ جي فڪرن کان پناهه ۾ رکي ۽ جيڪو ماڻهو پنهنجي صلاح تي نه هلي انهيءَ کي بيعقليءَ ۽ ٿڳيءَ جا نتيجا رسائي. وڏيڪ ڇا لکجي.

اگر در سراي سعادت کس است،
ز گفتار سعديش حرفي بس است.
[جو صاحب سعادت جو آهي سڄاڻ،
آسعديءَ جو هڪ حرف بس انجي ڪاڻ]

والسلام عليٰ من اتبع الهديٰ. (انهيءَ ماڻهوءَ تي سلام هجي، جيڪو هدايت جو تابع ٿيو.

(هي خط متحف برطانيه (برٽش ميوزيم) ۾ رکيل تاريخ معصومي جي هڪ نسخي جي صفحي A .187 ۽ B .187 جي حاشي

خانخانان آب ڪلانيءَ جي موسم سن ۾ گذاري، سياري جي شروع ۾ ٺٽي متوجهه ٿيو. فتح باغ کي ويجها پهتا هئاسون، ته جاني بيگ استقبال تي آيو ۽ خانخانان ۽ سندس وچ تي ملاقات ٿي ۽ ڏاڍي مزيدار صحبت حاصل ٿي. جاني بيگ کي اتي ڇڏي خانخانان ٺٽي جي سير ڏانهن متوجهه ٿيو. ٺٽي پهتو ته پوڀان جاني بيگ به آيو ۽ جيڪي وس ۾ هوس، سو اميرن ۽ اشڪر تي صرف ڪيائين ۽ ڏاڍيون صحبتون ڪيائون. اتان سمنڊ جي سير لاءِ لاهري بندر ويا. جڏهن ته جاني بيگ کي ساڻ وٺي درگاهه ۾ حاضر ٿيڻ جو حڪم آيو هو، تڏهن دولت خان ۽ خواجه مقيم کي ملڪ جي بندوبست لاءِ پنهنجو نائب مقرر ڪري، اتان سڌو درگاهه معليٰ ڏانهن روانا ٿيا ۽ جاني بيگ کي پاڻ سان وٺي [٢٥٦] يلغارون ڪندا ويا ۽ تاريخ ...... (١) پائبوسيءَ جي شرف سان مشرف ٿيا. خانخانان جي عرض ڪرڻ تي حضرت، جاني بيگ سان نهايت لطف ۽ مهربانيءَ سان پيش آيو ۽ ٺٽي جو ملڪ سندس حوالي ڪيو، ۽ جاني بيگ حضرت جي خدمت ۾ رعايت ۽ اعتماد حاصل ڪري، پنج هزاري (٢) منصب سان سرفراز ٿيو. مٿس حضور جي ڏاڍي مهرباني ۽

---

تي قلمبند ٿيل آهي، جنهن جو فوٽو عزيز محترم ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ وٽ موجود آهي. محترم ڊاڪٽر صاحب جي ڏيان ڇڪائڻ تي هن خط جو ترجمو هت ڏنو ويو آهي. جيتوڻيڪ خط جي فوٽي ۾ ڪي الفاظ ڪنجي ويا آهن، تاهم عبارت جو مطلب واضح آهي.) (مترجم)

(١) اصل ۾ هتي ڪجهه به لکيل نه آهي. (مترجم)

(٢) اصل ۾ چار-پنج هزاري آهي، پر نسخي "ح" ۾ چار جو لفظ ڪونه آهي. ترجمي ۾ نسخي "ح" تي اعتماد ڪيو ويو آهي، ڇاڪاڻ ته جيئن مٿي گذري آيو، خانخانان جاني بيگ کي پنج هزاري وٺي ڏيڻ جو وعدو ڪيو هو. (مترجم)

توجهه ٿيو. انهيءَ حد تائين جو خسرو شاهه کي سنڌ ۾ داماد يءَ لاءِ مقرر فرمايائون. جنهن وقت حضرت دکن ڏانهن متوجهه هو ۽ احمدنگر ۽ قلعو اسير فتح ٿي چڪا هئا، انهيءَ وقت جاني بيگ سرسام جي بيماريءَ ۾ ۲۷ رجب سن ۱۰۰۸ ھ ۾ گذاري ويو ۽ نواب علاميءَ جي عرض ڪرڻ تي ”ته ٺٽي جو ملڪ مرزا جاني بيگ جي پٽ مرزا غازي بيگ جي حوالي ڪيو وڃي“ ۽ حضرت انهيءَ کي عطا ڪيو.

[هي ڪتاب] تاريخ ۲۲ شعبان المعظم سن ۱۰۴۵ ھ
ناچيز فقير محمد رضا بن مرحوم دريائي بن
داروغ گهر رحمهه الله تعاليٰ
جي هٿان [لکجي]

پورو ٿيو.

هر ڪه خواند دعا طمع دارم زانڪه من بنده گنهگارم.

---

گنهگار بندو آهيان عيب دار دعا جو پڙهندڙ کان اميد وار.
[۲۵۷]

# توضيحات، تعليقات ۽ استدراڪات

نوٽ: هيٺ تعليقات ۾ ڄاڻايل صفحن جا حوالا ترجمي جي متن ۾ ڏنل صفحن سان تعلق رکن ٿا. گهڻو حصو حاشيي جو تاريخ معصومي جي مصحح ۽ محشي شمس العلماء ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي جي محنت جو نتيجو آهي. مترجم پنهنجا نوٽ چورس ڏنگين ۾ رکيا آهن. "حاشيي ع. م." سان مراد آهي شمس العلماء ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي جا نوٽ.

ص ٣. المنتسب: اسيرڳڙهه جي ڪتبي ۽ قنڌار جي محراب جي خيال کان "آما" (ماءُ جي پاران) جو لفظ هتي وڌائڻ گهرجي.

ص ٤. تاريخ گزيده ۾ لکيل آهي: تاريخ گزيده جي اصل عبارت هن ريت آهي "شش بار هزار هزار دينار زر سرخ بران عمارت خرچ کرد" (انهيءَ عمارت تي ڇهه دفعا هزار هزار سونيون اشرفيون خرچ ڪيائين.) (ص ٢٧٤. آنجهاني پروفيسر براؤن جي ڇپايل.)

ص ٥. تاريخ مرآت الجنان: شايد مصلح الدين لاريءَ جي جوڙيل (١)

(١) [تاريخ مرآت الجنان جو مصنف "يافعي" آهي، جنهن جو سڄو نالو عفيف الدين عبدالله بن اسعد يافعي آهي.. اصل يمني هو پر اتان هجرت ڪري وڃي حرمين شريفين ۾ رهيو. هن جا تصوف ۾ گهڻا ڪتاب جوڙيل آهن. جن مان مکيه هيٺيان ڪتاب آهن: (١) "روض الرياحين" جنهن جو ٻيو نالو "نزهة العيون" آهي. هن ڪتاب ۾ صالحن، صوفين وغيرهم جا اٽڪل

ص ٥. هن جي وفات سن ٩٦ھ جي جمادي الاول الخ:
تاريخ گزيده (ص-٢٧٦) موجب وليد بن عبدالملڪ مهيني جمادي الاخر سن ٩٦ھ جي وچ ڌاري وفات ڪئي، نوَ سال ۽ اٺ مهينا بادشاهي ڪيائين. سندس عمر ٤٥ ورهيه هئي. معصومي وليد جي تاريخ وفات ۽ عمر جي مدت ۾ ڀل ڪئي آهي.

ص ٦- عبدالملڪ جي خلافت واري وقت ۾ الخ: هي ڳالهه حقيقت جي خلاف آهي. چچ نامي عبارت هن طرح آهي: "چون تا ته سرانديپ جي بادشاه، يواقيت جي ٻيڙ سان حجاج

.. ٥. تاريخي قصا مذڪور آهن. هي ڪتاب مصر ۾ سن ١٣٠١ھ وغيره ۾ ڇپجي چڪو آهي. (٢) "اسني المفاخر في مناقب الشيخ عبدالقادر" برلن ۾ موجود آهي. (٣) زير بحث ڪتاب جنهن جو سچو نالو "مرآت الجنان و عبرت اليقظان في معرفت حوادث الزمان و تقلب احوال الانسان و تاريخ موت بعض مشاهيرالاعيان" سن ٧٥٠ھ تائين هن ڪتاب ۾ مذڪور آهي، فينا ۽ برطانوي عجائبخاني ۾ موجود آهي (هيءُ ڪتاب حيدرآباد ۾ ڇپجي چڪو آهي) ابو عبدالله اهدل "غربال الزمان" نالي سان هن جو مختصر به لکيو هو (ف-٧٦٨ھ) (جرجي زيدان تاريخ آداب اللغة العربيه ج-٣- بحث تصوف) ٿوري ڦيرڦار سان. تاريخ معصومي ۾ نقل ڪيل عبارت مرآت الجنان مطبوعه حيدرآباد جي پهرئين جلد جي ١٩٩ صفحي تي سن ٩٦ھ جي بيان ۾ لکيل آهي جنهن ۾ چيو ٿو ته "انهيءَ سال (٩٦) ۾ خليفي وليد بن عبدالملڪ جي وفات ٿي، جو ظالم هوندي به قرآن شريف جي تلاوت گهڻي ڪندو هو. چون ٿا ته ٽنهين ڏينهن ختمو پورو ڪندو هو ۽ رمضان شريف ۾ سترهن ختما ڪندو هو." تحفة الڪرام ج-٣، ص-١٢٠ تي لکيل آهي ته جڏهن مخدوم جهانيان مڪي ۾ رهندا هئا تڏهن امام عبدالله يافعي سان سندن دوستي هوندي هئي. مخدوم جهانيان سن ٧٨٥ھ ۾ وفات فرمائي آهي. ڏسو تحفة الڪرام ج-٣. ص-١٢١- (مترجم)

سيدن جي بيان ۾ لکي ٿو: ”سندن وڏو سيد بدرالدين، مازندران مان لڏڻ کان پوءِ شان وارين چائنين (١) جي زيارت، جو شرف حاصل ڪري سن ٩٩٧هه ۾ عربي سمنڊ جي رستي ديول بندر ۾ لهي ٺٽي ۾ ٽڪڻ لاءِ روانو ٿيو. (پر) ساڪري پرڳڻي، جي هالا ڳوٺ ۾ پهچڻ......تي اتي ئي هميشه لاءِ رهجي پيا.“

تحفتہ الڪرام جي هيءَ عبارت پڻ ديول يا لاهري بندر. جي ٺٽي کان پري هجڻ تي دليل آهي. ڪزنس (Cousins) پنهنجي ڪتاب ”سنڌ جا آثار قديم“ ۾ هن نظريي جي تائيد. ڪري ٿو. [٢٦٠]

هاڻي اسان کي هن پيچيدي مسئلي ڏانهن توجهه ڪرڻ گهرجي، ته ديول بندر ۽ لاهري بندر هڪ ئي هو يا ڌار ڌار. يورپي، سياح جيڪي پوين صدين ۾ سنڌ ملڪ ۾ آيا تن مان ڪن سنڌ. جي بندر کي ديول ۽ ڪن لاهري سڏيو آهي. ۽ ڪنهن به، ساڳئي وقت ٻن بندرن موجود هجڻ ڏانهن اشارو نه ڪيو آهي. هن ڳالهه ڪن ماڻهن کي ڌوڪو ڏنو آهي ته ديول ۽ لاهري ساڳي شئي آهي. ايبٽ (Abbot) پنهنجي تاليف ”سنڌ“ (ص ص — ٤٣— ٥٥) ۾ گهڻي بحث ڪرڻ کان پوءِ به ڪنهن مفيد نتيجي تي ڪونه پهتو آهي. ۽ هيگ (Haig) پنهنجي ڪتاب ”The Indus Delta Country“ (ص — ٦٨) ۾ لاهري بندر کي لوهراڻي ٺهرايو آهي جيڪو البيروني ”Alberuni's India“ (ص ص — ٢٠٥، ٢٠٨، ٢٦٠، ٣١٦) جي (تحقيق) موجب مهران جي الهندي دهاني تي بندر ديول کان ١٢ فرسخ (٣٦ ميل) پري هو. بنده جي گمان ۾ هيگ هن راءِ ۾ سچو آهي. عرب جا سياح ۽ تاريخ نويس جهڙوڪ ابن خرداذ به (ڪتاب المسالڪ و الممالڪ- ص - ٦٢) ۽ اصطخري (ڪتاب: المسالڪ و الممالڪ.

(١) شايد ڪربلا معليٰ وغيره، عراق ۽ ايران جون زيارتون. (مترجم)

ص- ۱۷۵) ۾ مقدسي (احسن التقاسيم، ص- ۴۷۹) ۾ مسعودي (مروج الذهب، ج- ۱، ص، ۳۷۸) سڀئي متفق آهن ته ديبل مهراڻ جي ڇوڙ جي الهندي طرف ۾ هن کان گهڻو پري عربي سمنڊ جي ڪناري تي واقع آهي. مسعودي جي عبارت هن طرح آهي: فاذا اجتاز جميع ماذکرنا من الانهار (آي الانهار الخمست في بلاد فنجاب) ببلاد فرج بيت الذهب و هو المولتان، اجتمعت بعد المولتان و المنصوره في الموضع المعروف بد و شاب. فاذا انتهي جميع ذالک الي مدينت الرور من غربها و هي من اعمال المنصوره، سمي هنالک "مهران." ثم ينقسم قسمين و يصب کلا القسمين من هذا الماء العظيم المعروف بمهران السند في مدينت شاکره من اعمال منصوره في البحر الهندي و ذالک علي مقدار يو مين من مدينه الديبل" [۲۶۱]

(پوءِ جڏهن اهي سڀ درياءَ، جن جو بيان ڪيوسون، (يعني پنجاب جا پنج درياءَ) ملتان جي حد ٽپي اڳتي وڌن ٿا تڏهن ملتان ۽ منصوري کان بعد دوشاب نالي هڪ جاءِ تي پاڻ ۾ گڏجن ٿا. پوءِ جڏهن اهي سڀ رور (اروڙ) جي شهر وٽ، جو منصوري جي ضلعن مان هڪ ضلعو آهي، ان جي الهندي طرف کان پهچن ٿا ته اتي کين "مهراڻ" جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو. جو پوءِ ٻن حصن ۾ ورهائجي ٿو، ۽ هن وڏي درياءَ، جو "سنڌ جي مهراڻ" جي نالي سان مشهور آهي، جا ٻئي حصا منصوري جي هڪ ضلعي شاڪره (ساڪره) وٽ هندي سمنڊ (عربي سمنڊ) ۾ ڇوڙ ڪن ٿا ۽ اهو ديبل جي شهر کان ٻن ڏينهن جي پنڌ تي آهي.)

پوءِ مسعوديءَ جي (چوڻ) موجب ديبل ۽ مهراڻ جي ڇوڙ جي وچ ۾ ٻن ڏينهن جو پنڌ يا بيرونيءَ موجب ٻارهن فرسنگ (۳۶ ميل) هوندو هو. تنهنڪري جيڪڏهن شاڪره (هاڻي ميرپور ساڪره) کي لاهري بندر يا لوهراڻي مقرر ڪنداسون ته پوءِ ديبل جو متعين ڪرڻ نهايت آسان ٿي پوندو، ڇاڪاڻ

تہ جيڪڏهن سِڌُ ڪبو تہ ساڪرهہ ۽ گسري بندر جي وچ ۾ فاصلو اٽڪل ۱۲ فرسنگ يا ۳٦ ميل ٿيندو. (انهيءَ ڪري) ديبل بندر جي جڳهہ اتي فرض ڪرڻ گهرجي. ايليٽ پڻ ديبل کي ڪراچيءَ جي ويجهو مقرر ڪيو آهي. اگرچ انهيءَ ٻيا دليل پيش ڪيا آهن. گسري بندر ۽ ڪلفٽن (Clifton) جي وچ ۾ عبدالله شاهہ جو هڪ مقبرو آهي، جنهن لاءِ عام ماڻهو چوندا آهن تہ اسلامي لشڪر سان سنڌ فتح ڪرڻ لاءِ آيو هو. اها قبر ضرور عبيدالله بن نبهان جي آهي، ڇاڪاڻ تہ بديل بن طهفہ کان اڳ ۾ حجاج بن يوسف انهيءَ کي ديبل فتح ڪرڻ لاءِ موڪليو هو. (بلاذري فتوح البلدان ص ص، ۴۳۰، ۳٦)

اسان جي ڪلام جو اهو خلاصو آهي. يوروپي لکندڙن پنهنجي گمان موجب ڏڪا هنيا آهن. هيگ ديبل جي جڳهہ ميرپور ساڪري جي ويجهو 'ڪاڪر بڪيرہ' جي ڏٺن وٽ مقرر ڪئي آهي. (سٽيون ڪتاب ص ص، ۴٦، ۴٧) ليڪن قوي احتمال آهي تہ لٽي لاهري بندر هو ۽ راورٽي (Mihran of Sind) ص ۲۳٦، ۳۱٧، حاشيہ ۴٦۸ ص ۴٦۸) انهي کي پير پٽي جي نزديڪيءَ ۾ مقرر ڪيو آهي ۽ هن نظريي ۾ تحفتہ الڪرام جي مصنف سان موافق آهي، ڇاڪاڻ تہ هن ٻن ٽن جاين تي (ج - ۳- ص ص، ۲۴٧، ۲۰۲) پير پٽي کي ديولي سڏيو آهي ۽ ص، ۴۰۴ تي چوي ٿو: ”مخفي نہ رهي تہ لاهري بندر جو اڳاٽي زماني ۾ ديبل بندر جي نالي سان مشهور هو، سو هڪ عجيب شهر، ساداتن سڳورن ۽ وقت جي ڀلارن جو سڪونت گاهہ هو. هينئر ڪن سالن کان (يعني ۱۱۸۱هہ تصنيف تحفہ الڪرام کان اڳ) شهر رهاڪن سميت گم آهي. آباديءَ جو باقي بچيل حصو ڌاراجا جي سامهون واري زمين ڌانهن لڏي ويو آهي.“

بهر حال هيءَ بحث ڊگهو آهي ۽ گهڻي تحقيق جو محتاج آهي. اسين هن کي ٻئي موقعي لاءِ ڇڏيون ٿا ۽ پنهنجي ڪتاب ”سنڌ تحت سيطرت العرب“ ۾ انهيءَ تي هڪ مبسوط مقالو

لکنداسون. (١) [٢٦٢]

ص ٨. دارالخلافت کان حکم صادر ٿيو هو الخ حجاج بن يوسف خليفي جي حکم سان (ڦهريون) محمد بن قاسم کي نه موڪليو هو، بلڪ ڪانئس اڳ عبيدالله بن نبهان ۽ بديل بن طهفہ کي ديبل فتح ڪرڻ لاءِ موڪليو هئائين. پر ٻئي شڪست کائي شهيد ٿي ويا. (بلاذري، طبع ليڊن، ص، ٤٣٥) انهن جي شهادت کان پوءِ نجومين جي صلاح سان محمد بن قاسم کي سنڌ جي فتح ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيائين.

ص ٨. الور: الور جا ڊڙا اڄ تائين روهڙيءَ جي ويجهو ظاهر آهن. (١)

ص ١٢. ديبل جي سرحد: چچنامي ۾ هن جاءِ تي "سيوستان" آهي.

ص ١٦. ڪانئس پوءِ سنڌ س وڏو پٽ ڏاهر جاءِ نشين ٿيو: هتي مير معصوم اختصار خاطر چچ جي ڀاءُ چندر جو نالو ڪڍي ڇڏيو آهي، جنهن چچ کان پوءِ ست سال حڪومت ڪئي هئي.

---

(١) عزيزي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ديبل متعلق پنهنجي هڪ تحقيقي مقالي ۾ هن مسئلي جي گهٽي چنڊ ڇاڻ ڪئي، جنهن جو حاصل مطلب ته جملي عرب مؤرخن جي اتفاق موجب ديبل درياءَ سنڌ (يا ان جي ڪنهن شاخ) جي گهڻو الهندي طرف هو، ۽ سمنڊ جي ڪاري تي هو. انهيءَ لحاظ سان ديبل ڪراچي کان ميرپور ساڪري تائين ڪنهن به جڳهه تي ٿي سگهي ٿو. ڪاري جي لحاظ ساڻ ڀنڀور جو ڀڙو غالبا ديبل جو آهي؛ ڇاڪاڻ ته ڪوٽائي مان اتي عربي آثار ۽ گورنر منصور جا سڪا لڌا آهن.
(مترجم)

(١) الور جو قديم شهر هينئر روهڙيءَ کان تقريبا پنج ميل ڏکڻ اوڀر طرف موجود آهي، جتي اڄا تائين هڪ ننڍڙو ڳوٺ آباد آهي، جنهن کي ماڻهو اروڙ يا ڪالڪان سڏيندا آهن.
(مترجم)

ص ٢٤ . ڏاهر اروڙ شهر ۾ قلعي بند ٿي ويهي رهيو :: چچنامہ موجب ڏاهر راور جي قلعي ۾ بند ٿيو هو .

ص ٢٧ . ٿريءَ جي آسپاس : هن ٿريءَ کي اڄڪلهہ ٿرڙي، سڏين ٿا . هن جا ڏڙا حيدرآباد ضلعي ۾ محبت ديري جي ويجهو موجود آهن . هي سومرن جي تختگاهن مان هڪڙو هو . جنهن، سندن احوال ۾ لکيل آهي . (١)

ص ٢٧ . اسڪندره : هن شهر کي پراڻو اُچ ڄهرايو ائن .. (ڏسو راورتي : مهران ص ٢٤٤—٢٥٥، حاشيو نمبر ١٩٢)

ص ٢٩ . ٣١ . محمد بن قاسم جي پڇاڙيءَ جي ڳالهہ : هيءَ سڄي ڳالهہ چچنامہ تي ٻڌل آهي، ۽ مير معصوم ڪنهن به تحقيق، ۽ ويچار کان سواءِ اها پنهنجي ڪتاب ۾ داخل ڪئي آهي . اسان، هن ڳالهہ جي ترديد سيني دليلن سان چچنامہ جي حاشيي ۾ لکنداسون . هتي فقط بلاذري جي هيٺين فقري نقل ڪرڻ تي، اڪتفا ٿا ڪريون .

مات الوليد بن عبدالملک (٩٦هـ) و ولي سليمان بن عبدالملک . فاستعمل صالح بن عبدالرحمان علي خراج العراق . و ولي يزيد . ابن ابي کبشتہ السکسکي السند . فحمل محمد بن القاسم مقيدا مع معاويتہ بن المهلب ... فحبسه صالح بواسط ... و عذبه في رجال من آل ابي عقيل حتي قتلهم . و کان الحجاج قتل آدم اخا صالح و کان يري راي الخوارج (فتوح البلدان ص ٤٤١)

(وليد بن عبدالملک جي مرڻ تي سليمان بن عبدالملک حاکم ٿيو . هن صالح بن عبدالرحمان کي عراق جي ڍل (وصول

---

(١) عبارت مان مراد اها "ٿري" نہ آهي، بلڪ مير معصوم "فتحنامہ (چچنامہ) ۾ ڏنل شهر "سانودري" کي "ٿري" سان منجهائي لکيو آهي . "سانودري" تحقيق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ "ساوڙي" جا نوابشاهہ ضلعي ۾ دوڙ جي اسٽيشن کان پنج ميل اولهہ طرف آهي . (مترجم)

ڪرڻ) تي مقرر ڪيو ۽ يزيد بن ابي ڪبشت سڪسڪيءَ کي سنڌ جو حاڪم بنايو، جنهن محمد بن قاسم کي ٻيڙيون وجهي معاويہ بن مهلب سان ڏياري موڪليو، پوءِ صالح هن کي واسط ۾ قيد رکيو ۽ ابي عقيل جي گهراڻي جي ٻين آدمين سان گڏ، ڪيس عذاب ڏيئي، نيٺ سيني کي قتل ڪري ڇڏيائين. ۽ حجاج صالح جي ڀاءُ آدم کي قتل ڪيو هو، ڇاڪاڻ تہ هو خارجين جهڙا خيال رکندو هو.)

ڳالھ، جي حقيقت هن طرح آهي تہ وليد بن عبدالملڪ پنهنجي خلافت جي پوين ڏينهن ۾ پنهنجي ڀاءُ سليمان بن عبدالملڪ کي خلافت جي گاديءَ کان هٽائي، پنهنجي پٽ کي وليعهد ڪرڻ تي چاهيو. حجاج بن يوسف، قتيبہ ۽ ٻين ليڊرن کي بہ هن ڳالھ ۾ پاڻ سان متفق ڪيو هئائين. حجاج بن يوسف [٢٦٥] سن ٩٥هہ ۾ مري ويو ۽ وليد پڻ پنهنجي رٿ راس ٿيڻ کان اڳ ۾ سن ٩٦هہ ۾ هن جهان کان موڪلائي ويو ۽ سندس ڀاءُ سليمان خلافت جو وارث ٿيو، جنهن انتقام وٺڻ لاءِ حجاج جي سيني تابعدارن کي سندن عهدن کان علحدو ڪيو ۽ عراق جو ملڪ صالح بن عبدالرحمان کي ڏنو. جنهن پنهنجي ڀاءُ آدم، جنهن کي حجاج قتل ڪيو هو، جي بدلي ۾ حجاج جي سوٽ ۽ نائي يعني محمد بن قاسم کي ايذاءَ ڏنا، جنهن نيٺ ساھہ ڏنو. (ڏسو ميور: خلافت، مطبوعہ ١٩٢٤ع ص ص ٣٥٤، ٣٦٢، ٣٦٤.)

ص ٣١: دجلي ۾ اڇلايائون: بني اميہ جو دارالخلافت دمشق هو، نہ بغداد، جنهن جو انهن ڏينهن ۾ وجود ئي ڪونہ هو. تنهنڪري ڏاهر جي ڌيئرن کي دجلي ۾ اڇلائڻ، جڏهن تہ هو دمشق ۾ هيون هڪ اهڙي غلطي آهي جا هڪ خسيس تاريخ نويس پڻ نہ ڪري سگهندو. تنهن کان سواءِ محمد بن قاسم واسط جي جيل ۾ مري ويو هو، پوءِ هن کي دمشق جي مقام ۾ ڪفن دفن ڪيائون؟ معلوم ناهي تہ مير معصوم هيءَ روايت ڪٿان ورتي آهي، ڇاڪاڻ تہ چچنامہ جي تاريخ هن جملي تي ختم ٿي ٿئي تہ

”خليفه فرمود تا هرد و خواهر را در ديوار گرفتند“ [خليفي جي فرمائڻ تي ٻنهي ڀينرن کي ڀت ۾ لنبي ڇڏيائون.] انهيءَ کان وڌيڪ هڪ اکر نه آهي.

ص ٣١. خليفي جي گورنرن جي هٿ ۾ رهيو: بني اميه جا گورنر جيڪي محمد بن قاسم کان پوءِ (١) سنڌ جي حڪومت ڪرڻ آيا تن جا نالا بلاذري جي تصنيف فتوح البلدان ۽ يعقوبي جي تاريخ موجب هن طرح آهن:

١- يزيد بن ابي ڪبشه سڪسڪي (سليمان بن عبدالملڪ ٩٦-٩٩ ھ جي ڏينهن ۾) ارڙهن ڏينهن لاءِ [٢٦٦]

٢- حبيب (٢) بن المهلب بن ابي صفره (سليمان بن

---

(١) تحفة الڪرام (جلد ٣، ص ٢٣) جو بيان ته محمد بن قاسم کان پوءِ ابو حفص قتيبه بن مسلم حجاج جي طرفان آيو، هڪ تاريخي غلطي آهي، ڇاڪاڻ ته حجاج محمد بن قاسم جي موقوفيءَ کان هڪ سال اڳ ۾ فوت ٿي ويو هو. اهڙيءَ طرح تميم بن زيد جو حجاج هٿان موڪلڻ پڻ فاحش غلطي آهي، ڇو ته هي گورنر هشام بن عبدالملڪ جي زماني ۾ سنڌ ۾ آيو. (حاشيه ع. م.)

(٢) مير معصوم (ص- ٣١) ۾ انهيءَ کان پوءِ تحفة الڪرام (ج - ٣. ص- ٢٣) لکيو آهي ته سليمان بن عبدالملڪ پنهنجي زماني ۾ عامر بن عبدالله کي سنڌ جي حڪومت تي مقرر ڪيو. اهو پڻ عربي تاريخن جي لحاظ کان غلط آهي. هن ماڻهوءَ جو نالو ڪٿي به نٿو لڀي. ساڳيءَ طرح مير معصوم (ص- ٣١) جو قول ته بني اميه جي پوئين خليفي مروان ابوالخطاب کي سنڌ جي گورنري ڏني، پڻ غلطي آهي. مروان پنهنجي ڏينهن ۾ يزيد بن عمر بن هبيره فزاريءَ کي عراق جو حاڪم مقرر ڪيو ۽ ان جي ڏينهن ۾ منصور بن جمهور ڪلبي عراق کان ڀڄي سنڌ ۾ آيو ۽ اچي سنڌ جي گورنر يزيد بن عرار سان جنگ ڪيائين. يزيد شڪست کائي امان گهري، پر منصور کيس جيئرو گرفتار ڪري سنڌ س چوطرف ٿنيو ٺهرائي ڇڏيو ۽ ابو مسلم خراساني جي ظاهر ٿيڻ تائين خود مختار حاڪم ٿي رهيو. ” يعقوبي ص ٤٠٧“ (حاشيه ع. م.)

عبدالملڪ جي ڏينهن ۾).

٣- عمرو بن مسلم الباهلي (عمر بن عبدالعزيز ٩٩-١٠١هہ جي ڏينهن ۾).

٤- جنيد بن عبدالرحمان مري (هشام بن عبدالملڪ ١٠٥-١٢٥هہ جي ڏينهن ۾).

٥- تميم بن زيد عتبي (هشام بن عبدالملڪ ١٠٥-١٢٥هہ جي ڏينهن ۾).

٦- حڪم بن عوانہ ڪلبي (هشام بن عبدالملڪ جي ڏينهن ۾).

٧- عمرو بن محمد بن القاسم (هشام بن عبدالملڪ جي ڏينهن ۾).

٨- يزيد بن عرار (وليد بن هشام ١٢٥-١٢٦هہ جي ڏينهن ۾).

٩- منصور بن جهور ڪلبي (مروان الحمار ١٢٧-١٣٢هہ جي ڏينهن ۾).

## عباسين جا گورنر

١- مغلس بن سري عبدي (ابوالعباس سفاح ١٣٢-١٣٦هہ جي ڏينهن ۾).

٢- موسيٰ بن ڪعب تميمي (ابوالعباس سفاح جي ڏينهن ۾).

٣- عيينہ بن موسيٰ بن ڪعب (ابو جعفر منصور ١٣٦-١٥٨هہ جي ڏينهن ۾).

٤- عمر بن حفص بن عثمان هزار مرد (منصور جي ڏينهن ۾).

٥- هشام بن عمرو تغلبي (منصور جي ڏينهن ۾).

٦- هشام جو ڀاءُ بسطام بن عمرو (منصور جي ڏينهن ۾).

٧- معبد بن خليل تميمي (منصور جي ڏينهن ۾).

٨- روح بن حاتم بهلبي (مهدي ١٥٨-١٦٩هہ جي ڏينهن ۾).

۹- نصر بن محمد الاشعث خزاعي (مهديءَ جي ڏينهن ۾).
۱۰- عبدالملڪ بن شهاب مسمعي (مهديءَ جي ڏينهن ۾).
۱۱- نصر بن محمد بن الاشعث خزاعي (مهديءَ جي ڏينهن ۾) [۲٦٧]
۱۲- زبير بن العباس (مهديءَ جي ڏينهن ۾)
۱۳- سطيع بن عمرو تغلبي جنهن پنهنجي پاران ليث بن ظريف کي سنڌ ۾ موڪليو (مهديءَ جي ڏينهن ۾)
۱۴- سالم يونسي (۱) اسماعيل بن علي جو آزاد ڪيل غلام (هارون الرشيد ۱۷۰-۱۹۳ھ، جي ڏينهن ۾)
۱۵- اسحاق بن سليمان بن علي هاشمي (هارون جي ڏينهن ۾)
۱٦- طيفور بن عبدالله بن منصور حميري (هارون جي ڏينهن ۾)
۱۷- سعيد بن مسلم بن قتيبه جنهن پنهنجي پاءَ ڪثير جي ڏينهن ۾)
۱۸- عيسيٰ بن جعفري بن منصور جنهن محمد بن عدي تغلبيءَ کي پنهنجي پاران موڪليو (هارون جي ڏينهن ۾)
۱۹- عبدالرحمان ...... (هارون جي ڏينهن ۾)
۲۰- ايوب بن جعفر بن سليمان (هارون جي ڏينهن ۾)
۲۱- دائود بن يزيد بن حاتم مهلبي سن ۱۸۴ھ، ۾ هن پنهنجي ڀاءَ مغيره کي پنهنجي پاران موڪليو (هارون جي ڏينهن ۾)

---

(۱) مير معصوم (ص- ۳۱) موجب هارون الرشيد سن ۱۷۰ھ ۾ ابوالعباس کي سنڌ جي حڪومت لاءِ موڪليو ۽ هو ڏکهو عرصو سنڌ ۾ رهيو. هيءَ پڻ تاريخ جي عربي ڪتابن موجب غلطي آهي. (حاشيه ع.م.)

٢٢- بشير بن دائود (امين ١٩٣-١٩٨ ھ جي ڏينهن ۾)
٢٣- موسيٰ بن يحييٰ بن خالد بن برمڪ (مامون ١٩٨-٢١٨ھ، ۽ معتصم بالله ٢١٨-٢٢٧ ھ جي ڏينهن ۾)
٢٤- عمر بن موسيٰ (معتصم بالله جي زماني ۾)
٢٥- ايتاخ ترڪي جنهن عنبسه بن اسحاق ضبئي کي پنهنجي پاران سنڌ ۾ موڪليو (الواثق بالله ٢٢٧-٢٣٢ ھ جي ڏينهن ۾) [٢٦٨]
٢٦- هارون بن ابي خالد (متوڪل ٢٣٢-٢٤٧ ھ جي ڏينهن ۾)
٢٧- عمر بن عبدالعزيز هباري (متوڪل جي ڏينهن ۾)
٢٨- ابوالصمه (سن ٢٥٥ ھ ڌاري)

اسين هنن سيني گورنرن جو احوال پنهنجي ڪتاب، جنهن جي جوڙڻ جو ارادو آهي "تاريخ سنڌ تحت سيطرت عرب" (Sind Under Arab Dominion) ۾ ڪولي لکنداسون. جلد يءَ ۾ هن قدرتي اڪتفا ڪريون ٿا.

سن ٢٥٨ ھ ۾ خليفي معتمد (٢٥٦-٢٧٩ ھ) پنهنجي پاءَ ابو احمد الموفق کي اسماعيل بن اسحاق قاضي ۽ ابوسعيد انصاري سان يعقوب بن ليث صفار ڏانهن قاصد ڪري موڪليو ۽ بلخ، تخارستان، پارس، ڪرمان، سجبستان ۽ سنڌ ملڪن جي حڪومت جو پروانو، عهد نامون ۽ جهنڊو ڪيس عنايت ڪيو. انهيءَ تي يعقوب خوش ٿي انهن کي نوازيو. (تاريخ سيستان طبع طهران ١٣١٤ شمسي ص- ٢٢٨)

يعقوب بن ليث سترهن سال ۽ نو مهينا اميري ڪئي ۽ خراسان، سيستان، ڪابل، سنڌ، هندستان، فارس ۽ ڪرمان سڀ سندس پرڳڻا هئا. (ساڳي ماخذ- ص ٢٣٣) ڪانئس پوءِ سن ٢٦٥ ھ ۾ خليفي معتمد اهي سڀ ۽ ٻيا ملڪ عمرو بن ليث (٢٦٥-٢٨٧) کي عطا فرمايا.

ص ٣٢- القادر بالله: (٣٨١-٤٢٢ھ) ۽ محمود غزنويءَ

جي ساري ٻادشاهي هن خليفي جي خلافت واري وقت ۾ اچي ٿي ويئي.

ص ٣٢- ملتان ۽ اُچ جا شهر هٿ ڪري القادر بالله جي گورنرن کي ڪيڏي ڇڏيائين: مير معصوم جي هيءَ تقرير نهايت ئي ضعيف آهي. مذڪور خليفي (سلطان) محمود جي تخت تي ويهڻ جي ٻهرين ئي سال خراسان جو پروانو، [٢٦٩] جهنڊو، قيمتي سروپاءِ ۽ ڇٽ ساڻ ڏيئي وٽس قاصد موڪليو ۽ امين الدوله، امين الملته ابوالقاسم محمود ولي اميرالمومنين جو لقب پڻ عطا ڪيو. (زين الاخبار ص- ٦٢) پوءِ ستن سالن کان پوءِ محمود ڪهڙي سبب کان خليفي کان ناراض ٿي، سندس ماڻهو ملتان مان ڪڍي ڇڏيا. انهيءَ وقت ملتان جو حاڪم دائود بن نصر قرمطي هو ۽ جيئن مشهور آهي ته قرمطي عباسين جا مخالف هوندا هئا. پوءِ ڪيئن ٿو ٿي سگهجي ته هو القادر بالله جي ماڻهن مان هڪڙو هو؟ زين الاخبار (ص ٦٥، ٦٦، ٧٠) جي لکڻ موجب سلطان محمود سن ٣٩٦ هه ۾ انند پال بن جئپال کي شڪست ڏيئي "هندستان" جي رستي ملتان پهتو، ۽ انهيءَ شهر کي ست ڏينهن گهيرو ڪيائين. نيٺ ماڻهن وچ ۾ پيئي صلح ڪرايو ته ملتان جي حڪومت مان هر سال ويهه، ويرا هزار درهم ڏنو ويندو. لهراءِ ڪري امير محمود موٽي ويو. ٻيهر سن ٤٠١هه ۾ وري ملتان آيو ۽ ملتان ملڪ جو رهيل حصو هٿ ڪيائين ۽ اتي جي رهندڙ قرمطين مان وڏي حصي کي گرفتار ڪري ڪن کي قتل ڪيائين، ڪن جا هٿ وڍيائين ۽ سخت سزائون ڏنائين ۽ ڪن کي قلعن ۾ بند رکيائين، جيڪي سيئي نيٺ اُتي مري ويا. انهيءَ سال دائود بن نصر کي گرفتار ڪري غزني آڻي، اتان غورڪ جي قلعي ۾ موڪليائين ۽ مرڻ تائين هو انهي قلعي ۾ رهيو.

ص ٣٣- ۽ ملتان مان عبدالرزاق وزير کي ڪجهه فوج ڏيئي سنڌ جي تابع ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيائين: هن تقرير لاءِ پڻ ڪابه معتبر ماخذ ڪانهي. نه وري (سلطان) محمود جي وزيرن ۽

سپھ سالارن مان ڪو ماڻھو عبدالرزاق جي نالي سان ھو. باقي خواجہ احمد بن حسن ميمندريءَ ڪي عبدالرزاق نالي ھڪ پٽ ھو، جنھن کي امير مودود بن مسعود (٤٣٢-٤٤٠) سيستان تي مقرر ڪيو ھو ۽ ھن عبدالرشيد بن مسعود (٤٤٠-٤٤٤ھ) کي قيد مان ڇڏائي غزني ۾ آڻي علي بن مسعود (٤٤٠ ھ، ڪجهہ مهينا) جي بدران تخت تي ويهاريو (ڏسو طبقات اڪبري ج ١، ص ٣١) سلطان مسعود جي ڏڪڙي پٽ جو نالو [٢٧٠] پڻ عبدالرزاق ھو (ڏسو طبقات ناصري، ترجمو ميجر راورٽي، ج اول، ص ٩٥، حاشيہ نمبر ٧).

ھن (ڳالھہ) ڪان قطع نظر سان بہ سلطان محمود ۽ سندس جانشين جي ھٿان سنڌ جي فتح ثابت ناھي. فقط ھيترو آھي تہ سن ٤١٦ ھ ۾ (سلطان محمود سومنات ڪي ٿي تيا، ڪڇ جي رڻ جي رستي ڪان منصوره (سنڌ جو تختگاھہ) ۾ پهتو ۽ اتان جي قرمطي حاڪم خفيف سندس اڳيان پڇي سنڌو ندي ٽپي وڃي پاڻ کي ڪجين جي جهنگل ۾ لڪايو. سلطان محمود پنهنجا آفيسر ھن جي پويان موڪليا، جن سندس ڇانوڻيءَ کي گهيرو ڪري ان جا ڪيترا ماڻھو قتل ڪري ڇڏيا. [ھيءَ حقيقت فرخيءَ جي ھڪ قصيدي مان ظاھر ٿئي ٿي، ڏسو "سلطان محمود" تاليف ڊاڪٽر محمد ناظم. ص-١٢٠] قوي احتمال آھي تہ مٿيون خفيف سومرن حاڪمن مان ھڪڙو ھجي جن جو مذھب قرمطي اسماعيلي ھو جيئن ھن طبقي جي احوال ۾ بيان ٿيندو.

جيڪڏھن سنڌ جو ملڪ محمود جي ھٿ ھيٺ ھجي ھا ۽ اتي جي حاڪمن ھن جي تابعداري قبول ڪئي ھجي ھا، تہ خفيف سومرو سندس اڳيان پڇي نہ وڃي ھا. ازانسواءِ گرديزيءَ کي معلوم ٿيو آھي تہ ھن ڪان پوءِ سلطان محمود، سنڌو ندي جي ڪناري جي رستي ملتان ڏانهن رخ رکيو ۽ انهيءَ رستي ملتان پهچڻ تائين لشڪر کي بيابان جي خشڪي ڪان خواھ سنڌ جي

جتن کان خواهہ ٻئي قسم جي ڏاڍي تڪليف پهتي ۽ اسلامي لشڪر جا گهڻا ماڻهو انهيءَ رستي ۾ مري ويا ۽ وهڻن جو به وڏو حصو برباد ٿي ويو. (ص ۸۲) ۽ امير محمود رحمت الله عليہ کي ملتان جي جتن ۽ سنڌو نديءَ جي ڪناري وارن پاڙين تي انهن بي ادبين، جيڪي سومنات واري رستي ۾ ڪيون هئائون، جي ڪري دل ۾ سخت ڪاوڙ هئي ۽ انهن جو بدلو وٺڻ ۽ انهن جي گوشمالي ڪرڻ چاهيائين. (ص ۸۸) آخر سن ۴۱۸ هہ ۾ انهن کي عبرت انگيز سزا ڏنائين. (ڏسو زين الاخبار ص، ۸۸، ۸۹ ۽ طبقات الاڪبري جلد اول، ص ۱۷-۱۸) هن مان نتيجو ٿو نڪري تہ سلطان محمود هن واقعي کان اڳ هن طرف جو واقف نہ هو ۽ شايد هن سال کان پوءِ ملتان ۽ سنڌ جو پورو ملڪ غزنوين جي تصرف هيٺ اچي ويو هجي. [۲۷۱]

ص ۳۳- شهاب الدين: تخت تي ويهڻ کان پوءِ معز الدين جو لقب (۱) اختيار ڪيائين.

ص ۳۳- (فارسي) عبارت منجهيل آهي ۽ هن طرح ٿيڻ گهرجي "و سلطنت بہ شهاب الدين منتقل شد" (۲)

ص ۳۳- سن ۵۹۱ هہ ۾: هيءَ لڪنڊڙ جي غلطي آهي، صحيح سن ۵۷۱ هہ آهي.

ص ۳۳- ملتان اُچ فتح ڪري: طبقات ناصري (ص ۱۱۶) جي عبارت هن طرح آهي: "بر سمت ملتان لشڪر ڪشيد و از دست قرامطہ ملتان را مستخلص ڪرد" (ملتان تي حملو ڪري، ملتان کي قرمطين جي هٿان آزاد ڪيائين) تاريخ مبارڪشاهيءَ جي عبارت (ص، ۵-۶) "در سن احدي و سبعين و خمسمات سمت اچہ و

---

(۱) اصل ۾ لقب جي جاءِ تي "ڪنيہ" لکيل آهي، مگر اهو غلط آهي ڇاڪاڻ تہ "ڪنيہ" جي ابتدا ۾ اب يا ابن لفظ جو هئڻ ضروري آهي، جيئن تہ ابوبڪر، ابن عباس وغيره. (مترجم)

(۲) ترجمي ۾ عبارت پوريءَ طرح درست ڪئي وئي آهي. (مترجم)

ٻهاطيه (۱) و ملتان لشڪر ڪشيد. طائفه ٻهاطيه در حصار اچ محصر شده به سلطان محاربه ڪردند. بعد مدتي بعون الله تعاليٰ حصار اچ فتح شد. اقطاع ملتان و اچ سر سپه سالار علي ڪرماخ را داد و خود طرف دارالملڪ غزنين مراجعت فرمود" (سن ۵۷۱ ھ ۾ اَچ، ڀاٽيه ۽ ملتان جي طرف تي حملو ڪيائين. ڀاٽين اَچ جي قلعي ۾ قلعيبند ٿي، سلطان سان جنگ جوٽي. ٿوري وقت ڪان پوءِ الله تعاليٰ جي مدد سان اَچ جو قلعو فتح ٿيو. ملتان ۽ اَچ جا پرڳڻا سپه سالار علي ڪرماخ کي ڏيئي، پاڻ غزنين جي تخت ڏانهن موٽي ويو) طبقات اڪبري جي مصنف انهن ئي عبارتن کي ملائي هن طرح لکيو آهي: (ج اول، ص ۱۶) "بعد از يڪ سال (يعني در سن ۵۷۱ ھ) لشڪر بجانب اچه برده، ملتان را از دست قرامطه بر آورده متصرف شد و طائفه ٻهاقيه در حصار اَچه متحصن شده چند روز محاربه ڪردند. آخر فتح شد و ملتان نيز مسخر گشت و اَچه و ملتان حواله علي ڪرماخ نموده بجانب غزنين مراجعت نمود" (هڪ سال ڪان پوءِ يعني سن ۵۷۱ ھ ۾ اَچ ڏانهن لشڪر وٺي ويو (۽) ملتان قرمطين جي هٿان ڪڍي پنهنجي قبضي ۾ ڪيائين. ڀاٽين اَچ جي قلعي ۾ قلعيبند ٿي ڪي ڏينهن لڙائي ڪئي؛ آخر فتح ٿي ۽ ملتان پڻ هٿ آيو. اَچ ۽ ملتان علي ڪرماخ جي حوالي ڪري (پاڻ) غزنين ڏانهن موٽي ويو.)

انئين پڻ معلوم ٿو ٿئي ته سن ۴۰۱ ھ ۾ سلطان محمود هٿان قرمطين جي پاڙ پٽجڻ کان بعد، انهن غالبا وري سلطان محمود جي وفات ۽ غزنين جي طاقت ضعيف ٿيڻ ڪان پوءِ ملتان ۽ ان جي آسپاس کي پنهنجي قبضي هيٺ آندو آهي، ڪيئن ۽ ڪهڙيءَ طرح سو معلوم ناهي. [۲۷۲]

(۱) اصل متن ۾ "تهتهه" لکيل آهي جو ظاهر ظهور غلطي آهي. (حاشيه ع-م)

هيو ن ) سنڌ ڏانهن وڃي ملتان، اُچ، بکر ۽ سيوستان تي متصرف ٿيو.“ طبقات ناصري جي (ص، ١٤٣،١٤٢) مصنف کي هن کان وڌيڪ معلومات آهي ۽ چوي ٿو ته سلطان قطب الدين جي حادثي کان پوءِ جڏهن ملڪ ناصرالدين قباچه اُچ ڏانهن ويو، تڏهن ملتان جو شهر هٿ ڪيائين [٢٧٣] ۽ سمنڊ جي ڪناري تائين هندستان ۽ ديول تي متصرف ٿي، سنڌ ملڪ جا قلعا، ڪوٽ ۽ شهر ورتائين ۽ چتر (چتور) وڃي تبرهنده، ڪهرام ۽ سرستي جي حدن تائين ملڪ قبضي ۾ آندائين. لاهور (پٽڻ) به ـ ٽي دفعا ورتائين...... هن ۽ سلطان شمس الدين ايلتمش جي وچ ۾ تڪرار هوندو هو.

ص ٥٠٣- انهيءَ وقت ۾ چنگيز خان جي هڪ فوج: هتي مير معصوم سلطان جلال الدين منگربرني خوارزم شاهيءَ جي سنڌ ۾ اچڻ ۽ ناصرالدين قباچي سان لڙائي ڪرڻ جو بيان نه ڪيو آهي. جنهن صورت ۾ سلطان جلال الدين جو لنگهڻ سنڌ جي تاريخ جو هڪ ضروري جزو آهي، تنهنڪري هن جو ڪجهه ٿورو ذڪر ڪرڻ بيجا نه ٿيندو:

جڏهن سلطان جلال الدين سنڌو نديءَ جي ڪناري واري لڙائيءَ ۾ (سن ٦١٨هه) چنگيز خان جي لشڪر کان شڪست کائي سلطان شمس الدين ايلتمش جي مدد ۽ همدرديءَ کان نا اميد ٿي لاهور وٽ پهتو، تڏهن سندس ٽڙيل لشڪر جا ڏهه هزار ماڻهو اچي اتي گڏ ٿيا. پوءِ هن لشڪر جو هڪ ڀاڱو جود جبل ڏانهن موڪليائين، جيڪي کوکرن کي شڪست ڏيئي غنيمت جو سامان پاڻ سان کڻي موٽي آيو. سلطان جلال الدين کوکرن جي حاڪم (راءِ کوکار سنگين) کان ڌيءَ جو سنگ گهريو. کوکرن جي راجا نه فقط سلطان جي هيءَ گهر قبول ڪئي، بلڪ پنهنجي لشڪر جو هڪ دستو پنهنجي پٽ جي اڳوانيءَ هيٺ سلطان جي مدد لاءِ ڏياري موڪليائين: (ڏسو طبقات ناصري، راورٽي جو ترجمو، ج، ا، حاشيه ٢٩٤) راجا کوکار سنگين ۽ قباچه جي وچ

ڪان ڏاڍا اٿ (۱) آندا ۽ سلطان ديول جي بتخاني واري جاءِ تي جامع مسجد ٺهرائي. (تاريخ جهان ڪشا جويني، جلد ثاني ص، ۱۴۶-۱۴۸)

ص ۳۶- سيوستان جي شهرن تي ... غلبو ڪري ويا. ص ، ۲۴. طبقات ناصري (ص ، ۱۴۳) وڌيڪ وضاحت سان چوي ٿو: خلجين جو لشڪر جو خوارزمين جي لشڪر مان هو تن منصوري جي سر زمين جا سيوستان جي شهرن مان آهي، تي غلبو ڪيو ۽ سندن اڳواڻ ملڪ خان خلجي هو (هن اجمال جي تفصيل ۽ ملڪ خان جي تشخيص لاءِ طبقات ناصري جي ترجمي ڏانهن رجوع ڪريو. جلد اول ص ۵۳۹، حاشيه ۵. ع. م.)

ص ۳۶- سن ۶۲۴ هه ۾: صحيح سن ۶۲۵ هه ۾.

ص ۳۶- نظام الملڪ محمد بن اسعد: صحيح نظام الملڪ محمد بن ابي اسعد ۽ علامه قزويني جي لباب الالباب جي مقدمي ۾ تصريح موجب سندس سچو نالو "نظام الملڪ قوام الدين محمد بن ابي اسعد الجنيدي" آهي نه نظام الملڪ، ڪمال الدين محمد ابي سعيد جيئن طبقات ناصريءَ جي ترجمي ص ، ۶۳۴. حاشيه ۱ ۾ آيل آهي.

ص ۳۶- پاڻ دهليءَ ڏانهن موٽي ويو: طبقات ناصري (ص ۱۴۴ ۽ ۱۷۳) جي چوڻ موجب سلطان (شمس الدين ايلتمش) اُچ جي قلعي جي دروازي تي ٻه مهينا ستاويهه ڏينهن ويٺو رهيو، ۽ نظام الملڪ محمد جنيدي ۽ ٻين ملڪن کي ملڪ ناصر الدين جي ڪڍ بکر ڏانهن موڪليائين.

ص ۳۶- سندس عمر جي ٻيڙي فنا جي درياءَ ۾ غرق ٿي: علامه قزويني لباب الالباب [۲۷۶] جي مقدمي (ص ڪ) ۾، جوامع الحڪايات موجب، ناصر الدين قباچه جي پڇاڙي هن طرح

(۱) هن فارسي عبارت ۾ خلل آهي. اسان جي خيال ۾ عبارت هن طرح هئڻ گهرجي: "و خاص خان را فرستاد با لشکر تاختني بر جانب نهر واله و از نهر واله شتر بسيار آوردند" (مترجم)

بيان ڪري ٿو: ”مهيني جمادي الاخر ۾ ٻکر جو قلعو فتح ٿيو. ناصر الدين قباچہ ٻکر جي ڳهيري مان نڪري قلعي ۾ ويو. پنهنجا مال ۽ خزانا پنهنجي پٽ بهرام شاهہ جي هٿان ايلتمش جي خدمت ۾ موڪلي، معافي جو عرض ڪيائين. ايلتمش ڪيس پنهنجي سر خدمت ۾ حاضر ٿيڻ جو حڪم ڏنو. ناصر الدين هن ذلت جي خواري پنهنجي مٿان ناپسند ڪري ۽ هھڙي حياتيءَ تي موت کي ترجيح ڏيئي، ١٩ جمادي الاخر سن ٦٢٥هہ ڇنڇر جي رات پاڻ کي ٻکر جي قلعي تان سندونديءَ ۾ اڇلايو. هن کان پوءِ طبقات ناصري وارو (ص ١٢٣) چوي ٿو تہ ”اهو ملڪ سمنڊ جي ڪناري تائين فتح ٿيو ۽ ديول ۽ سنڌ جو والي ملڪ سنان الدين چنيسر (١) شمسي (شمس الدين ايلتمش جي) درگاهہ جي خدمتگارن ۾ شامل ٿيو.“ (٢)

**ص ٣٦-** سن ٦٢٤ هہ، ۾: صحيح سن ٦٢٥ هہ ۾ پڻ ابن اسعد غلط آهي ان جي جاءِ تي ابن ابي اسعد (٣) هجڻ گهرجي جيئن مٿي واضح ٿي چڪو آهي.

**ص ٣٧-** نورالدين محمد: تاريخ جي ٻين ڪتابن ۾ هن ماڻهوءَ جو نالو ڪونہ ٿو لڀي. ليڪن طبقات ناصري (ص ٢٣٢ —٢٣٣) جو مصنف چوي ٿو تہ ”جڏهن سلطان شمس الدين اُچ جي قلعي هيٺان ڇانوڻي هنئين، تڏهن سن ٦٢٥ هہ ۾ ڪزلڪ خان (ملڪ تاج الدين ”سنجر“ ڪزلڪ خان) کي بادشاهيءَ جي وزير نظام الملڪ محمد جنيديءَ جي خدمت ۾ ٻکر جي قلعي

(١) اصل متن ۾ جشن آهي جو ظاهر ظهور غلطي آهي.
(حاشيہ ع. م)

(٢) اطاعت قبول ڪرڻ کان پوءِ شايد نظام الملڪ محمد جنيدي، يا ڪزلڪ خان دهليءَ موٽي ويا هوندا.
(حاشيہ ع. م)

(٣) اصل ۾ ”سعد“ آهي پر صحيح ”اسعد“ آهي جيئن مٿي مقدمہ لباب الالباب جي حوالي سان گذري چڪو آهي.
(مترجم)

ڏانهن موڪليائين. ٿوري مدت کان پوءِ، جنهن بيان ٿي چڪو، اهو قلعو فتح ٿيو ۽ ملڪ ناصرالدين قباچه عليہ الرحمت سنڌ وندي ۾ ٻڏي ويو ۽ اُچ جو قلعو ۽ هٿ آيو. اُچ جو شهر ۽ قلعو، آسپاس ۽ گردو نواح سميت سمورو ملڪ ڪزلڪ خان جي حوالي فرمايائون ۽ جڏهن سلطان دهليءَ جي تختگاهه موٽڻ فرمايو، تڏهن ڪزلڪ خان اهو ملڪ ضابطي هيٺ [٢٧٧] آڻي آباد ڪرايو ۽ ٽڙيل پکڙيل خلق کي گڏ ڪري، خاص ۽ عام مخلوق سان انصاف ۽ مهربانيءَ سان گذارڻ لڳو، سيني سان عدل ۽ احسان جو طريقو اختيار ڪيائين ۽ رعيت جي امن امان ۽ رهاڪن جي آرام لاءِ ڪوشش ڪندو رهيو. ڪجهه وقت کان پوءِ خاتمو بالخير، ايمان جي سلامتي، صدقا، احسان، خيراتون ۽ ڀلايون ساڻ کڻي سن ٦٢٩ هه ۾ دنيا جي منزل کان آخرت جي آرام گاهه ڏانهن لڏي ويو. عليہ الرحمة.

ڪزلڪ خان جي فوت ٿيڻ کان پوءِ سلطان شمس الدين ايلتمش اُچ جو پرڳڻو ۽ قلعو ملڪ سيف الدين ايبڪ جي حوالي ڪيو. هن ڪجهه عرصو انهيءَ ملڪ تي بادشاهي ۽ رعيت پروري هلائي، ۽ اهو ملڪ پنهنجي قبضي هيٺ آندو. (طبقات ناصري – ص ٢٣٧)

ص ٣٧- ملڪ جلال الدين حسن جو نالو پڻ تاريخ جي ڪتابن ۾ ڪونه ڏنو ويو آهي.

ص ٣٨- قتلغ خان: شايد سلطان ناصرالدين جو ٻي فرمان (١) (ع. م.)

ص ٣٨- ملڪ سنجر: شايد ملڪ تاج الدين سنجر سيوستاني.

ص ٣٩- سن ٦٦٢هه: صحيح سن ٦٦٤هه.

ص ٤٠- لاهور، ملتان ۽ سنڌ جو طرف ...... سلطان

(١) اصل ۾ لفظ "ناپدري" لکيل آهي. (مترجم)

محمد: تاريخ مبارڪشاهي (ص—۴۳) لکي ٿي ته خان بزرگ، يعني سلطان غياث الدين جو وڏو پٽ محمد سلطان جنهن جون جاگيرون مالو کان وٺي جناتيءَ (۱) تائين ملتان (جي حد) ۾ داخل هيون، جنهن کي شهادت کان پوءِ خان شهيد چوندا آهن. جناتي ٺٽي کان ۶۰ ڪوهه اڳتي درياءَ جي ڪناري تي آهي. ايتريون جاگيرون الهندي پاسي پڻ هيس.

ص ۴۲. سن ۶۸۸ ھ (۲) ۾: صحيح سن ۶۸۹ ھ آهي، جيئن امير خسرو مفتاح الفتوح ۾ تصريح ڪئي آهي.

"ز هجرت ششصد و هشتاد و نه سال"

(ها هجرت کان ڇه سواسي ۽ نو سال)

ص ۴۳. صلدائي: برنيءَ جي تاريخ فيروز شاهي (ص—۲۵۳) ۽ طبقات [۲۷۸] الاڪبري (ج ۱ ص، ۱۴۲) ۾ صلدي لکيل آهي جو وڌيڪ صحيح ٿو ڏسجي.

ص ۴۴. نصرت خان: تاريخ فيروز شاهي برني (ص—۲۵۳) ۽ طبقات اڪبري (ج ۱، ص—۱۴۲) ٻنهي ۾ "ظفر خان" آهي. انهيءَ سال (يعني علائي ٻيون سال =۶۹۷ھ) جنهن ۾ الغ خان ۽ نصرت خان گجرات تي مقرر ٿيا هئا. ظفر خان سيوستان تي مقرر ٿيو. سيوستان صلدي، سندس ڀاءُ ۽ ٻين مغلن ورتو هو. ظفر خان گهٽو لشڪر ساڻ ڪري سيوستان ڏانهن ويو ۽ سيوستان جي قلعي کي گهيرو ڪري، تبر، ترار ناچخ (۳) ۽ نيزي جي لڙائيءَ

(۱) صحيح "جناني" آهي. جيئن هن کان پوءِ واضح ٿيندو. (حاشيه ع. م)

(۲) اصل ۾ "تسعمائه" لکيل آهي جا ڪمپوزنگ جي غلطي ٿي ڏسجي. هجڻ گهرجي ها "ستمائه". (مترجم)

(۳) ناچخ A Battle axe; a halbert; a double pointed spear a short javelin: (فارسي انگريزي ڊڪشنري By staingass) (مترجم)

”تاج الملڪ ڪافوريءَ“[۱] کي ڏنو (ص- ۳۲۳)

ص ۴۶- ڏنائون: هن کان اڳي طبقات اڪبري (ج ۱، ص- ۱۹۲) ۾ چويل ٿو ته ”بهرام خان ايبه، جو سنڌ جي دين جو ڀاءُ (۱) هو، کي ڪشلوخان لقب ڏيئي، ملتان جا پرڳڻا ۽ سموري سنڌ سنڌس حوالي ڪيائين.“

ص ۹۷- خواجه حظير: صحيح خواجه خطير.

ص ۴۷- ڪشلوخان ملتان کان بکر اچي الخ: ڪشلوخان جي بي فرماني جو سچو پچو سبب[۲۷۹] اهو آهي، جو ابن بطوطه پنهنجي سفرنامي ۾ لکيو آهي. يعني جڏهين محمد تغلق پنهنجي ڀاڻيجي کان رنج ٿي، سنڌس کل جيئري لهرائي، ان کي ڀُسي سان ڀرائي بهادر ڀوري جي لاش سان گڏ پنهنجي پاد شاهيءَ جي چوطرف ڦيرايو. اهي ٻئي (ٻه) ڀريل کلون جنهن وقت سنڌ ملڪ ۾ پهتيون، تڏهن امير ڪشلو جو انهيءَ پاسي جو حاڪم هو، تنهن انهن کي نهايت ئي احترام سان دفن ڪيو. پاد شاهه کي هيءَ خبر پهچايائون، ته هو ڏاڍو ڪاوڙيو ۽ ڪيس اوچتو برباد ڪرڻ گهريائين. تنهنڪري ڪشلو خان احتياطا بغاوت جو جهنڊو بلند ڪيو. (رحله ابن بطوطه جلد ۳، ص ۳۱۸—۳۲۳) تاريخ مبارڪشاهي ۽ طبقات اڪبري ٻيو سبب ڏنو آهي.

ص ۴۸- ڪرنال: جو هاڻي جهوناڳڙه جي نالي سان مشهور آهي. خصوصا اها ٽڪري جا جهوناڳڙه جي مٿان بيٺي آهي.

ص ۴۸- وچي جاڙيجن سان مليو: تاريخ فيروزشاهي تاليف برني (ص ۵۱۹) موجب ”طغي ڪرنال مان ڀڄي ٺٽي ۽ دمريله هليو ويو ۽ وچي انهن جي پاڙ (۲) ۾ پيو.“ ۽ صفحي ۵۲۳

(۱) اصل ۾ ”برادر خوانده“ آهي، جنهن جو ترجمو اسان سنڌي اصطلاح موجب ”دين جو ڀاءُ“ ڪيو آهي.
(مترجم)

(۲) اصل ۾ لفظ ”پنه“ آهي جنهن تي فاضل محشي سوال جي نشاني ڏيئي ڇڏي آهي، ته سندس مطلب واضح نه آهي. پر

تي چوي ٿو ته، "جنهن صورت ۾ بادشاھ طغيءَ کي جيئرو پڪڙڻ تي ڳهريو، تنهنڪري طغي ڪرنال سان ڀڄي ٺٽي ويو ۽ وڃي ٺٽي جي ڄام سان مليو." طبقات اڪبري (ج ١، ص ٢٢١) جو مصنف طغي جي ڀڄڻ جو رستو هن طرح بيان ڪري ٿو ته "طغي پنهنجي اهل عيال ۽ ٻين باغين سوڌو نهر واله کان نڪري، رن ندي ٽپي، ڪڇ ولايت جي ڪنت پاسي هليو ويو ۽ ڪجهه ڏينهن اتي رهي ٺٽي ڀڄي ويو.

**ص ٤٨.** ناڪ ني يا ناڪني: غالبا ڪڇ ملڪ ۾ ڪا جاءِ آهي.

**ص ٤٨.** ڪندل: گونڊل جو ڪاٺياواڙ ملڪ ۾ ڪرنال کان ١٥ ڪوھ اتر طرف آهي (طبقات اڪبري ج ١، ص ٢٢٣). ضيا برني چوي ٿو (تاريخ فيروز شاهي ص ٥٢٣) ته (١) هي ڪونڊل دمريلي جي سومرن واري ٺٽي طرف هڪ جڳهه آهي. [٢٨٠]

**ص ٤٨.** ٺٽي ڏانهن متوجه ٿيو: ضيا برني چوي ٿو ته "سلطان محمد ساري لشڪر سميت ڪونڊل کان سنڌو نديءَ جي ڪناري تي آيو ۽ سڪون ۽ آرام سان لشڪر ۽ هاٿين سميت سنڌو ندي ٽپيائين ......... ۽ درياءَ جو ڪنارو وٺي، ٺٽي جو ارادو ڪري، سومرن ۽ طغي حرامخور، جو سندن پناھ ۾ ايل هو، جي بيخ ڪنيءَ جي واسطي لڳاتار منزلون ڪندو روانو ٿيو." ۽ طبقات اڪبري جو مصنف (ج ١، ص ٢٢٣) چوي ٿو ته "سلطان ڪونڊل کان روانو ٿي درياءَ جي ڪناري تي پهتو ۽

---

پنه جي معني آهي Dunghill يعني ڇيڻن جو ڍير يا ڇيڻن اڇلائڻ جي جاءِ کي سنڌيءَ ۾ اروڙي چئجي ۽ عربيءَ ۾ مزبله (ڏسو فارسي انگريزي ڊڪشنري By Staingass) (مترجم)

(١) تاريخ فيروزشاهيءَ جي اصل عبارت هن طرح آهي "اين کوندل موضعي (است) بر سمت ٿهته سومر گان دمريله" (مترجم)

لشڪر ۾ هاٿين سوڌو درياءَ ٽپي ٻيءَ ڪنڌيءَ تي منزل انداز ٿيو ... ۽ اتان سومرن ۽ طغي حرامخور، جو انهن جي پناهه هيٺ آيل هو، جي بيخ ڪنيءَ جي ارادي سان ٺٽي ڏانهن روانو ٿيو. ص ۴۹. جاوداني ملڪ ڏانهن لڏي ويو: هن ڪان اڳ معلوم نه هو ته سلطان محمد تغلق ڪٿي دفن ٿيل آهي. سن ۱۹۳۰ع ۾ پروفيسر محمد شفيع سيوهڻ ۾ وڃي ٻه ڪتبا معلوم ڪيا ۽ انهن جي آڌار تي ثابت ڪيائين (۱) ته سلطان محمد جو مقبرو سيوهڻ ۾ آهي ۽ سچ پچ هيءَ انڪشاف حقيقت مطابق آهي. قرائن مان معلوم ٿئي ٿو ته هن بادشاهه جو جسم سيوهڻ ۾ مدفون هوندو. فيروزشاهه سلطان محمود جي وفات کان ٿي ڏينهن پوءِ تخت تي ويٺو ۽ جنن ته هنن ٽن ڏينهن ۾ سلطان جي لشڪر ۾ ڏاڍو خلل پئجي ويو هو ۽ طغي سومرن ۽ مغلن سان گڏجي لاڳيتا حملا ڪري، سلطان جي ماڻهن کي ستائي رهيو هو، تنهنڪري فيروز شاهه نهايت تڪڙ ۾ سنڌو نديءَ جي رستي سيوهڻ ۾ پهچي اتي ڪجهه ڏينهن ترسي پيو، تنهنڪري ممڪن آهي ته سلطان محمد جو جسو اتي دفن ڪيو هجيس. پهريون ڪتبو جو سلطان محمد جي وفات جي تاريخ ڏئي ٿو ڏئي، سو هن طرح آهي:

جهان مردم کش است اي دل مباش از جان وفادارش
که جز کين و جفا نامد ز بيدادي دگر کارش [۲۸۱]
تو از حال محمد شاه بر گير اعتبار از وي
که چون او رنگ شاهي در ربود اين دور غدارش
شهنشاه است اين اي خواجه کش بيني بخاک اندر
که همچون بندگان بودند شاهان جهاندارش
اگرچه پيش ازين صد بار در بارش چنان ديدي
کنون چشم خرد بکشا در اينجا بنگر اين بارش
جهان بکشاد از مردي و بخشيد از جوان مردي
بدهر از کوشش و بخشش فراوان بود کردارش

(۱) ڏسو مخزن اورينٽل ڪاليج ج ۱۱، نمبر ۱، ص ۱۵۶-۱۶۱ (حاشيه ع. م.)

هو سن ست سو ۽ چوونجاهه نبي اڪرم جي هجرت جو
هجي معمار تنهنجو شل! قبول درگهه باري.]

۽ هي جو تاريخ مبارڪ شاهي ۾ چيو ويو آهي (ص - ١١٩) تہ "پاڻ سلطان محمد جو تابوت هڪڙي هاٿيءَ تي رکي، ان جي مٿان ڇٽ ٻڌي لاڳيتو ڪوچ ڪندي، دهليءَ جي تختگاهه ڏانهن روانو ٿيو" سو حقيقت جي برخلاف ٿو ڏسجي، ڇاڪاڻ تہ فيروزشاهه، دهليءَ ۾ ٻي رجب تي پهتو (۽) لاش، خصوصا هڪ بادشاهه جو، پنجن مهينن جي عرصي تائين هاٿيءَ جي پٺيءَ تي ڪٺي، هڪ جاءِ کان ٻيءَ جاءِ تي رلائڻ ميت جي حق ۾ وڏي اهانت آهي ۽ شريعت جي مخالف (پڻ) (١) [٢٨٢]

---

(١) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي تحقيقي مقالي "سلطان محمد بن تغلق جو مدفن" ۾ هن مسئلي تي پوري وضاحت سان روشني وجهي ثابت ڪيو آهي تہ سلطان محمد بن تغلق کي فقط امانت طور سيوهڻ ۾ قلندر شهباز جي روضي لڳ الهندي طرف دفن ڪيو ويو، مگر پوءِ فيروز شاهه نعش کڻائي وڃي دارالامان دهليءَ ۾ دفن ڪيو. هن سلسلي ۾ خود فيروز شاهه جي پنهنجي زباني، جا سندس تصنيف "فتوحات فيروز شاهي" (متن ص ١٩ ۽ ترجمو شيخ عبدالرشيد پروفيسر تاريخ مسلم يونيورسٽي علي ڳڙهه ص ٢٨) ۾ موجود آهي هڪ قطعي ثبوت آهي. بقول سلطان فيروز شاهه: "اشخاصيکه در عهد خدايگان مغفور و مرحوم محمد شاهه السطان طاب ثراه، کہ خداوندگار مخدوم و مربي من بود، بتقدير الله تعاليٰ کشته شده بودند، و کساني کہ اعضاي ايشان از چشم و بيني و دست و پا ناقص گشته، ورثہ ايشان از قبل باد شاهه مرحوم ومغفور استرضا نموده. و هريکي رابہ اموال راضي نموده. خطوط خوشنودي، موکدبہ شهود مستند، در صندوق کرده بہ دارالامان، مقبره سلطان مرحوم و مغفور نورالله مرقده، جانب

بنواحي كوتلہ كہ مسكن ابو بكر شاہ بود رسيد" (هي لشكر جڏهن انهيءَ ڳوٺ جي ويجهو پهتو، جتي ابو بڪر شاهه رهند و هو.)

ص ٥٥ . فيروز شاهہ جي هڪ خانہ زاد ٻانهي ٻهادر سان ڳڍجي: "صحيح ٻهادر ناهر ۽ فيروز شاهہ جي خانہ زاد غلامن سان ڳڍجي" جئن طبقات اڪبري (ج ١، ص ٢٤٧) ۾ لکيل آهي.

ص ٥٥ . ڪوتلہ مان ڀڄي ويو: تاريخ مبارڪشاهي ڪوتلہ ڪان ڀڄي رهن ۾ گهڙي ويو "از كوتلہ گريخته در جرجر خزيد" [٢٨٤].

ص ٥٦ . سلطان علاؤالدين شاهہ ...جو ذڪر: تاريخ مبارڪشاهي (ص ١٥٥) ۽ طبقات اڪبري (ج ١، ص ٢٤٩) ۾ آهي "ذكر سلطان علاؤالدين سكندر شاهہ"

ص ٥٦ . تخت و دولت چہ شد: طبقات ۾ آهي "بخت و دولت چہ شد"

ص ٥٦ . سلطان اشرف: صحيح "سلطان الشرق" جئن تاريخ مبارڪشاهي (ج ١، ص ١٥٦)(١) ۽ طبقات اڪبري (ص ٢٥٠) ۾ لکيل آهي.

ص ٥٧ . سلطان محمود شاهہ ڏانهن موڪليائون: هيءَ ڳالهہ آهي ڇاڪاڻ تہ تاريخ مبارڪشاهي (ص ١٥٧) ۽ طبقات اڪبري (ج ١، ص ٢٥١) موجب جاجنگر جو راجا ۽ لکنوتيءَ جو بادشاهہ جيڪي هاٿي سوکڙيون ۽ نذرانا هر سال سلطان فيروز شاهہ ڏانهن موڪليندا هئا، سي خواجہ جهان کي پهچائڻ لڳا.

ص ٥٧ . "شيخا ڪوڪرن"، "شيخا ڪوڪر" هجڻ گهرجي.

(١) هتي ڇاپي جي غلطي ٿي ڏسجي. اسان جي خيال ۾ مبارڪشاهيءَ جي پرسان ڏنگين ۾ آيل "ج ١"، طبقات اڪبري جي پر وارين ڏنگين ۾ وجهڻ گهرجي. هن طرح: "تاريخ مبارڪشاهي (ص ١٥٧) ۽ طبقات اڪبري (ج ١، ص ٢٥٠)".
(مترجم)

پهتاسون. (هي) سنڌو نديءَ جي ڪناري تي وڏو سهڻو شهر آهي. منجهس وڻندڙ بازاريون آهن. سندس رهاڪو هڪ جماعت آهي، جنهن کي سامره سڏجي ٿو. هنن هن شهر کي آڳاٽي سمي کان وطن بنايو آهي. سندن وڏا انهيءَ شهر ۾ انهيءَ زماني کان رهن ٿا، جڏهن حجاج بن يوسف جي زماني ۾ فتح ٿيو هو. جنهن سنڌ جي فتح (جي بيان) ۾ تاريخ نويسن لکيو آهي. سون کي شيخ، امام، عالم، عامل، زاهد، عابد رڪن الدين بن شيخ فقيہ صالح شمس الدين ولد (ص — ١٠٢) شيخ، امام، عابد، زاهد بهاؤالدين زڪريا قريشي پڌايو ته سندس وڏو ڏاڏو محمد بن قاسم القرشي سنڌ جي فتح وقت انهيءَ لشڪر [٢٨٧] ۾ موجود هو، جيڪو انهيءَ ڪم لاءِ حجاج بن يوسف پنهنجي عراق جي حڪومت واري زماني ۾ موڪليو هو. ۽ هو اتي (سنڌ ۾) ٽڪي پيو ۽ کيس گهڻو اولاد ٿيو. هن فقري مان نتيجو وٺي سگهجي ٿو ته، هي سامره قوم (سومره) سنڌ جي سر زمين ۾ پهرئين صدي هجري جي پڇاڙيءَ کان رهندڙ آهي. رفته رفته طاقت حاصل ڪري ٽيئينءَ صديءَ هجريءَ جي پوئين اڌ ۾ سنڌ جو لاڙ وارو ڀاڱو سمورو پنهنجي تصرف هيٺ [٢٨٨] آندائون. جنهن ته هن معاملي متعلق اسان کي پوري معلومات ڪانهي، تنهنڪري يقين سان نٿو چئي سگهجي ته محمد بن قاسم القريشي ڪو اهو ساڳيو سنڌ جو فاتح محمد بن قاسم الثقفي آهي. جيڪڏهن هي ثابت ٿئي، ته پوءِ سومرن جو نسل محمد بن قاسم سان ملائي سگهجي ٿو. (١)

هتي پڙهندڙن جو توجهہ علامہ سيد سليمان ندوي جي ناقداني مقالي ڏانهن، جو پنهنجي قيمتي ڪتاب ”عرب و هند کے

تنهنڪري سندس گمان غلط سمجهڻ گهرجي. اسان جي نظر ۾ شهر سن جي جڳهه و ڏيڪ مناسب ۽ وڌيڪ صحيح ٿي ڏسجي.
(حاشيہ ع. م.)

(١) سو الائجي ڪيئن (مترجم)

تعلقات" ۾ داخل ڪيو اٿس، ڇپايون ٿا. پر هڪ سنڌي عالم مولوي عبدالله شائق "دولت علويه" (يا سومرن جي حڪومت) نالي هڪ ڪتابڙو، سومرن جي وڏن جي شجرن ۽ مولوي عبدالرحيم سومري جي جوڙيل تاريخ "گلزار سنڌ" منظوم مان (احوال) گڏ ڪري، سن ١٩٢٩ع ۾ ڇپارايو آهي، ليڪن ڪابه تاريخي اهميت نٿو رکي. جلد ٻيءَ ۾ هن بيان تي اڪتفاءُ ڪري پنهنجي تحقيق جا نتيجا آئنده لاءِ ڇڏيون ٿا. هاڻي هيٺ اٽڪل روءِ سومرن حاڪمن جي نالن جي فهرست تاريخ معصومي، تحفة الڪرام ۽ دولت علويه مطابق ڏيون ٿا:

| تاريخ معصومي | تحفة الڪرام | دولت علويه |
|---|---|---|
| | سن هه | سن هه |
| ١- سومرو | ١. سومرو ٤٤٠-٤٦٤ (١) | ١. سومرو وفات ٤٤٨هه |
| ٢- ڀونگر | ٢. ڀونگر وفات ٤٦١ | ٢. عصام الدين ڀونگر وفات ٤٦٦ |
| ٣- دودو | ٣. دودو وفات ٤٨٥ | ٣. عصام الدوله دودو سن ٤٨١هه ۾ گوشه نشين ٿي ويو. |
| ٤- تاري | ٤. سنگهار وفات ٥٠٠ | ٤. زينب (تاري) ٤٩١ هه ۾ تخت تان دست بردار ٿي ويئي. |
| ٥- سنگهار | ٥. خفيف وفات ٥٣٦ | ٥. شهاب الدين سنگهار وفات ٥٠٣ |

(١) ٤٦٤ غلط ٿو ڏسجي ڇاڪاڻ ته هيٺ سومرن جي ٻئي حاڪم جي وفات ١٤٦١ ۾ ڏيکاريل آهي. جڏهن پهرين حاڪم جي وفات ٤٦٤ هه ۾ ٿي ته پوءِ ٻيو حاڪم ڀونگر، جو ١٤٦١ ۾ وفات ڪري ويو، سو تخت تي ڪيئن ويٺو. شايد انگ اڳي پوءِ ٿيا آهن ۽ اصل ۾ ٤٤٦ هجي. (مترجم)

| | | |
|---|---|---|
| ٦- همون | ٦- عمر وفات ٥٧٦ | ٦. فخرالملڪ همون جو ڀاءُ جنهن هڪ سال حڪومت ڪئي. [٢٨٩] |
| ٧- ڦتو | ٧. دودا وفات ٥٩٠ | ٧. سراج الدين فتح خان (ڦتو) وفات ٥٣٦ |
| ٨- خيرو | ٨. ڦتو وفات ٦٢٣ | ٨. عمادالدين خفيف وفات ٥٣٦ |
| ٩- ارميل | ٩. گهنرو (گهٽو) وفات ٦٣٩ | ٩. جلال الدين عمر وفات ٥٥٦ |
| | ١٠. محمد طور وفات ٤٥٢ | ١٠. صلاح الدين هجو وفات ٥٧٠ |
| | ١١. گهنرو وفات ٦٦٥ | ١١. غياث الدين دائود وفات ٦٠٠ |
| | ١٢. طائي وفات ٦٨٢ | ١٢. علاوالدين خيره (گهنرو) وفات ٦١٩ |
| | ١٣. چنيسر وفات ٧٠٠ | ١٣. سيف الدين طائي وفات ٦٣٨ |
| | ١٤. پونگر وفات ٧١٥ | ١٤. شمس الدين پونگر وفات ٦٧٨ |
| | ١٥. خفيف وفات ٧٢٣ | ١٥. ڪمال الدين چنيسر ڪيس سن ٦٩٦هه ۾ تخت تان لاهي ڇڏيائون. |
| | ١٦. دودو وفات ٧٥٨ | ١٦. اسد الملڪ دودو وفات ٧٠٠ |

| | |
|---|---|
| ١٧. عمر وفات ٧٩٣ | ١٧. ظهيرالدين پونگر وفات ٧٤٠ |
| ١٨. پونگر وفات ٨٠٣ | ١٨. فخرالدين عمر سن ٧٧٥ ۾ گوشه‌نشين ٿي ويو. |
| ١٩. همير. هن کي سمن جي قوم لاهي ڇڏيو. | ١٩. قمرالدين طاهر وفات ٨١٣ |
| | ٢٠. معين‌الدين ارميل وفات ٨٢٢ |
| | ٢١. بهاوالدين شهمير عرف حمير وفات ٨٤٣ |

مير معصوم سومرن جي حڪومت جا سال نہ ڏنا آهن ۽ حاڪمن جي نالن جي فهرست پڻ ناقص آهي. تحفہ‌الڪرام واري، جنهن سومرن حاڪمن جا نالا ۽ سال محمد يوسف جي جوڙيل منتخب التواريخ تان ورتا آهن ۽ هڪڙي جاءِ تي سومرن جي حڪومت پوري ٽيڻ جو سال ٧٥٢ ھ ڏنو آهي (ورق ٨- الف)، پڻ ڀل ڪئي آهي، جئن تہ [٢٩٠] سلطان جلال‌الدين منڪبرني سن ٦٢١ ھ، جي لڳ ڀڳ ديبل بندر وٽ پهتو ۽ اتي جو حاڪم چنيسر هيڙين ۾ چڙهي سندس اڳيان ڀڄي ويو هو، جنهن مٿي ذڪر ٿي آيو، ۽ اهو ساڳيو حاڪم، جنهن کي طبقات ناصري وارو ”ملڪ سنان الدين چنيسر والي ديول و سنده“ سڏي ٿو سو سن ٦٢٥ ۾ نظام‌الملڪ محمد جنيديءَ جي اطاعت قبول ڪري شمسي (شمس‌الدين ايلتمش) دربار ۾ پهتو هو ۽ هي ٻئي ڳالهيون تسليم ٿيل آهن، تنهنڪري نتيجو وٺي سگهجي ٿو تہ تحفہ‌الڪرام ۽ دولت علويہ جي مصنفن جيڪي هرهڪ سومره حاڪم جي حڪومت جا سال ميڙ ڪيا آهن سي ۽ فرضي آهن.

ص ۶۱. سندس حياتيءَ جو سج مماتيءَ جي اُفق ۾ غائب ٿي ويو: جيڪي نسخا ڪپتان مالٽ پنهنجي انگريزي ترجمي لاءِ ڪم آندا آهن، تن ۾ هتي سومرن بنسبت هڪ ڊگهو فقرو موجود آهي. ۽ ايليٽ به تاريخ هند (جلد اول، صفحن ۲۱۶—۲۲۳) ۾ اهو فقرو مالٽ کان نقل ڪري، ان جي صحت ۾ شڪ ڏيکاريو آهي. اسين ان جو اختصار هتي ڏيون ٿا.

خيري جي وفات کان پوءِ خفيف سندس جاءِ نشين ٿيو. سندس وقت ۾ رعيت نهايت آسودي ۽ خوش هئي. هڪ ڏينهن سندس دل ۾ خيال آيو، پنهنجو ڪجهه وقت شڪارگاهه ۾ صرف ڪري ڪاروبار جي تڪليف کان ٿورو آرام حاصل ڪري، سو ٻيائين جو هڪ وڏو لشڪر گڏ ڪري بلوچن، سوڍن ۽ جاڙيجن ڏانهن روانو ٿيو. انهن جي حدن ۾ پهتو ته رتمل سوڍو، رام راءِ جاڙيجو ۽ مهران بلوچ، تحفا ۽ سوکڙيون کڻي اچي وٽس حاضر ٿيا. خفيف راضي ٿي ڪين انعام اڪرام ڏيئي روانو ڪيو. انهيءَ کان پوءِ انهن سمن کي سزا ڏنائين، جن هڪ بلوچ جو مال ڦريو هو. سندس حشمت ۽ دهشت اهڙي ته ماڻهن جي دلين ۾ ويهي ويئي، جو ڪڇ کان نصرپور تائين ڪوبه ماڻهو سندس مخالفت نه ٿي ڪري سگهيو. سڄي بادشاهيءَ ۾ امن امان قائم ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي تختگاهه ڏانهن موٽي آيو، ۽ گهڻا سال اتي حڪومت هلائي نيڪ گذاري ويو. [۲۹۱]

خفيف جي فوت ٿيڻ کان پوءِ حڪومت جي اميرن ۽ مکيه ماڻهن دودي ولد عمر ولد ٿتوءَ کي بادشاهيءَ جي تخت تي ويهاريو. سنگهار نالي هڪ آسپاس جي زميندار کيس ٻڌايو ته ڪڇ جي سمن کي لٽي فتح ڪرڻ جو ارادو آهي. هن خبر ٻڌڻ تي دودو بيشمار لشڪر گڏ ڪري، ڪڇ ڏانهن روانو ٿيو ۽ انهن ماڻهن کي گوشمالي ڏنائين. لاکي نالي انهن جي ايلچيءَ قيمتي تحفا ۽ ڪڇي گهوڙا خدمت ۾ حاضر ڪري، سمن جي قصور جي معافي گهري ۽ عنايتن سان نوازيو ويو. پوءِ دلجاءِ

ڪري ٽرڙي موٽي آيو ۽ ڏگهو عرصو اتي رهيو. هو جنهن وقت ٽرڙي ۾ هو تہ رنمل سوڍي خدمت ۾ پهچي، ڪوڙي شڪايت ڪئي تہ جت بلوچ، جيڪي خفيف جي وقت ۾ ڏيل ۽ نذرانا ڏيندا هئا، سي هاڻي تابعداريءَ کان انحرافي ڪري رهيا آهن. تحقيق کان پوءِ معلوم ٿيو تہ رنمل سوڍي انهن ماڻهن تي ناحق تهمت رکي هئي، [حقيقت ۾] هو پاڻ فوج گڏ ڪري لڙائيءَ واسطي تيار ٿيو آهي. دودو ساڻس مقابلو ڪرڻ لاءِ ويو. لڙائي هلندي رنمل جي نڙيءَ ۾ هڪ تير لڳو، جنهن سندس ڪم پورو ڪري ڇڏيو. سندس لشڪر ڇڙوڇڙ ٿي ڀڄي ويو. دودي جي ماڻهن پنهنجي ڀڄندڙ ماڻهن مان گهڻن کي ترار جو لقمو بنايو. نيٺ راءِ سنگ ۽ ججمل سفير ٿي آيا ۽ اچي گناهن جي معافي گهريائون. پوءِ دودو نصرپور ويو ۽ انهيءَ شهر جا زميندار، مکيہ ماڻهو ۽ قاضي استقبال تي آيا ۽ خدمت ۾ نذرانا پيش ڪيائون. اجا اتي ئي هو تہ رنمل سوڍي جي پٽ ساهبہ خدمت ۾ حاضر ٿي ٻہ سهڻا ڪڇي گهوڙا پيش ڪري آداب بجا آندا ۽ دودي مٿس راضي ٿي، کيس سندس قوم جو سردار مقرر ڪيو. پوءِ ٺٽي ۾ آيو جتان ٻيءَ جهان ڏانهن سفر ڪيائين.

دودي جي فوت ٿيڻ کان پوءِ سندس پٽ عمر، مکيہ ماڻهن ۽ ٻين معتبر ماڻهن جي مدد سان تخت تي ويٺو. جيئن تہ هو جوان هو، تنهنڪري پنهنجو وقت شراب نوشي ۽ راند روند ۾ گذارڻ لڳو ۽ حڪومت جي ڪاروبار ڏانهن توجهہ ڪونہ ٿي ڪيائين، تنهنڪري سما، سوڍا، جت ۽ بلوچ ماڻهو سندس تابعداريءَ کان نڪري ويا. [۲۹۲]

هيءَ خبر ٻڌڻ سان ملا حامد (شايد سندس وزير هو) عمر کي خبردار ڪيو ۽ هو لشڪر گڏ ڪري هنن جي مقابلي لاءِ روانو ٿيو. سخت لڙائي لڳي، جنهن ۾ سمن جا ماڻهو زور هئا. هيءَ حالت ڏسي ملا حامد لشڪر جي سردارن کي گڏ ڪري، انهن کي انعام اڪرام سان نوازي، تقرير ڪئي تہ "ٺٽو ڀري

پر اسان جي نظر ۾ هن نالي جي صورتخطي [۲۹۴] "باذبهه" يا "بنبهه" (سنڌي ڀنڀڙ) آهي. چاڪاڻ ته اهو نالو انهي تلفظ سان سنڌ جي ڇاهن ۾ اڄ ڏائين مشهور معروف آهي. [پڻ ڏسو حاشيه صفحو ۳۶۹]

ص ۶۲ - ملڪ رتن: ڄام جي هٿان ملڪ رتن جي قتل جو واقعو ابن بطوطه جي لفظن ۾، جو هن واقعي کان ٿورا ڏينهن پوءِ (۷۳۴ ھ) سيوهڻ ۾ پهتو، هن طرح آهي: (رحلة ابن بطوطه ج ۱، ص ۱۰۵—۱۰۸): هن شهر ۾ اميرونار (انڙ) سامري (سومره) (۱) ۽ امير قيصر رومي رهندا هئا. اهي ٻئي سلطان جا

(۱) ابن بطوطه هتي ڀل ڪئي آهي. ونار يا انڙ سمن جي خاندان مان هو پر انهيءَ وقت ڪيس سامره يعني سومرن جو سردار مقرر ڪيو هئائون. تاريخ سورٺ تاليف رنڇوڙ جي امير جي مترجم برجيس ۾ آيو آهي ته عيسوي ۱۴ صديءَ جي پهرين اڌ ۾ (اٺين صدي هجري جو پهريون اڌ) "ڄام اناڙ" براڌهه جي شهر تي ڪاهه ڪري براڌهه جي راڻي کي گهمليءَ ۾ گهيرو ڪيو، پر ڏکي لڙائي کان پوءِ انهيءَ جي فتح کان مايوس ٿي ڪڇ ڏانهن موٽي ويو. سنڌس پٽ "باسني" (يا ڪڇ جي تاريخ مطابق "منائي") پيءُ جي لڙائي جي خوار ڪندڙ نتيجي کان شرمند ٿي پاڻ لشڪر جو مهندار بڻجي، ٻيو ڀيرو گهملي ويو ۽ ٻارهن مهينن جي محاصري کان پوءِ انهيءَ کي فتح ڪري ويران ڪري ڇڏيائين (ص - ۶۱). ساڳيو مؤلف ص ۲۴ تي چوي ٿو ته سومرن جي خاتمي کان پوءِ انيراءِ سمو سن ۱۲۸۳-۱۲۸۴ع (۶۸۲ھ) ۾ سنڌ جو حاڪم ٿيو (يعني سنڌ جي هيٺين ڀاڱن کي ڪڇ جي طرف ڏانهن پنهنجي تصرف هيٺ آندو)؛ تنهن کان پوءِ جاڙيجن ۽ راجپوتن جو گهراڻو، جو جادوءَ جي بنياد مان آهي، ڪڇ ۾ داخل ٿيو ۽ اتي جي تختگاهه "پيج" کي زبردستي ورتائون ۽ ان جي سيني طرفن ۾ قلعا اڏايائون......... ڄام لاکن ساري ڪڇ تي غلبو ڪيو. هن مان ثابت ٿو ٿئي ته انڙ يا اناڙ "انيراءِ" جي بگڙيل صورت آهي. انهيءَ ئي انڙ کي سومرا حڪومت جي مکيه ماڻهن

تابعدار هوندا هئا (١) ۽ انهن وٽ اٽڪل ١٨٠٠ سوار هئا.
ساڳئي شهر ۾ رتن ڏالي هڪ هندو ڪافر پڻ رهندو هو جو
حسابن ۽ لکپڙهه ۾ ماهر هو. پوءِ هو ڪن اميرن سان گڏجي
هندستان جي بادشاهه (يعني سلطان محمد شاهه تغلق) وٽ ويو.
بادشاهه کيس پسند ڪري سندس نالو "سنڌ سردار" رکيو ۽ کيس
انهيءَ ملڪ جو حاڪم بنائي سيوهڻ ۽ ان جا پرڳڻا جاگير طور
عطا ڪرڻ سان گڏ کيس سڀئي مرتبا جهڙوڪ نقارا ۽ ٻيون سڀ
اهي نشانيون جيڪي وڏن اميرن کي ڏنيون وينديون آهن، ڏنيون.
انهيءَ ملڪ ۾ پهچڻ تي ونار، قيصر ۽ ٻين ڪي هن ڪافر کي اڳرو
ڪرڻ ڏکيو لڳو، سو سندس قتل ڪرڻ جو ٺهراءُ ڪيائون.
سندس اچڻ کان ٿورا ڏينهن پوءِ کيس حال احوال معلوم ڪرڻ
لاءِ شهر جي آسپاس ۾ نڪرڻ جي صلاح ڏنائون، جنهن تي هو
ساڻن گڏجي نڪتو. رات جي اونداهيءَ ٿيڻ تي وٽي محلي ۾
[٢٩٥] شور ڪڙو ڪيائون ۽ چوڻ لڳا ته انهيءَ تي ڪنهن شينهن
حملو ڪيو آهي. پوءِ ڪافر جي تنبوءَ تي ڪاهي ويا ۽ کيس
قتل ڪيائون ۽ شهر ۾ موٽي اچي، اتي جيڪو سلطان جو مال هو تنهن
تي قبضو ڪيائون جو ٻارهن لک ...... هو ۽ مٿيئن ونار کي
پنهنجو سردار بنائي سندس نالو ملڪ فيروز رکيائون. هن سمورو
مال لشڪر کي ورهائي ڏنو، پوءِ پنهنجي قبيلي کان پري هجڻ
ڪري اچي کيس ڊپ وراڻيو سو جيڪي ساڻس مائٽ هئا تن
سوڌو، نڪري پنهنجي قبيلي ڏانهن هليو ويو. باقي بچيل لشڪر
قيصر روميءَ کي پنهنجو سردار بنايو. اها خبر وچي سلطان جي
ٻانهي عمادالملڪ سرتيز کي پهتي، جو انهن ڏينهن سنڌ جو

---

۽ سمن اتفاق ڪري پنهنجو امير بنايو هو. (حاشيه ع. م.)

(١) هتان معلوم ٿو ٿئي ته انهي زماني ۾ سومرا توڙي سما
دهليءَ جي بادشاهن جي هٿ هيٺ هئا. سلطان جو لفظ هتي
"سلطان محمد شاهه تغلق" ڏانهن اشارو آهي. (حاشيه ع. م.)

اميرالامراءَ هو ۽ ملتان ۾ رهندو هو. هو لشڪر گڏ ڪري خشڪي ۽ سنڌ وندي ءَ رستي تيار ٿيو، ملتان ۽ سيوهڻ جي وچ ۾ ڏهن ڏينهن جو پنڌ هو. قيصر هن جي مقابلي لاءِ نڪتو ۽ لڙائي لڳي، جنهن ۾ قيصر ۽ سندس ساٿي بري شڪست کائي وڃي شهر ۾ قلعي بند ٿيا. هن (عمادالملڪ) هنن جو گهيرو ڪيو ۽ منجنيقون لڳايائين، جنهنڪري گهيرو سخت ٿيو. آخر هنن چاليهن ڏينهن کان پوءِ امان گهريو، جنهن تي هن کين امان ڏنو، پر جڏهن وٽس حاضر ٿيا تڏهن ساڻن وعدي خلافي ڪري، سندن مال ضبط ڪري، انهن جي قتل جو حڪم ڏنائين. پوءِ هر روز انهن مان چونڊ ڪري ڪن کي قتل ڪندو هو ۽ ڪن جون کلون لهرائي، اهي کلون بهه سان ڀرائي قلعي جي مٿان لڙڪائيندو هو. جنهنڪري قلعي جي اڪثر حصي تي اهي کلون لڙڪيل ٿي رهيون، جن کان ڏسندڙ دهلجي ويندا هئا. انهن جون سسيون وچ شهر ۾ گڏ ڪرايون هئائين، جيڪي اتي هڪ ٽڪري وانگيان ٿي پيون هيون. آءٌ ان شهر ۾ هن واقعي کان پوءِ وڃي اتي جي هڪ وڏي مدرسي ۾ منزل انداز ٿيو هوس ۽ ان جي ڇت تي سمهندو هوس. جڏهن رات جو جاڳندو هوس ته اهي لڙڪيل کلون ڏسندو هوس، جن کان دل پريشان ٿيندي هئي ۽ مدرسي ۾ ٽڪڻ دل کي نه وڻيو، تنهنڪري اتان (هئي هنڌ) هليو ويس.

ص ۶۲- ملڪ فيروز ۽ علي شاهه ترڪ: ڏسو ص ۷۴ ته اتي علي شير نالو ڏنل اٿس. شايد علي شير جاندار (مراد) آهي (تاريخ مبارڪشاهي ص ۱۱۱). اودري سلطان جو ڀاءُ ملڪ فيروز يا فيروز ملڪ، ڀاربڪ جو نائب هو (تاريخ مبارڪشاهي ص ۹۸). نهايت افسوس آهي جو ڪنهن به تاريخ هنن آفيسرن جا نالا ۽ سندن سنڌ تي مقرريءَ جو بيان نه ڏنو آهي. ليڪن عمادالملڪ سرتيز جي باري ۾ تاريخ مبارڪشاهي (ص ۱۰۷) چوي ٿي ته سلطان محمد شاهه تغلق [۲۹۶] سن ۷۴۴هه ۾، يعني سيوهڻ جي واقعي کان ڏهه سال پوءِ، ملتان جا پرڳڻا هن جي حوالي ڪيا تنهنڪري

ممڪن آهي ته اهوئي عمادالملڪ سن ٧٣٤هه ۾ پڻ ملتان جو حاڪم هجي. هن ڳالهه ۾ اسان کي ابن بطوطه جي روايت تي اعتبار ڪرڻ گهرجي (اگرچ ص ٩٤ ۾ پڻ ڪان انهي سرتيز جو لقب قطب الملڪ لکيو اٿس)؛ خصوصا جڏهن ته تاريخ مبارڪشاهي جي صفحي ٩٨ ۾ آيو آهي ته سلطان محمد شاهه تغلق پنهنجي تخت نشينيءَ واري سال (يعني ٧٢٥هه) ۾ ملڪ سرتيز کي عمادالملڪ جو خطاب عطا ڪيو.

**ص ٦٣-** ٻهرام پور: انگريزن جي حڪومت کان اڳ حيدرآباد جو هيٺيون حصو، کي هن وقت ٽنڊو ڊويزن ٿا چون، سو ان ۾ اچي ٿي ويو ۽ ٻهرام پور جو قلعو گهٽو ڪري گوني تعلقي ۾ هو.

**ص ٦٣-** سلطان علاؤالدين: سلطان علاؤالدين خلجي سن ٨١٥هه (مطابق ١٣١٥ع) ۾ گذاري ويو ۽ ڄام جوڻو سن ٧٣٤هه ۾ حاڪم ٿيو. پوءِ ڪيئن چئي سگهبو ته سلطان علاؤالدين خلجي پنهنجي ڀاءُ الغ خان کي ملتان واري پاسي تي مقرر ڪيو، جنهن ملڪ تاج ڪافوري ۽ تاتار خان کي ڄام جوڻي کي ڪيڏڻ لاءِ سنڌ موڪليو. تنهنڪري هن ڪان پوءِ جيڪي به بيان ڪيو ويو آهي، سو حقيقت جي خلاف آهي ۽ تاريخ معصومي خواهه تحفته الڪرام ۾ واقعات جي تسلسل ۾ اختلاف (گڙٻڙ) ظاهر آهي. انهيءَ ڪري جيڪي به سمن جي باري ۾ ڀڙيائين چئي آيا آهن، تنهن کي بي بنياد سمجهڻ لازمي آهي. پڻ طبقات اڪبري ۽ فرشتي جي مصنف ڄام جوڻي جي احوال ۾ هن واقعي جو ذڪر نه ڪيو آهي.

**ص ٦٤-** ڄام تماچي: هن ڄام جو نالو نڪو آئين اڪبري (ص ٥٥٩) ۾ آيو آهي نه طبقات اڪبري (ج ٣، ص ٥١٣) ۾. [٢٩٧]

**ص ٦٤-** سلطان علاؤالدين جو لشڪر: هي بيان پڻ سموري تاريخي تسلسل جي برخلاف آهي، تنهنڪري انهيءَ کي

نظرانداز ڪرڻ گهرجي.

ص ٦٤- ٿوري وقت کان پوءِ: يعني ماهه محرم سن ٧٥٢ هه ۾.

ص ٦٤- هن جي وفات ٿيڻ کان پوءِ: يعني محرم سن ٧٥٢هه جي ٢٤ تاريخ کان پوءِ.

ص ٦٥- ڄام بابيني جو بيان: طبقات اڪبري وارو هن ڄام جو نالو ڄام بان هتيه (يعني بانبهنه) بن انڙ ٿو لکي (ج، ٣ ص ٥١٣) ۽ فرشتو (ج ٢، ص ١٥) هن کي ڄام ماني بن ڄام جونا ٿو سڏي، ۽ هنن ٻنهي مؤرخن ڄام تماچي بن ڄام انڙ ۽ ڄام خيرالدين بن ڄام تماچي جا نالا وچ مان ڪڍي ڇڏيا آهن.

ص ٦٥- انهيءَ عرصي ۾ الخ: يعني ننگر ڪوٽ فتح ڪرڻ کان پوءِ سن ٧٦٢ هه ۾.

ص ٦٥- ڄام بابينو جنگ جو ميدان سينگاري الخ: هتي مير معصوم هڪ وڏي ڏوکي جو شڪار ٿي ڄام خيرالدين ۽ ڄام بابيني جي تاريخي واقعن کي گڏي ڇڏيو آهي. ص ٥١ ۾ فيروز شاهه جي احوال ۾ چوي ٿو ته "سلطان ننگر ڪوٽ فتح ڪرڻ کان پوءِ ٺٽي ڏانهن رخ ڪيو. ٺٽي پهچڻ تي ٺٽي جو والي ڄام خيرالدين آب جي قلعي ۾ قلعي بند ٿي ڪجهه عرصو لشڪر جو بچاءُ ڪيو الخ". ۽ هتي وري اهو سمورو احوال ڄام بابيني جي ذڪر ۾ بيان ڪري ٿو. تاريخ فرشتو پڻ هي سڀ واقعات ڄام ماني بن ڄام جونا جي حڪومت جي بيان ۾ ٻڌايا آهن. در حقيقت تاريخ نويسن ۾ هڪ وڏو مونجهارو پيدا ٿيو آهي. تاريخ فيروز شاهيءَ جو مؤلف شمس سراج عفيف (ص ٢٤٥ — ٢٤٦ ۽ تاريخ مبارڪشاهي (ص ١٣١) وارا هن مشڪل کي قدري حل ڪن ٿا. ٻئي تاريخ نويس ڄام جو نالو نه ٿا ڪٿن پر چون ٿا: "ڄام ۽ بابينو" (١) اسان گهري سلطان فيروز [٢٩٨]

(١) تاريخ مبارڪشاهيءَ جي مصحح (ص ١٣١) هنن ٻنهي

شاهه جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ خاص مهربانين سان نوازيا ويا. هن جاءِ تي سراج عفيف جي شاهدي زياده معتبر آهي. هو چوي ٿو ته:

”حضرت فيروز شاهه ٺٽي جي سرزمين کان مرڪز ڏانهن موٽي وڃڻ گهريو، سو ڀنڀي جي ڀاءُ ڄام تماچيءَ جي پٽ کي ٺٽي جي حڪومت ڏيئي ......ڄام ۽ ڀنڀي ۽ سندس سموري اثاثي کي ساڻ وٺي دهليءَ ڏانهن موٽي ويو (ص ۲۴۷) ...... ڄام نيڪ فام ڀنڀيو، پنهنجي سموري اثاثي سوڌو شاهي رعب جي اثر سبب سلطان کان به اڳي دهلي پهتو. فرمان ٿيو ته انهن کي بادشاهه جي حويليءَ سان لاڳيتو جڳهه ڏني وڃي، جيئن هو دلجاءِ

نالن کي گڏي ”ڄام بانڀنيه“ لکيو آهي پر جيڪي قرائتون حاشيه ۾ ڏنيون اٿس، تن مان معلوم ٿو ٿئي ته هي ٻه ماڻهو هئا. ۽ مصحح پڻ پنهنجي ترديد پاڻ ڪئي آهي، جو هڪ هنڌ جمع جو صيغو استعمال ڪيو اٿس. ”چون مدتي خدمت ڪردند سلطان باز ڄام را اقطاع تهته داد و باترتيب تمام روان گردانيد“ (جڏهن هڪ عرصي تائين خدمت ڪيائون ته سلطان ٺٽي جا پرڳڻا وري ڄام کي ڏنا ۽ نهايت انتظام سان روانو ڪيائينس.) (حاشيه ع.م)

[ڊاڪٽر رياض الاسلام جنهن محمد بن تغلق واري دؤر تي پنهنجو ڊاڪٽريءَ جو مقالو علي ڳڙهه يونيورسٽي ۾ پيش ڪيو آهي، تنهن سمورن قلمي نسخن جي گهري مطالعي جي بناءَ تي هيءَ راءِ قائم ڪئي آهي ته هن نالي جي مستند پڙهڻي ”بانڀينه“ آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي راءِ ۾ هي خالص سنڌي ٻوليءَ جو لفظ آهي يعني ”ٻانهن ٻيڻو“ معنيٰ زور وارو- همت وارو ۽ اهڙا مرڪب نالا سنڌ ۾ عام آهن مثلا ”سڏا تورو“، ”ماڪر پيو“ وغيره. شڪريه عزيزي ڊاڪٽر بلوچ.] (مترجم)

ڄام تماچي ٻن انڙ جو ڪوبہ وجود ڪونہ آهي، ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن ڄام انڙ کي تماچيءَ نالي ڪو پٽ هجي ها تہ جيڪر بغير ڪنهن فاصلي جي سنڌ جي سنڌ جاءِ نشين ٿئي ها. و الله اعلم بالصواب.

**ص** ٦٦- ٽيرهن سالن جو عرصو: آئين اڪبري (ص ٥٥٩) ۽ طبقات اڪبري (ج ٣، ص ٥١۴) موجب ٽيرهن سال ڪي مهينا.

**ص** ٦٦- ڄام نظام الدين: آئين اڪبري (ص ٥٥٩)، طبقات اڪبري (ج ٣، ص ٥١۴) ۽ تاريخ فرشتہ (ج ٢، ص ٦٧١) موجب ڄام نظام الدين جي حڪومت ۾ سال ۽ ڪي مهينا هئي.

**ص** ٦٨- علي شير جي حڪومت ست سال رهي: آئين اڪبري (ص ٥٥٩)، طبقات اڪبري (ج ٣، ص ٥٥١) ۽ تاريخ فرشتہ (ج ٢، ص ٦١٧) موجب علي شير جي حڪومت ڇهہ سال ۽ ڪي مهينا هئي.

**ص** ٦٨- ڄام ڪرن جوْ بيان: مٿين مورخن موجب هن ڄام جي حڪومت فقط ڏيڍ ڏينهن هئي.

**ص** ٧٠- ڄام تغلق جو بيان: فرشتہ (ج ٢، ص ٦١٧) ڄام تغلق جي احوال ۾ (چوي ٿو تہ جنهن صورت ۾ دهليءَ جي شهنشاهت ۾ پهرين رونق ۽ چل-پل نہ رهي هئي، تنهنڪري انهن کان [٣٠٠] دل پلي گجرات، جي بادشاهن سان دوستي ۽ واقفيت جو رستو رکيائين. بلڪ هن کان پوءِ سمن جي قوم مان جيڪو بہ تخت تي ويٺو هو، سو گجرات جي حاڪمن سان دوستي ۽ يگانگيت پيدا ڪري (سنڌ ن) لاڳاپي جي ذريعي پنهنجي حڪومت جو بچاءُ ڪندو هو. ۽ تاريخ مرات سڪندري ۾ آيو آهي تہ ڄام جوڻي پنهنجون ٻہ ڌيئر هڪڙي ٻيبي مرغي (مرڪي) نالي احمد آباد جي مشهور عارف شاهہ عالم کي ۽ ٻي ٻيبي مغلي نالي سلطان محمد شاهہ (گجراتي) (٨۴٥-٨٥٥) کي ڏنيون هيون. ٻيبي مغلي مان فتح خان ڄائو، جو پوءِ محمود بيگر (بيگره)

جي نالي سان وڏي ۾ وڏو گجرات جو بادشاهه ٿي گذريو آهي (١) (پر) جنهن صورت ۾ ڄام جوڻي بن بابيني (ٻنهي) جو دور (هن) کان اٽڪل هڪ سؤ ورهيه اڳ ۾ گذري چڪو آهي، تنهنڪري اسان کي فرض ڪرڻ گهرجي ته اهي ڄام تغلق جون ڏيئر هيون.

ص ٧١- ڄام راءِ ڏني جو بيان: طبقات اڪبري جي مصنف ۽ فرشته هن ڄام جو ذڪر نه ڪيو آهي. آئين اڪبري پڻ هن جو نالو نه ڪنيو آهي (بلڪ) هن کي سنجر جو همنام ڄاڻي ٿو. "سنجر عرف راد هن." مآثر رحيمي وارو (ج ٢، ص-٢٢١) ڄام راءِ ڏني جو عربي نالو "ڄام نظام الدين" لکي ٿو. جيڪڏهن ڄام راءِ ڏني جي بغاوت جو سال سن ٨٥٨ آهي ۽ جيڪڏهن ڄام نظام الدين عرف ڄام نندو جي تخت نشيني جي تاريخ (ڏسو ص ٧٣) سن ٨٦٦هه پڻ درست آهي ته پوءِ هنن ٻنهي حاڪمن جو وچ وارو عرصو اٽڪل اٺ ورهيه ٿئي ٿو، جو ڄام سنجر جي حڪومت جو عرصو آهي. جنهنڪري اسان کي ڄام سنجر ۽ راءِ ڏنو هڪڙو ڄاڻڻ گهرجي يا ته وري ڄام نظام الدين جي تخت نشينيءَ جي تاريخ ٨ سال پوئتي رکڻي پوندي (پڻ ڏسو حاشيه، ص، ٧٦).

ص ٧٥- شاهه بيگ: شاهه بيگ ارغون جنهن کي تاريخن ۾ شاهه شجاع بيگ پڻ چيو اٿن.

ص ٧٥- جلو گير = جلو گير: بولان جي دري ۾ بيبي نانيءَ جي ويجهو هڪ جڳهه جو نالو آهي. [٣٠١]

ص ٧٥- شاهه بيگ جو پاءُ: يعني سلطان محمد.

ص ٧٥- ۽ ڄام نظام الدين جي حياتي تائين وري سنڌ ۾ نه آيا. مير معصوم جي تقرير حقيقت جي مطابق ٿي ڏسجي، پر

(١) هن جي تصديق تحفة الڪرام (ج ١، ص ٢٥-٢٦ ۽ ص ٣٦) مان پڻ ٿئي ٿي. تحفة الڪرام ۾ "بيبي مرغي" جي بدران "بيبي مرڪي" لکيو آهي، جو سنڌ جي اصطلاح موجب وڌيڪ صحيح آهي. (مترجم)

طبقات اڪبري جي مصنف (ج ٣، ص ٥١٧) هن طرح بيان ڪيو آهي.

”هن (يعني ڄام نظام الدين) جي زماني ۾ شاهه بيگ قندار کان اچي سن ٨٩٩ هه ۾ سيوي (١) جو قلعو، جو هن جي گماشتي بهادر خان جي هٿ هيٺ هو، فتح ڪيو ۽ پنهنجي ڀاءُ سلطان محمد کي اتي ڇڏي پاڻ قندار موٽي ويو. ڄام نندي مبارڪ خان (٢) کي سلطان محمد تي چاڙهي موڪليو. هن جنگ ۾ سلطان محمد قتل ٿي ويو، ۽ سيوي وري ڄام جي قبضي ۾ آئي. هن ٻڌڻ تي شاهه بيگ، مرزا عيسيٰ ترخان کي ڀاءُ جي بدلي وٺڻ لاءِ موڪليو. مرزا عيسيٰ ڄام جي لشڪر سان جنگ ڪري کٽيو ۽ شاهه بيگ سندس پويان اچي، ڄام نندي جي گماشتي قاضي قاذن کان بکر جو قلعو صلح سان ورتو ۽ فاضل بيگ ڪوڪلتاش کي اتي ڇڏي يائين. بکر جو قلعو انهن ڏينهن ۾ اهڙو مضبوط نه هو جهڙو هاڻي آهي. هو سيوهڻ جي قلعي تي پڻ متصرف ٿي، باقي بيگ جي حوالي ڪري قندار موٽي ويو. ڄام نندي سيوي ڇڏائڻ لاءِ وري لشڪر موڪليو، پر ڪجهه ڪري نه سگهيو. (٣)

---

(١) ماثر رحيمي (ج ٢، ص ١) سن ٨٩٠هه. پر ٻنهي مؤرخن غلطي ڪئي آهي. تاريخ معصومي جي متن (ص ١١٢) مان معلوم ٿو ٿئي ته هي حادثو سن ٩٢٣ هه ۾ ٿيو. (حاشيه ع. م.)

(٢) دريا خان جنهن کي مبارڪ خان جو لقب مليل هو. تحفته الڪرام ج ٣، ص ٥٥ (حاشيه ع. م.)

(٣) فرشته (ج ٢، ص ٦١٩) هتي وڌيڪ خبر ڏني ٿو: ”چاڪاڻ ته سنڌ جو لشڪر، جنهن خونخوار لشڪر سان مرزا عيسيٰ آيو هو، ان جي اک ڏسي چڪو هو. سو انهن کان ڊڄي ويو هو ۽ ڪنهن به صورت ۾ انهن سان مقابلو ۽ جنگ پسند

طبقات اڪبري جي مصنف جو اهو بيان تہ شاہ بيگ ارغون، سيويءَ جو شهر ڄام نندي [٣٠٢] جي گماشتي جي هٿان ڇڏايو، درست ٿو ڏسجي. باقي هيءَ ڳالهہ تہ شاہ بيگ بکر ۽ سيوهڻ جا قلعا پڻ ڄام جي قبضي مان ڇڏايا هئا، حقيقت جي خلاف ٿي ڏسجي. ڄام نندي بار-بار سيوڙي ڇڏائڻ لاءِ ڪوشش ڪئي، سا ئي هن لاءِ ڪافي ثابتي آهي، تہ هي ٻئي قلعا هن جي هٿ ۾ هئا. ڇاڪاڻ تہ سيوي گهڻو مٿي ۽ سنڌ جي هاٿوڪين حدن کان ٻاهر آهي. هي ٻئي قلعا جيڪڏهن دشمن جي هٿ ۾ هجن ها تہ هو هن کي پويان ڇڏي، سيويءَ ڏانهن لشڪر ڪيئن ٿي موڪلي سگهيو؟

ص ٧٦. لڏي ويو: تاريخ طاهري (ص ٧)، بيگلار نامو (ورق ٨-الف) ۽ تحفتہ الڪرام ڇاپو بمبئي (ج ٣، ص ٥٣) موجب ڄام نظام الدين (١) سن ٩١٤ هہ ۾ رحلت فرمائي. حساب موجب سنڌ حڪومت جو عرصو ٤٨ سال ٿئي ٿو. جهڙيءَ طرح مير معصوم پڻ (ص ٧٤) ظاهر ڪيو آهي. طبقات اڪبري، ماثر رحيمي ۽ فرشتہ سنڌ حڪومت جي مدت ٦٢ سال لکي آهي. ليڪن تحفتہ الڪرام جو مصنف (ج ٣، ص ٥٣) چوي ٿو تہ ”زياده صحيح ائين آهي تہ ٥٠ کان گهٽ ۽ چاليهن کان مٿي آهي.“

---

نہ ٿي ڪيائين. جيئن تہ هڪڙي وقت هڪ ترڪمان جي گهوڙي جو تنگ ڍرو ٿي ويو ۽ سنڌس گهوڙي جو هنو قري ويو، ترڪمان هيٺ لهي تنگ ڇڪڻ لڳو. ايتري ۾ سنڌ جي لشڪر جي هڪ فوج اچي اتي سهڙي، جنهن مان چاليهن سوارن انهي تي حملو ڪيو. ترڪمان پڇڙ جي ارادي سان رڪيب ۾ پير رکيو تہ چاليهہ ئي سنڌي سوار اتي پيگا. ڄام نندو جنهن ٦٢ سال بادشاهي ڪئي هئي، اهي حال ڏسي ڏک ۾ بيمار ٿي گذاري ويو. (حاشيہ ع. م.)

(١) اصل ۾ ڄام صلاح الدين آهي جو صحيح نہ آهي. (مترجم)

تاريخ معصومي (ص ١١٢) مان معلوم ٿئي ٿو ته ڄام نظام‌الدين سن ٩٢٣ھ جي پڇاڙيءَ ۾ وفات ڪئي. جيڪڏهن سن ٩٢٣ھ مان ٤٨ سال ڪٽبا، ته سال ٨٧٥ھ ٿيندو، جو سال تقريبا سندس تخت نشينيءَ جو ٿيندو. تنهنڪري اسان کي ڄام راءِ ڏنو، ڄام سنجر، ڄام نظام‌الدين جي حڪومت جا سال هن طرح مقرر ڪرڻ گهرجن:

| | | |
|---|---|---|
| ڄام راءِ ڏنو | ٨٤٨ھ — ٨٦٦ھ | (ساڍا آٺ سال) |
| ڄام سنجر | ٨٦٦ھ — ٨٨٤ھ | ( اٺ سال ) |
| ڄام ننڊو | ٨٧٤ھ — ٩٢٣ھ | ( اٽڪل ٤٩ سال) |

ص ٧٦. سلطان مظفر گجراتيءَ وٽ پناھ ورتائين: سن ٩٢٤ھ ۾ جئن عبدالله محمد بن عمرالمڪي پنهنجي تاليف "ظفرالواله بمظفر و آله" ۾ تصريح ڪئي آهي: سن ٩٢٤ھ ۾ ڄام فيروز جي سوٽ مرحوم بيبي راڻيءَ جي سلطان مظفر سان شادي ٿيڻ کان پوءِ [٣٠٣] ڄام فيروز جو مائٽ ڄام صلاح الدين جانپانير پهتو ۽ مظفر سان ملي نهايت عزت، احسان ۽ شاندار بخشش سان سرفراز ٿيو. ساڳيءَ طرح بيبي راڻيءَ به، کيس گهوڙي مال ڏنو ۽ سندس لاءِ تنبوءَ جو پڻ عرض ڪيائين، جو مظفر کيس ڏنو ۽ هو انهيءَ ئي سال سنڌ ڏانهن موٽي ويو. (ص ١٣٧)

ص ٧٦. <u>ڳاهان: ڳاهان (ڳاها) سيوهڻ کان اتر الهندي طرف ٢١ ميلن تي هڪ ڳوٺ آهي.</u>

ص ٧٦. شاھ اسماعيل جي ظاهر ٿيڻ سبب: شاھ اسماعيل صفوي (٩٠٠—٩٣٠) جنهن شيعي مذهب جي رائج ڪرڻ ۾ ڪابه ڪسر ڪانه ڇڏي ۽ اهل سنت کي هيءُ مذهب اختيار ڪرڻ تي مجبور ڪيائين. جنهن به شيعه مذهب اختيار ڪرڻ کان انڪار ڪيو تنهن کي خون آشام ترار جو لقمو بڻايائين. تبريز ۽ هرات جي شهرن ۾ سنين جي قتل عام جو حڪم ڏنائين. سن ٩١٦ھ ۾ جڏهن فريدالدين احمد تفتازاني، جيڪو ٽيهن سالن تائين هرات ۾ شيخ الاسلام جي عهدي تي (فائز) رهيو، شيعه مذهب قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو تڏهن شاھ اسماعيل کيس

اهل سنت جي عالمن جي هڪ جماعت سميت قتل ڪرائي ڇڏيو. انهيءَ ڪري گهڻائي عالم پنهنجي مذهب جي حفاظت ۽ عزت جي بچاءَ خاطر هرات مان ڀڄي ٻين ملڪن ڏانهن هليا ويا.

ص ٧٧. ڄام صلاح الدين ٺٽي جي شهر ۾ بادشاهيءَ جي تخت تي ويٺو: هيءَ واقعو سن ٩٢٤هه ۾ ٿيو، جنهن عبدالله محمد بن عمر مڪي پنهنجي تاريخ ۾ واضح ڪيو آهي. (ڏسو ظفرالواله بمظفر وآله، ص ١٣٧)

ص ٧٧. سندس والده: تاريخ طاهري (ص ٧٢) موجب سندس والده جو نالو "مدينه ماڇاڻي" آهي.

ص ٧٩. جنهن ته سومرن ۽ سمن جي احوال بابت الخ: جنهن مقدمي ۾ ڇيهو ويو آهي، نسخي ح ۾ سومرن بنسبت هڪ مختصر فصل آهي ۽ اسان انهيءَ کي بعينه هتي نقل ڪريون ٿا: "نقل آهي ته دودو سنڌ جو مستقل حاڪم هو. هو ڀائرن جي شرارت کان رنج ٿي [٣٠٤] سلطان ناصرالدين محمود (١) وٽ دهلي وڃي رهيو هو ته اتان ڪا مدد وٺي پاڻ کي حاڪم بنائي. رستي ويندي ملتان جي ويجهو قطب العارفين شيخ پني رحمة الله عليه سان ملاقات ٿيس. جنهن سڳوري کيس سنڌ جي حڪومت جو وعدو ڪيو. مٿئين شيخ، دودي سومري کان پنهنجي مزار متبرڪ واسطي زمين جو ٽڪرو زر خريد ڪري ورتو. اگرچ دودي ڏوڪڙ قبول نه ٿي ڪيا، ليڪن شيخ انهيءَ تي راضي نه ٿيو آخر دودي شيخ جي رضامنديءَ خاطر پئسا وٺي زمين جو

